# ديوان قليچ

از

شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# ديوان قليچ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

كليات قليچ (رحہ) - حصو اول

# ديوان قليچ

از

شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ
١٤١٠ھ/١٩٨٩ع

ڇاپو پهريون	سال ١٩٥٦ع	تعداد ٢٠٠٠
ڇاپو ٻيو	سال ١٩٨٩ع	تعداد ٢٠٠٠

قيمت 100-00 رپيا

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔

ٽپال ائڊريس
(جي. پي. او باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ)

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو ۽ مسٽر حبيب الله صديقي سيڪريٽري/ڊائريڪٽر سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.



جنهن کي سرڪار سنڌي شوق مان ’شمس العلما‘،
سوجهرو تنهن ۾ نه ڪو، تنهن ۾ نه ڪو علم و ادب. (قليچ)



چو اول می تراشیدم بدست، خویش ریشم را،
ندانستم که آید برسرم چندین شکایتها. (قبیح)



پيءُ فريدون، نانو خسرو ٿيو ته ڇا؟
ڪر پڌر پنهنجو گهر ذاتي ڪڍي. (قليچ)



واريءَ کان بہ وڌ جو گناهہ ڪيا هئا مون، ويٺس ڪري ڪنڌ هيٺ ٻپ ۾ شرم کون،
آواز آئيو غيبي تہ 'غم ڪاهہ نہ "قليچ"، لائق ڪيا پنهنجا تو، اسين پنهنجا ڪريون.'

مقدمو

# ديوان قليچ

از

اجهل بيگ قليچ بيگ ميرزا

| مضمون | صفحو |
| --- | --- |
| ● ناشر طرفان | الف ـ ب |
| ١- پيش لفظ | ١ |
| ٢- "قليچ" جي زندگيءَ جا ابتدائي حالات | ٣ |
| **سنڌي شعر ۽ شاعري** | |
| ٣- تمهيد | ١۴ |
| ۴- شعر، شاعري ۽ شاعر جي تعريف | ١٨ |
| ٥- شعر جي تقسيم | ٢٥ |
| ٦- شعر جا قسم | ٢٧ |
| **قليچ جو شعر ۽ سنڌس شاعري** | |
| ٧- "قليچ" جي شعر ۽ شاعريءَ تي مجموعي نظر | ٣٠ |
| ٨- ڪلام ۾ سلاست ۽ رواني | ٥٢ |
| ٩- استفاده ۽ قوت آخذه | ٥٦ |
| ١٠- "قليچ" جي شاعريءَ جا ٽي دور | ٦٠ |
| ١١- غزليات | ٦٠ |
| ١٢- عشقيه غزل | ٦٦ |
| ١٣- تصوف | ٧٠ |
| ١۴- اخلاقيات (موعظت ۽ نصيحت، فلسفو ۽ حڪمت) | ٨٥ |
| ١٥- نفسانيات | ٩٧ |
| ١٦- دنيا ۽ عقبيٰ بابت | ١٠٠ |
| ١٧- منظر نگاري ۽ واقع نگاري | ١٠٣ |
| ١٨- تلميحات | ١٠٧ |
| ١٩- شوخي، ظرافت، لطيف طنز، هجو ۽ مدح | ١١٠ |
| ٢٠- قنوطي شاعري | ١١٨ |
| ٢١- دينيات (قرآن ۽ حديث مان حوالا، قومي ۽ ملي شاعري) | ١٢٠ |
| ٢٢- حرف آخر | ١٢٨ |

## ناشر طرفان

"ديوان قليچ" پهريون دفعو سال ١٩٥٦ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇاپي پڌرو ڪيو ويو. ڪل ٻه هزار ڪاپيون ڇپيون هيون جيڪي ستر جي ڏهاڪي ۾ کپي ويون. جنهن بعد هن ديوان جي مسلسل تقاضا ٿيندي رهي آهي.

تاريخ ٣-جولاءِ ١٩٨٩ع تي جڏهن شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي سٺهين ورسي تي سنڌي ادبي بورڊ طرفان سيڪريٽري ڳلن جون چادرون چاڙهڻ ۽ ورسي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مرزا صاحب مرحوم جي شيدائن جي ميڙ ۾ پهتو ته ديوان قليچ ڪي دوباره شايع ڪرڻ جي تقاضا نهايت زورشور سان ٿي، تنهنڪري وعده مطابق ٻيو ڇاپو مرزا مرحوم جي ١٣٦ هين سالگره (٤-آڪٽوبر ١٩٨٩ع) جي موقعي کان اڳ شايع ڪري رهيا آهيون.

نصيحت خلق کي پيو ڪر "قليچا"!
ٻڌي ڪو يا نه، تون واچي جان پيو وڃ.

حبيب الله صديقي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
ڄامشورو سنڌ.
٣٠ سيپٽمبر ١٩٨٩ع

# ديباچو

ڪي سنڌي ديوان هن ڪان اڳي ڇپيا ويا آهن، ۽ ڪي ڇپيا به آهن. منهنجا سنڌي غزل اگرچه منهنجن گهڻن ڪتابن ۾ ڏنل آهن، تڏهن به هڪڙي نئي هنڌ ديوان جي صورت ۾ لکيل يا ڇاپيل نه هئا. انهيءَ لاءِ، ڪن دوستن اهڙي ديوان جي طلب ڪئي، تنهنڪري سڀ پراڻا توڙي نوان غزل گڏ ڪري، هن ڪتاب ۾ آندا اٿم ۽ الف-بي وار رديف موجب لکيا اٿم. ڪن نج سنڌي اکرن وارن رديفن تي غزل اڳي لکيل نه هئا، تنهنڪري هرهڪ اهڙي رديف جو هڪ ٻه غزل شامل ڪيو ويو آهي.

معلوم هجي ته غزل اڪثر عشقيه مضمون تي هوندا آهن ۽ غزل جو هرهڪ بيت علحدو خيال ڏيکاريندو آهي، ۽ ان جي سڀني بيتن جو پاڻ ۾ ڪو واسطو نه هوندو آهي، پر منهنجا غزل ٻني قسم جا آهن. اهي عشقي، اخلاقي، تاريخي وغيره مضمونن تي لکيل آهن، ۽ سڀني بيتن جو لاڙو انهيءَ هڪڙي مضمون ڏي آهي، جو هرهڪ غزل جي سري تي لکيو ويو آهي، ۽ هرهڪ غزل جو بحر يا وزن به اتي ئي ڏنو ويو آهي ته جئن شعر پڙهڻ ۾ آساني ٿئي.

فارسي ديوانن ۾، قصيدا اڪثر پڇاڙيءَ ۾ ڏيندا آهن، پر مون هرهڪ رديف هيٺ اهي غزلن سان گڏ ڏنا آهن. سمجهڻ گهرجي ته عروض جي قاعدي موجب ٻارهن بيتن جي اندر غزل چئبو، ۽ مٿي قصيدو.

ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾، مضمونن جي الف- بي وار ياداشت بہ ڏني ويئي آهي، تہ جئن ڪنهن خاص مضمون جي غزل ڪڍڻ ۾ آساني ٿئي.

هين ديوانن وانگي هن ۾ قطعا، رباعيون، مثنويون وغيره نہ ڏنيون ويون آهن، جو اهي ڪهڻيون آهن جو انهن لاءِ منهنجا ڌار ڪتاب آهن.

حيدرآباد سنڌ،

فيبروري، سنہ ١٩٢٨ع — قليچ بيگ

بسم الله الرحمان الرحيم

# مقدمو

## پيش لفظ.

سڀ ساراهه ان صانع بيپرواهه کي جڳائي، جنهن ڪائنات جي اشعار آبدار کي پنهنجي قدرت ڪامله ۽ حڪمت بالغه ۽ طبيعت منزّه سان موزون بڻايو؛ ڪون و مڪان جو قصيدو، ذات صفات جي حُسن مطلع سان ۽ توحيد تمجيد جي صنايع و بدايع سان، دلفريب ۽ ديده زيب ڪيو؛ غائب حاضر جو غزل، اُلفت جي عمل سان ۽ شاه بيت بي بدل سان، روح افزا بڻايو؛ روح ۽ جسم جي رباعي، صفحهٔ شهود جي نمود ۾، آربع عناصر وانگي گڏيل ۽ صادر نُهرائي؛ فصاحت ۽ بلاغت جو فرد پُر درد، قيوّميت جي ڪلّيات ۾، ناظرين متّين، معاني رنگين، جي لاءِ مرغوب مطلوب ڪيو؛ ۽ قوّتِ ناطقه جو قطعو، طبع جي تلوين ۽ نيڪ آئين سان، عجيب و غريب ڪري رکيو.

نعت اُن "انا افصح العرب والعجم" جي، جنهن اُمّي هڻڻ جي باوجود، من الله تعاليٰ قرآن پرتبيان، اِيمان جي ارڪان، امر-نهي جي سامان، سان رخشان بڻائي، عالم جي اڳيان آندو، جنهن جي حُجت ۽ حڪمت، لطافت ۽ صداقت ڪان، جُملي ڪتاب پيشين – توريت، انجيل ۽ زبور-جا احڪام، منسوخ ۽ طاق نسيان تي رهجي ويا: صلي الله عليه و آله و اصحابه اجمعين.

اَمّا بعد، آءٌ هيچمدان ۽ ڪوڙ زبان، سيني شاعران عاليشان، ۽ سخنواران عمدهٔ اقرانِ زمان، ۽ ناظرين باتمڪين، واقفانِ معاني رنگين،

۽ ماهران ِ مضامين خوش آئين، جي خدمت بابرڪت ۾ پُرسعادت ۾ عرض گذار ۽ حقيقت اظهار ٿو ڪريان تہ شاعريءَ جي جذبات کان ڪوبہ بشر خالي نہ آهي: خداوند ِ عالم انسان ۾ 'جذبو' وديعت ڪري، سڄي فطرت جي نظام کي ان جي ماتحت ڪري ڇڏيو آهي. ۽ اهو ئي سبب آهي جو جڏهن آهو 'جذبو'، جِلا حاصل ڪري، عروج ڪمال جون انتهائي منزلون طي ڪري ٿو، تڏهن آهو فلڪ پيمائي ڪندي، انهن مقامن تائين پهچيو وڃي، جتي وهم وگمان جو پکي بہ پرواز ڪري نٿو سگهي: يعني لفظن ۾ هيئن چئجي تہ فطرت جي معمولي منظرن کان اڳيرو وڌي، اُن جا خيال اعليٰ عليين تائين پهچيو وڃن، جا منزل هڪ حقيقي شاعر کي ئي حاصل آهي، جنهن ۾ ظاهري حُسن ۽ روحاني مفهوم کي سمجهڻ جي صلاحيت ۽ قابليت اعليٰ درجي جِي رَکيل آهي. انهن قابليتن ۾، فطرت جي طرفان، کيس هڪ خاص عطيو مرحمت ٿئي ٿو، جنهن جي ڪري هوُ ڪائنات جي حُسن ۽ اُن جي روحانيت کان خود آشنا ٿِيي، ان کي اسان جي آڏو اهڙيءَ ريت پيش ڪري ٿو، جو اسان جي تخيّل ۽ جذبي ۾ پڻ اشتعال پيدا ٿِيي پوي ٿو، ۽ اسان پڻ انهن رازن کي هُن سان گڏ بي نقاب ڏسڻ لڳون ٿا. هيءَ بني نوع انسان جِي اُها خدمت آهي، جا شاعر انجام ڏئي ٿو.

ڪنهن قوم ۽ مُلڪ جِي رسم پرستارانہ جهالت جڏهن ان جي عقل تي بنهہ پردو وجهيو ٿي ڇڏي، تڏهن شاعر ئي پنهنجي معجز بيانيءَ جي ذريعي ماڻهن جي قلب جون اکيون روشن ڪري ٿو. ڪائنات ۾ حُسن، خوبي ۽ يعني عجائبات جا جيڪي اڻ کُٽ خزانا پوشيده آهن، شاعر اسان کي انهن جي تلاش ڏانهن مائل ڪري ٿو- ڪنهن بہ وڏي شاعر جي ڪلام پڙهڻ سان ان جي تصديق ٿي سگهي ٿِيي. اِهو ئي سبب آهي، جو ڪنهن فارسي شاعر فرمايو آهي:

"شاعري جُزويست از پيغمبري!"

ڪنهن شاعر جي شاعري سمجهڻ ۽ ان تي تبصري ڪرڻ لاءِ، ان جي ڪلام جو مطالعو ڪافي هئڻ گهرجي؛ ۽ ان جي ذهن ۽ فڪر

جي تدريجي ارتقاء، ان جي فن جي درجي بدرجي ترقيءَ ۽ وسعت کي سمجهڻ لاءِ، ان جي زندگيءَ ۽ ماحول کان باخبر ٿيڻ بہ نهايت ضروري آهي. گويا، ڪنهن اهڙي مطالعي لاءِ، شاعر جي زندگيءَ جي اُنهن واقعن جو علم رکڻ ضروري آهي، جنهن جي تحت

(الف) هُن، زندگيءَ جي متعلق ڪو خاص نقطهء نظر قائم ڪيو؛ ۽

(ب) اُن نقطهء نظر جي اظهار لاءِ، هُو تخليق جون مختلف صورتون پيدا ڪندو رهيو.

تنهن کان سواءِ، شاعر جي ذهنيت کي سمجهڻ لاءِ اُن جي زماني جي اجتماعي احساس کي بہ پيش رکڻ ضروري آهي.

انسان عجيب و غريب عناصر جو مجموعو آهي. اُن مجموعي جو هرهڪ عنصر، شخصيت جي تعمير ۾ حصو وٺي ٿو. زماني جون حالتون، موروثي اثر، جسماني ترڪيب ۽ ساخت، ننڍپڻ جو ماحول، تعليم و تربيت، شعور و شباب جي زماني جا انقلاب آفرين واقعا، بدني صحّت ۽ عدم صحّت- مطلب تہ اهڙا سوين هزارين اثر، اِنسان جي زندگيءَ ۾ لحظي بہ لحظي قير ڦار ڪندا رهن ٿا، ۽ شعور توڙي لاشعور جي پيچ ۽ خم کان لنگهندي، اُن جاندار کي اهڙا مُرڪب معجون بنائين ٿا، جنهن جي متعلق هڪ فارسي شاعر فرمايو آهي:

"آدمي زاده طُرفه معجونيست،
از ملائڪ سرشتہ و از حيوان!"

## ٢. "قليچ" جي زندگيءَ جا ابتدائي حالات.

سپ کان پهريائين، دُرِّ درياي تصانيف، انجمِ آسمان تاليف، سخنورن جي شاهہ، نظم و نثر کان آگاهہ، ڪلام جي ڪليم، طبع جي سليم، سلطان سخن جي نديم، استاد الشعراء، ارشادالعلماء، امدادالصلحاء، اعتمادالفضلاء، ناظم ڪبير، ناشر دلپذير، نڪاتِ لطيف کان خبير، رموزات شريف جي بصير، فصاحت جي تصوير، بلاغت جي تاثير،

طالب علم، زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ پڻ ڪامياب رهي. پر"قليچ" انهن هستين مان آهي، جي هر جڳهه ۽ هر مقام تي، هميشه بلنديءَ جي ممتاز معيار کان هيٺ رهي نٿيون سگهن: چنانچه "قليچ" امتياز سان ابتدائي، ثانوي ۽ اعليٰ تعليم جا مرحلا طي ڪيا. بمبئيءَ جي ڪاليج ۾ اعليٰ تعليم وٺڻ واري زماني کان ئي کيس ادبي مقبوليت حاصل ٿي. ڪنهن امر جي وقوع کان اڳي ئي، ان جا اسباب قدرت جي طرفان فراهم ٿي ويندا آهن. هن ڪاليج ۾، "قليچ" جهڙي ذهين طالب علم کي هڪ جيد عالم جو سهارو مليو: آهو هو پروفيسر ميرزا حيرت مرحوم، جو عربي، فارسي ۽ ترڪي زبان جو زبردست عالم هو. عربي ۽ فارسيءَ سان طبعي مناسبت ته "قليچ" کي اڳي ئي ورثي ۾ مليل هئي؛ انهيءَ تي پروفيسر ميرزا حيرت مرحوم جهڙي عالم جو ساٿ-گويا هڪ آچايل ۽ سمنڊ جي يڪجائيءَ وارو معاملو هو. ميرزا حيرت کيس نه فقط شاگرد وانگي، پر پنهنجي اولاد وانگي سمجهندو هو. پريندي ئي هن کي اها پروڙ پئجي ويئي ته "قليچ" عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ زياده هوشيار آهي، لهاذا وقت بوقت اِمتحانن ۾ هو "قليچ" کي فارسيءَ جي پيپر ۾ سؤ مان سؤ مارڪون ڏيندو هو، جنهن تي ٻيا سڀ پروفيسر ڪلندا هئا، ۽ پروفيسر ميرزا حيرت مرحوم جي اِنهيءَ هلت تي حيرت ۾ پوندا هئا. خانگي وقت ۾ هُو ميرزا صاحب سان گهڻن ئي مختلف مضمونن ۽ موضوعن تي گفتگو ڪندو ۽ مختلف شاعرن جا شعر ٻڌائيندو ۽ ٻڌندو هو. "قليچ" کي تُرڪي سکڻ جو ذوق به پروفيسر ميرزا حيرت ئي ڏياريو. کيس ترڪي زبان ۾ اهڙو ڀڙ ڪري ڇڏيائين، جنو هُو هاڻي ترڪيءَ ۾ شعر جوڙي، کيس ڏيکارڻ ۽ کانئس اصلاح وٺڻ لڳو.

ميرزا صاحب، بمبئيءَ ۾ پارسي قوم جي شاگردن، مرهٽن ۽ گجراتين جي سنگت ۾، سنسڪرت، گجراتي ۽ مرهٽي زبانون به سکيو-ابتريقدر جو چڱيءَ طرح لکي پڙهي ويندو هو، ۽ پڇاڙيءَ تائين انهن ٻولين جي لکڻ پڙهڻ جو استعمال باقاعدي ڪندو آيو. انهيءَ شوق

۽ صحبت ڪري، هندن ۽ پارسين جي مذهبي ڪتابن پڙهڻ جو شوق به جاڳيس، ۽ انهن مذهبن جي شاگردن سان بحث ڪرڻ جو به چڱو وجهه مليس؛ جنهنڪري طبيعت مان تعصب نڪرندو ويس ۽ ٻين مذهبن جا اصول پڻ پوريءَ طرح سمجهڻ لڳو. ميرزا حيرت مرحوم تصوف جو به استاد هو ۽ پڪو صوفي هو. ان جي صحبت ۾ ميرزا صاحب مرحوم کي به تصوف جي پوري واقفيت ٿي؛ مطلب ته جئن ننڍي هوندي پنهنجي پيءُ جي صحبت مان علمي مايو وڏايو هئائين، تئن بمبئيءَ ۾ پروفيسر ميرزا حيرت مرحوم جي صحبت مان پڻ گهٽوئي ڪي حاصل ڪيائين. پروفيسر ميرزا حيرت جي شفارس تي کيس ڪاليج ۾ فيلو به مقرر ڪيائون، جنهنڪري هائي هو ٻين ڪلاسن کي فارسي به پڙهائڻ لڳو ۽ پاڻ به پڙهڻ لڳو. انهيءَ وقت ڏاري انگريزي شعر به جوڙڻ لڳو، جنهن جي اصلاح انهيءَ ڪاليج جي هڪ ٻئي پروفيسر مسٽر واديا کان وٺندو هو، جو انگريزي شعر جا قاعدا ۽ قانون تمام چڱيءَ طرح سان ڄاڻندو هو، ۽ انگريزي شعر به چوندو هو.

چنانچه، بمبئي مان ”قليچ“ سموروئي متاع تعليم سميٽي، پنهنجي وطن مالوف ڏانهن موٽيو، ۽ انهيءَ مال غنيمت منجهان پنهنجن هم وطنين کي به اڇي مالا مال ڪيائين.

”قليچ“ پنهنجن وڏن ڀائرن جي مرضيءَ مطابق، ريونيو کاتي ۾ نوڪري ڪرڻ جو خيال ڪيو، جنهنڪري مئجسٽريٽي امتحان جي تياري ڪيائين. اگرچ انهيءَ سال امتحان جا پيپر تمام مشڪل نڪتا هئا، تڏهن به جيڪي اميدوار ويا هئا، تن سڀن مان فقط هڪڙو ”قليچ“ هو، جو اعزاز سان پاس ٿيو. ٻه ٽي مهينا هيڊ منشي تي ڪم ڪيو، جنهن کان پوءِ کيس مختيارڪار ڪيائون. آخر ريونيو کاتي ۾ پنهنجي نوڪريءَ جا ٽيهه ورهيه پورا ڪري، سنه ١٩٠٩ع ۾، ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تان پينشن ورتائين. ان وقت ”قليچ“ جي عمر چاونجاهه ورهيه هئي.

حقيقت ۾ شعر جي اهم ترين خوبي، ان جي انڪشاف جي قوّت آهي: اهوئي هڪ وسيلو آهي، جنهن جي بدولت، اسان ڪائنات جي ظاهري حُسن ۽ پوشيده روحاني مفهوم کان واقفيت حاصل ڪريون ٿا. ڪي تمام ٿورا ماڻهو اهڙا هوندا، جن ۾ شعري لياقت ڪجهه نه ڪجهه موجود نه هجي؛ پر هن ماده پرست دنيا ۾، دانسته يا نادانسته، انهيءَ قابليت جي نڙگهٽ تي ننهن ڏنو وڃي ٿو.

شعر جي اصلي عظمت، حيات جي قابل قدر ۽ روزمرّه جي امور، اعليٰ انڪشافن ۽ دلچسپين کي پيش ڪرڻ جي قوّت ۽ خوبيءَ ۾ لڪل آهي. شعر هڪ صنعت آهي، انهيءَ ڪري ان جو مطمح نظر هميشه قلب جو انبساط هئڻ جڳائي. تهذيب اخلاق پڻ شعر جو هڪ اثر آهي - انهيءَ سبب ڪري ئي شعر کي انساني حيات سان گهاٽو سنٻند آهي. بعض نقّادن هڪ عجيب خيال اهو ڏيکاريو آهي ته "ادب جو مقصد، ادب هئڻ گهرجي"- هيءُ هڪ گمراهه ڪندڙ نظريو آهي. وڏا وڏا اهل‌الراءِ هميشه اِئين چوندا رهيا آهن ته "شاعري حيات مان ئي پيدا ٿئي ٿي، حيات جي متعلق ئي ٿئي ٿي، ۽ حيات جي لاءِ ئي زنده رهي ٿي". شاعريءَ جو اصل اصول حيات جي ترجماني آهي؛ ۽ شاعر جي عظمت، اعليٰ خيالن کي پُرزور ۽ حُسن ڪارانه آنداز ۾ حيات سان وابسته ڪرڻ تي ئي منحصر رهي ٿي.

"اخلاق" ۽ "حيات" ۾ جيڪو تعلّق آهي، سو ظاهري آهي. انهيءَ ڪري، بعض وقت، اِئين چيو ويو آهي ته اخلاق سان بغاوت حقيقت ۾ حيات سان ئي بغاوت آهي: جيڪا شاعري اخلاق کي پيش نظر نٿي رکي، انهيءَ ۾ حيات جو لحاظ به ٿي نٿو سگهي.

ان جو مطلب اِهو هرگز نه آهي ته شاعر کي ڪنهن خاص اخلاقي نُڪتي کي پيش نظر رکي شعر چوڻ گهرجي. واعظ ۽ شاعر ۾ تمام وڏو فرق آهي - هڪڙي جو مقصد ۽ منصب تلقين ۽ رهبري آهي، ته ٻئي جو ڪم، جذبن جي توليد جي وسيلي، اِنسان جي اخلاقي

چڱي شعر کي پرکڻ لاءِ هيٺيون ڳالهيون ضروري آهن:

(١) شعر معنوي اِعتبار کان درست آهي يا نه: آهو غير فطري ته نه آهي؟ آهو نفسيات تي پورو ٺهڪي آچي ٿو يا نه؟

(٢) شعر لساني اِعتبار کان درست آهي يا نه-آن ۾ زبان يا محاوري جي ڪا ڪمي بيشي ته نه آهي؟

(٣) طرز آدا دلڪش آهي يا نه-لسو پُسو ته نه آهي؟

(٤) عروض جي اعتبار کان آن ۾ ڪو سقم ته نه آهي؛ رديف ۽ قافيي جو صحيح اِستعمال ٿيل آهي يا نه؟

(٥) تعقيد لفظي يا تعقيد معنويءَ جو منجهس عيب ته نه آهي؟

(٦) شعريت پيدا ٿي سگهي آهي يا نه؟

شعر ۾ زبان جو صحيح استعمال، 'سون تي سهاڳ' مثل آهي؛ بلڪ شاعريءَ جو سڄو دارومدار زبان جي صحيح اِستعمال تي رهي ٿو-بيءَ حالت ۾ آن کي شعر چوڻ ئي غلطي آهي.

چڱي شاعر ٿيڻ لاءِ ٽي شرط آهن: (١) تخيّل، (٢) ڪائنات جو مطالعو، ۽ (٣) لفظن جيي تلاش. تخيل جي قوت خداداد آهي، ۽ اڪتساب يا تعليم مان حاصل نٿيي ٿئي؛ پر شاعر لاءِ آها نهايت ئي ضروري آهي.

ڪائنات جي مطالعي مان مراد صرف مناظر قدرت يا نيچر جو مطالعو نه آهي، بلڪ فطرت انساني ۽ نفسيات انساني مان واقفيت حاصل ڪرڻ آهي.

پوئين خصلت يعني الفاظ جي صحيح استعمال کان سواءِ، شاعر پنهنجي مافي‌الضمير کي چڱيءَ ريت پيش ڪري نه سگهندو.

شعر ۾ رنگيني ۽ اثر آفريني ضروري عناصر آهن. فڪر جي بلندي ۽ بيان جيي شيريني، شعر لاءِ لازمي جُز آهن.

"سخن"، هڪ پرّي پيڪر معشوق آهي؛ شعر جيي 'تقطيع ان جو لباس، ۽ مختلف 'موضوع' آن جا زيور آهن.

شاعري هڪ اهو آئينو آهي، جنهن ۾ ڪنهن قوم جي صورت منعڪس رهي ٿي - انهيءَ آئيني جون تصويرون پائدار ٿين ٿيون.

هر شيءِ، هر واقعي يا هر حالت جو دلچسپيءَ سان مطالعو ڪرڻ، ان جا مخصوص، مخفي ۽ دلڪش راز دريافت ڪرڻ، ان جي ظاهر ۽ باطن، حرڪت ۽ سُڪون، زير ۽ بم، نشيب ۽ فراز، رنگ ۽ بو، ڪيف ۽ ڪم کان متاثر ۽ همآهنگ ٿيڻ، شعريت آهي.

شعر ۽ ادب، انسان کي ذهني سڪوت بخشي ٿو. ٿوريءَ ويرم لاءِ دنيا ۽ مافيها کان بيخبر ڪرڻ، ۽ دنيا جي هنگامن کان نجات ڏيارڻ، ان جوئي ڪم آهي. شاعر جي زبان مان، بيخوديءَ جي عالم ۾، هڪ ترانو نڪري ٿو، جو ٻُڌندڙ جي دماغ تائين پهچي، ان کي پنهنجي هستيءَ کان بيخبر ڪيو ڇڏي، ۽ ڪجهه وقت لاءِ هُو پنهنجي خيال جي پلاند تان دنيوي ڪثافت کي ڇنڊي، هن پائيءَ ۽ مٽيءَ جي خاڪدان جي ناسُوتي پستيءَ کان بلند ٿيو وڃي، ۽ انهيءَ عالم ۾ وڃيو پهچي، جتي ائين محسوس ٿيڻ لڳي ٿو، گويا خدا ۽ ان جي ساري خدائي، ۽ انسان خود، فقط هڪ دلڪش تراني ۽ هڪ لطيف حقيقت ۾ گم ٿي ويو آهي: جتي ڪو خالق آهي ۽ نه مخلوق، نه جبر آهي ۽ نه اختيار، نه سزا آهي ۽ نه جزا: جتي اهو سڀڪجهه آهي، جيڪي انسان چاهي ٿو - پر ڪنهن نموني سان هُو، اهو ڪجهه ظاهر ڪري نٿو سگهي، جنهن جي لطافت جو اظهار، ڪرڻ کان ٻاهر آهي!

## ٥. شعر جي تقسيم

شعر جي مضمون يا موضوع جي اعتبار کان، ان جا هيٺيان قسم اسان جي مطالعي لاءِ زياده سُودمند ثابت ٿيندا:

(١) رَزْميه شاعري: هن ۾ شاعر، جنگ ۽ جدال جا نهايت نفيس مرقعا پيش ڪري ٿو. شعري پيداوار ۾، رزميه شاعري سڀ کان بلند مرتبو رکي ٿي. موضوع جي رفعت، اسلوب جي سنجيدگي،

بلاغت، رعب ۽ شڪوه جي اعتبار کان، نقاد هميشه ان کان مرعوب ٿي رهيا آهن. هن شاعريءَ جا موضوع، مهتم بالشان واقعا ۽ افعال ٿين ٿا. هن نظم جون شخصيتون، اڪثر، سربرآورده هستيون ٿي رهيون آهن. هن جو نصب العين اعليٰ ۽ ارفع آهي، ۽ ان جا محرڪ، مڪالما ۽ مختلف بيان آهن. واقعن جي رفتار نهايت تيز ۽ چُست ٿئي ٿي.

(٢) بيانيه شاعري: هن قسم جي شاعريءَ ۾ عموماً قصا، داستان ۽ تاريخي واقعا بيان ڪيا وڃن ٿا. شعر جو هيءُ قسم، ڪڏهن ته رزميه شاعريءَ سان به مشابهت رکي ٿو.

(٣) ڊراماٽي شاعري: هيءُ نظم جو اهو قسم آهي، جو موسيقيءَ سان يا بغير موسيقيءَ جي، پڙهي ٻڌائي سگهجي يا اسٽيج تي عمل ۽ اداڪاريءَ جي وسيلي پيش ڪرڻ جي مراد سان لکيو وڃي. مغربي زبانن ۾، نظم جي هيءَ نهايت اهم صنف آهي. هن جا ٻه قسم ٿين ٿا: هڪڙو "حزنيه"، جنهن ۾ اهڙا واقعا پيش ڪيا وڃن ٿا، جي اهم ۽ سنجيده ٿين ٿا؛ ۽ ٻيو قسم "طربيه" سڏجي ٿو، جنهن ۾ واقعا مزاحيه انداز ۾ پيش ڪيا وڃن ٿا.

(٤) اخلاقي شاعري: هن ۾ شاعر جو مطمح نظر، دنيا کي ڪو اخلاقي سبق سيکارڻ، ڪنهن مذهبي مسئلي کي سمجهائڻ، يا ڪنهن فلسفيانه خيال جي توضيح ڪرڻ، رهي ٿو؛ تصوف جو بيان ٻڻ هن قسم ۾ شامل آهي. اخلاقي شاعريءَ ۾، شاعر جڻ ته هڪ اخلاق جي معلم جي خدمت انجام ڏئي ٿو. شاعريءَ جو هيءُ مرحلو اهڙو نازڪ آهي، جنهن ۾ ڪو وڏو صناع ڪامياب ٿي سگهي ٿو؛ ٻيءَ حالت ۾ هيءَ شاعري فقط هڪ سُلاٺو وعظ محسوس ٿئي ٿو.

(٥) هجويه يا مزاحيه شاعري: اخلاقي شاعريءَ ۾، شاعر هڪ معلم جي خدمت انجام ڏئي ٿو، ته هجويه شاعريءَ ۾ ان جو منصب هڪ محتسب يا نقاد وارو ٿئي ٿو. هجويه شاعريءَ جو مطمح نظر،

۾ حُسن ۽ عشق جي داخلي جذبن ۽ قلبي وارداتن جي بيان سان گڏ، غنا جي رعايت پڻ ملحوظ رکيي وڃي ٿي. هن جا محرڪ، جوشيلا جذبا آهن، جنهنڪري هيءَ قسم، انساني فطرت جي جذباتي پهلوءَ سان وڌيڪ واسطو رکي ٿو- غزليات هن قسم ۾ شامل آهن.

(۹) شباني يا دهقاني يا ڳوٺاڻي شاعري: شاعريءَ جو هيءَ قسم، حقيقت ۾ انگريزي زبان سان مخصوص آهي، جنهن کي "چوپاني" (پاسٽورل) شاعريءَ جي نالي سان سڏجي ٿو. هن ۾ شاعر، شهر جي مصروف زندگيءَ کان بيزار ٿي، ڳوٺاڻي پُرسڪون فضا ۽ ڳوٺاڻن جي ساده زندگيءَ ۾ پناهه ڳولي ٿو. هن طرح جي شاعري نهايت ني لطيف، ۽ خصوصاً مهذب دنيا لاءِ تمام دلچسپ، ٿئي ٿي. هن جو مضمون ڳوٺاڻي زندگيءَ، باغ ۽ باغبانيءَ، وغيره تي ٻڌل رهي ٿو.

"قليچ" شعر جي انهن سڀني قسمن تي ڪر و بيش طبع آزمائي ڪئي آهي، جنهن جو مثال اڳتي هلي اسان پيش ڪنداسين.

## ٦. شعر جا قسم.

شعر جي صنفن يا قسمن جو تعلق، شعر جي ظاهري شڪل ۽ صورت سان رهي ٿو. موضوع سان ان جو ڪو به واسطو نه آهي.

شعر جون صنفون يا صورتون ڪل ڏهه (١٠) آهن: ١. غزل، ٢. قصيدو، ٣. قطعو، ٤. رباعي، ٥. مثنوي، ٦. مسمط، ٧. ترڪيب بند، ٨. ترجيع بند، ٩. مستزاد، ۽ ١٠. فرد.

جئن ته اسان جي هن مقدمي جو خاص موضوع "غزل" ۽ "قصيدو" آهي، لهذا اسان هيٺ شعر جي فقط انهن ٻن قسمن جي واضح نموني ۾ توضيح ڪنداسين.

**غزل.** هن جي لفظي معنيٰ آهي "جوانيءَ جو حال بيان ڪرڻ". شعر جي هيءَ صنف، شباب جي جذبن، يعني حسن ۽ عشق جي مضامين لاءِ پيدا ٿي آهي. تصوف، اخلاق ۽ حڪميه مضامين، ان ۾ پوءِ شامل ٿيندا ويا آهن. غزل جي خوبيءَ جو معيار اهو سمجهيو وڃي ٿو

آهي- ۽ عشق کان وڌيڪ همه گير ۽ پُرتاثير ٻيو ڪوبہ جذبو نہ آهي. غزل جو ڪم، صرف عشق جي تاثرات ۽ قلب جي واردات کي بيان ڪرڻ آهي. گهٽ ۾ گهٽ هيسيتائين، غزل جو اهوئي ڪم ٿيئي رهيو آهي.

شاعري ۽ بالخصوص غزل يعني عاشقانہ ڪلام لاءِ، واقعي دلخراشي ۽ جگر سوزي درڪار آهي. ڪوبہ شاعر، غزل چوڻ کان سواءِ شاعر ٿي نٿو سگهي.

غزل جا اصل موضوع، زندگيءَ جي المناڪي ۽ محبت جو سوز و گداز آهن. عشق جي ڪيفيتن ۽ زندگيءَ جي وارداتن کي دلسوزيءَ ۽ دردمنديءَ، نرميءَ ۽ لطافت سان بيان ڪرڻ جو نالو غزل آهي. شيفتگي ۽ خودگذاشتگي، انهماڪ ۽ محويت، خستگي ۽ رنجوريءَ مان تغزل جو خمير ٺهيو؛ پر اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ جتي انهن ڳالهين جو فقدان ٿيو، اتي جڻ تغزل جو فقدان ٿيو.

**قصيدو.** قصيدي جي ظاهري شڪل اهائي غزل واري آهي. فرق رڳو موضوع، ۽ بعض وقت، شعرن يا بيتن جي تعداد جو ٿئي ٿو. قصيدي ۾ ڪنهن جي مدح يا هجو ڪئي ويجي ٿي. قصيدي جي ارتقاء جا چار درجا يا ڀاڱا ٿين ٿا. ان جي ابتدا مطلع سان ٿئي ٿي، جنهن کي "تشبيب" - يعني شباب جي جذبن جو بيان - چئجي ٿو. بعد ۾، انهيءَ تشبيب يا تمهيد واري ڀاڱي جا مضمون وسيع ڪيا ويا - جهڙوڪ زماني جي شڪايت ۽ نصيحت، بهار جي موسم جو بيان ۽ ٻيا مضمون، جي سڌيءَ طرح سان، مدح سان ڪوبہ تعلق نہ رکندا هجن.

انهيءَ درجي يا ڀاڱي کان پوءِ، هڪ يا هڪ کان وڌيڪ بيت اهڙا آندا وڃن ٿا، جي مدح يا هجو وغيره ڏانهن متوجهہ ڪن. هيءَ قصيدي جو ٻيو مرحلو آهي ۽ وڏو مکيہ مرحلو آهي، جنهن کي "گُريز" چئبو آهي. هتان شاعر پنهنجيءَ اصل مدعا ڏانهن موڙي ٿو. "گريز" جي هڪ ٻن بيتن کان پوءِ، اصل مضمون شروع ٿئي ٿو.

آهي. سندس شعر ۾ تخيّل کان وڌيڪ مشاهدي، احساس ۽ عقل جون قوّتون ڪارفرما آهن. "قليچ" جو شعر، ان جي دور جي پوري نمائندگي ڪري ٿو، ۽ پنهنجي زماني جي حالات جو هڪ دلڪش ۽ غيرفاني مرقعو آهي. سندس ڪلام ۾ جذبات جي صداقت ۽ معصوميت، زبان جي سادگي ۽ پاڪيزگي، لب ولهجي جي بيساختگي، تاثير و تاثر، خلوص، انهماڪ ۽ معصوميت آهي. شروع کان وٺي آخر تائين، سندس شعر ۾ سنجيدگي ۽ متانت جو هڪ سطح قائم رکيل آهي. سندس ڪنهن به شعر ۾، پستيءَ ۽ ابتذال جو هلڪو شائبو پڻ پيدا ٿيو ٿئي.

"قليچ" جو ديوان اهڙن ڪليات ۽ حڪمتن سان پرُ آهي، جي زندگيءَ جي مسئلن تي حاوي آهن. پاڻ جا ڳالهه چوي ٿو، سا نه فقط دلنشين ٿئي ٿي، بلڪ ڪيميا ۽ طبعيات جي تجربي اصول وانگي انساني زندگيءَ تي ٺهڪجي اچي ٿي. سندس شعر جامع، همه گير ۽ عام فهم آهي. سندس زبان ۾ پرڪيف سادگي ۽ بيان ۾ هڪ خصوصي انداز جي بيساختگي آهي. پاڻ شعر ۾ جنهن به مضمون کي ورتو اٿس، تنهن ۾ هڪ نرالو شان پيدا ڪري ڏيکاريو اٿس. شايد ئي ڪو اهڙو بد ذوق ۽ بيحس هجي، جنهن جي زبان مان سندس شعر پڙهڻ سان بي اختيار ۽ بيساخته تحسين ۽ آفرين جا ڪلما نه نڪرن.

ميرزا صاحب، هر صنفِ سخن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. پاڻ قصيدا به لکيا اٿس، ته مثنويون به؛ رباعيون به لکيون اٿس ته مفردات به؛ قطعات به لکيا اٿس ته غزل به؛ ترڪيب بند به لکيا اٿس ته ترجيع بند به؛ مسدس به لکيا اٿس ته مخمس ۽ مستزاد به: مطلب ته هر هڪ صنف جي ميدان ۾ "قليچ" جو اشهبِ قلم شعر جي مشڪل کان مشڪل سنگلاخ زمينن مان پڻ بلا مهميز جي اڏامندو ويو آهي، ۽ ائين معلوم ٿو ٿئي، گويا سندس طبع جي روانيءَ جي اڏو ڪابه شي سدِراه ٿي نٿي سگهي؛ هرڪو موضوع سندس اڏو پيش پاافتاده آهي. تصوف، تفلسف ۽ اخلاق سندس مخصوص موضوع آهن؛ ليڪن اها ڪا فطري حد نه آهي، بلڪ اسلامي، تاريخي، سياسي ۽

تاهم، ”قليچ“ جي همه گيري ۽ اصطلاح توڙي محاوري جي گونا گوني، لب لهجو، رواني ۽ مشق ايتري قدر ته استادانه ۽ پختي آهي، جو سندس اشعار جو اهو سڄو انهن هنڌن تي خود بخود ڏڪجيو وڃي. هيٺ ڪن ٺيٺ سنڌي رديفن جا چند اشعار مثال طور پيش ڪجن ٿا، جن ۾ روزمره، اصطلاحن ۽ محاورن وڏو لطف پيدا ڪري وڌو آهي:

”اڄ منهن ۾ سڄڻ! وڏو اٿئي گهنڊ،
ٻولي پيو ٻڌائين آنڊ جي ٻنڊ!
سارڻ ۾ اچي مهينو سالم،
سَرُ پئي ڪڏهن ان ۾ ڪو ڪٽي لنڊ.
پڪ چاڻ ’قليچ‘ ٿيو منجهان تن،
توتي رهي عاشقن جو، جو جهنڊ“.

”رهن ورد ڏارا طلبگار جي،
سي لوٽن تي ڪاٺن سدائين لپاٽ.“

”تون ڏاڍا عاشقن تي ٿو ڪرين ڏاڍ،
ويچارا پنهنجا ٿا لوڙن ڪرم ڪاڍ.“

”مار ڪاوڙ ’قليچ‘، ڪر تون صبر،
مولي ماٺيهي ڪندو مٿان تو ماڙ.“

”اسرار ونن ٿيو، ليڪ غيبي،
ڪک هيٺان چيو اٿن لڀي لک.“

”ڪر نه تڪرار ڪنهن سان تون منجهه دگ،
نه ته تون لهرائين مفت پنهنجي پڳ.“

مٿين ٺيٺ رديفن واريءَ حالت ۾ پڻ نظر ايندو ته ”قليچ“ جي ڪلام ۾ سيرابي، تازگي ۽ حقيقي شاعري موجود آهي. ”قليچ“ جي قادرالڪلامي، انهن ٺيٺ سنڌي رديفن جي بيجان لفظن ۾ جان ۽ بيروح محاورن ۾ روح پيدا ڪيو آهي؛ محض قافيه بندي ۽ الفاظ

نوردي نہ آهي. جنھن سان ثابت آهي تہ ڪيس قادرالڪلاميءَ جي دربار مان سخن جي حڪومت تفويض ٿيل آهي، جو جنھن قسم جو خيال، جنھن بہ رنگ ۾ چاهي، ادا ڪري سگهي ٿو. ڪلام جو زور، مضمون جي نزاڪت سان اُنين دست و گريبان آهي، جيئن باهہ جي شُعلي ۾ گرمي ۽ روشني. بندش جي چُستيءَ ۽ ترڪيبي درستيءَ سان، لفظن ڪي هڪ ٻئي ۾ پهلو بہ پهلو جڙيو ڇڏي. سادگيءَ سان گڏ بلندي، باريڪيءَ سان گڏ جوش، اختصار سان گڏ زور، ۽ مناسبت الفاظ سان گڏ تشبيهہ، توڙي استعارا ۽ انهن خاصيتن جا ٻيا لوازم "قليچ" جي ڪلام ۾ اهڙيءَ طرح سان هر جڳهہ تي نمايان آهن، جو انهن ڪي جدا بيان ڪرڻ ۽ انهن ڏانهن توجهہ ڏيڻ جي ڪا ضرورت ئي محسوس نٿي ٿئي. سندس ڪلام جيترو فصيح آهي، اوترو ئي بليغ ۽ بلند آهي.

"قليچ"، شعر ۾، ظاهري دلاويزيءَ کان سواءِ، باطني افاديت جو بہ زبردست قائل آهي. سندس شاعريءَ جي عمارت محض قافئي، رديف، مخصوص ۽ معين وزن، روزمره، محاوري، تشبيهہ، استعاري، ڪنائي، وغيره جي سهاري تي بيٺل نہ آهي، بلڪ سندس انفرادي احساس، حسن ڪاري، روح جي ذاتي ترنم ۽ تفڪر جي عناصر تي بيٺل آهي.

"قليچ" جي ڪلام ۾، ڪٿي ڪٿي، قديم شاعريءَ جا محاورا ۽ اصطلاح ۽ قديم روايتون - مثلاً رقيب، بزم يار، بزم غير، نامہ بر، شب وصل، شب فراق، بوسہ و ڪنار، معشوق جو سراپا ۽ ان جي آرائش جو ذڪر، انڪار، ارمان، ياس، حسرت، شراب، ساقي، بهار، خزان، گل ۽ بلبل، فلڪ جي شڪايت، دنيا جي گلا، بت ۽ صنم، خد ۽ خال، زلف، پيچان، شيخ ۽ برهمن، مُلا ۽ مولويءَ جو مذاق، صوفين ۽ فلسفين جو شان، پنهنجي شاعرانہ برتريءَ جا گيت، ساغر جا دور - ازين قسم ٻيا اصطلاح پڻ ڪم آندل آهن؛ پر اهي غزل يا تہ اوائلي زماني جا لکيل آهن، يا سندس ناٽڪن جي مختلف

غزل، پنهنجي تعمير ۽ ترڪيب جي اعتبار کان، نهايت خوشگوار امتزاج جو مُتقاضي آهي. لفظ ۽ معنيٰ جو حَسين ۽ لطيف پيوند، جذبي جيءَ سچائي ۽ غنائي ڪيفيت، خون جگر ۽ لطف نظر جو امتزاج، هڪ خاص قسم جيءَ نغمگي ۽ موسيقيت - اِهي ئي شيون هڪ اعليٰ غزل جون خصوصيتون ۽ خوبيون ٿيءِ سگهن ٿيون. ڪامل تناسب ۽ موزونيت، اُن جا بنيادي شرط آهن.

ڪنهن چڱي غزل جي وڏي ۽ ظاهري خصوصيت هيءَ هجڻ گهرجي ته اهو ساخت جي اعتبار کان متناسب هجي. علماي فن، غزل جي ساخت ۾، اُن جي شعرن يا بيتن جي تعداد کي معين ۽ محدود ڪرڻ جيءَ ڪوشش ڪئي آهي، ۽ غزل جي طوالت کي عيب قرار ڏنو آهي؛ جنهن جو سبب هيءُ آهي ته غزل جو جسم هڪ خاص صورت رکي ٿو، جنهن جي حُسن جي لاءِ، ٻين جدا جدا جسمن وانگي، تناسب جو لحاظ ضروري آهي. غزل جا شعر يا بيت تعداد ۾ جيڪڏهن اُن نون کان مٿي چڙهي وڃن ٿا ته عموماً اُن جي جسم ۾ ڍرائي ۽ اڏنگائي پيدا ٿيو پوي؛ اُن جو جسم پنهنجي تناسب کي وڃايو ويهي، ۽ هُو پنهنجي مرڪز ثقل کان هٽيو وڃي. غزل ۾، شعرن يا بيتن جي تعداد جو غزل جي معنويت سان گهاٽو سنبنڌ آهي. غزل ۾ شعرن يا بيتن جي ڪثرت، مضمون جي بيمقصد اعادي ۽ تڪرار جو باعث بڻجو پوي. غزل جي طوالت جو اثر ان جي ايمائيت تي پڻ پوي ٿو. ”قليچ“ جي غزل ۾ طول ڪلام جو عيب آهي ئي ڪونه؛ چالاءِ جو هُن پاڻ غزل جو قد مقرر ڪري ڇڏيو آهي: يعني جيڪڏهن ڪنهن به غزل ۾ ٻارهن کان وڌيڪ شعر يا بيت آهن ته اُن کي غزل جي نالي هيٺ نٿو آڻي، بلڪ اُن کي قصيدي جي نالي سان موسوم ڪري ٿو - اهڙا قصيدا سندس هن ديوان ۾ گهٽائي ليندا. اهو ئي سبب آهي، جو ”قليچ“ جي غزل ۾ ايمائيت گهڻي قدر موجود آهي؛ رنگا رنگ موضوع ۽ معاني جي اعتبار کان پڻ، آهي اعليٰ ۽ ارفع آهن. ”قليچ“، پنهنجن غزلن ۾، تغزل جي سدرة المنتهيٰ تائين پهچي

"وات تنهنجو ڏسي، ڪڏهن عيش سندم آهي تنگ،
قد تنهنجو ڏسي، ڪڏهن عمر سندم آهي دراز".

"منهن تنهنجي ۾ ٿا نيڻ ڏين حسن جي معني،
مصحف رکي ڏس تنهنجو ٿو تفسير بغل ۾".

مٿين شعرن ۾ تغزل سان گڏ تشبيهن ۽ استعارن جو مزو وٺو.

"ڦٽيءَ جان جيسين ڪارائي نہ ڇيرٿي،
تون محبوبن جي وارن کي نہ رسندين.
مٽيءَ تنهنجيءَ مان جيسين ٿئي نہ ڪوزو،
چپن تائين نگارن کي نہ رسندين."

"ڏٺين ٿي حسن حيرت جهڙو هي هي جڏهن حسينن کي،
ڪري تڏهن سنگدل تن کي، خدا کي هٿ ڇا آيو؟"

"ٿيون اکيون دلبر جون ۽ نرگس جون پڻ جادوءَ پريون،
پڻ ٻئي بيمار، ليڪن ڪيڏي هي ۽ ڪيڏي هُو؟"

تغزل سان گڏ، مٿين شعرن ۾ تشبيهن ۽ استعارن جو لطف به وٺندا آچو.

"ٿيو چيلهہ جو نالو رکيو، ڏسجي نہ مگر سا،
هيءَ ڳالهہ عجب جهڙي ڪمر آهہ، ڪمر ناهہ".

"باغ ۾ هلندي گهڻي حسن جي ٿئي ياد مُنکي،
گل ۽ مکڙيون ڏسي پيا ياد گل ۽ وات آتي."

تغزل سان گڏ، تشبيهن ۽ استعارن جو بہ مزو وٺو.

"مون کيو ڪسڻ قبول، مگر تون ڪو قياس ڪر،
خنجر وهاءِ حلق تي، قاتل، هري هري!"

تغزل سان گڏ 'صنعت مڪرر' جو مزو وٺو.

"چشم ميڪون مثال نرگس مست،
تنهنجي خوني خمار تسان صدقي."

عاشق جي منزل:

"ٿي بدنامي نت منهنجو ناموس نام،
بي سڀ نيڪناميءَ کي منهنجو سلام.
ٿو ميخاني ۾ نت پڙهان آءٌ نماز،
نه سجدو، رڪوع جنهن ۾ ۽ نه قيام.
منکي آهي تسبيح ۽ زنار هڪ،
رهان ڪڏهن خواجو ۽ ڪڏهين غلام.

عاشق جا خيال:

"اسان جي ٿي مي نوشي پڻ پارسائي،
گناه آهي باري، عبادت ريائي.
ڪليچ فقر ۾ صبر سان فاقا، اي دل!
گهرڻ موت بک کان پڻ آهي جائي."

"جناب عشق جو آهيان غلام اصل کان آءٌ،
نه مون کي عزت حسبي، نه فخر ڪو نسبي."

عاشق لاءِ چا ضروري:

"عاشق تيڻ نشاني ٿي اول نصوح جي،
لذت بدن جي آهي ۽ راحت به روح جي.
منجهه عشق رات ڏينهن رهڻ، فرض عين آهه،
فرياد شام جي ڪبي، زاري صبوح جي.
عاشق کي وعدي وصل جي اميد ٿي سدا،
ايوب جو ٿو صبر ڪبي، عمر نوح جي.
نه ته اي 'قليچ' جلد ڇٽڻ لئه فراق کان،
يا موت گهرجي ترت، يا توبهه نصوح جي."

"قليچ" جي ديوان جو آخري شعر پڻ عشق و حسن جي باب تي مهر ثبت ڪري ٿو:

"عشق ۽ حسن جي تون وصف ڪندين ڪهڙي 'قليچ'،
عشق دولت ٿيو ۽ حسن ٿيو نعمت منهنجي."

## ١٣. تصوف.

"قليچ" طبعاً ۽ عملاً صوفي هو ۽ سندس شاعريءَ جي پرورش پڻ انهيءَ زير اثر ٿي. سندس بهترين اشعار اهي ئي آهن، جن جو موضوع عشق ۽ تصوف آهي، ۽ اهوئي سندس ڪارنامو آهي. "قليچ" جي درويشي، سندس شاعريءَ سان مخلوط ٿي، ان جو مرتبو ضرورت کان وڌيڪ بلند ڪري ڇڏي.

"قليچ" جي شاعري، هڪ صوفيءَ جي شاعري آهي: نه صرف انهيءَ بنا تي ته ان ۾ صوفيانه عقائد ۽ مسائل جو تذڪرو آهي، بلڪ انهيءَ بنا تي پڻ ته ان جي ساري شاعريءَ جو لب و لهجو صوفيانو آهي. صوفياني لب لهجي مان اسان جي مراد اها آهي ته شاعر جي سوچڻ ۽ چوڻ جو ڍنگ، غير صوفي شاعرن کان نرالو آهي: يعني معنوي توڙي خارجي، ٻنهي خيالن کان، سندس شاعريءَ تي صوفيانه زندگيءَ ۽ ذهن جي ڇاپ لڳل آهي. زندگي ۽ ڪائنات جي متعلق سندس تصورات، عشق ۽ محبت جي متعلق سندس نقطہ نظر، مجاز ۽ حقيقت جي سلسلي ۾ سندس انداز, خيال - مطلب ته هرموضوع جي متعلق، سندس مخصوص بحث جو طريقو ۽ منفرد بيان جو ڍنگ مختلف آهي، جنهن جي بنا تي هو ٻين غير صوفي شاعرن کان ممتاز ۽ منفرد نظر اچي ٿو. اها ناقابل ترديد حقيقت آهي ته "قليچ" جي صوفيانه زندگيءَ جو سندس شاعريءَ تي گهانو نقش ثبت ٿيل آهي. "قليچ" لاءِ تصوف صرف نظريو نه آهي، بلڪ هڪ تجزيهء زندگي آهي؛ محض عقيدو نه آهي، بلڪ عمل به آهي. تصوف، صبر، توڪل ۽ استقامت جي عمل جو نالو آهي. "قليچ" جي خارجي زندگيءَ ۾ استقامت، ڀامردي ۽ ثابت قدميءَ جا بيشمار ثبوت موجود آهن. ان ڪري، قدرتي طرح سان، سندس سيرت جو هي هڪ نمايان حصو سندس شاعريءَ ۾ پڻ منعڪس ٿي ويو آهي. چنانچہ اسان ڏسون ٿا ته سندس ڪلام ۾، جگرداري ۽ عالي حوصلگيءَ جا مضامين گهڻن موقعن تي موجود آهي. انهيءَ

”سون اڳيان دنيا ۽ عقبيٰ، جنتي حورون ٻئي،
ٻئي مباح آهن، مگر ٿيو ڪونه تن لئه اصطلاح.
حد اندر ٻنهي سان ڪر صحبت ۽ رک محبت، ”قليچ“،
حق ملي تن سان، ڇيو جنهن تن جي حق ۾ ’لا جناح.‘“

آخري اشعار مان معلوم ٿيندو ته، عام صوفين وانگي، ”قليچ“ رهبانيت جي تعليم نٿو ڏئي. هيءُ اهوئي سبق آهي، جو اسان کي اسلام پڻ سيکاري ٿو. دنيا توڙي عقبيٰ، ٻئي انسان لاءِ مباح آهن ۽ ٻنهي سان حد اندر محبت رکڻ واجبي آهي. پر، هڪڙي هنڌ، صوفيانه جوش ۽ ترنگ ۾ اچي، ”قليچ“ فرمائي ٿو ته

”رهي ٿو عجب منهنجي دل ۾ اُمنگ،
ته ظاهر ڪريان نينهن پنهنجو نسنگ.
اچي دل ۾ سون ڪي ته لاهي لباس،
ڍڪيان فقر جي ڪفني، ساڙي پلنگ.
مَلي خاڪ بُت ڪي، ٿيان آءٌ ڀيوت،
ڇڏي شهر پُنتي، وسايان آءٌ جهنگ.
محبّت جو مچ آءٌ مچائي ڪٿي،
پوان ڪاهي، جئن شمع ۾ ٿي پتنگ.
اڪيلو وڃي يا جبل ۾ رهان،
ڪٿان ٻاڻ سان ڪين ڪو ساٿي سنگ.“

هڪ عام ماڻهوءَ وانگي، هڪ صوفي به ائين سمجهي ٿو ته ڪائنات جي هر شي ساڻس ٽڪراءُ پيدا ڪري رهي آهي. دنيا جو ذرو ذرو ان سان متصادم ٿيڻ چاهي ٿو. مگر محبت جي منزل ئي اهڙي آهي، جو ان ۾ شدائد جي خلاف لب شڪايت وا ڪرڻ، خامڪاريءَ جو دليل آهي. ان ڪري، هڪ سچو صوفي انهن شڪايتن جي ايرڻ ڪان اڳي ئي، انهن کي سيني ۾ دٻايو ڇڏي: ”قليچ“ جو ڪلام انهيءَ ضبط ۽ انبضاط جي احساس سان لبريز آهي. اهوئي سبب آهي،

ٿيل آهن، جن کي اسان سندس صوفيانه مشاهدي جي عادت جو نتيجو قرار ڏيون ٿا.

"قليچ" جي ڪلام ۾ تصوف جي عقائد ۽ مسائل جي متعلق اشعار، گهڻيءَ ڪثرت سان موجود آهن. ارشاد ٿئي ٿو:

"جي ابتدا کان تون دنيا ۾ نت رهئين محروم،
ته توکي عالم بي انتها جي ڪهڙي خبر؟"

مٿي به اهوئي استفسار ۽ استعجاب آهي، جو "قليچ" جي صوفيائي ڪلام جي خصوصيت آهي. اسان اهو شعر پهريائين انهيءَ ڪري انتخاب ڪيو، ته ان مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ته شاعر خود ڪهڙي منزل تي آهي. هيءَ اها منزل آهي، جتي نه صرف هڪ صوفي پهچي سگهي ٿو، نه محض شاعر، بلڪ صرف اهوئي شخص پهچي سگهي ٿو، جو هڪ ئي وقت صوفي به آهي ته شاعر به؛ جنهن تصوف ۽ شاعريءَ کي ملائي، هم آهنگ ڪيو هجي.

"قليچ" اسان کي مجاز ۽ حقيقت جو هڪ نهايت خوشگوار تصفيو معلوم ٿئي ٿو. سندس شاعري انهيءَ سطح تان ٿئي ٿي، جتان مجاز، حقيقت ۽ حقيقت، مجاز نظر اچي ٿي-خود شاعر به پنهنجي اندر ۾ اهوئي احساس محسوس ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي، جو "قليچ" جي حال ۾ قال جو مزو اچي ٿو ۽ ان جي قال ۾ حال جو ڪيف! سندس شاعريءَ جي هڪ عام خصوصيت اها آهي ته سندس اشعار کي هرسطح جو ماڻهو، حسب توفيق، دلنشين معلوم ڪري ٿو ۽ ان کان ڪيف اندوز ٿئي ٿو. "قليچ" زبان، استعارات، تشبيهات ۽ ديگر رعايات آهي ئي استعمال ڪيا آهن، جي روز اول کان اسان جا صوفي شعراء ڪرام استعمال ڪندا پئي آيا آهن. "قليچ"، استعارات، تشبيهات ۽ ٻين صنايع و بدايع کان اهوئي ڪم ورتو آهي، جو اهل معرفت رموز و علامات کان پئي ورتو آهي. ان لاءِ، اهي سڀئي رموز و ڪنايات ۽ اهي مڙئي تشبيهون ۽ استعارا، استعجاب ۽ استفسار، زنده حقيقتون آهن. "قليچ" جي ڪلام جي مطالعي کان پوءِ، اها ڳالهه

وحدت ۽ ڪثرت:

”ڪري هُل ۽ حشر، ڪثرت جي رنگين باغ ۾ آبس،
اُڪي بيرنگ ۽ مخفي عش وحدت جي ويران ۾.“

”واهه! وحدت سندي اِلاهي آچَ،
رَکي ڪثرت جا پيڙاسا منجهه ڪَچَ.“

”روشني سج جي هڪ، هزارين گهر، تو ڪري اختلاف در ديوار.
تيئن عدد اصل هڪ، ڳڻڻ ۾ نقط، پر تئي سو شمار ۾ تو هزار.“

دل بيت‌الله آهي:

”بغل ۾ تنهنجي ٿيو ڪعبو، طواف ڪر ان جو،
’مڪو، مدينو‘ ۽ ’مروه، صفا‘ تو گولين چو؟“

”نظر پوءِ مون پنهنجي دل ۾ ڪئي، ڏٺم ان ڪي آت، ٻي ڪنهين جا نه هو.“

”دل ڪي بيت الله چيو صوفين اُڪي، ٿيو محبت جو چڙهيل ان تي غلاف.“

”چون دل کي ٿا بيت الله صوفي، ادب ان جو سچڻ آئين بجا چا؟“
تصوف ٿيو، رَکڻ دل آئيني جان، پڳلي آئينو ڏس، رهندو صفا چا؟“

همه اوست:

”منهن تي پاني ڪيئن پلؤ هت آئين تي مڪار تون؟
تو ڏسين پنهنجو تماشو پاڻ منجهه بازار تون!

گل ٿئين تون منجهه بهار ۽ صحن ۾ گلزار ٿئين،
تنهن ڪان پوءِ بلبل ٿيي آئين، روئي زارو زار تون.

پنهنجو جلوو تو ڪيو هن آئيني ۾ دهر جي،
غير جو نالو رکي، پنهنجو ڪرين اظهار تون.

ڪيڏي ٿيو منصور جو هُل، ڪيڏي سوري ان جي ٿي،
خود هئي نعرو ’اناالحق‘ جو چڙهئين خود‌دار تون!“

"من عرف ربه كَلَّ لسانه":

"'من عرف رب' جون مون بوليون پڌيون، ٿابتيون ان جون ڪيتريون ئي ٿيون.
حق سچائي باغ ۾ بيٺي، بند سو ـ ن زبانون تڏهن ڪيون.
ٿي ڳالهين جي زبان گُنگي، 'قليچ'، سگهيا ڪانوِييُون ڪنڌن جون ڇيون."

درويشي:

"گهرين جي تون ٿو سلطاني ته همت ڪر ڳولي درويشي،
جو سلطاني ٿي درويشي ۽ درويشي ٿي سلطاني."

سلوڪ ۾ مرشد جي ضرورت:

"سالڪ کي طريقت ۾ لُپي مرشد هادي،
ان ڏارا رُلي جهنگ ۾ ۽ ٿئيس هلاڪي.
سونهي بنان، انڌي جان رُلي مونئي اچي آت،
جئن قوم بيابان ۾ موسيٰ جي رُلي هئي.
معراج تي جبرئيل جي ٿي گهرج نبيءَ کي،
سُونهي کان رکي عار جو، جا خلق آهي پي؟"

"هادي درڪار ٿيو هدايت لاءِ، عقل پنهنجو فقط ٿي گمراهي.
قول آهي حديث جو پڻ ايئن، آهي خودرائي، اصل گمراهي.
ڪي پڌوٿيئي 'قليچ'، ڪڏهين نه ويچ ڪنهن دوا پنهنجي لاءِ ڪڏهن ٿا هي؟"

سلوڪ ۾ چڱو ڪير:

"طالب چڱو سو، حق جي طلب ۾ جو نت رهي،
پنج ئي حواس پنهنجا ۽ دل تيز جو رکي.
عاشق چڱو سو، جو هوئي اکين پنهنجي کان انڌو،
محبوب پنهنجي کان سوا، تا پيو نه ڪي ڏسي.
سالڪ چڱو سو، مُردي جان هوئي هٿ ۾ شيخ جي،
ره ائين "قليچ"، تنهنجو تا حق سان وصال ٿئي."

انسان جي بناوت:

"آهي مٽيءَ جي مٽ سو ۽ پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو،
عالم ۾ ٻر سو ڪهڙو نہ ڦڙڦوٽ ٿو وجهي!"

"رڪ جبل جان پير دامن ۾ تہ واچن ڪان ٻچين،
عمر طوفان آهي، ماڻهو مٽ مٽيءَ جي آهي هڪ."

انسان ۾ خير ۽ شر جي حڪمت:

"هرڪو هن دنيا ۾ حق جي نانءَ جو مظهر مقيم،
ڪو ڪري ٿو پاڻ مان قهار ظاهر، ڪو رحيم.
جو ٿيو قهار جو منظر، ٿئي مقهور سو،
جو ٿيو رحمان جو، رحمت ۾ ٿئي سو مستقيم."

ماڻهوءَ جو اصل نسل:

"عشق جي شاهہ جو آءٌ آهيان نديم،
ماڪ مولي جي حد جو آهيان مقيم.
نہ نڪاريوم ساڻ باغ بهشت،
نہ ڌيڪاريوم ساڻ باهہ جحيم.
يار جي اختيار آهيان آءٌ،
آهيان آزاد ڪان جحيم و نعيم."

انسان جو شرف:

"خليفو آءٌ خدا جو، عرش اعظم ٿيو وطن منهنجو،
'نفخت فيہ من روحي' پڙهو ائين نص، قرآن ۾.
هنس نوري ۽ روحي آهي، جزو هڪ ڪل جو آءٌ پاڪ،
ٿيس انسان آءٌ خاڪي، پيس پوءِ سهو نسيان ۾."

"مون ڪي قدرت جو نمونو ڪيو قادر بيچون،
پوءِ قضا خواه قدر ساڻ مون ڪي ڪهڙو ڪم؟

عرش اعليٰ کان آھي آيس ۽ وڃان ات موٽي،
ھت جي قبي ۽ قبر ساڻ سون ڪي ڪھڙو ڪم؟"

"تھو شرف روحاني حاصل اصل آدم ذات کي،
نہ تہ حواس ۽ عضوا ڏنا پڻ جسم حيوانات کي."

"رکيائون وچ ۾ ملائڪ ۽ جانور جي بشر،
تہ نفس ساڻ ھُو پنھنجي پلي لڙائي ڪري.
ڪيري تہ ھيٺ سندس جانور کان ٿئي درجو،
لنگھي ملڪ کان وڃي، جي مٿي چڙھائي ڪري."

"تيو روح ۾ ملائڪ، شيطان جسم ۾،
صورت تي حق جي گرچہ خليفو سندس ٿئي.
قوت ۾ گھٽ مڇر کان ۽ ھاٿيءَ سان ان جي جنگ،
ڏيو ڪيوليءَ مثال، سليماني ھڻ ڪري."

"مٿ آدم ملڪ ھنا شرف شان ۾ اڳي،
علم ۽ عمل ۾ ليڪ ويو آدمي مٿي.
جبرئيل آسمان تان آيو زمين ڏانھن،
۽ مصطفيٰ زمين تان ويو آسمان ڏي.
مسجود ۽ معلم، ملڪن جو آدم آھ،
عاليم جو عامل آھي، ملڪ اُن سان ڇا لڳي؟
بيعلم، بيعمل جي وري آدمي تيو،
بيقدر تنھي ۽ ھيٺ سو حيوان کان لھي."

انسان جي ذات ۽ صفات:

"آھيان آھي خاڪي، رکان روح جسا تو آطوار آھي،
ملڪ جون وصفون رکان، گرچ تيس گنھگار آھي.

صغير آهيان، ٿيو عالم ڪبير مون ۾ رکيل،
حقير آهيان، مگر حق جو ٿيس طرفدار آءٌ.
اندر ٻتهر آهيان حڪمت سان پُر سدا يڪرنگ،
ملان تو پيادو، مگر تن تي آهيان هسوار آءٌ.
فلڪ تو رنگ رکي آب جو، وماني آگ،
تي هلڪو، واءُ مٿيءَ جان، رهان گرانبار آءٌ.
هوا جان آڻ سڏيو آءٌ گهر گهوڙي نہ ڪنهن جي وڃان،
۽ خاڪ جان نہ ڪريان جڳ ۾ پاڻ ڪي خوار آءٌ.
نہ سيڪنهين سان وڃان گڏجي مثل پاڻيءَ جي،
نڪي ڪڪر جان ٿيان خلق تي گهمرسار آءٌ.
نہ باهہ وانگي جلايان آءٌ دوست دشمن کي،
نڪي تو ناندي جان ڪيريءَ ۾ ٿيان نگونسار آءٌ.
رکان آءٌ چارئي عنصر، سڀ اعتدال اندر،
پيهان پيئي جي حدون آءٌ، تہ ٿيان خطاڪار آءٌ.

روحاني ترقي:

* ترقي روح جي طبعي ٿي اصل حقالي،
رهان آءٌ باقي، جي هر حال ۾ ٿيان فاني.
اول جمادي هئس، پوءِ ٿيس نباتي آءٌ،
نباتي روح ڇڏي، پوءِ ٿيس آءٌ حيواني.
مٿس جڏهن وري حيوان تي، ٿيس ماڻهو،
جو روح هو اڳي حيواني، ٿيو سو انساني.
مرڻ کان ڪين ڊڄان، جو ٿيان پيو آءٌ بهتر،
بشر جڏهن ٿي مران، ٿيان ملڪ آءٌ روحاني.
اڃا آڏامان مٿي، ٿي ملڪ مران جي آءٌ،
جو ڪل شيءِ هالڪ' ٿيو امر قرآني.

"جو تکبر کرين تو اي عابدا
کبر سان کبريا کو ملندو کڏهن؟
پاڻ جهڙو نـ سمجهين تو ٻئي کي،
ڏس، خود ۾ سان خدا کو ملندو کڏهن؟"

"بري خصلت، ادا، کبر ۽ ريا جي،
بزرگن آڏو سا مکر ۽ دغا آهـ.
کري محبوس خودبيني چتون ۾ کي،
خودي پڻ مور لڪ ٻڇڙي بلا آهـ.
نـ کر گردن ڪشي ۽ تون تکبر،
جو نت لعنت ۾ شيطان مبتلا آهـ."

"پاڻ چاڻڻ تيو هنر ۽ صواب، ۽ ڏسڻ پاڻ کي وڏو تيو گناه."

خلق جو خير:

"خلق جي خير ۾ مشغول سدا رهه تون "قليچ"
سن ڪڏهن کا نئي مقبول ڪمائي تنهنجي!"

"تو گهري هر وقت جڳ جو خير قادر کان 'قليچ'،
هٿ کڻي درگاه حق جي ۾ دعا جي واسطي."

خُلق چڱو ۽ ٻڇڙو:

خلق وارا، دوست دشمن سان رهن خوش خلق ٿا،
جيکي بدخو ٿيا، اهي بدچو رهن سڀ سان سدا.
تڏهن هلي کهڙو به کيئن، ان کي نه بدچو اي "قليچ"،
نيک سان کر نيکي، پر بد سان به نيکي کر ادا!"

دنيا ۽ آخرت جي ٻوک:

"ٻج عمل ٿيا تنهنجا، يعني کر ۽ قول ۽ خيال،
ڪڻڪ يا جَوَ، جنس جيڪا ٻوکين، تنهنجي اختيار."

علم جي تحصيل:

"علم جي تحصيل لئه اي آدمي! ڪر ڪونه عار،
سڪ سبق حيوان کان تا علم حاصل ٿئي اپار.
ڇرين ڏي وڃ علم جي ڳولا ۾ پنڌ پيادو 'قليچ'،
گھوڙو ٿي تعليم ۾، تعميل ۾ گھوڙي سوار!"

حسبي ۽ نسبي فخر:

"فخر ڪر پاڻ تي، نه ڏاڏي تي، ماضي ڇڏ، حال وٺ ۽ استقبال."

"فخر حسبي ڇڏ ۽ ڪر ڪسبي 'قليچ'،
آدميت ۽ شرافت ڪر سهي."

"رهي افعال تي نظر ٿيي، 'قليچ'، اصل ۽ نسل ڪين ڪنهن ڪم جا!"

"آهي ذاتي شرف، صفاتي ڪنهن، نه پنهنجو، تون رک اندرجو چاهه."

"پنهنجو پٽ ٿيءُ، پنهنجي پيءُ جو پٽ نه ٿيءُ،
پيءُ ۽ ڏاڏو ڇڏ، تون پنهنجو پاڻ جيءُ.
اصل توڙي نسل تي تون ڪر نه فخر،
ڪم نه اصل ۽ نسل ايندئي ڪيڪي."

ڪوشش ۽ ڪشالو ضروري:

هَوَس سان هوشيارن ڪي له رسندين،
سوا يارن جي، ياريءَ ڪي نه رسندين.
لٿيءَ جان جيسين ڪارائيي نه چيرئي،
تون محبوبن جي وارن ڪي نه رسندين.
مٿيءَ مان تنهنجي جيسين ٿئي نه ڪُوزو،
چمن تائين نگارن ڪي نه رسندين."

خود ياوري:

"مونس ٿي پنهنجو پاڻ تون، خادم ٿيءِ پنهنجو پاڻ،
هاٿيءَ کي ڪَنَ ۽ گهوڙي کي پُڇ جئن ٿيو پَشُهُ ران."

چا کان چا زياده:

"ٿئي ٿي قناعت کان عزت زياده،
طمع کان سدا ٿئي ٿي ذلت زياده.
دليري اچي ٿي نه ايمان ڌارا،
جو ايمان ۾ ٿئي ٿي همت زياده.
تڪلف علامت ٿئي بيگانگيءَ جي،
نه ڌاريو تڪلف جي عادت زياده.
ملائڪ کان بهتر ٿيو انسان بنجڻ،
مگر ٿي ٿئي ان ۾ محنت زياده.
ڪريو دوستو، ٻين پهرين پنهنجي حرمت،
جي پانيو ڪرى خلق حرمت زياده."

نيڪي:

"ڏئين جيڪي ٻئي کي نه گهُر موٽي ان کان،
گهُرڻ حق پنهنجو پڻ آهي گدائي.
عوض جي طمع تي ڪرڻ ٻئي سان نيڪي،
'قليچ' ان کي هرگز نه چئبي ڀلائي."

مصيبت جي چڱائي:

"انهيءَ جي لاءِ ٿيو دوزخ ته ماڻهو کائي عذاب،
بهشت جو ٿئي لائق، لقاءَ حق جو ڏسي.
مصيبت آهي ڪفارت ۽ فضل حق جو، 'قليچ'،
شفاعت آهي سا بيشڪ، نجات ان کان سلي."

ڪنهن کي ڪجهه نہ ڏي:

"در ڪان پهر تون خلق سان پڻ خلق وانگي رهہ،
اندر جو راز ڏي نہ ادا ڪنهن بہ شخص کي.
سؤ سر ڏنا حرف هڪ پنيان هن راهہ ۾ وڃن،
ڪر بہ باک پنهنجو سر نہ ادا مفت ڏي وڃي
اسرار جي سنڀال تي حڪمت ڏني منحصر،
علم ۽ عمل تي ناهي، نہ رهہ وس تون چپ سندي."

نشي کان پرهيز:

"شراب آهي اول، آفيم ڪاريهر، چرس ڪپر،
بڻ پنگ ۽ ڀڻ گانجو، چنڊو گهوڙ پل ۽ لوهاري."

"ڏس تون 'ابن السحاب' ڏي، سيپ جان،
چپ 'بنت العنب' ڏي ڪيم نهار.
فيض آب جو پي 'من سلوي' جان،
حيض خرگوش جو نہ پي زنهار."

"پي فيض پٽ ڪکر جي جو، جڻ سپ سدا ڪري،
پي حيض ڪين ڊاک جي ڌيءُ جو، اي بيحيا!"

ڇا جڳائي:

"مسافر کي جي راهبر ٿو جڳائي، تہ ماڻهوءَ کي علم و هنر ٿو جڳائي.
خدا آهي ستار غفار بيشڪ، گناهن کان ليڪن حذر ٿو جڳائي."

عمل:

"نہ آهي عمل سو جو خلقت ۾ ٿئي،
عمل سو ئي آهي جو خلوت ۾ ٿئي.
عمل لاءِ اخلاص آهي ضرور،
ٿو بنياد جئن ڪنهن عمارت ۾ ٿئي."

ڪمن جا مرتبا :

"ڪم چڱا ڪهڙا هجن مر، ڏس تون تن جا مرتبا،
فرض پهريون، سنتون نفل ۽ فضائل پوءِ ٿيا.
فرض کان اول ضروري وڏ، حرام آهي ڇڏڻ،
نفع کان اڳ دفع ٿيو نقصان جو بيشڪ بجا.
ڪر بجا درجي بدرجي، ساب تا پوءِ رهيو پوني،
جي ڇڏين پهريان، ڪرين پيا، جاهل آهين تون صفا!"

عقل ۽ جهل جو فرق :

"فرق عقل ۽ جهل جو ڏس، خوف ۽ جرات جو پڻ،
هي پون پاڻيءَ ۾ ڪاهي، ڪن هوڪب تي بيهي مڏ.
هو پڇن گهيڙ ۽ پترڻ، سيٺاهه يا ٽُنبو ڪشڻ،
۽ هي بسم الله چئي صدقون، لنگهائي نين لڏ.
دين ۽ ايمان جو رستو نئين پار اي 'قليچ'،
عقل جو رستو وٺين جي، تون پڄائين پنهنجا هڏا"

تقدير ۽ تدبير :

"تقدير تي ويساهه انهيءَ لئه چڱو هردم،
تا سک ۾ نه ٿئي فخر ۽ ڏک ۾ نه ٿئي غم.
تدبير تي ويساهه انهيءَ لاءِ چڱو آهه،
ته سست نه ويهي رهون، محنت نه ڪريون ڪم."

قضا ۽ قدر :

"قضا جي حڪم سان ويچارو ڪو بلا کان پڄو،
چيو مُلن ته فلانو آهي قضا کان پڄو.
جي ناهي هڪڙي سبب کان ڪڏ رسبب پئي ڏي،
نبي مڪي کان مديني ڏي چئو ته ڇا کان پڄو؟
سبب گهٽائي ٿيا، حق ٿيو مسبب الاسباب،
پڄو جوني سو خدا ڏي پڄو، خدا کان پڄو."

امر ۽ اذن:

"مرتبو اذن جو ان لاءِ ڏيو امر کان گهٽ،
اذن قوّت ڏئي، ڪم امر ڪرائي، جئن قضا."

ڏک ۽ سک:

"بينوا، بي برگ، بي سامان جيسين تون نہ ٿين،
حق جا نائب توکي سرنوَن سائو ۽ تازو نہ ڪن.
سکڙيون ۽ گل تڏهن ڦٽن، جڏهن پن سڀئي ڇاڻي ڇڻين،
تئي خزاني ڀرين، پوءِ ٿي ٿئي بهاري منجهہ وڻن."

سرڻ ۽ جيئڻ:

"تون ڪول اکيون، جو پيٽ ۾ پڻ ڪولي ٻار ٿو،
پوريل اکين سان تا نہ ڄمين، جڏهن هتان وڃين."

يقين کان شڪ ڀلو:

"شڪ ۾ رهڻ، يقين کان جڳ ۾ ڀلو ٿئي،
جاهل ۽ ٻُلهہ، عالم عاقل کان خوش رهي.
وسواس رک اندر ٿي، جي ايمان ٿو گهرين،
ڇڏ عقل کي 'قليچ' نہ آءٌ توکي ڪم اچي."

## ١٥. نفسانيات

"قليچ" نفسانيات جي موضوع تي گهڻو ڪجهہ لکيو آهي، ۽ نفس کي تابع ڪرڻ جي تلقين اڪثر اشعار ۾ ڪئي اٿس. پنهنجي خود نوشته سوانح حيات ۾ ميرزا صاحب مرقوم آهي تہ

"آزمودي سان مون کي معلوم آهي تہ اسان جي خاندان ۾ نفساني خواهش يا شهوت زياده آهي، ۽ حُسن توڙي عشق جو بہ دل تي زياده اثر ٿئي ٿو. انهيءَ هوندي بہ، خدا جي مهربانيءَ سان، حيا ۽ شرم، ننگ ۽ ناموس ۽ عزت جي نظر زياده رهندي آئي آهي،

۽ نندي هوندي جي چگيءَ تعليم ۽ عادتن، نفس پرستيءَ کان بچي روڪيو آهي."

هڪ شعر ۾ پاڻ به فرمائي ٿو:

"نصيحت اِيءَ جي هيءَ هتي مُنکي منظور-
ڪري شل رب ان جو روح مغفورا
جيئن: مر تون ڪُتي جي حڪم ۾ رهه،
نه رهه پر نفس جي تون حُڪم ۾ مُور.
هُجني ڪپڙن اندر مر نانگ ڪارو،
مگر رک نفس پنهنجو پاڻ کان دور!"

مٿئين شعر مان معلوم ٿيندو ته نفس کي "قليچ" ڪتي کان وڌيڪ پليد ۽ ڪاري نانگ کان وڌيڪ نقصانڪار سمجهي ٿو.

"قليچ" نفس ڪُشيءَ کي انسان جي تهذيب ۽ اخلاق جو مُوجب سمجهي ٿو، ۽ ان کي روشنديءَ جو باعث ڪوٺي ٿو:

"روشندلي گهُربن جي، ته تون نفس پنهنجو مار،
مر تون مرڻ کان اڳ، ته وڃي جلد پهچين پار."

هيٺيان اشعار، نفس ڪُشيءَ جي موضوع تي وڌيڪ روشني وجهندا:

"نفس ماري، پڇي جو ڪيريءَ کان،
مرد تنهن کي 'قليچ' چائج شير."
-دنيا کي 'ڪيريءَ' سان مشابهه ڪيو اٿس.

"نه مُشرڪ آهي جو بُتَ پوڄي ۽ نه الله هڪ،
هوا ۽ حرص جو تابع اٿئي وڏو مُشرڪ.
-نفس پرست کي وڏي مُشرڪ سان مشابهت ڏني اٿس.

"خود پرستي، خود نُمائي، خود خيالي ترڪ ڪر،
نفس سان ڪر جنگ تون، صلح ۽ صفا جي واسطي."

"جُهڙ سان نفس کي ڪيو تن تنگ،
جو ٿيا حق کان بهره ور هر بار.
تي تون سالڪ 'قليچ'، ۽ تارڪ،
نفس تي تون سدا رهج هشيارا"

"زاهد تون 'قليچ' آهين، رهين نفس جي تابع،
تڪبيرون اٿئي وات ۾، خنزير بغل ۾."
- نفس کي خنزير سان مشابهه ڪيو اٿس.

"جي نفس جي باهه تون اجهائين،
تي عشق جي گهر ۾ روشنائي."

"رکيائون وچ ۾ ملائڪ ۽ جانور جي بشر،
ته نفس سان هو پنهنجي پلي لڙائي ڪري.
ڪيري ته هيٺ سندس جانور کان ٿئي درجو،
لنگهي ملڪ کان وڃي، جي مٿي چڙهائي ڪري."

"سورهيا ڏکو ڏيکاريئي، ويري سچو وساريئي،
پنهنجو نه نفس ماريئي، دشمن دسيو ته ڇا ٿيو؟"

"ناهي سو درويش جنهن کي تاج سلطاني نگي،
آهي سو، جو گودڙيءَ ۾ پاڻ تي سلطان ٿئي."
- 'پاڻ تي سلطان ٿين' مان مراد نفس تي غالب پوڻ جي آهي.

"نفس تنهنجو ڏاند، تون ان کي رياضت سان هڪل،
پيهو وجهه تقويٰ جو، چڙهه ان تي ۽ رهه پرهيزگار."
- نفس ۽ پيٽ کي پڻ ڪتن سان تشبيهه ڏيندي چوي ٿو ته

"آءٌ ڪتو ڏاريان ڪين پيو ڪو ادا!
نفس ۽ پيٽ ٿيسا پڻ سهنجا ڪتا.

شهوتي هڪ، گهرّي ڪرڻ نت عيش،
لذتي پيو، گهري وڻن چشڪا.
تن ڪي قابو ڪيو هيرائـي، وجهي
ڳـٺ ڳچيءَ ۾ نڪاح' ۽ ٻـڪ جـا.
پيا ڪِلِنّ وٺ ڳِرن، ٻهن، ٻؤنڪن،
۽ چـٺـن لاءِ پـيـا هٺن سـي متا.
رهه نه غافل انهن ڪان ڪڏهين، 'قليچ'،
تـه متان هـو چـڙون، ٻون تي چتا!"

## ١٦. دنيا ۽ عقبيٰ بابت

"قليچ" دنيا ۽ عقبيٰ جي موضوع تي به گهڻو ڪجهه لکيو آهي. اگرچ صوفين جي قول مطابق دنيا کي ڪيري، ڏائڻ، قيد، ڍؤنلي، تحبو، ڪراڙي زال، ٻانهي، وغيره اصطلاحن سان ياد ڪيو اٿس، پر تنهن هوندي به رهبانيت جي تعليم نٿو ڏئي.

ارشاد ٿئي ٿو:
"زهد پهريون آهي راهب جو، نه رک سو تون 'قليچ'،
زهد پيو، ان جـو مخالف تـي سـدا رهندو هـو."

وري ارشاد ٿئي ٿو:
"نڪي ٻچ ان کان تي تون اصل تارڪ،
ذڪار ان کي نه تون، ڏيکاري نفرت."

دنيا کي آخرت جي پوک، جنّتي حور، عشق جو مظهر، فطرت جو مدرسو، پـُل صراط، وغيره نالن سان سڏي ٿو، ۽ ساڳئي وقت آن جي بي انتها محبت کي ذڪاري ٿو:

"مون اگيان دنيا ۽ عقبيٰ، جنّتي حورون ٻئي،
ٻئي مباح آهن، مگر تيو ڪونه تن لئه اصطلاح.

دنيا ۽ مافيها کي وبال سمجهي ٿو:

"جي گهرين سک، سمجهه تون دنيا ۽ مافيها وبال،
'الف' جان رهه تون سنئون، تنها ۽ خالي "ه" مثال."

دنيا جي رغبت بابت فرمائي ٿو:

"دنيا چيو اٿن ته ٿي ڏاهن کان نت ڀڄي،
جيڪو ڀڄي ٿو کانس، ٿي طالب انهيءَ جي ٿئي."

دنيا کي ڪراڙي زال ۽ ڪچريءَ سان مشابهت ڏني اٿس:

"مون پڇيس (عقل کان)، 'ڏي مثال دنيا جو؟'
چيائين، 'سينگارسان ڪراڙي زال.'
مون پڇيس، 'ڪيئن انهيءَ جا مڪر فريب؟'
چيائين، 'ڪچريءَ جا جئن ڪ تال پخال.'
مون پڇيس، 'ان مان خوش رهن ٿا ڪير؟'
چيئين، 'ڪميڻا، لچا، دلا ۽ دلال'."

دنيا کي قيد يا زندان سڏي ٿو:

"خوش نه دنيا ۾ رهن اصل کان مومن ٿا 'قليچ'
خوش رهن جي هو، ته تن لاءِ هي زندان نه ٿيو؟"

دنيا کي قحبه سڏي ٿو:

"قحبهٔ دنيا جي آئين صحبت کان ڀڄو، آتشڪ ان جي جهنم کان ڊڄو."

مٿين شعر ۾ صنعت "هزل ڪالجد" ڪم آيل آهي.

دنيا کي ضدن جي جاءِ سڏيو اٿس:

"آهي دنيا سڄي ضدن جي جاءِ،
غم خوشيءَ سان گڏ ۽ گل سان خار.
سر هجن ضد جهان ۾ موجود،
تن پٽلي کي، ٻري کان ٿي بيزار."

اڳين بابن ۾ اچي چڪو آهي. هيٺ اسلامي ۽ تاريخي تلميحن کان لطف اندوز ٿيو:

"اڳ هتا سي ڪلاب جيفه خور،
هاڻي ٿيا ڪهف جي ڪُتي جهڙا."

"ڪارخانو آهي لت عشق جو انوکو ۽ عجيب،
ات اياز آهي ۾ محمود ۽ محمود اياز."

"حق ڏي هوئي هڪ منهون، ٿي ابراهيم،
نفس ڪُش نت رهي، ٿي اسماعيل."

"رخش تي رستم چڙهيو، دُلدل تي ويٺو ٿي علي،
ٿي هتا هسوار، ليڪن ڪيڏي هي ۽ ڪيڏي هو؟"

"جي آڃهايان اندر جي آڳ، 'قليچ' باهه مون لاءِ باغ ٿئي عمدو".

"چيو دلبر کي، 'ڪو ڏيکار تجلو منهن منور جو'،
کِلي چيائين: 'اصل "آرني" جي ورندي "لن تراني" آهه'!"

"هن هن ۾ جواهر آهي لڪل،
کوهه هن ۾ رهي ٿو يوسف شاهه."

"جنهن جا مٿونا طور سينا، نوح سو انسان ٿئي،
تنهن جبل جودي مٿي تائين، بڪيءَ طوفان ٿئي."

"سونهي بنان، انڌي جان رُلي موني اچي آت،
جئن قوم بيابان ۾ موسيٰ جي رُلي هئي.
معراج تي جبرئيل جيئن ٿي گهرج نبيءَ کي،
ٻولهي کان رڪي عار چوءِ جا خلق آهي ئي؟"

"جبرئيل آسمان کان آيو زمين ڏانهن،
۽ مصطفيٰ زمين تان ويو آسمان ڏي."

"جا سنئون رستو هلي، تنهن زال کي ٿي خضر چاڻ،
خضر جي ظلمات ۾، رهبر بہ گهوڙي آهي هڪ."

"قُقنس جان سي ٻاري عشق جو مَچ،
کن تنهن ۾ تَپِيي سي پاڻ کي ٻَکَ."

"عشق جنهن ياھ سان آئيو، اَن جو،
ڪڏهن خليل آهيان آءٌ ۽ ڪڏهن ڪليم."

"عاشق کي وعدي وصل جي اميد تي سدا،
ايـوب جو ڏـو صبر کپي، عمر نـوح جـي.
نـ تـ اي "قليچ" جلد چڱي لئہ فراق کان،
يا موت گهرجي ترت يا توبهہ نصوح جـي."

"ٿيا وَڏِيَنِ پيٽان سچا ۽ سچن پيئون وَڏِيا،
نوح جو پٽ ۽ ڪتو ڪهفي، مثال آهن عميو."

"موسيٰ جان وڻ مان مون کي ملي باھ تي جڏهن،
آئيان آءٌ چٽنگ، واديءِ آيمن ۾ ٻاريسانس."

"خضر جي دامن وجي جنهن ورتي، اَن وٽ چڻ تہ آھ،
همٿ ۾ لٺ موسيٰ جي، ان جو آب پڻ حيوان ٿئي."

"منصور ڏس بہ لفظ چئي پنهنجو سر ڏنو،
جي هو ڪچي ها ڪين، چڙهي ها نہ دار تي.
عيسيٰ بہ ڏس بہ لفظ چئي دار تـي چڙهيو،
گجهہ دل ۾ جي رکي ها، چڙهي ها اچا مٿي."

وغيره لکي اٿس. هجوءِ مدح بنسبت سندس هڪ خلاصو غزل آهي، جو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

"خراب آهي هجوءِ ڪري ٿي خوار،
بچاءُ آهي ليڪن ءِ عمدو هشيار.

نہ جو هجو ڄاڻي ٿو شاعر آهي،
ري چنبن ڏندن شينهن ڪر تون شمار.

خدا پاڻ قادر ٿيو هر طرح،
ڪري مدح پڻ ڏار ءِ هجو ڏار.

محمد جي ڪيئين مدح قرآن ۾،
ڪيئين هجو سان بولهب جي پچار.

ڏنو حڪم حسّان کي خود رسول،
پڙهي "اهجهم" هجو ڪئي هن تيار.

تولّا تبرّا ءِ پڻ مدح و ذم،
ٿيا وقت تي پئي مناسب، اي يارا

نون عادت نہ ڪر هجو جي، اي "قليچ"،
ڪرين جي، تہ ٿي ڏيان سان حق گذارا"

هجو بابت هيليان اشعار پڙهو:

"هجو ڪر عالمن جي ڪين آدا!
جي ڪرين، پهرين ٿي تون زاهد پاڪ."

"هجو ۾ پلٽان جڏهن، هرطرح خونريزي ڪريان،
ڪڏهن هٿان ٿو ڪان، ڪڏهن تلوار ءِ خنجر ڪڏهن."

"نہ ڄاتو قدر فردوسيءَ جو جيئن محمود، جي ان ڄاڻ،
ڪريان آءٌ هجو، جاڪي فتنو پڻ زندان ۾ پيدا."

وقت ۽ فلڪ جي شڪايت ڪندي لکي ٿو:

"وڇوڙي دوستن جي، مون سان ائين ڪيو،
ڪري جئن باغ ۾ باد، خزاني.
جڏهن ڪوسانجي ڪيرندا سڀئي گل،
تڏهن ڪهڙي ڪجي هت باغباني؟
فلڪ ڪي آزمايو مون 'قليچ' آهي،
وفا جي ناهي ان ۾ ڪا نشاني."

زماني جي شڪايت:

"چڱائي ۽ انصاف جي ڪٿ نه يار،
اڄوڪي زماني ۾ ڪانهي بهار.
وڏا اڄ نندن جا ٿيا زيردست،
سخي سڀ بخيلن اڳيان ٿيا خوار.
ڪمينن جي در تي رُلن ٿا شريف،
ٿيا منجهه بند آزاد ڏسجن هزار."

"ويو اخلاص عالم مان، عجب هيءُ دور آيو آهه!
ڏجي سڀ خلق ظالم کان، عجب هيءُ دور آيو آهه!
نه يارن ۾ رهي ياري، نه پائن ۾ وفاداري،
سچائي ولي آئي ساري، عجب هيءُ دور آيو آهه!
گهڻا جيڪو مڪر چالي، وٺي سڀ ڪنهن کي ٿو هالي،
ڪريو ڪونو مزا مالي، عجب هيءُ دور آيو آهه!"

حضرت صلعم جن جي مدح:

"'هڪ' پيادو، ان پٺيان ٿيو عقل ڪُل،
'هڪ' سوار، ان جي اڳيان روح الامين.
ڪسان ازل مامور ٿيو 'خير البشر'،
تا ابد مشهور 'ختم المرسلين'.

فرض ٿـي ان جـي نعت هرهنڌ 'قليچ'،
ورد ڪـر سا، تـا ملـٿي علم‌اليقين."

"عزيزو، حشر ۾ ڏوهن جو بخشيندڙ خدا آهي،
'شفيع‌المذنبين' ليڪن محـمد مصطفيٰ آهـي.
پڙهن جن ۽ ملائڪ تـا محمد مير تي صلوات،
پڙهڻ انسان تـي هر وقت واجب ۽ روا آهـي.
'قليچ' آهي مٺي ماکيءَ کان وڌ مدح و ثنا ان جي،
سا مرضن جي شفا آهي، سا دردن جي دوا آهي".

"يا نبي! هاشمي، مڪي، مدني، ۽ عربي!
ڌانءُ صلواة ٻنان تنهنجو وڻ بي ادبي!"

"محمّد ڪي سارا هي عـالـم تـو سـارو،
محمّد ڪـي واڪـائـي سـڀ سـاهـ وارو.
نہ ڪئي پيروي جنهن محمّد جي گهر جي،
رُلي دربدر پـڻ مـرّي سـو هـچـارو.
محمّد جو رستو نـہ ڇـڏجـو، عـزيـزو!
سـدا رهنما ٿـئي انـهـيءَ جـو اشارو.

شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي تعريف ۾:
"شاعرن جو سنڌ ۾ سردار شاهه عبداللطيف،
اولـيـائـن ۾ بـہ نـر نـروار شاهه عبداللطيف.
سنڌ جو سو فخر، شعر ۽ ٻولي ان جيءَ جو جيار،
غافلن سُتن کي ڪيو بيدار شاهه عبداللطيف.
معتقد، مداح ان جو اصل کان آهي 'قليچ'،
جنهن کي عالم جو سليو اسرار شاهه عبداللطيف"

پڳ نندي ڪري ڏاڙهي تون ڇانگاءِ، جُبّو ڇڏ لاهي، ڪر ڦٽي تون عصا.
وجهه تون تسبيح پنهنجي ڪيسي ۾، مصلو ڪڻ، چوري چَپ نه ڏي ڇاپا."

"ڇا مولوي ڇاٽي سي، رکي جو، ڏاڙهي ڊگهي، گرچه بُت ۾ سو دَڪَ.
ڇو ان کي 'قليچ' سچ جي سمجهين، 'آءٌ عشق جو ساءُ پهرين تون چکَ' !"

هيٺ مذاق، ظرافت ۽ طنز جو ملاحظو فرمايو:

رياڪار جي تعريف:

"ڏنل ڇڻ ته پوڇو ٿيو ڪاڪوس تي،
رکيل ڊوندِ تي ڇڻ ته قفل ۽ ڪليدا"

اُڇا وار:

"اُڇا وار، اي يار! دشمن اٿئي،
جو قاصد آهي ٿي اچڻ سوت جا.
جئيون دشمن سان ڪجن هرطرح،
تون منهن ڪارو ڪر تن جو هردم، ادا!"

ظاهري ڏيک:

"ڪوڙي ڪو ڏاڙهي مٿو، ٿيندو قلندر ڪيئن ڪي،
جام سان جم، آئيني سان ٿئي سڪندر ڪو نه مير.
پڳ وڏي، ڏاڙهي ڊگهيءَ سان ڪين ٿئي ڪو مولوي،
گيڙون ڪپڙن ڊڪڻ سان ڪو نه ٿئي صوفي فقير!"

سنڌ جو سورهيه:

"پدو، اوهان ڪي پڌايان بهادري ڇاهي:
آءٌ هڪڙي مُڪ سان وجهان پاپڙن جو ڍڳ ڍاهي!
ڪريان آءٌ ٽُنگ ٿو ڦُلڪي ۾ پنهنجي آگر سان،
هٺان آءٌ دال ۾ چنبو، جي منهنجو جيءُ ڇاهي!
ڪيهه آڏايان آءٌ آپ ڏي، مکڻ ڇپي آءٌ ڇڏيان،
سچر پڇايان آءٌ ڦوڪي، مکيون ڪڍان ڪاهي!

پتاشا پوريان آهي لت سان ۽ ڦاڙيان مڙ ڪاغذ،
وَلر پکين جو هڪل سان چڙيان ٿو آهي ڦاهي!
پتر ڪٽي ڪي هٿان، آهي ٻاليءَ ڪان ڪين ڏڄان،
ڪوئي ڪي پڇ ڪان آهي لڙڪايان ۽ ڏيان ڦاهي!
آهي آهيان اصل ڪيهر شينهن، ماريان ماڪوڙ پون،
آهي آسمان مان تارا به آڻيان ٿو لاهي!
آهي رستم آهيان زماني جو، سنڌ جو سورهيه،
سُجهي نه مون کي، اچي مون سان سينو ڪو ساهي!"

ڪامورن جي ڦرلت:

"ٻانيڻ آهن ٻانيون، اڄ ڪلهه مسر ٿيا هن ميٺا،
ٻاوا ٿيا ٻائُو، نُڪر ڪائي ٽڪائن جا سدا.
پير، ڪوتن پيڙهه، ڪَل لاهن خليفا تن جي لاءِ،
ملا آهن اڄ موالي، مولوي مولائي ٿيا.
هندو ۽ مسلم کي اڄ پنهنجا پراوا ٿا ڦرين،
ماريا ڏرم ۽ دين، ڪامورن ڪان هٿا جيڪي ٻچا!"

"ٿيو دلين جو چور دلبر، مال جو دليءَ جو نڳ،
ٻئي آهن هشيار، ليڪن ڪيڏي هي ۽ ڪيڏي هو؟
شرع جي مسند تي قاضي، کهوٽ جي مسند تي چور،
ٻئي ٻڌن دستار، ليڪن ڪيڏي هي ۽ ڪيڏي هو؟"

ماهيانو ۽ ساليانو:

"دلبر جو آهيان نوڪر، روزانو چمي هڪ ڏي،
ماهيانو هجي اهڙو، ساليانو هجي اهڙوا
تو طبع رکان ڪُنناري، اولاد به شعرن جو،
آباد سدا جڳ جو، شل خالق هجي اهڙو!"

”قليچ“ جي ٻين به ڪيترن غزلن ۾ حزن ۽ ملال جا ٻارا نظر اچن ٿا.

”باغ ۾ ٻوند وسي، دوست ڪري مون کي وداع،
روئي بادل ٿو جدا، آءُ جدا، دلدار جدا.
ٿيندي هت يار بنا عين بهاريءَ ۾ خزان،
ٻر جدا، برگ جدا، گل جدا ۽ خار جدا.“

”مئي به ۽ مينا به ۽ ساغر به سڀ موجود آهه،
ناهه جي محبوب مون وٽ، ڏوڙ پئي ڇائي بهار؛
جي ملهو محبوب، ٿيا چوڏهن طبق روشن، ”قليچ“!
ورنه آهي هر طرف، افسوس! اونداهي بهار.“

## ٢١. دينيات (قرآن ۽ حديث جا حوالا، قومي ۽ ملي شاعري).

ميرزا صاحب مرحوم دينيات تي ڪئين خلاصا ڪتاب، نثر توڙي نظم ۾، لکيا آهن. هن کي قوم جو سچو درد آهي. هو قوم جي درد کي پنهنجو درد سمجهي ٿو، ۽ اڪثر مسلمانن جي تنزل جا مرثيا گهڻن هنڌن تي پڙهيا آٿس. ساڳئي وقت، مسدس شاعري قوم کي اگهور ننڊ مان ڏانڊوڙي جاڳائڻ گهري ٿي. هو قوم کي ڪجهه بڌائڻ گهري ٿو ۽ آن جي آڏو هڪ مستقل نصب العين رکڻ چاهي ٿو. اسلاف جا سبق ۽ قصا ياد ڏياري، مسلمانن جي جوش حميت کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس:

”توي ڪيو دين ۽ اسلام کي هو ٽن شخصن،
نبي هو هڪڙو ۽ ٻيو هو علي ۽ ٽيو جعفر.
بهادري به سندين ٽن هنڌن تي ٿي ظاهر،
جنهن هڪڙو ۽ ٻيو خندق ۽ ٽيو خيبر.“

زندگي جنهن تو جي دنيا ۾ گذري آهڙي ريت!
رهندي پوءِ سا تو دنيا ۾ پڌايو ڪهڙي ريت؟"

-(ترڪيب بند)

مسلمانن جي قبر پرستيءَ ۽ پير پرستيءَ تي طنز ڪندي چوي ٿو:

"مُردا وٺي ٿيا گورپرست اڄ جا مُسلمين،
جيئرا وٺي ٿيا پير پرست ۽ دعا پرست!"

پيريءَ مريديءَ بابت ارشاد ٿئي ٿو:

"پير مُرشد، زر جي خاطر، زور سان ڪن ٿا مُريد،
ٿا سڏائن صوفي ۽ درويش، آهن حُڪمران!"

"هٿن مرشديءَ جو ٿا دم معتبر،
مُريدن تي ليڪن فِدا ڪو نه ٿئي."

ڪُوڙن صوفين يا مُرشدن کي خطاب ڪندي فرمائي ٿو:

"مَرمزا ڪر، صُوفي! پيو ڪاڏهن صوف، صوفي پير ٿي،
خُلق مون لاءِ، خَلق تولاءِ، خُورد آهه ۽ تون ڪلان!"

مسلمانن کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته زماني جي رڳ سڃاڻي، جهڙو واءُ لڳي تهڙي پٺ ڏيو:

"زمانو پيو اوهان کي هيئن پڪاري، اي مسلمانو!
'اشارو منهنجي گردش جو نه ڄاڻو ڪوڙو افسانو'!"

مسلمانن کي ترغيب ڏيندي فرمائي ٿو:

"اي مسلمانو! ڪريو توبهه گناهن کان اوهين،
موت کان اڳ آئين ڪريو صالح عمل ۽ ڪم چڱا.
آهي افسوس اهڙي غفلت تي، مسافر ٿيءُ اوهين،
ڪوچ جو هُل ٿا ٻڌو هردم، ۽ پيا آهيو ستا!"
ٿا رهو ڏک ۽ بلا جي گهر ۾ ناهي جت امان،
عيش عشرت ڪئن ڪريو ٿا؟ ڪا وٺو عبرت ادا!

تنهن کان اڳ روئي ڪريو توبهه گناهن کان اوهين،
۽ ڪلام الله جا سڀ وعظ آئين ڄاڻو سچا."

مومنن کي هدايت ڪندي چوي ٿو:
"رحم ۽ نيڪي ڪريو خويشن ۽ ڏارين سان اوهين،
خاص مسڪين، يتيمن، بيوسيلن تي سدا.
بيحيائي، ظلم، بدڪاريءَ کان نت پاسو ڪريو،
سڀ گناهن کان پري ٿيو ۽ ٻڌو سڀ حق ڪنا."

مومنن کي نصيحت ڪندي فرمائي ٿو:
"هر مذهب آهيو سڀ، آهيو هر قوم، هر وطن،
هڪٻئي جا سڀ ڪمن ۾ ٿيو يار غمگسار.
تسبيح ۾ ڏو جٺن رهي داڻن جو اتفاق،
رکجو دليون گڏيل، رهو ظاهر اگرچ ڌار.
ٿيو 'صلح ڪل' کي وٺجيو، رهو دور کان فساد،
لاهي تعصب، ائين رهو سڀني سان سازڪار.
تعليم جو رکو اوهين هر وقت کو خيال،
اخلاقي، ديني، دنيوي ائين سڀ ڪريو سڌار.
اصلاح جي ڪريو اوهين ڪوشش جا ٿي سگهي،
پوءِ ڪارساز تي رکو آئين پنهنجو ڪاروبار.
گهڙي ڪري 'قليچ' نصيحت اوهان کي وڏ،
شل ڏئي اوهان کي همت و توفيق ڪردگار!"

اسلام جي حق ۾، درگاهه باري تعاليٰ ۾ ملتجي آهي:
"گهر تون 'قليچ' حق کان، با جان و دل دعا هيءَ،
روشن رهي هميشه اسلام، يا الاهي!"

مسلمانن جي حق ۾ دعاي خير گهرندي، حضرت صلعم جن وٽ فريادي آهي،

عيد ناهي سا، ڪريو شاديءَ جون جڏهين مجلسون،
۽ ڏسو ناچ ۽ ٻُڌو راڳ ۽ پيا مائيو مزا."

مسلمانن جي سچي عيد:
"عيد سا آهي، جڏهن اندر جو نت آرام هوئي،
هوئي ٻچاڙي شل چڱي، هوئي حال هيت ٻچڙو نه ڇا؟
عيد سا آهي، وڙهو جڏهن نفس ۽ شيطان سان،
۽ گناهن کان بچو ۽ ڪم ڪريو سڀ ائين ڀلا.
عيد سا آهي، جڏهن ايمان سان ماڻهو مري،
۽ اٿي سو صالحن سان، تشي جڏهن روز جزا.
مومنو! شل ٿئي اوهان سڀني کي عيد اهڙي نصيب،
ائين ڪريو ڪوشش ۽ سعيو، پوءِ ٻچائي سو خدا."

پردي جي حقيقت ۽ خوبين بابت فرمائي ٿو:
"عورت آهي زال، ان جي معنيٰ 'اوگهڙ' آهي اصل،
هر طرح اوگهڙ جو ستر ۽ پردو واجب دائما.
ستر پردو پوش نت قدرت کي پڻ آهي پسند،
ماءُ جو ٿيو پيٽ پردو ٻار جي لئه، اي ادا!
ٿيو اکين جو نور، قدرت سان سٽن پردن اندر،
ڪنَ جا پردا شل نه ڦاٽن، نه ته نه تن جي ڪا دوا!
مغز ۽ ڇاتيءَ جي پيا صندوق ۾ دل ۽ دماغ،
سڀ رئيس عضوا، خدا پردن اندر محفوظ ڪيا.
هر طرف پردو ۽ ستر آهي نظر ۾ ۽ حجاب،
هوئي نه ماڻهن ۾ ۽ زالن ۾ ته پوءِ وا حسرتا!"

سنت نبوي تي محڪم رهڻ لاءِ ارشاد ٿئي ٿو:

"محمّد جو رستو نه ڇڏجو، عزيزو! سدا رهنما ٿئي انهيءَ جو اشارو."

”اِت ‘اِنّ الانسان’ تي پڻ ‘ما سعي’ آيو،
ڪوڙو بندي آهي جو، پوءِ توڪّل تي رکو ڪم!“
-(با توڪل زانوي اشتر ببند)
”ان جي چؤ ‘ڪل من عليهافان’، رحم ‘يحي العظام وهي رميم’.“

”خليفو آهي خدا جو، عرش اعظم ٿيو وطن منهنجو،
‘نفخت فيه من روحي’ پڙهو آئين نصّ قرآن ۾.“

”جيڪي سمجهي تون ڪندين، شامل انهيءَ سان ٿيندين تون،
‘ڪل شيءٍ يرجع الي اصله’ آئي گفتو قديم.“

”ياد ڪر ‘موتوا’ سدا ‘قبل انت موتوا’ اي ‘قليچ’،
تا سِکهو چيرڪو عمل سان، حق جو حاصل ٿئي وصال.“

”آخرت جي پوک ٿي دنيا، لکيو جئن منجهه حديث،
پوکي وٺ، تا هُت لڻين سا، ٿين متان پوءِ شرمسار.
وجهندين لاپارو جڏهن، مرندين هيتي، جمندين هُتي،
ڏهه هيتي ستر هُتي ٿئي، بلڪ ست سو ڪر شمار.“

”پيو به سيڪجهه مليئي ان سان گڏ،
‘فلهُ الڪُل من لهُ المولي’.“

”گوشت کي سيّد طعامن جو سڏيو جڏهين حديث،
ڪيئن نه مخلوقات جو سيّد، رکي ان لاءِ چاهه؟“

”حديث ‘حمّي يوم ڪفارةُ سينةً’،
ٿو هڪڙي ڏينهن جو تپ، سال جا گناهه ڪٽي.“

”چيو حديثن تہ هي آهن پيئون،
گڏ ننهي جو نڪاح ناهي روا.“

## ٢٢. حرف آخر.

ڪنهن نئين تحريڪ جي بانيءَ کي دنيا جنهن وقعت جي نظر سان ڏسي سگهي ٿي، ”قليچ“ بہ ان جو پورو پورو مستحق آهي. پاڻ ئي قديم سنڌي شعر و شاعريءَ ۽ قديم ادبيات جي اصلاح جو سڀ کان پهريائين پيڙو کنيو هئائين، ۽ پاڻ ئي جديد تصور کي پيدا ڪيو هئائين. ”قليچ“ جي بدولت ئي سنڌ جا ماڻهو شعروشاعريءَ ۽ علم و ادب جي صحيح مفهوم کان آشنا ٿيا؛ ۽ ”قليچ“ جي ئي وڌل بنيادن تي جديد دور جي سخن طرازن پنهنجون پنهنجون عمارتون کڙيون ڪيون. ”قليچ“ ئي سنڌ جي تاريخ ۾ ادبيات جي هڪ درخشان باب جو نمايان اضافو ڪيو. ”قليچ“ ئي سنڌ جي تاريخ لکي، جهان جي آڏو رکي. ”قليچ“ ئي سنڌ جي قديم ستارن کي دنيا سان روشناس ڪرايو. ”قليچ“ جي ڪري ئي قديم سنڌي شاعرن ۽ صوفين جو ڪلام، پبلڪ تائين صحيح نموني ۾ پهچي سگهيو. ”قليچ“ ئي مشرق ۽ مغرب جي عالمن جو مطالعو نهايت گهڙائيءَ نظر سان ڪري، سنڌن صحيح روح کي پهچي، امان کي سنڌن خيالن کان آگاهہ ڪيو. ”قليچ“ ئي هر فن تي ڪتاب لکي، دنيا کي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ سنڌي زبان ۾ پڻ اها صلاحيت موجود آهي، جو هوءَ دنيا جي ٻين زبانن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي بيهي سگهي ٿي.

گهڻو پوءِ شاهہ ڪريم (رح) ۽ شاهہ لطيف (رح) جي ڪلام کي اڄڪلهہ جي اديبن، وڏي آب و تاب سان ڇپائي پڌرو ڪيو، ۽ ان تي مختلف نمونن ۾ ٽيڪا ٽپڻيون ڪيون؛ پر ياد رکڻ گهرجي تہ اهو ”قليچ“ ئي هو، جنهن پهريائين سنڌ جي عوام کي ’شاهہ‘ جي صحيح ڪلام کان روشناس ڪرايو، ۽ وڏيءَ جاکوڙ کان پوءِ، صحيح نموني ۾، ”شاهہ جو رسالو“ لکي تيار ڪيو. نہ فقط ايترو، پر ان جي هڪ مڪمل لغات، ”لغات لطيفي“ جي نالي سان، لکي تيار ڪيائين، جنهن ۾ هن ’رسالي‘ جي هر هڪ سُر تي جدا نموني ۾

۽ محاوري جو کيل نہ هئي، بلڪ اها اظهارخيال جو هڪ ذريعو هئي؛ ۽ سنڌي ادب جي اونهي اوڙاهہ کي پرڻ لاءِ، هن مرحوم ساري ڄمار پنهنجو پاڻ پتوڙيو، ۽ خود مشرق توڙي مغرب منجهان بہ جهڙت هٿي، ان جي لاءِ مسودو آڻي مهيا ۽ موجود ڪيو. هو علم و ادب جي پهاڙن جي نشيب و فراز کي لتاڙيندو ٿي ويو، ۽ ڪنهن بہ جاءِ تي سندس اشهب قلم روڪجي نہ ٿي بيٺو.

جڏهن دنيا جو ڪوبہ وڏي ۾ وڏو شاعر يا اديب خامين ڪان خالي نہ رهيو، تہ پوءِ "قليچ" تي ڪهڙي ميار آهي؟ هڪ وڏي نقاد سچ چيو آهي تہ "سقرئي ڪنهن ڪارنامي جي انساني هٿڻ جو دليل آهن!" هڪ مشهور مغربي نقاد 'ڊزرائيلي' جو تہ اهو عقيدو آهي تہ "سڀ کان وڏا مصنف ئي، ڪثرت نگاريءَ سبب، سڀ کان وڏيون ۽ فاش غلطيون ڪري ويهندا آهن. پر انهيءَ ڪري سندن ڪمال ۽ عظمت تي ڪو حرف اچي نٿو سگهي."

بهرحال، "قليچ" جي ادبيات، هر حيثيت سان، سنڌي زبان ۾ هڪ قابل قدر اضافو آهي - زبان جي اعتبار کان، خواه موضوعات يا مضامين جي خيال کان. سندس ادبيات، سنڌيءَ ۾ هڪ وڏي وسعت پيدا ڪري ڇڏي آهي. سنڌي زبان جي جيڪا خدمت "قليچ" بجا آندي آهي، سا بيشڪ مهتم بالشان آهي. اهوئي سبب آهي، جو دنيا جي ادبي نظامات ۾، سنڌي زبان پڻ پنهنجي لاءِ هڪ مخصوص ۽ ممتاز جڳهہ حاصل ڪري سگهي ٿي - هاڻي اهو پوين جو فرض آهي تہ ان کي ڪنهن لائق بڻائين، وڌائين ۽ ويجهائين.

پڇاڙيءَ ۾ اهو عرض ضروري آهي، تہ هن مقدمي کي تڏهن ئي مڪمل سمجهيو وڃي ها، جڏهن "قليچ" جي ڪُل آثار شعريءَ کي سامهون رکي، پوءِ قلم فرسائي ڪئي وڃي ها. لهٰذا هن مقدمي کي انهيءَ اندازي تي نامڪمل ۽ شعر جي فقط هڪ صنف، يعني "قليچ جا غزليات"، تي هڪ مختصر تبصرو سمجهڻ گهرجي - والسلام.

ڪراچي، - اجمل بيگ قليچ بيگ ميرزا

٢٥ جنوري، ١٩٥٧ع

## قطعہ تاريخ طبع "ديوان قليچ"

آجمل بيگ، قليچ بيگ، ميرزا، "اجمل"

آهل، فن کي صِلاي عام آهي،
علم و حڪمت جو آج کُليو مڪتب.
ٿيو شايع "قليچ" جو ديوان،
حسب، خواهش بلطف و فضل، رب.
هي آديبن ۽ قدردانن جي،
آهي تڪميل، شوق و حُسن، طلب.
آن جو هر لفظ توڙي هر نُڪتو،
آسمان، آدب جو ٿيو ڪوڪب.
آن جي هر هڪ غزل جي هر مصرع،
ڪهڪشان آهي يا مسيح جو لب.
آن جو هر هڪ سخن بليغ و فصيح،
رشڪ جنهن تي ڪري عجم ۽ عرب.
آن جا موضوع مختلف آهن:
حڪمت، اخلاق، عشق ۽ مذهب.
موعظت، فلسفي ۽ عرفان جا،
ليندا عنوان اڪثر و اغلب.
هڪ إشارو آهي حقيقت ڏانهن،
آن جي هر معنيٰ، ان جو هر مطلب.
آن جي آهي محاورت بہ ڪمال،
آن جي آهي غنائيت بہ غضب!
ڏسي پرواز، فڪر ٿئي ٿو يقين،
شاعري ناهي شغل، لهو و لعب.
شعر تي ناز سو ڪري جنهن کي،
غيب کان ٿئي عطا آهو منصب.

ڪيئن سلامت سمائيي سنڌيءَ ۾؟
آهي سچ، هي "قليچ" جو ڪرتب!
ڪري ميدان سَر بنا مهميز،
جنهن جي شعر و سخن سنڌ و مرڪب.
نظم ۽ نثر جنهن جو ٿيو لاريب،
سنڌي ٻوليءَ جي بهتريءَ جو سبب.
سنڌ جي علم ۽ ادب خاطر،
رهيو ڪوشان ٿي جو روز و شب.
بيشڪ آهي اديب، اعظم، سنڌ،
سو نهي آن تي ٿي "شمس" جو ٿو لقب.
طبع جا ڳهڻا وجهي عروس، سخن،
بزم ۾ آئي آهه اڄ بطرب.
عيسوي سال هيئن چيو هاتف:
"بيمثال ارمغان آهه عجب".

۱۹۵۷ع

طبع جو سن هجري لِکُ "آجمل":
"گُلبُنِ نوبهارِ باغِ ادب".

۱۳۷۶ ه

بسم اللّٰه الرّحمٰن الرحيم

# (رديف - اَلف)

## ١. غزل - خدا جي تعريف

مفعول مفاعيل مفاعيل مفاعيل

تعريف اُنهيءَ جيي، جو آهي ربّ تعاليٰ،
جو جلّ جلال (١) آهي ۽ پڻ عمّ نوالا (٢).
سو دائم، قائم، سوئي خالق، سوئي رازق،
قُدرت جنهن جيي ڪامل، ۽ جنهن جا ڪرم نرالا.
سو حيّ ۽ قيّوم، سو هو، آهي ۽ هُوندو،
هاڻ آهي، جيئن اڳ هو، ۽ جنهين ناهي زوالا.
رحمان، رحيم آهي سو، غفّار ۽ قهار،
واحد. اَصل آهي سو، لڪين اُن جا ٿيا نالا.
سو مُلڪ جو مالڪ، نہ شريڪ اُن جو ڪڏهن ڪو،
جڳ سارو سندس "حڪم" ۾، چا زير، چا بالا.
چارو نہ قضا ۽ قدر اُن جي جو رضا ري،
اَمُر اُن جو ڪنّي ڪير؟ آهي ڪنهن ڪي مجالا؟
تحميد (٣) ڪري اُن جيي، ملڪ، اِنس ۽ حيوان،
تسبيح پڙهي، سُنبل، سوسن بہ ۽ لالا.
ڏينهن رات سندس ياد ۾ شل گهاريون آسين سڀ!
نيتُ فضل، ڪرم اُن جو آسان تي رهي شالا!

---

(١) وڏي وڏائيءَ وارو. (٢) عام بخشش وارو. (٣) حمد، تعريف.

پوک ۽ سؤدو زرسان ٿئي، دنيا ۾ ڏي عقبيٰ ۾ وٽ،
ڏهه هيٺي، سٺرهٺي، ڏس! سُود(١) آهڙو ٿيو روا.
علم جيئن رهبر ۽ رهزن، زر به تيئن ٿيي خير ۽ شر،
ڪين ڪي ماري ڪين ڪي جياري، ڪن ڪي جٿس، ڪن ڪي جفا.
قاضي الحاجات زر، ڪاشف مهمّات (٢) آهي زر،
زر ٿيي ستّارالعيوب ۽ سهل ۾ مُشڪل ڪُشا.
نافع ۽ رافع ٿيي زر، قابض ۽ باسط پڻ ٿيي زر،
بيا گهڻائي نانو ذاتي ۽ صفاتي آن جا ٿيا.
زر جا ڏس! اسماءِ حُسنيٰ ٿيا نوانوّي ڪان وڌ،
چو نه آن ڪي سجي ۽ آن لاءِ سدا گُهرجي دُعا!
ذڪر واجب زر جو ۽ زر جو وظيفو پڻ "قليچ"!
زرسان راضي ٿئي رسول، ۽ زرسان حاصل ٿئي خدا.

## ٥. غزل ـ حقيقي يا سچا عاشق

متفاعلن متفاعلن متفاعلن متفاعلن

ٿيا غرق بحر بقا آندر،
سچي عشق ۾ جي فنا ٿيا؛
پئي سچ (٣) ۾ مٿ نڪتو سندن،
سڙي سون جان سي صفا ٿيا؛
رچي رنگ عشق جي ۾ سدا،
ڪري قلب ڪعبو طواف ڪيئون؛
مي (٤)، مٿ مان ميخاني جي پيي،
سچي مست، متوالا ٿيا؛
پيي ڪٽرو ۽ قاتل عشق جو،
سي مرڻ کان اڳ ويئڙا مري؛

(١) وياج. (٢) مشڪلاتون لاهيندڙ. (٣) مصيبت. (٤) شراب.

ونيي وات ويئا وصال جيي،
هنجيي هجر ۾ سي هڏا ٿيا؛
ٿيي شهيد، رَتَ سان ڪيئون وضو،
رهيا فاقي ۾ تيي فقير نيتُ؛
نہ نمازون واجب تن ڪي ٿيون،
نڪي روزا تن ڪي روا ٿيا؛
ڪيئون ترڪ دنيا ۽ آخرت،
ونيي مولي، ترڪ بہ ترڪ ڪيئون؛
ڇڏي تخت، تاج سي پٺ تي پيا،
ڊڪي گوڏيون، گبريون، گدا ٿيا؛
ڪيني (١) تيغ ظلم جي ڪيو ٽڪر،
ڪيني ڪَرَت چيري ڪيو ٻہ اڌ؛
ڪَنَ ڪيلندي ڪي لهرائي ويا،
سوريءَ تي ڪي سَرها ٿيا:
هي "قليچ" رند الستي ڏس!
جي پناه پير مغانُ جي ۾،
ڪري حَل حقيقت ۾ هينيون،
ڇڏي هستيي، حق تان فدا ٿيا!

## ٦. غزل ـ سرتين جي سنڀال ضروري

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

ڪم چڱا ڪهڙا هجن سر! ڏس تون تن جا مرتبا،
فرض پهرين، سُنتون، نفل ۽ فضائل پوءِ ٿيا.
فرض ڪان اوّل ضروري وڌ، حرام آهي ڇڏڻ،
نفع ڪان اڳ دفع ٿيو نقصان جو بيشڪ بجا.
ڪر بجا درجي بدرجي، ساب تا پورهيو پؤنسي؛
جي ڇڏين پهريان، ڪرين پيا، جاهل آهين تون صفا.

(١) ڪين ڪي.

شهوتيءِ هڪُ، گهڙي ڪرڻ نيت عيش،
لذّتيءِ ٻيو، گهڙي وڃڻ چشڪا.
هڪُ وڙهي، ڏاڙهي ۽ ڪري آلرون،
رات ڏينهن سون تي پڻ ڏئي پهرا.
ٻيو تو ڪائي، پئي، بدل هڪ هنڌ،
آن ڪان خوش منهنجو ٻُت ۽ ٻيا عضوا.
هڪُ چيتائي هرڻ (١)، پلاهه (٢) ٻيو،
هڪڙو طلبي شڪار، ٻيو لُقما.
تن ڪي قابو ڪيُم هيرائي، وڃهي،
ڪِتَ ڳچيءَ ۾، نڪاح ۽ ٻُڪَ (٣) جا.
نہ وَجن ڪنهن ڪُتيءَ جي ڪتِ تي آو،
نہ چڏائين ڪيتان تُڪر ۽ هڏا.
پيا ڪيلَن وٽ گِرن، بهَن، پوُنڪَن،
۽ چُتڻ لاءِ پيا هٿن سي مَٽا.
اڳ هئا سي ڪلاب (٤) جيفه خور (٥)،
هاڻي ٿيا ڪهف جي ڪُتي (٦) جهڙا.
هئا نجَس (٧) جانور، ٿيا ماڻهو،
هئا سي ڪافر پليد، مومن ٿيا.
رَهُہ نہ غافل ڪڏهن آنهن کان "قليچ"،
تہ متان هُو ڪُلن (٨)، پَون تي چِتا!

## ٩. غزل ـ لقب ملڻ جي شڪرگذاري

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات

مليو آج مون کي لقب هند جو شمس العلما،
قيصرِ هند جو تمغو يا ٻيلو اڳ ٿيو عطا.
شُڪر اوّل ڪريان حق جو، آهي عزّت جنهين همتِ،
ڪريان سرڪار جي پوءِ شڪرگذاري آءٌ ادا.

(١) معشوق، زال. (٢) لذّتي طعام. (٣) روزا ۽ فاقا. (٤) ڪتا.
(٥) ڍونڍ کائيندڙ. (٦) سگ اصحاب ڪهف. (٧) پليد. (٨) چڙن.

دوستن جو مچان احسان، جي ٿيا خوش آن کان،
ڏني جن مون کي مبارڪ، جني خط مون ڏي لکيا.

يورپين بہ آفيسر وڏا ڪي تن مان ٿيا،
ڪي مسلمان ۽ هندو، ڪي پين قومن جا.

پر چوان سچ تہ نہ آءٌ آهيان لقب جو لائق،
عزت آهي چڱي، پر آهي لقب بي معنيٰ.

دين جي علم جا علاما ۽ عُلما آهن،
تو رڳان علم آءٌ، جو ڪم تو آچي منجهہ دنيا.

خادم العلما لقب منهنجو ٺهي، جي سو ڏين،
فخر سمجهان آهيو ۽ آهي حقيقت بہ اِها.

سنڌ ۾ شعر چيو مون ۽ لکيا مون بہ ڪتاب،
چوڻ مصنف جي وڏو مون کي هتي، آهي روا.

ماڻهو چاڻن جي ڪم اهو ۽ راضي رهن،
قدرداني اِها ٿي خالق جي ۽ فضل، خدا.

وَڏِ نہ گهرجي مون کي، ۽ فخر وڏو آهي اِهو،
آءٌ جيان جيسين، رهان خوش ۽ ڪريان شڪر سدا.

تو دُعا خير جي سيني کي ڪري دل سان "قليچ"،
شال عزت رهي دنيا ۾ ۽ پڻ منجهہ عقبيٰ.

## ١٠. غزل ـ شڪستہ دل سنجهان ايندي صدا چا!

مفاعلين مفاعلين مفاعيل

ڪريان تو تان سجڻ! آءٌ سر فدا چا؟
محبت جو ڪو حق ٿيندو ادا چا؟

مَرَض نيت عشق جو جنهن کي ٿيو مرغوب،
ڪندو سو درد آهڙي جي دوا چا؟

وڇوڙو جنهن ڏنو دلبر جو تنهن کي،
زماني جو ڪندو جورو جفا چا؟

ٿئين نازڪ بدن ۽ سنگدل تون،
آءٌ نازڪ دل ٿيس، منهنجي خطا ڇا؟

نه ڀڃ شيشو (١)، نه ڇڻ هيءَ تار دل جي،
ڇڻنَل تارُن سان ٻولي دلربا (٢) ڇا؟

وڃي قاتل ڌُهل ڪيئن يا ڀڳَل ٿانءُ؟
"شڪسته دل منجهان ايندي صدا (٣) ڇا؟"

ڀڳَل ماڻڪُ، سچي سان مَٽُ ٿئي ڪين،
گُنگي واتان ٻُڌ يس پنهنجي ثنا ڇا؟

چون دل کي ٿا بيت الله صوفي،
آدب اُن جو سڄڻ! آئين بجا ڇا؟

تصوّف تيو رکڻ دل آئيني جانُ،
ڀڳَل آئينو ڏس! رهندو صفا ڇا؟

آءٌ خاڪي، ڪيئن ٿيان نُوري ۽ ناري؟
ٿيان منصور سان آءٌ همنوا (٤) ڇا؟

ٿي بندو، ڪيئن سڏيان خود کي (٥) خدا آءٌ؟
خدا کان پر سگهان کو ٿي جُدا ڇا؟

"قليچ" آهي جي رب مالڪُ دلين جو،
ته پوءِ رب کان گهُران دل سان دعا ڇا؟

## ١١. غزل- پيريءَ ۾ جواني

فعولن فعولن فعولن فعولن

پيدا ٿيو اسان لاءِ ٻُري ٿي بَلا،
ڪري حيلا تارين ڏاها آها.

جي پائين ته پيريءَ ۾ ڏسجين جوان،
ته ڪارا تون ڪر وار پنهنجا آڇا.

(١) دل جو. (٢) سازِ دلبر. (٣) آواز. (٤) ساڳي ٻولي ٻوليندڙ.
(٥) پاڻ کي.

آڇا وار آيِ يار! دشمن آتئي،
جو قاصد آهي تِني آڇن موت جا.

جُنيون دشمن سان ڪجن هر طرح،
تون مُنهن ڪارو ڪر تن جو هردم آدا!

جوانيِ تون ڪر ظاهري لائي ڪيس،
قُوّت باهہ جي باقي گهُرجِي سدا.

سو پرهيز جي ڪيو جوانيءَ ۾ تو،
تہ قوّت سدا تُنهنجِي هوندي بجا.

ءِ جي نا تہ ڪُشتا ءِ معجون کاءِ،
رکهن جي ٿو تون زال يار ءِ پڇا.

جي هِي توڙي هُو ڪونہ هوندني سبب،
تہ دنيا ۾ کائيندين تون پيو ڌڪا.

مَرڻ تنهن کان بهتر آتئي، چئي "قليچ"،
ميليئي جي نہ هيتِ، مَن ميلئي هُتُ خدا.

## ١٢. غزل ـ مستزاد ـ آدمزاد جي تعريف

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات

شَرَف آدم جي ۾ ڪُل خلق کي انڪار نہ آهہ--
حق جِي تِي آن تي عطا،
ڪنهن کي پڻ آن کان ڪو انڪار سزاوار نہ آهہ—
سڀ چئو آن جي ثنا.

جي جي گُڻ خواه هنر آن ۾ خدا ڪيا موجود—
ڇا ڪريان تن جو بيان؟
سڀ ٻُڌو، سون ۾ هڏهن طاقتِ گفتار نہ آهہ--
ڪيئن ڪريان وصف ڀلا؟

سوين خوبيون بہ آزل کان رکيون قادر آن ۾—
پنهنجِي قدرت سان وڏي،
ساري عالم ۾ تنهان وڌ ڪو خبردار نہ آهہ—
خاص ڪيو تنهن کي خدا.

آن جو رُتبو ڪيّو وڏو هردو جهان ۾ خالق —
سجدو ڪيو تنهن کي مَلَڪَ،
جنهن تڪبّر مان آنهيءَ جو ڪيو اقرار نہ آه —
سو ٿيو اِبليس بجا.

گرچه ٿيا مَحْو عبادت ۾ هزارين مخلوق —
چوي هيي سچ تو "قليچ"،
پر سِوا آن جي ڪوئي مَحرم، اسرار نہ آه —
چئو مٿس صلّي علي!

## ١٣. غزل ـ سهرا

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات

سُهڻي کي سَهج منجهان آج ٿا پَڌائن سِهرا،
واه! ٻي سِر تي سندس سَرسُ سُهائن سِهرا.

مُنهن جي سُرخيءَ تي ٿيي سهرن جيي سُفيدي سُونهي،
ڏس! تہ ڪيئن رنگَ سان ٿا رنگ رَلائن سِهرا.

مَتّان موتين جي سَرُن تي تو بوي عِطرِ گلاب،
چَمڪيي وِجُ جانءِ ٿا عجب مينهن وسائن سِهرا.

گهوٽَ تي گهورُون گُهمائي سڀئي چاچيي ماچيي،
ٿا سَڳُڻ، ساتَ سان هر طرح سَنيائين سِهرا.

دوست، دُولهه جا ڏسيي تنهن کي ٿين باغ بهار،
دشمنن جو ٿا جگر جان جلائن سِهرا.

هوڏي نوشه کي ڏين ميرَ مبارڪبادي،
هيڏي مُطربَ ٿا ڪڍي تانَ سُٽائين سِهرا.

نظم جي تار ۾ مضمون جا گُل پُوتا "قليچ"،
ڇا عجب! باغ ۾ جيي بُلبليُون ڳائين سِهرا.

## ١٤. غزل ـ دنيا جا رنگ

مفعول مفاعيل مفاعيل مفاعيل

دنيا ۾ عجب دور، عجب رنگ سمايا!
گردش ۾ زماني جي ڪيئي ويا، ڪيئي آيا.

هڪڙي ڪي شب و روز آهي عيش ۽ عشرت،
هڪڙي ڪي صبح شام آهن سُور سوايا.

هڪڙا ٿا سُکن منجهه رهن شاد ۽ خوشدل،
هڪڙا ٿا ڏکن منجهه وتن سُست ستايا.

هڪڙن جون دليون، سَچ محبّت جي مچايون،
هڪڙن جا جگر، جوش جوانيءَ جي جلايا.

آفسوس! وڃي عُمر ٿِي ڳُٽيءَ ۾ آجائي،
هَي هَي! ٿا وڃن ڏينهن حياتيءَ (١) جا آجايا.

ڇا حُسن ڪبو، جنهن جو خريدار نه ڪوئي؟
همدم ڪان سوا، کهڙي آهي ڪار جي مايا؟

قسمت ۾ "قليچ"! آهي لکيو جيڪي، چڱو هوئي،
ڪر فضل تون خاوند! تون ڪر خير خدايا!

## ١٥. غزل ـ جدائيءَ جو ارمان

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات

نوبهار آيو مٿي، ٿئي تو مُنکان يار جُدا،
وَسُ نه ڪنهن جو چلي، قسمت ڪري لاچار جُدا.

ٿِي لڳي هير بهشتي، ٿيا صحرا سر سبز،
ڪيئن ٿو بلبل کان پلا آج ٿئي گلزار جدا؟

(١) جوانيءَ

آئي مستيءَ سندي موسم، تو ڪري جوش و خروش،
خمر (١) جدا، خُمر (٢) جدا، خانهٔ خُمّار (٣) جدا.

باغ ۾ بُوند وسي، دوست ڪري مون کي وداع (٤)،
روئي بادل (٥) تو جدا، آءٌ جدا، دلدار جدا.

ٿيندي هيت يار بِنا عين بهاريءَ ۾ خزان،
بَر (٦) جدا، برگ (٧) جدا، گُل جدا ۽ خار (٨) جدا.

تنهن جدائيءَ کان ڇُٽان جو نه ڪري پاڻ نثار،
سِرُ جدا، تَنُ جدا ۽ خنجرِ خونخوار جدا.

هِنَ قدَر زاريون نزاريُون جو ڪريان آءٌ تو ”قليچ“!
مَن موهن ٿئي تو مُنکان مَنَ گهڙيو مثار جدا.

## ١٦. غزل ـ ڏکن جي چڱائي

فعولن فعولن فعولن فعولن

ڏکن منجهه پاڻُون چڱا جڏهن پَسوُن ٿا،
تڏهن پنهنجا ڏک مجهي سُک، سي سَهُون ٿا.

اڪيلو ڏُکن ۾ ٿئي دل دُو پارا،
تماشن، خوشين ۾ نه لذّت وٺون ٿا.

مگر جي ڪو آهي مصيبت ۾ ساٿي،
سنگت ۾ تنهين جي ڇيمَن (٩) کان ڇُٽون ٿا.

وجن ٿا سيني درد، غمَ پنهنجا وِسري،
جڏهن مرد، دردن ۾ بهتر ڏسون ٿا.

”قليچ“ آهي دنيا ۾ ڏُک سُک پيئي گڏ،
مَعَ العسرِ يُسرا (١٠) سدائين پڙهون ٿا.

---

(١) منتُ. (٢) شراب. (٣) شرابخانو. (٤) موڪلائي. (٥) ڪڪر. (٦) ڦرُ (٧) پَنُ. (٨) ڪنڊو. (٩) نقصانن. (١٠) قرآن مان ـ ڏکن سان گڏ سُکَ.

## ١٩. غزل ـ مسلم ۽ غير مسلم جا قسم

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

آهين چار قسم لکيل مُسلمين جا،
عابد ٿيا ۽ زاهد، عاصي ۽ فاسقا.

آهن جي غير مسلم، تن جا به چار قسم،
ڪافر ٿيا ۽ مُلحد، مُشرڪ، مُنافقا.

عابد ٿيا پورا شَرْع ۽ روزي نماز تي،
عاصِي رکن ٿا مور نہ پابندي آهڙي ڪا.

زاهد ڇجن حرام ڪان، ڳولين نيت حلال،
فاسق ڇُجن نہ فرق حلال ۽ حرام جا.

ڪافر مڃين ڪين خدا ۽ رسول کي،
ملحد ٿيا حق جا منڪر، ڪيو دهر(١) جن خدا.

پُوڄا تي مُشرڪن جي خدا ڏارا غير لاءِ،
آهي منافقن جي اندر مَٽُ، ٻَهَرَ صَفا.

مومن ڀَلا، نبيءَ ۽ وصيءَ بعد متّقي (٢)،
زاهد ٻين ڪان وڌ ٿيا، ٿيا جن مسان اوليا.

ڪوشش ڪري "قليچ"! تي مومن ۽ متّقي،
پاسي ٿي ڪُفْر، شِرڪ ڪان، ڇڏ فسق ۽ رِيا.

## ٢٠. غزل ـ شراب جي شڪايت

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

غالب شراب، عَقْل تي ڪر ڪين تون آدا!
شيطان کي مَدَد جو نہ مهندار ڪر آنڊا!

پيءُ فيض پُٽ ڪَڪَر جي جو، جيئن سيپ سدا ڪري،
پِي حيضُ ڪين ڏاک جي ڌيءُ (٣) جو اي بيحيا!

(١) زمانو. (٢) پرهيزگار، تقويٰ وارا. (٣) دُختِ رَز يا انگوري شراب.

پيشاب تا شراب کي شيطان جو سڏين،
ڪيئن اي حرامخور! پيءُ سو رکين روا؟
ضحاڪ جا ٻه نانگ، نشوءَ جوئا تون سمجھه،
لشڪر تيو عقل ۽ دين فريدون جو سدا.
آهين جڏهن ”قليچ“! فريدون جو تون پٽ،
نشّي، جُوئا کان بچ پري، حامي ٿيئي خدا.

## ٢١. غزل ـ سچي سڪ ۽ طلب

فاعلاتن مفاعلن فعلات

سرنوشت (١) ۽ زماني جي نه ادا!
منهنجي واتون ڪڏهن ڪو ٻڌندو گلا.
سوئي پاڻهئي لنگهي اندر ايندو،
سڪ اندر ۾ رکان تو جنهنجي سدا.
رات جو، ڏينهن جو، سُتي، جاڳي،
شي جا ڳوليان تو، سون کي ڳولي سا.
هيڪلائيءَ جو مون کي ناهي غم،
مُحب ملندو، ڪري ڪرم پنهنجا.
جي طلب تو ۾ هوئي ”قليچ“! سچي،
ته زمانو ڏيئي مدد سيڪا.

## ٢٢. غزل ـ سود ڪيئن روا آهي

فاعلاتن مفاعلن فعلات

ڪير چئي ٿو حرام سُود ادا؟
سُود ۽ لاڀ، وياج آهي ربا (٢).
ڪيو مُصحف ربا کي اصل حرام،
يُربي الصّدقات (٣) پر لکيل ٿيو صفا.

(١) قسمت (٢) عربيءَ ۾ سُود. (٣) خدا صدقا وڌائي ٿو.

جي مُصاحف اضاف (١) جي ٿيي منع،
سُود سعين (٢) تائين ٿئي ٿو روا.
ڏهه جي دنيا ۾، آخرت ۾ ستر،
سُود ايءُ ناهي، آهي تڏهن پيو چا؟
ٿو خدا پاڻ ڏئي آسان کي وياج،
تڏهن آسان کي وٺڻ بہ آهي بجا.
سُود، سُودي جي مان ڏجي ٿيي زڪوات،
خير، خيرات پڻ وٺي ٿو خدا.
ڏئي، وٺي قرض جڏهن خدا ٿو "قليچ"!
خلق تڏهن ڏئي، وٺي چو سُود سيوا؟

## ٢٣. غزل ـ برف وسڻ جو نظارو

فاعلاتن مفاعلن فعلات

برف پئي، مُلڪ ٿيو سفيد، صفا،
پرجي وئي، جڻ آچن ڪُلن سان هوا.
ٿا اڏامن آچا ڪبوتر جڻ،
ڏُڙ پي پنهنجي ڪان پُلجي سپ جي ويا.
پئي پچي آسمان جي جاند هي،
۽ آئو هارجي پيو هرجا.
آسمان آهي جڻ پچارو ٿيو،
۽ ڪپهہ ٿو پيچي هوا ۾ يا.
نہ ڏٺو آهڙو جنهن نظارو "قليچ"!
رهي دنيا اندر، ڪيو تينهن چا؟

(١) سُود پئو. (٢) ستر دفعا.

## ٢٤. غزل ـ دنيا ۽ آخرت جو مقابلو

فاعلاتن مفاعلن فعلات

آخرت ڳولين جي سڄڻ منهنجا!
تہ ملنئي آخرت بہ ۽ دنيا.
پر جي ڳولين فقط تون دنيا کي،
ملنئي دنيا فقط، نہ پر عقبيٰ.
آخرت آهي جڻ تہ هڪ سائڻ،
دُنيا ٻانهي اٿيئي جي سمجھ آدا!
ڪٿي سائڻ سان ٿئي جي تُنهنجو نڪاح،
ٻانهي پاڻهئي ملي ٿئي منجھہ ڏاجا.
پر جي ٻانهي نڪاح ۾ آڻين،
اُن جي سائڻ سان آهي تُنهنجو چا؟
چئيو حديثُن تہ ٻئي آهن ڀيڻُون،
گڏ ٻنهي جو نڪاح ناهي روا.
جُونڊي هٿ ڪر آدا! تون هڪڙي ڀيڻ،
ٻوءِ نهارڻ بہ هيءَ ڏي آهي خطا.
آخرت، سمجھہ پنهنجي تُون سُوڙي،
لاڀُ اُن جو، تون سمجھہ دنيا تا.
پر جي دنيا کي پنهنجي سُوڙي ڪندين،
فائدو ڪونہ پائيندين اصلا.
هِن سان(١) ٿين حق کان دور، ڪاٺين عذاب،
هُن سان(٢) آخرڏسين تون حق جولقا (٣).
پيو بہ سڪجھہ ملنئي اُن سان گڏ،
فَلَہُ الڪُلُ مَن لَہُ المولیٰ (٤).
اِختيار آهي توکي هاڻي "قليچ"!
آڻ هٿ هيءَ يا هُوءَ، وٺئي جيڪا.

---

(١) دنيا سان. (٢) آخرت سان. (٣) ديدار (٤) حديث ـ جنهن کي خدا مليو، تنهن کي سڀ ڪجھہ مليو.

# ٢٥. غزل ـ سچي ۽ ڪبي جو فرق

فاعلاتن مفاعلن فعلات

ڏس! سَچي ۽ ڪَبي جو فرق آدا!
هين ۾ برڪت، ۽ هُن ۾ ناهي ڪا.

ڏئي عزت تو هُن کي (١) جڳ ۾ شرف،
هين جو (٢) درجو خسيس جاءِ بجا.

ٿا سَچي شاهَ جي آمير وِهن،
۽ کَبي، جن جا گهٽ ٿيا درجا.

هُو، خدا وٽ، يمين (٣) جا اصحاب،
۽ هي اصحاب ٿيا شمال (٤) سندا.

هٿَ سچي سان ٿي کائجي ماني،
۽ کَبي سان ڪجي ٿي اِستنجا (٥).

هٿُ سَچو ڏيئي يار سان ملجي،
پڻ سَچي سان ٿيو سلامُ روا.

سَچي پهرين ورائجي تو سلام،
پوءِ کَبي، تڏهن نماز ٿئي ٿي آدا (٦).

گهڙجي مسجد ۾ ساڄو پير رکي،
حُڪمُ آهڙو ڪيو رسول، خدا.

مُندي، مومن وجهن سجي هٿ ۾،
پر کَبي هٿ ۾ پڻ وجهن ڪي ٿا.

لکجي، وڻجي، ڏجي ۽ ڪمُ ڪجي،
هٿَ سچي ساڻ پهرين اصل ڪنا.

(١) سچي کي. (٢) کَبي جو. (٣) سَچي (٤) کبي (٥) وضو، جاءِ ضرور ۾ ڌوئڻ. (٦) پوري.

جڻ چوي پيو "نظر ڪري تون نهار،
نقد رک هين تي، هٿ (١) ڪٿين تون تا".
جي اِئين ٿيو ته پوءِ نماز آندر،
خيال ۽ فِعل آهڙو ناهي رَوا.

منجهه رڪوع ٿي، نماز ويئي وَهي،
سجدي سان جڻ وضو ٿيو آصلاً.

دِل مُنل پڻ رکي آندر ۾ ٿو،
ٿئي مڪروه نماز، اُن ڪان سِوا.

غرض ٻُڌ مُنهنجو، مولوي صاحب!
آهين بيمار، گُهرجي توکي شفا.

آءِ ٻُڌايان ٿو توکي نسخو عجيب،
جو پِچي ريح (٢)، ۽ پِچائي رِيا.
پَڪ نندي ڪر ۽ ڏاڙهي پڻ چانگاءِ،
جُبّو چڏِ لاهي، ڪر ڦٽي تون عَصا (٣).

وِجهه تون تسبيح پنهنجي کيسي ۾،
مُصلو ڪڻ، چوري چَپَ نه ڏي چاپا (٤).

صِدق سان پڙهه "قليچ"! گهرَ ۾ نماز،
اِن مَرَض جي چڱي اها ٿئي دوا.

## ٣٣. غزل ـ مڪتب جي ٻارن لاءِ شام جي دعا

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

يا اِلاهي! شُڪر تُنهنجو ٿا آسين آڻيون بجا،
ڏينهن جو پورو ٿيو ڪم، ٿي ميلي موڪل اِجها.
مِهر سان پنهنجي تون ڏي توفيق اسان کي تا ڪريون،
هر طرح اُن تي عمل، جيڪي آسين آهيون سِکيا.

(١) دائو، بازي. (٢) وائو، باد. (٣) لٺ (٤) چپَڻ، چاپا ڏيڻ.

آزمائش پُوري ٿِيي، فِديو ڏنو آن جو آسان،
ذِبْح آهي عظيم، آئي پِيءُ ۽ پُٽ! ٿِئي مرحبا!
آن گهڙِيءَ جبرئيل، ڪاتيءَ هيٺ هِڪُ گهيٽو رکيو،
۽ ڪُنو آت آن ڪِي اِبراهيم، اسماعيل بجا.
آن ڪان پوءِ سنّت ٿِيي حج جي ڏينهن قربانيءَ "قليچ"!
پِيد ٿِيي اِيءَ، آن تي قربانيون ٿا ڪن مومن سچا.

~~~~~~~~
~~~~~~~~

## رديف ــ ب

### ٣٦. غزل ــ عاشق جي حيراني

فاعلاتن مفاعلن فعلات

چڏي پاڻهي مون، ڏيو نہ ڪنهن کي عتاب،
خوشي جنّت جي ۽ سقر (١) جو عذاب.
مون اڳيان نيڪ و بد ٿئي هڪ ٿيا،
ٿيا يڪسان ٿئي، خطا ۽ صواب.
پاڇو (٢)، ڇا ڄاڻي نور ۽ ظلمات؟
ڪيئن پلا ڄاڻي نيست (٣)، آتش، آب.
جيڪو حيران آهي ۽ مدهوش،
تنهن کي هڪجهڙو ٿيو ثواب، عقاب (٤).
نہ پُڇي بي خبر کان ڪو بہ خبر،
بي خبر ڇا رکي حساب و ڪتاب.
جو هجي نيست، تنهن نہ سو محجوب (٥)،
نيست کي ڪنهن بہ شي جو ناهي حجاب.
مَنطق ۽ نَحو سمجهين ڪيئن تون "قليچ"!
جڏهن ڄاڻين نہ عشق جا اَعراب (٦).

---

(١) دوزخ (٢) يعني ــ آءٌ (٣) يعني آءٌ (٤) سزا (٥) حجاب وارو.
(٦) ابتدائي سبق.

## ٣٧. غزل ـ سبب ڇڏي، مسبّب وٽ

فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

تو مُسبّب (١) کان آڇي سڀ کو سبب،
ڇڏ سبب کي، تون مسبّب کي طلب.
تيو مسبّب تي جنهين جو ڀروسو،
سو ڇڏي آسباب سڀ، ڳولي تو رب.
سڀ سبب فاني تين هڪ ڏينهن نيٺ،
پوءِ مسبّب کي سڏين آءِ بي آدب!
ڇو نہ آوّل کان مسبّب کي ولين؟
ڇو سبب ڳولين تو با رنج وتَعَب (٢)؟
ڇو تو تون بندي جو بنّدو تين وڃي؟
تو ڪرين خدمت اُنهيءَ جي روز و شب.
ڪيئن ڏٺيءَ کي پوءِ سڏين آءِ بي شرم!
جڏهن مري سو بنّدو، تين تون جانُ بلب (٣).
ڇو، اَحَد، (٤) اَحْمد (٥) وساري آءِ اَنڌا!
تو سڏين بُوجهل تون ۽ بُولَهَب؟
جي ڪرين اَڄ اِئين تو تون تَبّتَ يَدَاکَ (٦)،
تين سُياڻي پڻ تون حَمّالَ الحَطَب (٧).
آهي جو خالق، سو رازق آهي پڻ،
ڏِني نہ کو مخلوق توکي هڪڙو حَب (٨).
جمع (٩) ڇڏ، واحد کي وٽ، واهب (١٠) سو آهِ،
تيو جنهين جو مُغْني (١١) ۽ معطي (١٢) لقب.
خَلْق، خالق کان وڃي مخلوق ڏي،
آءِ "قليچ"! آهي عجب اِيءُ، بر عجب!

(١) مسبب الاسباب، خدا. (٢) تڪليف (٣) مرڻ تي. (٤)خدا (٥) رسول (٦) شل! تنهنجا هٿ، بند هجن. (٧) دوزخ جُون ڪاٺيون ڪڻندڙ. (٨) ذرو، ڪڻو. (٩)ڪثرت، گهڻا. (١٠) ڏيندڙ، ڏاتار. (١١) تونگر ڪندڙ. (١٢) عطا ڪندڙ.

## ٣٨. غزل - عشق جا عجائب

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

سُفيد مُنهن تيو سجڻ جو، آکيون سياه عجب!
۽ لعل آن جا تيا لَبَ ۽ گِل به واهه عجب!
ڏسي پري ڪان منکي، مون طرف لڙيو محبوب،
سندس هَٺيّي راه عجب! پڻ ڪيائين ڪاه عجب!
آکيان هو سُونهن جو سلطان، سڙو دليون پونيان،
هُو بادشاهہ عجب! هي سندس سپاهہ عجب!
تجلّي نُور جي ظاهر هئي، تجمّل پڻ،
هُو مهر (١)، ماه (٢) عجب! هي جلال، جاهہ عجب!
جڏهن لنگهيو آچي مُون آڏو تُرت ناز منجهان،
ڪيئين نِگاه عجب! ۽ ڪئي مون آهہ عجب!
عذابَ عشق جا ڪيئن تو سهي سگهي عاشق؟
سندس تيو ساهہ عجب! مُحبّ لاءِ چاهہ عجب!
"قليچ" آهي گنهگار، ربّ بخشڻهار،
ڪيئين گناهہ عجب جي، ته تيو الله عجب،

## ٣٩. غزل - چاهہ جي تعريف

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

چاهہ تي مُنهنجو جياپو، چاهہ منهنجو خُورد و خواب،
چاهہ مُنهنجو عيش و عشرت، چاهہ تي طاقت ۽ تاب.
چاهہ مُنهنجو ناشتو ۽ چاهہ هر وقتي طعام،
ٽوسٽ ۽ بسڪٽ، ڪباب ۽ چاهہ ۽ ڪافي، شراب.
چاهہ لولي ڏئي سمهاري، چاهہ جاڳائي منکي،
ڏئي همت مون کي، پڙهائي ۽ لکائي تي ڪتاب.

(١) سج (٢) چنڊ

هڪڙي هٿ ۾ آهه ونان چمچو ۽ ٻئي هٿ ۾ قلم،
ڪڇ ۾ ڪاغذ، چپ تي پيالي، نڪ تي عينڪ، اک ۾ آب.
ڪوپ، ساسر، ڪيٽلي، ٽيپاٽ منهنجا سنگتي،
باهه تي پاڻي جو سوسٽ، منهنجي لاءِ آهي رباب.
چاهه سان تس چاهه، ساراهي تڏهن اُن کي "قليچ"!
اُن کي ڀيو چاهي نه چاهي، چئي چڱو يا چئه خراب.

## ٤٠. قصيدو ـ لقب القاب اجايا

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن

ري لقب خوش آهه، لڳي مون کي لقب کان ٿو لقب (١)،
مون کان اڪثر ٿا پڇن دوست، ته ڇا اِن جو سبب؟
جواب آهه، اڄ ٿا لقب سڀ کي خوشامد تي مِلن،
مِليو جنهن کي، ٿيو بدنام، وڃِس نامُ، نسب.
نيڪنامي ٿي، نه بدنامي، تڏهن بي لقبي،
ري لقب، اِن ڪري آهه خوش ٿو رهان، ناهي عجب!
اِن سوا، شاهي (٢) لقب ڪوڙا، نڳارڻ جهڙا،
سڪٺو نالو ٿيو، جنهن ۾ نڪي معنيٰ، مطلب.
ڇا ڪبو سڪٺو لقب، جي نه ڪو اِنعام مليو؟
مِلي خلعت، ٻئي يا زر، هجي مَرُ هڪڙو حب (٣).
خانصاحب ۽ بهادر (٤) ۾ نه خاني نه همت (٥)،
هِندُ جو آهي سِتارو به فقط لالچ، لَبُ (٦).
جنهن کي سرڪار سڏي شوق مان "شمس العلما"،
سوجهرو تنهن ۾ نه ڪو، تنهن ۾ نه ڪو علم و آدب.
آٺ پڙهيل "آنربل" ٿيو ۽ ٿيو "نائيٽ" (٧) به نائيٽ (٨)،
ٿيو "سردار" (٩) طمعدار ۽ "سَر" (١٠) نام طلب.

(١) عيب (٢) سرڪاري (٣) داڻو، ڪڻو. (٤) خانبهادر (٥) بهادري
(٦) لڳي، لالچ. (٧) لقب (Sir) (٨) رات (٩) ۽ (١٠) لقب.

آهي "سي آءِ اي" (١) سياهي ۽ ٻہ "او بي اي" (٢) عَيب،
حرف خالي ٿيا مُلّي جا (٣)، جو پاڙهي مڪتب.
نانءُ شيدي ءَ جو ٻہ ڪافُور رکن ٿا برعَڪس،
سڏجي "سيزر" (٤) ڪتو، ۽ پنگي ٻہ مِهتر (٥)، آغلب (٦).
ٿيو لقب شاهہ جو سِپني ڪان وڏو دنيا ۾،
خلق تنهن کي ڏنو سو، پوءِ عَجَم هوئي يا عَرَب.
خانُ سو پڻ، سو بهادر، سو ستارو، سو سڄ،
خلق جنهن کي سڏي اِئين، جنهن تي ٿئي راضي رب.
بادشاهہ آهي بلاشڪ هيتي (٧) حق جو پاڇو،
۽ خدا جو سو خليفو، هجي مشرق، مغرب.
رهہ وفادار آنهي ءَ سان، ۽ نہ ڪر فتنو، فساد،
خَلق سان رَهہ سَنئون، گهُر تين جو ڀلو روز ۽ شب.
خَلق جي سڏبي زبان آهي نغارو حق جو،
جيئن چون، تيئن ٿئي، هوئي خواهہ خوشي، خواهہ تعب (٨).
ڏِئي عزّت تو خدا، پڻ ڏِئي ذلّت ٻہ خدا،
سمجهہ هُو فَضل سندس، سمجهہ تون هيءَ آن جو غضب (٩).
شُڪُر هر حال ۾ ڪر، تو کي لقب هوءِ نہ هوءِ،
آبروءِ سان جي مرين ۽ جين، چڱو اِيءُ مَشرَب (١٠).
گهُرجي دنيا ۾ ۽ عقبيٰ ۾ ٻہ عزّت تي "قليچ"!
رَبّنا آتنا پڙهہ، مُنهنجو اِهو ٿيو مذهب.

## ١٤١. غزل ـ صورت ۽ سيرت جو مقابلو

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

آي حَڪيم! آهيون ٻئي حق تي، تون ٻُڌ سوال ۽ جواب،
تو کي سيرت، مون کي صورت ٿي وڻي، ٿيا ٻئي صواب (١١).

(١) ۽ (٢) لقب (٣) الف بي وارا حرف (٤) ڪُتي جو نالو. (٥) نبيءَ جو لقب (٦) آڪثر (٧) دنيا ۾ (٨) ڏُک (٩) ڪاوڙ (١٠) رستو، مذهب.
(١١) چڱا ڪم

پيهي موتين کي ڪرين ياقوتي ۽ معجون ٺُون،
۽ ڳُڻان مان پڻ ڪڍين ٿو نيتُ چڪائي تون گلاب (۱).
آهيان عاشق حُسن تي آءٌ، رنگ تي ۽ بُوءِ تي،
تون آندر جي گڻ ۽ خاصيّت تي عاشق ٿئين جناب!
چَٽُ ڪرين محبوب کي تون، تڏهين مَس مائين مراد،
آءٌ ڏسي سالم (۲) تنهي کي، خوش سدا ٿيان بيحساب.
سِڪَ جي لذّت مون کي ويراوير وَڌِ ٿِي منجهه فراق،
گُم ٿِي محبت ٽُنهنجيءَ گرچه وَصْل کان ٿئين ڪامياب.
سچ آهي، جيڪي فراقانؒ، سو وصالانؒ کين ٿئي،
ڏِسُ! حقيقيءَ کان مجازي ٿئه مقدّم (۳) ٿيو شتاب.
فرق ڪيڏو عشق ۾ ٿيو ٽُنهنجي ۽ مُنهنجي آدا!
آءٌ مران محبوب لاءِ، تون مارين اَن کي، ڏَئي عذاب.
جي آچا پڻ ڪين سمجهين، ٿو گهُري معافي "قليچ"،
وَڏِ چوان توکي نه ڪيي، تون پڻ نه ڏي مُون کي عتاب.

(۱) عرق (۲) صحيح سالم (۳) اَفضل

# رديف - ب

## ٤٢. بي جي بدران ٻي

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

"بي" چئي جو "ٻي" وٺي، سو رَبُّ بدران ڪاٽي رَبُّ،
لعل لب لالن جي بدران، سو لَڪي(١) لوهُو (٢) ۽ ٻَبُّ(٣).
'ٻي' ٿي ٻولي رِدَ جي، ڇا سمجهي ٻيلا سا راڳ مان؟
رِدَجانُ هنوئي جو ٻورڙو، مو ڳو، نه ڪرتون اِنسان ڇَنبُّ(٤).
جي ڪُپَتِ جا ڪم ڪري، تا پانهجو پارين ٻيٽُ،
سي فَلڪَ جي ۽ زماني جي جَهلي سگهندا نه دَبُّ (٥).
ٻولَ ڪوڙا تين جا، خيال اَبتا، رَدي (٦) تن جا حواس،
جيبَ ڪيني تين جي، آڪيون تن جون انديون، ڪَنَ تن جا ڏَبُّ(٧).
ٻيرَ اَبتا جي هلَن هيتِ، ساڻ مسڪينن "قليچ"!
هُتُ ڏنيندا باه سان تين جون ڪڙيون ۽ تين جا ٻَبُّ.

## ٤٣. غزل - دنيا ۾ ڪيئن رهجي

فاعلاتن مفاعلن فعلن

بَحرُ ۾ عشق جي، هنجن جان تُبُ،
ڪانئرن جا نه ڊورا، ڇاچڙ (٨) لُبُ (٩).
تِي سدا بُرُدبار، ڏرتي جانُ،
مَرُ ٻتوئي بارُ وَڏِ، نه ٻينو ڏَبُ.

---

(١) ڇٽي (مصدر لَڪَڻ منجهان - جانورن جو لَڪَڻ مشهور آهي.)
(٢) خون، رت. (٣) ڳيگَ (٤) معاملو (٥) سختي، زور. (٦) رد، خراب. (٧) ڏَٻا، وريل. (٨) تانگها پاڻي. (٩) خراب ڪر.

نَرِمُ رَڪُ دل، ۽ ڪَنَلَ جَبلَ جانُ سخت،
مَرُ وَسَن ڳوڙها (۱)، پَئي نہ تو ۾ ڳُهپُ.
رَهُہ نماڻو، چڙهيي جي اوُج ڪرين،
ڏس! تہ ڪيئن آسمان ڪائي ڪُپُ (۲)!
سُچَ ۾ ڏسجي معتبر تو "قليچ"،
رُچ ۾ ڏسجي تو درخت بہ ٿُپُ (۳).

~~~~~~~~~~

(۱) ڳولا (۲) ڪُپُ ڪائڻ يعني جُهڪڻ. (۳) ٻُوڙو، ٻُٽُ.
~~~~~~~~~~

# رديف - ي

## ۴۴. غزل - حرام کان پاسو کرڻ گهرجي

فاعلاتن مفاعلن فعلن

هيت پرريو پنهنجو جنهن حرام سان ٻَپُ (۱)،
هوندو دوزخ ۾ سو وچيي هُت چَپُ (۲).

نفس، شيطان جي لڳو جو پٺيان،
نہ قبوليندو تنهن کي ڌرتي، آپُ (۳).

ڏئي خدا جيکي، پڻ پين کي ڏجي،
ڏئي نہ ٻئي کي جو، سو وڃائي سپُ.

نہ ٻڌي ٻوڙو کي ٻہ ڪرنا سان،
نہ آنڌي جُون آڪيوُن چمّائي ڏپُ.

عمر ساري جو پيو ڪتلون ڪائي،
نہ انهيءَ کي نصيب ٿيندو ڪپُ.

جو پتلي ٻاڻ اِن پليتيءَ ڪان،
آج "قليچ"! آهڙو ماڻهو آهي آلپُ.

## ۴۵. غزل - زبان جون خرابيون

فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ماٺ ڪر، آهستو تون ڳالهاءِ، ڍورن جانُ نہ رنپُ،
نہ تہ هيتي(۴)، تو(۵) سِر تي آفت ايندي ۽ هُت(۶) جيپ تي ڏنپُ.
زخم پالن سان ٿيين آهڙا نہ، جهڙا سان زبان،
هُو(۷) چٽن، هيءَ(۸) ڪين، هي نت گرم، هو بيحد ٿنپُ(۹).

---

(۱) پيٽ. (۲) سيڏو، چپڪو ڪري. (۳) آپ، آسمان. (۴) هن دنيا ۾. (۵) تُنهنجي (۶) آخرت ۾ (۷) پالن جا. (۸) زبان جا. (۹) سرد

جيپَ جي رستي ماڻهو، دوزخ ۾ وڃي يا منجهه بهشت،
باغ (١) ۾ آڏري پکيءَ جيئن، باهه ۾ جيئن پٽڪي پنپُ (٢).
ڏوهه جيپ جا ٿيا گلا، غيبت ۽ بکبک، گارگند،
جو ڪري سي، سو ٿئي منجهه آخرت دوزخ جو تنپُ.
ڊڄُ "قليچ"! اِن ڪان، متان توکي ڪري آهڙو زبان،
تنپُ ٿين تون ڪين، سڙندين باهه ۾ ائين، جيئن ڪِ ڪنپُ.

---

(١) بهشت (٢) شعلو، متچُ.

# رديف – ٿ

## ٤٦. غزل – گھڻن قسمن جي پرستش

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

دنيا پرست جي ٿيا، سي ٿيا هوا (١) پرست،
آهن جي خودپرست، نہ ٿيا سي خدا پرست.
بهتر ٿيا بُت پرست ۽ آتش پرست پڻ،
تن کان ٿيا زَن پرست پلا ۽ زنا پرست.
ظاهر پرست، سَتُ نہ ٿيا باطن (٢) پرست سان،
جي حق پرست ٿيا، سي سندس ٿيا رضا پرست.
جي تَن پرست ٿيا، آهي بالين (٣) پرست پڻ،
ٿيندو نہ گڏ کو حُسن پرست ۽ حيا پرست.
جي سر پرست (٤) خلق جا، سي زرپرست پڻ،
جي ٿيا شِکم پرست، سي ٿيندا دوا پرست.
مُردا وني ٿيا گور (٥) پرست، اَج جا مسلمين،
جيئرا وني ٿيا پير پرست ۽ دُعا پرست.
شيطانُ پرست، جنگ پرست آصل کان ٿيا،
آهي "قليچ" آصُل کان صُلحُ و صفا پرست.

## ٤٧. غزل – يار لاءِ دعا

مفعول مفاعيل مفاعيل مفاعيل

هوئي لُطف، خدا تومٿي آي يارا سلامت،
دائم رهين دنيا ۾ اي دلدارا سلامت.
بندّو جو کري مِهر مان بندّن سان مروّت،
سِڪو چوي تنهن مرد کي سؤ وار سلامت.

---

(١) نفساني خواهش، حرص. (٢) معنيٰ (٣) بسترو (٤) سربي
(٥) قبر، تربت.

شُڪرانو خدا جو، ميلِي مشڪل ۾ مدد جلد،
شل! رهن سي مشڪل ۾ مددگار سلامت.
خاوند! سُون مسڪينَ جُون تُون سُڄ صدائُون،
هوُّئي شاهه جو سايو مٿي سنسار سلامت.
هِنَ، هُن تي "قليچ"! آهي ڪئي مهر خداوند،
هي ڏار سلامت رهي، هُو ڏار سلامت.

## ٤٨. غزل ـ حضرت صلعم تي صلوات

فاعلاتن مفاعلن فعلات

ناڻو حضرت جي تي هزار صلوات،
هجي بيحد ۽ بي شمار صلوات.
ربُ آسان کي، پڙهڻ نصيب ڪري،
دمبدم شال! بار بار صلوات.
مومنو! آئين پڙهو پيمبرّ تي،
با آدب و يهي، با وقار (١) صلوات.
نزع (٢) ۾، قبرُ ۾، قيامت ۾،
شل هجي يار، غمگُسار صلوات.
هوُّئي نبيؐ جو مُحِبّ جيڪو "قليچ"!
مترُ پڙهي، تِي مٿس نثار، صلوات.

## ٤٩. غزل ـ حضرت صلعم تي صلوات

فعولن فعولن فعولن فعول

پڙهو مومنو! مصطفيٰ تي صلوات،
مُحمّد حبيب، خدا تي صلوات.
خدا جو آهي حُڪُم قرآن ۾،
پڙهو خاتم الانبيا تي صلوات.

(١) بُرد باري (٢) سڪرات.

خدا پاڻ تـو موڪلي شوق سان،
شب و روز خيرالورا (١) تي صلوات.
تيو حڪم مـلڪن کي مالڪ سندو،
پڙهو منهنجي شمس‌الضحيٰ (٢) تي صلوات.
تون ڪر پنهنجي مـن کي منوّر (٣) ”قليچ“!
۽ پـڙهـ نـور ربِ الـعـليٰ تـي صـلـوات.

## ٥٠. غزل ـ دنيا ۽ دولت، چڱي به، بڇڙي به

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل

چڱي ۽ بڇڙي تـِي دنـيـا ۽ دولـت،
بنهي حـالـن ۾ نِيت گهرجـي تـِي همتّ.
نہ ڀُول اُن کي، نہ اُن کي پاڻ وٽ ميڙ،
نہ حد کان وڌ، اُنهيءَ سان رک محبّت.
نڪي ڀڄُ اُن کان، تِي تون اَصل تارڪ،
ڌڪـار اُن کي نـہ تـون، ڏيـکاري نفرت.
اچي پاڻهي جي تو وٽ، مرحبا! چئينس،
تـون خـرچ ۽ کـاءُ ۽ ڏي، سمجهي نعمت.
اچي جي ڪين، غم اُن جو نـہ تون کاءُ،
تون فقر (٤) ۽ صـبـر کي ڄاڻج غنيمت.
هئڻ پـابندي، نـہ هئڻ دردمندي،
اِهـا دنـيـا جـي آهـي خاص حالت.
”قليچ“ آهي بنهـي حالن کـان آزاد،
رهي راضي، هجي کهڙي به قسمت!

---

(١) خلق کان چڱو. (٢) چمڪندڙ سج. (٣) روشن. (٤) مفلسي، درويشي.

# ردیف ـ ٿ

## ٥١. غزل ـ انسان مسافر آهي

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن

وڃي ٿو قافلو، ڪيئن ٿو سُمهين، هٿي تون دَٿ؟
اڪيلو رُئندين، پٽيندين، جي اِيءَ وِڃاڻيئي سَٿ (١).
جي ويا لنگهي، تہ سنگت ري رُليي تون ٿيندين خراب،
سگهي رسائي پوءِ توکي نہ وِهت يا ڪو رَٿ (٢).
مسافر آهين ٻہ ٽي ڏينهن تون هتي، رک هوش،
سَمَر سَنْياءُ (٣)، سَفَر لاءِ رک ٻَڌي سڀ وَٿ.
وڃين تو جيڏي، سو عالم عجيب آهي، جتي،
نہ پاسو، ڪُنڊ، نہ اڳُ پوءِ ڏسين، نہ هيٺ، نہ مَٿ.
"قليچ"! فِڪر اِنهيءَ وات ۽ سفر جو ڪر،
اتي نہ پهچين، وٺيي جيسين ڪونہ رهبر هَٿ.

## ٥٢. غزل ـ حسن جي تعريف

فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

هوش رک دل! (٤) ڇڏ نہ اَڄ سُهڻن جي سَٽ (٥)،
نہ تہ سُياڻي پيو گهٽا هڻندين تون هَٿ.
حُسُن تان قربان ڪي هاتِڪ (٦) ٿين،
شَمَع تي پروانا جيئن ڪَن ِ ڪانہ ڪَٽ.

---

(١) سات سنگت. (٢) گاڏي (٣) تيار ڪر. (٤) آي دل! (٥) ساڻاري
(٦) حاذق، هشيار.

ڪاهي عاشق ٿا حسينن تي وڃن،
ڪين رستي ۾ ڏسن ڪا هيٺ، مٿ.
حُسن کي سينگار جو ناهي ضرور،
سُهڻي مُنهن کي ڪھُرجي چو ٻُولوءِ نٿ؟
ڪئين قِصا ٻُڌجن ٿا عشق ۽ حسن جا،
ٿيي مثال آهڙو ”قليچا“! ڪر هِمٿ (١).

---

(١) همّت.

# رديف ـ ٺ

## ٥٣. غزل ـ عالم جو اسرار

فعولن فعولن فعولن فعول

آجاياِ آدا! تون گهڙِين وڃو گهاٽ،
نه پردي (١) اندر ڪي هٿين ڪوٺي (٢) ڪاٽ.

تون پڪ ڄاڻُ، ته اِيءَ سڪندرؔ جي سدؔ (٣)،
نه ياجُوج، ماجُوج جيِ اِتِ ڪا چاٽ (٤).

وڃن سيٽج راتِ آندر سيءَ،
تين جي آنهيءَ ۾ ڪي رُخنا (٥) ۽ ڦاٽ.

اِهو پردو محڪم ٿيو اسرار جو،
اِنهيءَ مان ميلي ڪانڪا ڪنهن کي واٽ.

نه سمجهي سگهي ڪو به اِن راز کي،
نه جيسين آندر مان پوي ڪنهن کي لاٽ (٦).

ڪشش گهرجي، ڪوشش ۽ همّت سچي،
۽ توفيق رب جي جيِ گهرجي ٿيِي ڇاٽ.

نه حاصل ٿئي فيض اِيءَ جيسيتَئين،
نه دنيا جا سڀ واسطا ٿيندا ڪاٽ (٧).

هجي آهڙو وِرلي خدا جو ڪو مرد،
ڪٽن گرچه ايذي گهڻا پنهنجا ڳاٽ (٨).

---

(١) غيبي اِسرار. (٢) عقل ۽ خيال سان. (٣) بند (٤) ڇنڊڻ، وس
(٥) سوراخ (٦) روشني (٧) قطع (٨) گردن.

رهن درد ڏارا طلبگار جي،
سي لوُٽن تي ڪائين سدائين لپاٽَ.
تون ڪج فضل بندن تي پنهنجي خدا!
پوي تين تي شل! مِهر تنهنجي جِي ماٽَ (١).
طلب اِيءَ سچِي دل ۾ سانڍي "قليچ"،
لهي ڪين آن جي آها آج، آساٽَ.

## ٥٤. غزل ـ نصيحتون

فاعلاتن مفاعلن فعلات

ڪر نہ بيهودي بڪ، نہ آهين پٽُ،
ماٺ ۾ رَهہ، هَڻُ نہ پٽاڪ يا زَٽُ.
تي نہ نشتر، ڦٽ تون هر ڪنهن کي،
تي تون مرهم، ڇٽاءِ سيڪو ڦٽُ.
ڏي ٻين کي تہ ڏيئي الله وڏيڪ،
گهُر نہ ڪنهن کان، نہ وَٽُ تون هٿندوجهٽُ.
ڪَن جي چوري، چڪاري، ڦُر ۽ لُٽَ،
تن کي آخر ڪري ڏٺي تو چٽُ.
پٽ هُجين مَرُ تون ڪنهن شهنشاه جو،
پنهنجو جوهر (٢) تون ڪَڍُ، گهرين جي چٽُ.
فخُر ڪر ڪين، جو مٽي کان پوءِ،
تيَن شاه ۽ گدا، ميٽيءَ ۾ مٽُ (٣).
بي هنر بادشاه هوُئي آدني (٤)،
هوُئي هنر وارو اعلي ڪُڙميءَ جٽُ.
رهہ نہ بيڪار، آٺي پلي بيگر،
پورهيو يا ڪَسبُ ڪر، هلاءِ يا هَٽُ (٥).

(١) ماڪَ (٢) ذاتي هنر (٣) برابر (٤) تُڇ، نيچ. (٥) يعني واپار ڪرڻ.

صاف دل ۾ ڪُدورت ۽ ڪينو،
صاف پاڻيءَ ۾ جيئن پوي ٿو لَٽُ.

نيڪُ رَهُ، نيڪي ڪر، جتي بہ هُجين،
شهر هُوئي يا جَبل هُوئي، يا هُوئي ڊَٽُ(١).

بُڌ نصيحت "قليچ" جي، اي دوست!
ڪر عَمَل، لاهہ قلب تان تون ڪَٽُ.

---

(١) ريگستان.

# رديف - ٺ

## ٥٥. غزل - نيٺ ڇا ٿيندو؟

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

هي دَوُر دنيا ۾ تُنهنجو تمام ٿيندو نيٺ،
هي پُر سيکهوئيي حياتيءَ جو جام ٿيندو نيٺ.
اَجَل جي ڪُوچي (١) ۾، آخر ۾ ٿيندو تنهنجو گُذر،
مڪانُ، قبرُ ۾ تُنهنجو مقام ٿيندو نيٺ.
يقين سمجھ، تہ منڪر نڪير (٢) سان هڪ ڏينهن،
جواب سوال ۾، تُنهنجو ڪلام ٿيندو نيٺ.
هُجين اگرچه هيتي تون، سڪنّدر ۽ دارا،
خسيس خاڪ کي تُنهنجو سلام ٿيندو نيٺ.
هي تُنهنجو نَرمُ ۽ نازڪ بدن، مُٺي ڪان پوءِ،
ڪيتَن ڪينئُن جو قبر ۾ طعام ٿيندو نيٺ.
چيٺي جو حرف هيتي ۽ ڪَيٺي هيتي جو ڪم،
سو نيڪ و بد، سو حلال ۽ حرام ٿيندو نيٺ.
هي وَعظُ تُنهنجو، وصيّت، هي قول تنهنجو "قليچ"!
قبول، پير و جوانُ، خاص و عام ٿيندو نيٺ.

## ٥٦. غزل - جڳ، خدا جا محتاج

فاعلاتن مفاعلن فعلات

پاٽ (٤) ڳائي ڳڻ سندئي، جيئن پاٽ (٥)،
ڪٿي مه نه، مدائين ٿاهين ٿاٽ (٦).

---

(١) گهٽي، گلي. (٢ قبر ۾ ايندڙ ملائڪ. (٤) مڱڻهار (٥) سبق،

ڪن سي توکي سوال، شوق منجهان،
آڏو تنهنجي ڪري سگهن ۽ ساٿَ (١).
پيا داور جي دَرَ تي رات ۽ ڏينهن،
ڪري سجدا، تني جي گوڏن گاٿَ (٢).
هاء آفسوس! ڪيئن ڇڏي توکي،
ڪي تا پوڇين تارا، پٿر ۽ ڪاٺ (٣)!
تا ڪارائين تن ڪي ڪاچُ "قليچ"!
واتَ ۾ جن جي هٿوئي نه ڏند، نه ڏاٿَ.

## ٥٧. غزل - دوست سان نيازمندي

فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

تِي جڏهانڪر آهي منهنجي تو سان ڏيٺِ،
تِي رهي توسان سدا محبت ۽ ميٺِ.
سينو آهي تو سان نه ساهيان نياز کان،
توکي سمجهان تو مٿي، ۽ پاڻ هيٺ.
رئيس توکي ڄاڻان، نوڪر پاڻ کي،
ڄاڻ تو (٤) تنهنجو آهي، تون منهنجو سيٺِ.
توکي آهي مخدوم پنهنجو نيتُ چوان،
۽ ٻڌانُ خادم جانُ آهي، تو آڏو ٻيٺِ (٥).
تي نمائو هر ڪنهين سان گهاريان آهي،
تا نوازي، نازَ وارو (٦) مون ڪي نيٺِ.
تو رهي دنيا ۾ دلتخستو "قليچ"،
ويچُ تِي تون، آنجي دل جا زخم چيٺِ (٧).

---

(١) رسمون راهون. (٢) گسڻَ جا نشان. (٣) بُت (٤) گماشتو
(٥) ڪمرَ (٦) محبوب (٧) چٽاءِ.

## رديف — ث

### ٥٨. غزل — عبث ڳالهيون

فاعلاتن مفاعلن فعلات

روجُ، راڙو ڪري منهنجي دل، ناشاد عبث،
داد رس ناهي جڏهن، شڪوهٔ بيداد عبث.
نيڪري تو رُوح بدن مان سَندءِ تلوار سان گڏ،
حوصلو، وار (۱) ڪرڻ جو آهي جلاد! عبث.
ضعف ڪان هڪڙو وجي رنگ، ته پيو رنگ آچي،
نقشَ منهنجي ۾ ڀرَڻ رنگ ٿيو بهزاد! (۲) عبث.
وڃان ڪيڏي آءٌ؟ آهيان تُنهنجي محبّت ۾ غلام،
بند پڃري ۾ ڪرين مون کي تو صياد! عبث.
داد سوئي ڪندو، بيداد ڪيو جنهن آهي،
هر طرف ڊوڙندي منهنجي ڦيري فرياد عبث.
باغ ۾ گهمندو ڏسي سون کي ڇيو ڪالهه سڄڻ،
بندو منهنجو تون "قليچا"! رهين آزاد عبث.

### ٥٩. غزل — عشق جي ميراث

فاعلاتن مفاعلن فعلات

درد و غم آهي عشق جي ميراث،
ٿي ميلي ڪين سڀ کي هي ميراث.
عشق سوروٿي ڪنهن ڀُڏو آهي؟
راضي ربُ جن تي تن جي ٿي ميراث.

---

(۱) حملو، هلان. (۲) نقاش جو نالو.

آيٌ ۽ ٻڪ، روح راڙو، دل جي ٻاھ،
عاشقن لاءِ ٿي وڏي ميراث.
انبيا، اوليا ۽ صلحا (١) کي،
اصل آگي کان اِيءَ ملي ميراث.
يا خدا! شل! "قليچ" کي ٿئي نصيب،
عشق، علم ۽ عمل سندي ميراث.

(١) صالحن.

## رديف – پ

### ٦٠ غزل– اُميد ۾ ڊپ ۾ رهڻ

مفعول مفاعلن فعولن

رَکُ جڳَ ۾ تون نِتُ اُميد ۽ ڊَپُ،
ڪر چُپُ تون ۽ گهار هيت (١) هٿي چَپُ (٢).
تقدير اَڳيان، هلي نہ تدبير،
منجهہ حق جي رضا، نہ چور تون چَپُ.
جيڪي ميلي، تنهن تي ڪر قناعت،
وڌ شي ڪي، هَيَچ ڪري نہ هڻ جهَپُ (٣).
توروئي حلال جو گهٽو چاڻ،
جيڪي ٽِلو حرام، سمجهہ تون سَپُ (٤).
ٿلڪين جو "قليچ"! سير ۾ تون؟
چاهين جي سلامتي، تہ وَٽُ ڪَپُ.

### ٦١. غزل– ذري ۾ لِڪل اسرار

مفعول مفاعلن فعولن

موتي رهي پردي ۾ تو منجهہ سيپَ،
تلوارَ لِڪل رهي ٿي منجهہ ڪيپَ.
تيئن تارَ (٥) ۾ خوش رهن سَچيون سپ،
تانڪهي ۾ آهي سدا ڏين ٽيپَ.

---

(١) هِن دنيا ۾. (٢) صبر ڪري. (٣) جهٽُ (٤) نانگ
تار پاڻي

قطري ۾ هزارين جيت موجود،
پَرجيي وجي مُلڪ، جي ڪٿين چپ.
سينور ۾ سوين ٿيا ساهه وارا،
۽ لاکَ ۾ لَکَ، ڪروڙين منجهه پپَ (١).
هڪ ترور ۾ "قليچ"! سَتَ رنگ،
طاعونَ جو جيوڙو وڏي رپَ (٢).

---

(١) ڪينوسائو ڪچرو. (٢) آفت.

# رديف - ڦ

## ٦٢. غزل - محبوب کي منٿ

مفعول مفاعلن فعولن

چو مون کي ڏسي سڄڻ! هٿين ڏَڦُ (١)؟
آءٌ مون ڏي، نہ جوش مان تون ڪر ڦَڦُ (٢).
آءٌ توکي آکين ۾ سُرمو پايان،
تون مُنهنجي متي مان ڪڍ ويهي ڀَڦُ (٣).
مون وٽ آچي ليٽ، تا ڪريان آءٌ،
گوڏي تي سُمهاري توکي ٿَڦُ ٿَڦُ.
لنگهي جي آچي رقيب آندر،
ڪاوڙ مان هٿان آنهيءَ کي آءٌ ڏَڦُ (٤).
پرواهہ "قليچ" رَکُ نہ آن جي،
مَرُ پيو ڪري ڪُتي جانُ لَڦُ لَڦُ.

## ٦٣. غزل - ڪوڙا عاشق

فاعلاتن مفاعلن فعلات

ڪُوڙا عاشق رهن ٿا سُست ۽ داڦَ (٥)،
جيت وڃن، آت پَوَن ڪَپِي منجهہ راڦَ (٦).
جي سُڪيءَ تي هَلن، پَون تڪجي،
پَوَن پاڻيءَ ۾ جي، هَٿن پَٿوءَ ٿاڦَ (٧).

---

(١) ڪوڙ ڪري سمهڻ. (٢) ڪاوڙ مان ڦڙڪو. (٣) ڀڦو (٤) ڏڦو، پالو.
(٥) گرا، بيدولا. (٦) راڦو، ڪَپ. (٧) ٿاڦوڙا.

عشق آبتو سندن لڳي دَر دَر،
مست آٿ ڪي چا گوري (١)، چا بوراق (٢)!
تيمَن تن ڪي جنُيون، لڳن طعنا،
جيئن مروُنءَ ڪي هٿن شڪاري ڏاقَ (٣).
شاهه چئي، "نينهن سِڪُ نهائينءَ ڪان،
ڏينهن سارو سڙي، نه نِڪري ٻاقَ".
هِي ٿا ڪَن عشق جا قِصا ڪنُوڙا،
پُڌ نه تن جي "قليچ" بَڪُ ۽ لاقَ (٤).

---

(١) نندي ڏاچي. (٢) ڪراڙي ڏاچي. (٣) ڏقا، ڀالا. (٤) لاف، ٻَٽاڪ.

## رديف - ج

### ٦٤. غزل - ضربن ڪاڻ سان فائدو

فاعلاتن مفاعلن فعلات

ضربَ ڪاڻ سان توڪي ملندو تاج،
ضربَ نيتُ مفلسيءَ جو آهي علاج.

ضربخاني ۾ زر ٺهي سِڪّو،
سِڪّي ري، زر جو ٿئي ٿو ڪونه رواج.

جنگ ۾ زخم جو گهڻا ڪائي،
پهلوانن جو سڏجي سو نيپاج (١).

وڍجي، ڇلجي ڪڍي جڏهن جوهر،
مانُ جڳَ ۾ لهي تڏهن ٿو عاج.

قيمتي ٿيا، جڏهن وڍيا ۽ ڇليا،
هيرو، فيروزو، لعل ۽ پُکراج.

آڳي ڪاڄ ڪان، آڪري مُهريءَ جا،
ڪائي ڏڪَ، ڇڙهجي صاف ٿئي ٿو آناج.

جو ڏسي ٿو گهڻا نشيب و فراز،
سو زماني ۾ ڪين ٿئي محتاج؟

هُتي (٢) حُورون ميلن آنهيءَ ڪي ٿيون،
تو ميلي جنهن ڪي هيتِ (٣) ڏُکن جو ڏاج.

تون زماني جون ضربون کاءُ ”قليچ“!
تہ سَري تُنهنجو هيت بہ سِڪو ڪاج.

---

(١) اولاد، پاليل. (٢) هُتن جهان ۾. (٣) هين جهان ۾.

## ٦٥. غزل- دنيا جي شڪايت

فاعلاتن مفاعلن فعلن

رَهڻي دنيا جي آهي ڏينهڙا پنجَ،
آصُل ڪان سڏجي سا سرائي، سپنجَ.
ميلي ٽورن ڪي آن ۽ ٽو آرام،
۽ گهڻن کي ملن ٽاڏ ڪ ۽ ڏَنجَ (١).
جيڪي دانا، سي نيتُ سُڃا، سڪنا،
۽ جي نادان، سي رکن ٽا گنجَ.
پيادا عاقل هلن، يا گڏهن تي،
گهوڙا جاهل رکن، ۽ سونا سنجَ.
شيرڪ ۽ ڪُفر وارا منجهه راحت،
مومن ۽ ديندار نيتُ منجهه رنجَ.
حال دنيا جو آي "قليچ"! ڏسي،
ٿو هنجون هاري مات ڪيو منجهه هنجَ.

---

(١) ڏَجها.

# رديف - ج

## ٦٦. غزل - آج، سياڻي ۽ ڪالهہ

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل

ڪَرڻ جيڪي گھُرين، سو وَٺُ ڪري آجُ،
سُياڻي جي تون نالي ڪان پَري پَجُ.
رکيي دل ۾ سُياڻي، آج جو ڪم ڪر،
وساري ڪالهہ کي، تون آج پيو هَجُ (١).
بني دنيا جيي، محنت سان تون آج پوکُ،
سُياڻي سا کٽي، ڪائيي تون ڪج رَجُ (٢).
جي آج سُستيي ڪيئيي، ٿيند يسن پشيمان،
لٿن پيا جيتِ، هُجيّي هَٽِ چائيي ۽ چَجُ (٣).
نصيحت خلق کي پيو ڪر "قليچا"!
بُڌي ڪو يا نہ! تون واچي جانُ پيو وَجُ.

## ٦٧. غزل - شب معراج

فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

واهہ واهہ! آهي سگوري ۽ سونهاري، رات آج،
مُرسلن جي مير جيي آهي سواري، رات آج.
وَالضُّحيٰ، وَالشَّمس ۽ وَالنَّجمُ جو چَمڪي ٿو نُور،
ڪور(٤) ڪافر ڪير(٥) تو چئي، آهي ڪاري، رات آج؟

---

(١) محنت ڪر. (٢) ڍؤ (٣) خواري ۽ خرابي، ڪجهہ نہ حاصل.
(٤) آندو (٥) ڪهڙو؟

حُسْن ڪيا دانا ديوانا، عشق ڪيا خانا خراب،
ٿيا سي مسڪين ۽ گدا، جي اڳ هئا شاهن جا نپاڄ (١).
عشق ۽ حُسْن آيو، ٿيون محلاتُون ۽ ماڙيون سُڄيون،
هئا جتي نوبت، نغارا، ٿي وڳا واڄٽ ۽ واڄ (٢).
ڪارخانو پيو هلي دنيا جو عشق ۽ حُسْن ري،
پر نہ عقبيٰ(٣) جو هلي تن ري، سَري تين ري نہ ڪاڄ.
پيٺون ٻنهي دنيا ۽ عقبيٰ، ڪيئن رهن هڪ گهر ۾(٤) ٻئي؟
جو تہ هڪڙي شرع مُوجب، ڪين ٿئي ٻيءَ جي ٻهاڄ.
پير، حُسن ۽ عشق جيت پاتو، ٿيي ويراني "قليچ"!
ٿي ڪينا سي ڪاڄ ويا تن ڪان، ۽ بگڙيا سيئي ساڄ (٥).

---

(١) ٻاليل، اولاد. (٢) واڄا (٣) آخرت (٤) نڪاح ۾. (٥) ساز.

## رديف — جهہ

### ٦٩. غزل — وقت يا وجهہ نہ وڃاء

فاعلاتن مفاعلن فعلن

ياد رک دل! (١) وڃاء ڪونہ تون وَجهہُ،
ملئي شايد وري نہ آهڙو سَجهہُ (٢).

پَورين جنهن ڪَرَمَ پُٺيان، سو ڪر پورو،
رات، ڏينهن خيال ۾ تون اُن سان پَجهہُ (٣).

قول سان، فِعل سان تون رک اُو ياد،
شوق جيي باهہ ۾ تون اُن لاءِ رَجهہُ (٤).

نيت محنت جو آت ملئي اِنعام،
جيت سين ڪسان ڪندو پُڄاڻو جَجهہُ (٥).

ڪُل چنڊ لاءِ جهَل ڪندا تون "قليچ"!
سُک گهڙين جي، تہ سهہ تون ڏُک ۽ ڏَجهہُ (٦).

### ٧٠. غزل — خدا کي سوال

فعولن فعولن فعولن فعول

سباجها ڏني! ڪَرُ آسان تي تون ڀاجهہَ،
وجهُون تُنهنجي فَضُل ۽ ڪَرَم لاءِ واجهہَ.

وَنيي عُمر ساري عذابن آندر،
خوشيءَ لاءِ ڏينهن، رات ساريون تا ساجهہَ (٧).

---

(١) اي دل! (٢) چڱو موقعو يا وَجهہ. (٣) بَدل رهہ، دل لڳاءِ.
(٤) جوش کاءِ، پَچُ. (٥) جج، منصف. (٦) ڏَجهو، تڪليف.
(٧) سَجهہ، وَجهہ، موقعا.

آسان کي خوشيي خُورّمي تون ڏيکار،
ڏِنا تُون گهڻا ڏوجرا، ڏک ۽ ڏاجهہَ (١).
سَندَئِي مهربانيُون ٿيون تازيون سدا،
آپَر تُنهنجا آحسانَ آهن آڳاجهہَ (٢).
ڪُهري رَحمُ تُنهنجي جو قطرو "قليچ"،
سُجهن لُطفُ تُنهنجي جا، چؤگرد جهاجهہَ (٣).

---

(١) ڏَجها، ڏک. (٢) تدبير، آڳاٽا. (٣) بحر.

# رديف - ج

## ٧١. غزل - عشق جي آج

مفعول مفاعلن فعولن

آندر ۾ تيي جنهن کي عشق جي آجَ،
جڳ ۾ آن جي لاءِ آهي دوست ري سُڃَ.
جيت ڪيت ڏسي يارُ، ڊوڙي اوڏي،
جيئن ڪولي آجيو تو پاڻي منجهه رُڃَ.
ٻڪَ، ڏمڪَ ۾ سدا سو خوش گذاري،
ٻَر ڀَتَ ۾ ٻہ آن جي لاءِ تيي جُڃَ (١).
راضي سو رُکي، سُکي تُڪرَ تي،
ڪڏّهن ڪين ٻُڃي سو ڀوڪ(٢) ۽ پُڃَ(٣).
محبوب، "قليچ"! ميلندو آن کي،
نيت نفس کي ماري جو ڪري مُڃَ (٤).

## ٧٢. غزل - نفس سان جنگ

فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ڀڃ ين پنهنجي نفس جو تون زور پَڃُ،
پوءِ وڙهڻ لاءِ ڪنهن ٻئي دشمن ڏي تون وَڃُ.
نفس دشمن آهي ڏاڍو، ڌيان ڪر،
جنگ آن جي ۾ تيي نيڪري ماءُ جي تڃُ.

---

(١) مجلس جيي مانيي. (٢) ڀوڳهڙا، ڀڳل سال ڪاڏي لاءِ. (٣) پُڃيون (٤) نرم، ذرا ذرا. (ماري مُڃ ڪرڻ، سنڌي محاورو آهي.)

جيڪا آفت ۽ مصيبت هيت آچي،
سا آدا ! تون نفس، امّاره ذي سَجُ (١).
بَد خيال، اخلاق ۽ افعال بَد،
نفس جو لشڪر آئثيي يا اُن جي جَجُ.
رڪ تون سالم روح ۽ دل ۽ دماغ،
تن جانُ پڻ آندر رهي تو اُن جو ڪَجُ (٢).
نفس جي جُڌ (٣) جهڙو ڪونهي پيو جهاد،
بُڌ ”قليچا“! إي نصيحت مُنهنجي مَڃُ.

---

(١) نسبت ڪر. (٢) گهر رهڻ جي لاءِ. (٣) جنگ.

## رديف - چ

### ٧٣. غزل - سچ نہ بيھي نچ

فعولن فعولن فعولن فعل

آدا ڙي پيارا! ذرو مون ڏي آچُ،
ڀُڏين ڏيان ڏئيي جي، چوان توکي سَچُ.
کرين جيکي، رک آخرت جو خيال،
هي دنيا کميٺي آٿيي کُوڙ ڪَچُ.
اٿي، ويٺي ڪر ياد تون ربّ کي،
سدا رنگ اُن جي ۾ تون ﻫاڻ رَچُ (١).
ڇڏي وَهُم دولت ۽ دنيا سندا،
اندر ۾ سندس (٢) عشق جو ﺑﺎر مَچُ.
اٿي ذوق ۽ شوق جيي باھہ ﺑﺎر،
تون هر حال ۾ پيو پرينء لاءِ پَچُ.
سچي عشق ري ڪم نہ ٿيو ڪيي آچي،
چيئيي سچ "قاسِچا"! بيهيي هاڻ نَچُ.

### ٧٤. غزل - نماڻائيء جي تعريف

فعولن فعولن فعولن فعول

بُزرگ اَصل سي، جي نماڻا ۽ نيچ،
وَڏي وَٽ اَهي، سمجھجن ٿا جي هيچ(٢).
مُنديء جو شَرف چيچ کي ٿو ميلي،
مگر آگرين ۾ ننڍي آهي چيچ.

---

(١) رڱج (٢) خدا يا آخرت جي. (٢) ڪبي ڪين.

وڏي ڪيٽ، ڪلراٺي ڪان ٿي پلي،
آها ٺڪري (١) سالم (٢)، چڱي جنهنجي پيچ (٣).
ڏئي شه پيادو، ڪري مات راند (٤)،
ڪري (٥) يا ٿو طرفين (٦) جي بازيءَ پيچ (٧).
ننڊ و پاڻ ڪي چاڻ، ڪر نياز نيت،
سرآفرازي حاصل ڪرين جي "قليچ"!

---

(١) زمين جيءَ. (٢) آباد، پلي. (٣) پاڻيءَ جيءَ. (٤) شطرنج جيءَ.
(٥) پيادو ٿو ڪري. (٦) پن راند ڪندڙن. (٧) مٿ، برابر.

# رديف - ڃ

## ٧٥. غزل - وحدت جي وادي

فاعلاتن مفاعلن فعلن

واه! وحدت سندي اِلاهي آڃ (١)،
رکي ڪثرت جا پيڙا سا منجهه ڪڃ (٢).
بحر اِن ۾ سِپُون، اَمُل مائڪ،
ڪيئي ميڙيندڙ توبا گهيڙي رڃ (٣).
جيڪي ناهن هيريل عميق (٤) سندا،
سي ٿا مارن مڇيوُن ڇيڇيون (٥) منجهه ڇڃ (٦).
صوفي سالڪ، آتي مڇين وانگي،
آهن آبدال تن ۾ مانگر مڃ.
لڳ هُنيان تن جي، تا ڇڏائين ڇلُر،
چڱي آهي اها "قليچ"! هڃ

## ٧٦. غزل - سڀني جو سلهه

فاعلاتن مفاعلن فعلن

تو ۾ آدم! (٧) ملڪ جي آهي ليڃ (٨)،
گرچه تون خاڪ آهين، نيچ ۽ تيڃ (٩).
ماڻهپو جي هُجي ها جسمن تي،
ته هجن ماڻهو، پولڙا ۽ رڃ.

---

(١) درياهه (٢) بغل (٣) چار وغيره. (٤) اونهو سمنڊ. (٥) ڪينيئن (٦) تانگهو پاڻي، ڍنڍ يا ڍورو. (٧) اي آدم! (٨) ذري، نشاني. (٩) ڪي ڪين، نيچ.

هُٿي سَمي چام کي پسند گهٽي،
کوڏُ ۾ کُندريءَ جي گرچه هُٿي چيچ(١)،
تن کي ملندا هُتي، بهشت جا طعام،
جي سدا هيت پيَن تا پنڙي پيچ (٢).
جيڪي سمجهين نہ، پُچ، ٻين(٣) کان ”قليچ“!
سچ ڏي مُوسجي، مُنجهي جڏهن تيي نيچ.

(١) ڪيکي مچي، ڪندگي. (٢) ڪانجهي (٣) وڏن.

# رديف - ح

## ٧٧. غزل- دنيا ۽ عقبيٰ جي محبت

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

ڪي چوَن، پيٽون دنيا ۽ عقبيٰ، لاءِ صلاح (١)،
تيي سگهي هڪ سان، نہ ٻنهي ساڻ سگهي تو تيي نڪاح.
ڪي چون، دنيا ۽ عقبيٰ، ٻيون پهاچون پاڻ ۾،
هڪ رهي راضي، مگر ٻرٽو ٻنهي جو ٿيو مُباح (٢).
ڪي چوَن، دنيا ۽ عقبيٰ، ٻئي آهن ڏائڻيون،
ٻنهي نہ ٿيون پرٽي جٿون لائق، ناهي ٻنهني ۾ فلاح (٣).
مون اکيان، دنيا ۽ عقبيٰ، جنّتي حورون ٻئي،
ٻئي مُباح آهن، مگر ٿيو ڪونہ تن لاءِ اصطلاح.
حد آندر ٻنهني سان ڪر صحبت ۽ رک محبت "قليچ"!
حق (٤) ميلي تين سان، جيو جنهن تين جي حق ۾ "اجناح" (٥).

## ٧٨. غزل- پيريءَ ۾ جواني

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

چون ٿا ڏاها تہ پيريءَ ۾ عشق آهي قبيح (٦)،
تو آزمودو ڏيکاري تہ ڳالهہ اِيءَ ٿيي صحيح.
جواني، ڪيئن ڪري پيريءَ ۾ ڪوبہ افلاطون؟
مٽو، تڏهن ٿئي جيئرو، جڏهن آچي ڪو مسيح.

---

(١) چڱائيءَ لاءِ. (٢) روا (٣) خير (٤) خدا (٥) قرآن مان- ڪونهي گناهہ. (٦) خراب.

مکر رهي نہ طبیعت، جي نفس غالب آهہ،
تني مَرد نہیں، تني حرص جوان، سچ تیو صريح (١).
ڏنو آتشي نہ! تہ مَنبّر تي وَعظ ڪن عالِمَ،
چٻَن ۾ تن جي صلوات ۽ هٿن ۾ تِي تسبيح.
تِي خلق آڏو سندن ڪار اِيءَ، وڃن جڏهن گهر،
پين شراب، ۽ کائين حرام مُنُل ذبيح (٢).
ڇَوَن پين ڪي، نہ ڪن پاڻ، جيئن قرآن ۾ آهہ،
تہ ڪافرن کي ڏين مومنن تي سي ترجيح (٣).
تو سعدي چئي تہ عبادت تي نند ظالم لاءِ،
گُنگا ڀلا هي پڙهيا (٤) مَرُ هجن بليغ و فصيح (٥).
”قلیچ“! ڪر نہ شڪايت تون عالمن جي آدا!
آچي تي هَجُو مان ڪَرُ هَت، ۽ مَدَح مان تفريح(٦).

---

(١) نج، خالص. (٢) ڪُنل جانور. (٣) پسندي (٤) عالِم (٥) بلاغت ۽ فصاحت وارا. (٦) فرحت.

# رديف - خ

## ٧٩. غزل - رقيب جي شڪايت

فاعلاتن مفاعلن فعلن

ڏسي ڪندو رقيب ڪي يخ يخ (١)،
چوي دلبر ڪيلي مُنکي، بخ بخ (٢).
گهڻڊ وجهي هُو نهاري مون ڏي جڏهن،
آءٌ وڏي سڏِ ڪريان نيڙيءَ مان، آخ (٣).
ڏِني گاريون مُنکي ۽ پاراتا،
زور سان آءٌ چوان آنهيءَ کي، چخ (٤).
باهه هُن جي آکين ۾، گرم پساهه،
مُون ڏي ۽ هُن ڏي (٥) دل سنديس رهي يخ (٦).
صُورت آن ويِر آن جي دانگيءَ جانَ،
شڪل آن وقت آنَ جي جهڙو ملَخ (٧).
جڏ "قليچ"! اِن پليد جو پاسو،
متر بُخارا ميلثي سجو، يا بلخ.

## ٨٠. غزل - رزق، رازق تي

فاعلاتن مفاعلن فعلات

رزق جا دَر دُنيءَ گهڻا کيا فراخ (٨)،
آن جا (٩) آرض (١٠) و سما (١١) ۾ منٖو سوراخ (١٢).

---

(١) ٿونڪڻ (٢) واه واه! شاباش. (٣) تُڪ آچلائڻ لاء. (٤) چخي (٥) دلبر ڏي. (٦) برف جهڙو سرد. (٧) ملڪڙ (٨) ڪُليل، ڪُشادا. (٩) رزق جا. (١٠) زمين (١١) آسمان (١٢) دريون.

"رزقكم في السّماء" چئي ٿو قرآن،
منجهه جهان آن جي هر طرف ويئي شاخ.
وڇيا ڌرتيءَ تي آن جا (١) دسترخوان،
جڳ جي ماني رڌن سندس (٢) طبّاخ (٣).
مهربانيّون ڏسي سندس بيحد،
بندا پنهنجي ڌڻيءَ سان ٿيا گستاخ.
تي نه بي شُڪرُ، ڪر نه ڪُفرُ (٤)" قليچ "!
ته ڪيائين نه مفت پنهنجي جناخ (٥)!

---

(١) ڌڻيءَ جا. (٢) ڌڻيءَ جا. (٣) بورچي (٤) بيشُڪري (٥) جناغ، ڪُڇيءَ جي هڏي.

## رديف — د

### ٨١. غزل — عجب زمانو!

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

عجب! زمانو هيي، جنهن ۾ گهڻو ٿيو فتنو فساد،
ڪرين تون جيڪي، سڻنهين ڪَن لولي ۽ فرياد.

پڙهين نماز گهٽيي جني، چَون تہ مُلو ٿيو،
ليڪيي پڙهين جي، چَون بي نماز هيي ناشاد (١).

ڪَٽين جي هٿ ۾ تون تسبيح، چَون لڳيءَ تي آٿيو،
پڙهين وظيفو، چَون مَڪر آهي هِن جيي مُراد.

رکين جي ڏاڙهي ڊگهي، چَون آيو مولانا،
جي ڏين صفائي، فرنگيءَ جو مڏجين تون اولاد.

ڪرين سلام جي هرڪنهن کي، تہ چَون طمعي،
ڪرين جي ڪين، تہ ڪافر سڏين ۽ شداد (٢).

ڪرين جي خير(٣)، تہ توکي فضول خرچ چَون،
جي ڪين ڏين، تہ چَون، هي بخيل ٿيو جلاد.

اڪيون ڀَمي جي هلين، تہ چون اکين ڦاٽو،
هلين جي هيٺ ڪري (٥)، چَون ڪور(٦) مادرزاد.

رکين جي ڪَنڌُ مٿي، تہ چَون آهي مغرور،
جهڪيي هلين تہ مَوالي ٿيو آنهن کي ياد.

چڱا جي ڪپڙا ڍڪين، توکي تہ چَون ٿينڊي،
ڪرين جي سادا تہ چَونئيي ڪنجوس بد بنياد.

---

(١) نياڳو (٢) ڪافر بادشاه جو نالو. (٣) خيرات (٥) اکيون
(٦) انڌو.

صلاحؤن ڏين جي ٻين کي، چوَنَ ھي ٿيو شيطان،
جي چُپ رھين تہ چوَنَ ھي انھيءَ جو(١) پڻ اُستاد.
وڃين گھٽو جي ڪٿي، ٿِين ذليل ۽ ھلڪو،
وڃين جي ڪين، چوَنَ ھي آمير جو آولاد (٢).
گذاري خوش آھو، جو ٿو "قليچ" وانگي رھي،
سدائين گوشي ۾ سڀ معاملن کان ٿِي آزاد.

## ٨٣. غزل ـ وصل جي اُميد

فعولن فعولن فعولن فعول

ھِجرُ ۾ دوست جي ڪرين فرياد،
وَصْلُ جي لاءِ عُمْرُ وَئي برباد.
ڪِئن ملائڪ صفت سڄڻ، سان ٿئي
واصل آخر وڃي ڪو آدمزاد؟
جنھن جي مقبول صورت ۽ سيرت،
خُوبرو آھي جو ۽ نيڪ نھاد.
آچي مون وٽ جي مُحِبُّ ميھُر ڪري،
مُلڪ، ويرانو ٿي پوي، آباد.
ڪريان ھردم خدا جو شڪرانو،
خلق مون کي ڏئي مبارڪباد.
ڦَٽ چُٽَن سڀ فراق جا ھڪدمُ،
دل ٿئي شوق وصل جي ۾ شاد.
وَھْمُ ۽ غَمَ وڃن سيئي وسري،
درد جي بَندَ کان ٿيان آزاد.
مَنَ پڙھي تُنھنجو يار، تُنھنجو غزل،
۽ پوين تون "قليچ"! آن کي ياد.

(١) شيطان جو. (٢) وڏو ماڻھو.

## ٨٣. غزل ـ رياڪار جي شڪايت

فعولن فعولن فعولن فعول

رِياڪار ٿو پاڪ ڏسجي پـدِيڌ (١)،
رَهي دل ۾ آندرُ آنهيءَ جو پليد.
ٿيوَّ آباد ظاهر سندس ۾ قريب،
ٿيوَّ ويران باطن سندس ۾ بعيد.
ڪري ڏينهن جو زُهد، روزا رکي،
لِڪِي، رات جو ٿو ڪري گهر ۾ عيد.
ٿِيو شاڪِر زبان آن جِي، ڪافر ٿي دل،
مُوَحِّد (٢) ٻَـهـَرِ، دل ۾ مُشرڪ شديد (٣).
ڏنل جڻ ته پوچو ٿيو ڪاڪوس (٤) تي،
رکيل ڍُونڍ (٥) تي جڻ ته قُفُل ۾ ڪليد (٦).
حقيقت ۾ آهي "قليچا"! شقي (٧)،
مگر پاڻ کي ٿو سڏائي سعيد (٨).

---

(١) ظاهر (٢) هڪ خدا کي مڃيندڙ. (٣) سخت (٤) جاءِ ضرور.
(٥) حرام (٦) ڪُلف ۾ ڪُنجي. (٧) بَدبخت (٨) سڀاڳو، نيڪبخت.

# رديف ـ ڏ

## ٨٤. غزل ـ واجب شيون

مفاعيلن مفاعيلن فعولن

ڪرڻ توبھ، چؤ فرض مان پَلو وَڏ،
گناهن جو ڇڏڻ، اُن کان تيو وَڏ.
مصيبت ۾ اگرچه صبر سخت آھ،
وڃڻ سخت آهي پر اجر اُن سندو وَڏ.
عجيب آهي زماني جيي هيي گردش!
عجب، ماڻهن جي غفلت جو گهٽو وَڏ.
لکيو قسمت جو بيشڪ آهي ويجهو،
مگر موتُ اُن کان پڻ ويجهو ڏسو وَڏ.
"قليچ"! آڻ لپ تيا جڏهن باقي بالله (١)،
تو چائان فاني في الله، مرتبو وَڏ.

## ٨٥. غزل ـ نفس سان جنگ

فعولن فعولن فعولن فعل

هليو وڃ سنئون، ڪين تون موڙُ ڪنڌُ،
سِڌو شرع جو رستو ۽ سؤکو پنڌُ.
تون آنڌي جان سُلتان(٢) تائين وڃين،
ڇڏين جي هيتي(١)، نفس پنهنجي جو آنڌُ(٣).
ڪتي جانُ، ڪِجهي ۾ تون وِجهہ اُن کي(٤) ڪِتُ،
آدب جي ڪِلي سان ڪٽي اُن کي ٻَنڌُ.

---

(١) ماڻهو (٢) منزل مقصود. (٣) دنيا ۾. (٤) نفس کي.

پيو مَرُ ٻَهي، ٻُونڪي، تاڻي(١) آتي،
جي ڏاڙهي، تہ مارَ اَن کي، ڪُٽُ، هرڪو سَنڌُ(٢).
”قليچ!“ آهي اِيءَ وات، جيئن شاهہ(٣) چئي،
”ڪٿين تون يا هارائين، هيءَ تُنهنجو هَنڌُ“.

## ٨٦. غزل ـ وصال ۽ فراق

فعولن فعولن فعولن فعل

رهي وَصُل جي تِي سدا مون کي سَڌَ،
وڇوڙي جي ماريو مُنکي آهي ٻَڌَ(٤).
بهشتي خوشيون، نعمتون تيون وصال،
فراق آهي، دوزخ سندا ڏُک ۽ ڏَڌَ(٥).
جڏهن وَصُل جو وعدو نزديڪ ٿئي،
ٿئي هر گهڙيءَ شوق ۾ سَپِ جي وَڌَ(٦).
آندر ۾ لَئِي حق تو ڏورڻ کان پوءِ،
سچي سيڪَ جي بخشش(٧)، اِها آهي لَڌَ(٨).
ڪري ٻن کي(٩) هڪُ، عشق جي تِي ترار،
ڪي تيغ رُڪَ جي تِي هڪَ کي ٻہ آڌَ.
پريل جام ساقيءَ کان مليو ”قليچ“!
ڪيو مست، مدهوش، ڏِس! مون کي مَڌَ(١٠).

---

(١) ڇڪي (٢) عضوو (٣) ٻڌائي (٤) بندش، قيد. (٥) عذاب، ڏجهڻ.
(٦) زيادتي (٧) انعام (٨) هَٿ آيل يا لَڌل شي. (٩) عاشق ۽ معشوق کي، ٻن آڌن کي. (١٠) شراب.

## رديف – ب

### ٨٩. غزل– دنيا ۾ سنيالي هَلَ

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن

آءُ تُنهنجي دَرَ تي آچان روزُ، جيئن آچي کو پِنَبُ (١)،
کريان سوال، کَرمَ تُنهنجي جو وٺان ڪو وَنبُ (٢).
تون چنَبُ ڏسڻ لاءِ چڙهئين ڪُڏَ تي، عِيد آئي جڏهن،
ڏِٺو سُون چَنبَ جيهو تُنهنجو مُنهن، ڏٺو تو چَنبُ.
زمانو آهي نہ هڪ حالَ تي، سنيال سڄڻ!
تو آسمان ڦيري جَڳَ مٿان، ڦيري جيئن جَنبُ.
سنيالي هَل هِتي، چاري گهمُن ٿا توسان سدا،
ڪندين جي ڏوهہ ڪو، ميلندئي سزا، پوءِ قيدُ يا ڏنبُ.
بَلا وڏي آهي زهري هِي دولت ۽ دنيا،
رکي سو، جاڻي جو آن جي وٺڻ، رکڻ جو مَنبُ.
اُٿِي سَنبُرُ آي مسافرا! تيار قافلو آهہ،
ٻُڌين نہ ٻوڙا! وڃي ڪُوچ جو ٻيو ٿو گهَنبُ.
ڪَرَئي "قليچ" نصيحت جا، ڏيان ڏَئي تون ٻڌُ،
ڪَڙي اگرچه لڳيئي ٿِي، مِٺِي آٿِئي ڪان ڪَنبُ.

### ٩٠. چڱن جا عيب بہ چڱا

مفعول مفاعلن فعولن

آجُ مُنهن ۾ سَڄڻ! وِڏو آٿِئي گهُنبُ،
ٻولِي ٻيو ٻُڌائين، آندَ جيي ٻُنبُ.
محبوب جا عيب پڻ وڻن ٿا،
گندگار ۽ شوخِي مَنبُ يا ٽُنبُ.

---

(١) فقير (٢) حصّو، ڀاڱو.

متغنزري ڪَنَل ڪنهن نہ ڪم جيي، ڪَنَل ري او گهڙ متغنز جيي،
وَتَ مَثَل بادام جو، يا جي پَپِّڻ جا چوَن ڏوڏَ (١).
ڏندٌ ۽ چنبا تِيّا حيوانات ۾ شَرَّ جا نشان،
پڻ سِگَن وارا تيا ظالم، ۽ تِيا مظلوم روڏَ (٢).
تيي گذيل نيڪيي، بدي جڳ ۾، رهن پٺيي هڪڙي هَنَڌ،
ڪي لَهَنَ لوہا سِپون ۽ ڪي ڪَنَڌي ۽ (٣) تي لَهَنَ ڪوڏَ.
ساڳيي شي هڪ ڪي وَٽيي، ٻئي ڪي نہ، ڪارڻ ڇا "قليچ"!
مُنهن وٽيي هڪ ڪي، ۽ ٻئي ڪي تيي وٽيي لالن (٤) جيي لوڏَ (٥).

---

(١) ڏوڏا (٢) روڏا، بي سِگا. (٣) ڪناري (سمنڊ جي). (٤) محبوبن
(٥) ناز نخرو، انداز.

# رديف – ڏ

## ٨٧. غزل – عقل ۽ جهل جو فرق

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ماڻهو دنيا جا نرالا، خواه دانا، خواه ڏڏ (١)،
هي ٽپيو دريا وڃن تا، هو بيهن ٿا آڏو آڏ.
فرق جهل ۽ عقل جو ڏس! خوف ۽ جرأت جو پڻ،
هي پٽون پاڻي ۾ ڪاهي، ڪن، هو ڪپ (٢) تي بيهي سڏ.
هو پڇن گهيڙ ۽ پتڻ، سيٺا هم يا ٽنبو ڪٽڻ،
۽ هي بسم الله چئي صدقون، لنگهائي نين لڏ (٣).
هو ڪري هن لا ۽ سک، سلامت (٤)، ۽ اڏن ماڙيون، محل،
هي توڪل تي رکي، پاڻي ۾ متان جوڙين مڏ (٥).
دين ۽ ايمان جو رستو نيئي پار آي "قليچ!"
عقل جو رستو وٺين جي، تون پڃائين پنهنجا هڏ.

## ٨٨. غزل – دنيا ۾ خير ۽ شر ٻئي گڏ

فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

پنهنجي قسمت جي عمارت جا سڀئي آهين اوڏ (٦)،
خير ۽ شر سڀ جي هت ۾ هوئي، جي هوئي تن کي نه هوڏ (٧).
جنگ جبر ۽ قدر جي، تقدير ۽ تدبير جي،
ڏر (٨) ڪان ٿي، پر گڏ ٻئي، جيئن مغز ۽ کل، ڪپ ۽ چوڏ (٩).

---

(١) نادان (٢) ڪناري (٣) مڏي (٤) سلامتي (٥) گهر (٦) اڏيندڙ (٧) ضد (٨) آصل (٩) چوڏا، کل.

گُل، سَپ کي وٺي تو رنگ و بُوءِ کان،
پَنُ پڻ وٺي آن جو، ڪنڊو ۽ ڏُنڊُ (١).
سارڻ ۾ آچي مهينو سالم،
مَرُ پَٽي ڪڍهن آن ۾ ڪو ڪٽي لُنڊ.
پَڪَ چاڻ "قليچ"، تيو منجهان تين،
توتي رهي عاشقن جو، جو جهنڊُ (٢).

---

(١) ڏانڊي (٢) ميڙ، گوڙ، مجمع.

# رديف - ي

## ٩١. غزل - نفس کي فهمائش

فاعلاتن مفاعلن فعلن

نہ چڙھہ جيئي تون نفس! ڪر ڪا سَڌَ(١)،
لڳُ نہ لذّت جي لاءِ آن جي ڪَڌَ(٢).
نہ شڪم دوست ٿيءُ، ڇڏي پرهيز،
نہ تہ وَٺئي مرض آندرہ، نِڪرئيي(٣) ڏَڏَ(٣).
تازا ڏسجن ٿا جي درخت وڏا،
سُڪن آخر، پَوي تنئي ۾ وَڏَ.
نيٺ آباد سڀ ٿين ويران،
جو وَسائين مٿا هٺيي پيو ٻَڌَ(٤)؟
پُل نہ تون نَوبتُن، نغارن(٥) تي،
وَڄي هڪَ ڏينهن "قليچ"! تو وٽ ڊَڏَ(٦).

## ٩٢. غزل - عاشقن جو تحمل

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل

تون ڏادا! (٧) عاشقن تي ٿو ڪرين ڏادَ(٨)،
ويچارا، پنهنجا لوڙن ٿا ڪَرَمُ ڪادَ.

---

(١) سَڌَ، خواهش. (٢) ٻئيان (٣) ٻاهر (٤) ڦِٽل، ڊڙا، ويرانا.
(٥) خوشيءَ جا واڄا. (٦) ماتم جو واڄو. (٧) اي ڏادا! (٨) ڏاڍايون،
زبردستيون، ظلم.

چڙهي گهر، تا گهٽيءَ ۾ تنهنجي گهارين،
سندن پيرن ۾ جت آهي پدل واڏ (١).
سنهن سيني جئون چيڙهون ۽ جنيون نيت،
تا سمجهن مار ڪت، پارن جي جيئن آڏ (٢).
رهن راضي، نه ليکو ڪن ڪو توسان،
سچو، آڏ، يا سوا، هڪ (٣) تن لاءِ ساڏ.
"قليچ"! آهي هيريل در تنهنجي جو اصل،
رهي اِت، پيو چري، جيئن گهوڙو منجهه ياڏ (٤).

---

(١) رسو (٢) آڏڻ، سلڙ. (٣) برابر، هڪجهڙو. (٤) رسو.

## رديف – ذ

### ٩٣ غزل– ڇا ڇا لذيذ آهي؟

مفتعلن مفتعلن فاعلات

نِعمتِ دنيا سندي شي ٿيي لذيذ،
ٿوري هجي يا گهڻيي، تا ٿيي لذيذ.
مَرد جي الله جا ٿيا، تن اکيان،
غَيرُ خدا جي نہ آهي ڪيي لذيذ.
تن کي مصيبت ۽ بلا ڪيي بہ ناهہ،
آهي رضا سيڪا، خدا جيي لذيذ.
پنهنجو پيٽَن رَتُ سي، ۽ کائن غصو،
اِن کان نہ وَڌِ پاڻي ۽ مانيي لذيذ.
شي جا ڏِني دوستُ، کٽيي يا ڪڙي،
دوست سچي لاءِ آها ڇٽيي لذيذ.
هر گهڙي، هر حال ۾ ٻڌ آي ”قليچ“!
آهي بَدي ٻُچڙي ۽ نيڪيي لذيذ.

### ٩٤. غزل– ڇا ڇا لذيذ آهي؟

فعولن فعولن فعولن فعول

لڳي مون کي سُهڻن جي صحبت لذيذ،
مِٺَن مَهرُخَن جيي مُحبّت لذيذ.
ڪرڻ خلق تي شاهيي، سان تاج و تخت،
ٿيي اَن کان ڪرڻ تن جي(١) خدمت لذيذ.

---

(١) خلق جي يا سُهڻن جيي.

ڪَري مات ويھڻ ۾ ڪھڙي خوشي؟
ٿئي نازنينن جي حرڪت لذيذ.
جي عقبيٰ (۱) جا طالب، وٽي تن کي فقر (۲)،
جي دنيا جا، تن کي ٿيي دولت لذيذ.
پَڄي خلق، دوزخ کان نِتُ ڏانھن بھشت،
ٿيي زحمت کان سِڪنھن کي رحمت لذيذ.
وڙھڻُ، ساڻ رستم ۽ سُهراب چا هه؟
ڪرڻ، نفس سان ٿيي عداوت (۳) لذيذ.
نہ موڙين مُنهن مَرد، جو تن کي آهہ،
وڙھي، سِر ڏيڻ سان ٿي همت لذيذ.
مرڻ جي نہ پروا رکن منجھہ جھاد،
جو غازين کي نِتُ ٿيي شهادت لذيذ.
سچن عاشقن کي وٽي سِڪَ سدا،
سدا وَصل کان آهي فرقت (۴) لذيذ.
طَمَع کي ڇڏي کر قناعت قبُول،
”قليچا“! ٿيي ذلت (۵) کان عزّت لذيذ.

---

(۱) آخرت (۲) مسڪيني (۳) دشمني (۴) فراق (۵) خواري، حديث ـ
عَزّمن قنع و ذَلّ مَن طَمَع.

# رديف – ر

## ٩٥. غزل – ڌيءِ جو شرف

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

ڌيءِ جمي ٿي جنهن کي آج، سو غم کان ٿئي ٿو آشڪبار(١)،
پٽ جمي جنهن کي، خوشيءَ کان سو ٿئي باغ و بهار.
ٿئي نہ جي اولاد ڪنهن کي، ڌيءَ غنيمت آن جي لاءِ،
پٽ جي ناصالح، تہ موت آن جو پلو ٿيو منجهہ شمار.
پٽ گهڻا ڪن خوش ٿا بيحد، ۽ ڌيون بيحد حزين (٢)،
پر چڱيون، صالح ڌيون، طالح (٣) پٽن کان سمجهہ يار!
فاطمہ جهڙي هجي ڌيءَ جنهن کي، مرُ هوئي ڪو نبي،
ناهي حرڪت، جي رهيو ڪو پٽ نہ آن جو يادگار.
آن (٤) بنا پيو ڪير آهي، جو ڪ منجهہ حسب ۽ نسب،
فخر ڪڏهن پيءُ تي ڪري، ماءُ تي ڪري ڪڏهن اِفتخار (٥)؟
آن جي عصمت (٦) کان لڄي جي سج نہ هو، چو آن جي عڪس،
رعشو (٧) پائيءَ ۾ ورڌو، آن جو ڪڪر ٿيو پرده دار؟
پٽ يا ڌيءَ وس ٿيو خدا جي، ڪر نہ ڳڻتي ڪا "قليچ"!
شُڪر ڪر هر حال ۾، جيڪي ڏني پروردگار.

## ٩٦. غزل – ڪمينن جو ٿورو کڻ مشڪل

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل

ڏندن سان رُڪ چبڻ، چئي جامي ٿو يار!
جبل کوٽي ننهن سان پڻ لنگهڻ پار.

---

(١) رُئندڙ (٢) غمگين (٣) ناصالح (٤) بيبي (٥) فخر (٦) پاڪدامني
(٧) ڏڪڻي.

ٽيو ڏيئي، پوءِ ڪُوري ۾ ڪاهي،
۽ چپرن سان ڪٽڻ ٽانڊا ڪنهين وار.
رکي پڻ سؤ اڻن جو سِر تي بوجو،
اٿي ڊوڙڻ تڪو چوڌس ۽ چوڌار.
آهي آسان سڀ، پر آهي مشڪل،
ڪمينن جي ڪٽڻ آحسان جو بار.
"قليچ"! آهي مرڻ اڄ، بُک ۾ بهتر،
ڪمينن ڪان گهرڻ ڪي آهي دشوار.

## ٩٧ـ غزل ـ نفس ڪان نانگ بهتر

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل

نصيحت، پيءُ جي هيءَ هُئي مون ڪي منظور(١)،
ڪري شل! ربّ اُن جو رُوح مغفور(٢).
جيتين مرُ تون ڪُتي جي حُڪم ۾ رَهُ،
نہ رَهُ پر نفس جي تون حُڪم ۾ مُور.
هُجئي ڪپڙن آندر مرُ نانگ ڪارو،
مگر رک نفس پنهنجو، پاڻ ڪان دُور.
گهڻو مون آزمايو آهي اُن ڪي،
نبيّن ۽ وَليُن جو اِيءُ دستور.
"قليچ" اُن تي ڪري تعميل هردم،
تو سمجهي پاڻ ڪي، چڻ حق ڪان مامور(٣).

## ٩٨. غزل ـ سخن ۽ طبع جي تعريف

سُخن (٤) منهنجا وَسائين آبُ هر بار،
ٿيو مينهن طبع منهنجيءَ جو گُهربار.
عجب سو مينهن! جو آهي بهاري،
ڪيئي پيدا ڪري گُل ۽ ڪيئي خار.

(١) پسند، قبول. (٢) بخشيل (٣) اَمر ڪيل. (٤) شعر.

زمرّد جانءِ ڏئي هڪڙي کي فرحت (١)،
آنڊو ٻئي کي ڪري سو نانگ آچار (٢).
حقيقت سڀ کي جڏهن روشن اِها ٿيي،
پليي کو نُوران کي چئي ۽ کو نار (٣).
"قليچ"، آهي ٻُڌو تو ڪين هي قول؟
ته ٿئي رهبر يا رهزن علم کنهن وار.

## ٩٩. غزل - دنيا ۽ خلق کي ترڪ ڪرڻ

مفعول مفاعلن مفاعيل

تُون پاڻ کي يار! پاڻ ڏي چورُ (٤)،
ٿيي ڏُور ٻين کان تا رهين زور.
ٻئي نفس مرڻ جيي (٥) سُڌ نه تيسين،
جيسين نه ٿئي کو زنده در گور (٦).
ٿيو خلق ڏي ميل (٧)، ميل (٨) ۽ مرض،
دل تُنهنجي جيي اک کي سا ڪري ڪور (٩).
ڀڄ خلق کان، جو جو دشت (١٠) هِن ٨،
تو گرگ (١١) کان اِن طرح چِٽي گور (١٢).
تارڪ ٿيي "قليچ"! رهه تُون تنها،
ٿيلُ گوشي ۾، جيئن ڪ باغ ۾ سور.

## ١٠٠. غزل - بني اُميه خليفن جو تعداد

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

سڌجن خليفا جي ٿا بني اُميّه پڌر،
چوڏهن هئا ٻڌايان سندن نانءُ سر بسر.

(١) معجون ٿيي. (٢) وانگي (٣) باهه (٤) آڻ، ويجهو ڪر.
(٥) نفس جي مرڻ جي. (٦) جيئري ئي قبر ۾. (٧) لاڙو (٨) گندگي
(٩) آنڌو (١٠) بيابان، جهنگ. (١١) بگهڙ (١٢) گورخر.

جيئن چون ٿا، نبيءَ جا چار هُئا يار،
ڇهه هئا تيئن نبي خدا جا، پڌر.
ٽيڙو پنجن کان ڇهون (١) پلا رو جڏهن،
تڏهن تن کان ٻہ چوٿون هوئي بهتر.
قاعدو جو لڳي نبيڻن سان،
سو خليفن سان پڻ لڳي آن پر.
ڇيچ نيڌڙيءَ ۾ پئي ”قليچ!“ مُندي،
چار آگريون وڏيون انهيءَ کان مگر.

## ١٠٤. غزل ـ عشق جي وصف

فاعلاتن مفاعلن فعلن

عشق ري ماڻهو جسم، جانِ بيگر(٢)،
پيتِ جو نقش آهي سو، يا وڻ ري ڦر.
دِل، جا مائِل نہ آهہ دلبر ڏي،
گوشت جو سا ٽُڪر يا آهي پٿر.
عشق، ماڻهوءَ جي لاءِ آهي ڪمال،
عشق ري نہ تہ سو جانور ٿيو پڌر.
بُت پريل، خالي عشق جي غم کان،
روح تي بارُ، جيئن ڪٺي تو خر.
عشق ري ناهي آدمي ڪو ”قليچ“!
روح پاڙ آن جيي، عشق آن جو ثمر(٣).

## ١٠٥. غزل ـ مرڻ کان اڳي مرڻ

فاعلاتن مفاعلن فعلات

جي مرين آڳ آجل کان، ٿين سردار،
ڪارگر توتي ٿئي نہ تيسر، ترار.
توکي ماري سگهي نہ ماڻهو، ملڪ،
پارو مارڻ لڳي ٿو جيئن دشوار.

(١) نبي (٢) کان سواءِ، بغير. (٣) ميوو.

پهرين معاويه، ٽيو مشهور ابنِ هِند،
بعد آن جي ٽيو يزيدِ جفاڪار و بدگُهر.
تنهن بعد پيو معاويه، مروان ُ آن کان پوءِ،
عبدالمَلِڪ، وليد، سليمان پوءِ عُمَر.
پوءِ پيو يزيد، پوءِ هشام ۽ وليد پيو،
پوءِ اِبرهيم، پوءِ ٽيو مروانُ، جو هو خَرُ(١).
مَسند محمّد ﷺ تي "قليچ"! آهڙا و يناجي،
اِسلام کي آنهن ڪيو ڪيئن زير ۽ زبر!

## ١٠١. غزل ـ ٽي خراب ڪم

فعولن فعولن فعولن فعل

لکن بُڇڙا ٽي ڪَمَ سدا منجهه بَشَر(٢)،
لَٽِي(٣) جن ڪري نفس ٿو ذاتهن شَرَ(٤).
پَهَرِ عَهدَ، اِقرارَ، آنجامَ هِڪُ،
پيو ٽيو ڪرڻ مَڪر، آن کان بَتَر.
ٽيو بَغِي يا حُڪُم عدُولِي ڪرڻ،
رَسي دين و دنيا کي جنهن مان خَطر.
ڏئي جي ڏئي توکي همّت ۽ هوش،
تہ ڪر تنِ تنهِي کان تون آي پُٽ! حَذَر.
"قليچ" آهي تُنهنجو سدا خيرخواه،
نصيحت آبا!(٥) آن جي تون ياد ڪر.

## ١٠٢. غزل ـ چئن يارن بابت شيعن جي حجت

فاعلاتن مفاعلن فعلن

جي چئوين چار يار تون هَرَ هَرَ،
آءٌ مڃان ٿو، مگر ڪو ڏيان تون ڪر.

(١) الحمار (٢) ماڻهو (٣) مَڙي (٤) شرارت (٥) آي پُٽ!

تيو شريعت ۾ آهي جيڪي حلال،
سو طريقت ۾ تيو سڙئي مُردار.
پنهنجو پاڻ عاشق آهي ۽ معشوق،
پاڻ پنهنجو طبيب، پڻ بيمار.
قُمْ بِاِذْنِيْ(١) ۽ قُمْ بِاِذْنِ اللّٰه(٢)،
ٻنهي هڪ ٻولي تي، جا ٻولي يار.
تون آحد کي، آصل کان آحمد ڄاڻ،
پر فقط آن مان ميم کي ڪر ڌار.
ڪفر آهي ”قليچ“! ’آءٌ‘ چوڻ،
جيئن نبيءَ مَنْ رَآنِي(٣) چيو ڪنهن وار.

## ١٠٦. غزل – دنيا، دل ۽ همت سان ڪيو

فاعلاتن مفاعلن فعلن

آهي دنيا فساد، فتني جو گهر،
آفتون ڪيئي تيئن آنهيءَ مان پڌر.
دل مان ۽ همت مان پنهنجي ڪيو آن کي،
جي رکين آهڙي سگهه ۽ اهڙو جگر.
نه ته آدا! ڦرين دل مان آن کي ڪَڍُ،
رَکُ فقط همتَ ۾، جيسين تيئن تون سپر(٤).
جڏهن قوت وٺين، تڏهن آن کي،
همتَ مان ڪَڍُ، تا نه پهچي توکي ضرر.
ڏي خدا جي عيال کي(٥) ڪي ”قليچ“!
تيئا جي مسڪين، بيڪس ۽ بي پر.

---

(١) مُنهنجي حڪم سان اُٿ. (٢) خدا جي حڪم سان اُٿ.
(٣) جنهن مون کي ڏٺو تنهن خدا کي ڏٺو. (٤) طاقتمند (٥) مفلس، فقير، خلق اللّٰه.

## ١٠٧. غزل – سالڪ تارڪ

فاعلاتن مفاعلن فعلات

جيڪي سالِڪَ رکن نہ خَرُ ۽ نہ بار،
عشق جي تيغ (١) سي ڪُٺا سؤ وار.
ٿا گُلَن تي وَسَن، ڪَنڊن تي پڻ،
جيئن بَهاري (٢) ڪَڪَرُ ڪري وَسڪار.
جُهنڊ سان نفس کي ڪيو تن تنگ،
جو ٿيا حق کان بهره ور (٣) هَر بار.
سي ئي درگاهہ ۾ خدا جي ٿيا،
خاص دربان، نائب ۽ ڪوٽار.
ٿي تون سالِڪُ "قليچ"! ۽ تارڪ،
نفس تي تون سدا رهج هُشيار.

## ١٠٨. قصيدو – دنيا ضدن جي جاء

فاعلاتن مفاعلن فعلات

ڏِسُ! خزانيءَ پنيان آچي ٿو بهار،
آهي نوروز جڳ تي ٿيو نروار.
باغ ويران هئا ۽ صحرا پڻ،
موٽي سرسبز ٿيا سيئي گلزار.
ڏکَ پنيان سُک ۽ سُک پنيان ڏک آهہ،
تون "مَعَ الْعُسْرِ يُسْرُ" (٤) پڙهہ هر بار.
آهي دنيا سڄي ضدن جي جاء،
غمُ، خوشيءَ ساڻ گڏ، ۽ گُل سان خار.
ٿيو طَرَب (٥) سان ڪَرَب (٦)، ۽ سَرد سان گَرْم،
ٿيو سڄي سان ڪِبو، ۽ نُور (٧) سان نار (٨).

---

(١) تلوار (٢) بهار جو. (٣) مالا مال. (٤) قرآن – ڏکن سان گڏ سُک.
(٥) خوشي (٦) غم (٧) روشنائي (٨) باهہ.

رُٺو آهي، گهٽي ڪيل پونيان،
دارُو آهي شراب، درد خُمار.

آهي ڍارن جي هڪ طرف هڪ، ٻه،
ٻي طرف آهن اُن جي ڇهه ۽ چار.

جي ضدن جا ليکان لکين جوڙا،
ته به نه پُورو ٿئي اُنهن جو شمار.

مَرُ هجن ضد، جهانَ ۾ موجود،
وَٽُ ڀَلي ڪي بُري، ڪان ٿِي بيزار.

عقل جو اِمتحان آهي اِيءُ،
اِهو اِنسان ۾ عجب اِسرار!

شَرَ ڪان ڀَڄُ دور، خير ڪي تون وَٽُ،
ڪر مٺائيءَ ڪي زهر ڪان تون ڌار.

سَلسبيل (١) آڻ هَٿِ حلال جي تون،
ڇڏ حميم (٢)، آهي جا حرام جي يار!

جام، جم جاڻ وعظ (٣) مُنهنجو هيءُ،
پِي، ته سڀ رازُ توتي ٿئي اِظهار.

پڙهه نه ڪُوڙا قصا ٻين جا تون،
جي زماني ۾ آج ڦِرن چوڌار.

ڏس! تون اِبْن السّحاب (٤) ڏي سڀَ جانُ،
ڇيپَ، بنت العَنَبُ (٥) ڏي ڪيم نهار.

فيض، آبِ جو پِي مَنّ سلوي جانُ،
حيض خرگوش (٦) جو نه پِي زنهار (٧).

آهي دنيا حَسِينِ هڪ ڪَچري،
جو رکي گهَرَ ۾ سو ٿئي تو خوار.

(١) بهشت جي نهر. (٢) دوزخ جي گرم نهر. (٣) شعر (٤) ڪڪر
(٥) ڊاک جي ڏيءُ، شراب. (٦) شراب (٧) هرگز.

جُفت (١) تِي ڪين آن سان، رهه تون فرد (٢)،
آجُ سِڪِي، تِي سُپائي لاءِ تيّار.
جيڪي آهي سکيو "قليچ"، آن سان،
ونو عبرت کا يا اولُوالاَ بصار! (٣)

## ١٠٩. قصيدو - چرخي جي حقيقت

فاعلاتن مفاعلن فعلات

چَرخو آئين چورّيو سرتيون! ساري چمار،
نہ ڪتَڻ ري ڪريو آوهين ٻِي ڪار.
آديون! آتڻ ۾ سَڀُ آچِي ويهو،
تا ڪريون گڏجِي سڀ پرينءَ جِي پچار.
هِڪَ مَنيُون تِي ويهو ۽ ڌيان ڏيو،
تا ٻُڌايانوَ آرتَ جا اِسرار.
آرتُ آندر ۾ آئين رکو پنهنجي،
۽ هَلايو آهو آتي هر بار.
مُونا، منجيُون رکو محبّت جُون،
مالهہ ۽ مَڪڙي ناهيو ساڻ پيار.
تَڪَ سنئين ڌاريو، ڏِنگُ ڏانوُ چَڏي،
چگِي آٽيو چموتِي کان چمّار (٤).
وَتُڻَ تيا هين پِلا، چگي مُند آهہ،
سَڀُ ڦُتيوُن چُونڊي، گڏ ڪريو آنبار.
آرنڙيءَ ۾ سي ناٽي راتو ڏينهن،
ڪَڍي ڪَڪُڙا، ڪپهہ ڪريو آئين ڌار.
سا تُنبائي، ڪيايو ڪَکَ ڪَتهجَر،
تا آوهان جِي ڪپهہ پِڃي کو پِڃار (٥).

---

(١) جوڙو، نڪاح ۾. (٢) اڪيلو، ڇڙهو. (٣) اي اکين وارؤ.
(٤) موچِي (٥) پڃارو.

ويهي ٿاهيو ڀهيون ۽ ڀوٽيون آوهين،
۽ رنڊا روڙي سڀ ڪريو هموار.
پوءِ آتڻ ۾ آرٽ آئي رکو،
ويهو ڪاتاريون(۱)! سڀ ٻڌي آئين قطار.
ڪتيو سٽ آئين سنهو، ڪري رُون رُون(۲)،
لسي اَن مان ڪڍو آوهين تند تار.
ناڙيون لاهي، ڀريو آوهين ٽپڙيون،
رکو پڻ لينجهه (۳) ۽ پيڙيءَ جي سنبار.
اوبي پوءِ اوبري سان ۽ ويڙهي،
ٻڌو ڦورا، ڪري همت هڪوار.
هلو ڪاريون ڪٽي صراف ڏي پوءِ،
جو ڏسي واٽ آوهان جي منجهه بازار.
توري سٽ پورو ڏيو آوهين اَن کي،
مٺهه ونو نقد، هيت هلي نه اُڌار.
يا ته ڪوريءَ کي ڏيو هلي توري،
ته ڪري هو آئي کو ڪپڙو تيار.
تاجي، پيتو ڪيڻي، ڦوهارا هٽي،
تڙو توري، نڙو هٽي نروار.
رکي آڏاڻو، رڇ ۽ اڏ لڪ (۴) پڻ،
اَن جو آهي اصل اِهو وهنوار.
ٿاهي سوسيون ۽ لنگيون، کيس عجب،
ڪاڏي يا جوڙي يا ڪا ٻي جنسار.
مڙس ماڻهو ٿين ڏکي سي خوش،
تني زالن جو سِتر ۽ سينگار.
يا ڪمائيءَ مان پنهنجي ڪاپي (۵) جي،
پاليو پڻ پانهنجا ٻچا ۽ پار.

(۱) اي ڪتڻ واريون! (۲) آرٽ جو آواز. (۳) گهنڊ (۴) ڪورين جا اوزار. (۵) ڪتڻ.

ڪريو ڪوشش ۽ چوريو چرخو اوھين،
آرٽ پردو آسان جو، ۽ آڌار.
ھاجَ ھٿَ سان ڪريو ۽ دل سان ذِڪرُ،
چيٿو آٿن: "دل بہ يار، دست بہ ڪار".
رات ِ جاڳيي ڪريو ڪتڻ جو ڪمُ،
ٿيو نہ غافل، ڇڏيو آوھين ويسار (١).
ڇانور ۽ ڪٽڪ جي نہ ڪاڏي آوھان،
ڇا ٿيو، ڪائو ٻاجھري ۽ جُوار!
آڳيان پُڇندو جڏھن آوھان ڪان صراف،
ھٿين خالي ٿيو سٽين ۾ خوار.
عيد جي ڏينھن ٻيا آڇا اَجرا،
گدليُن ھونديون آوھين ۽ ايندوَ عارُ.
نيتُ ڪتَڻَ سان سُکيوُن آوھين ٿينديون،
خوش خدا ٿيندو، راضِي ٿيندو پتار.
جي گھرُو سُک ٻنھي جھانن جو،
تہ ٻُڌو آئين "قليچ" جي گفتار.

## ١١٠. غزل - ظاھر ۽ باطن ناسوافق

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

عِلمُ باطن آھي مکڻ، عِلمُ ظاھر آھي کير،
کير ري مکڻ نہ ٿيندو، شرْع ري ٿيندو نہ پير (٢).
ڪوُڙي ڪو ڏاڙھي مٿو، ٿيندو قلندر ڪينڪي،
جامَ سان جَم، آئيني سان ٿي سڪندّر ڪو نہ مير (٣).
پڳَ وڏي، ڏاڙھيي ڊگھيءَ سان، ڪين ٿي ڪو مولوي،
گيرُئَن ڪپڙن ڍڪڻ سان، ڪو نہ ٿي صوفيي فقير.
گورو سُنھن، ڪاريوُن آکيون ۽ ڳاڙھا ڳَل َجيڪو رکي،
ناھي يوسف ثاني سو، يا ناھي سو بدر، مُنير.

(١) ويسر (٢) مُرشد (٣) بادشاھ.

تيو عدد آصل هڪُ ڳڻ ۾ فقط،
پر ٿئي سو شُمار ۾ ٿو هزار.
بَحُر هڪ آهي، مُختلف موجُون،
سَمجهي سوئي، لنگهي جو لهريون پار.
هڪُ شراب آهي جو ڪري ٿو مست،
نشّو هڪُ، مختلف ٿيا آثار (١).
ڪٿ، دنيا ۾ ٿو رهي نانگو،
ٻئي جو سينگار جُبو ۽ دستار.
ڪٿ، مسجد ۾ ٿو پڙهي تسبيح،
ٻيو مڙهيءَ ۾ ويهي ڍڪي زَنار.
مُختلف صورتون جڏهن ڏسجن،
تڏهن نظر ۾ اچن سڀئي اغيار (٢).
پر حقيقت جيي جي ڪندين تون نظر،
تہ ٿيو پيو نہ غير ڪو، ري يار.
جاءِ گفتار جيي نہ آهي "قليچ"،
آهي حڪمت جو هيءَ عجب اِسرار!

## ١١٨. غزل ـ روشندليءَ جو اُپاءُ

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

روشندلِي گهُرين جي، تہ تون نفس پنهنجو مار،
مَرُ تون مَرڻ کان آگ، تہ وڃي تُرت پهچين پار.
ڪر ياد موت کي تون اٿي، ويٺي، آي سڄڻ!
روحاني جنگ ۾ تُنهنجيي وَڏي تا ٿئي جَمار.
رَهُ پاڪ نيت خيال ۾ ۽ قول و فعل ۾،
دل ۽ زبان جيي تون رکج دوست! نيت سنيار.
روزو رياضت آهي ۽ پرهيز، پڻ اپاءُ،
خلوت ۾ ذِڪرَ فڪرَ اندر، هر گهڙي تون گهار.

(١) آثَر، تاثير. (٢) ڌاريان، غير.

دنيا ۾ صَبُر شُڪُر سِوا، واتَ ہي نہ وَتُ،
خوش خُلق ۽ نمائو ٿيي تون خَلق سان گذار.
جي پوءِ بہ نور دل ۾ نہ پيدا ٿيئي "قليچ"،
انسان ناهين، آهين تون شيطان منجھ شُمار.

## ١١٩. غزل - عشق جا رنگ

فاعلاتن مفاعلن فعلات

آچِرِي دنيا ۾ عشق ٿيو نروار،
ظاهري، باطني سندس آطوار (١).
وحدت آئي وِڌائين منجھ ڪثرت،
جسم ۾ جان ڪيو آچِري اِظهار.
هيءَ جهان آهي مِڙ رنگارنگ،
عشق باھ آهي، جا ڪِڍي ٿي شرار (٢).
گودڙي، جسم آهي پُر تصوير (٣)،
جان، درويش آهي پُر اِسرار.
آدمي خاص ٿورا، ٻيا ٿيا عام،
گرچه ظاهر ۾ آدمي ٿيا هزار.
ڪو منجهن هڪڙو هُوندو مَردُ سچو،
هُوندا لَکَ تن ۾ مَرْدُ، پر مُردار (٤).
ظاهري عيب هُن ۾ جيڪو آهہ،
سو هُنر آهي چڱو سندو هُشيار.
ظاهري جو ثواب ٿيو هِن جو،
سو گُناھ آهي چڱو سندو بدڪار.
اوليا ڪيڏي مرد صاحبدل؟
ڪيڏي ظاهر پرست، دنيادار؟

(١) رستا، نمونا، ڍنگ. (٢) چڻگون (٣) منقش، نقشن يا تصويرن واري (٤) مُئن جهڙا.

هُن جي شهوت ۽ ڪاوڙ آهه پليي،
زُهد ۽ حِلم (١) هن جي ڪان سَو وار.
ظاهري شهوت آهي، پر آهي،
آءُ براهيمي نار (٢) پُر آنوار.
ظاهري ڪاوڙ آهي، پر آهي،
اصل باطل خيال ۽ بيڪار.
ظاهري حِلم آهي، پر آهي،
خوف، نامردي، هر طرح آزار.
شمسؒ تبريز توکي چئي ٿو "قليچ":
ياد رکُ عشق جا سيئي آثار.

## ١٢٠. غزل ـ عشق جو شرف

فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

بخت جي ڪنهن وقت ٿيندو تنهنجو يار،
عشق جو تو ساڻُ ٿيندو ڪمُّ ڪار.
عشق ڏارا، عُمر جو ڪونهي حساب،
جو آهو ٿيو اصل ٻاهر، ڪان شُمار.
عشق ري، جي رُوح ڪو ويندو هتان،
ٿيندو بيشڪ حق آڳيان سو شرمسار.
جسم کي جنهن خوار ڪيو هيت ڪينڪي
ٿيندو سو فِرعون وانگي هُت خوار.
ٻاهه سان جو گُل نه ٿيندو پاڻي اڄ،
ٻاهه ۾ سڙندو سياڻي مثل خار (٣).
جنهن مٽي ۾ ناهه ڪا عبرت جيي آڪ،
پيرَ جانُ بي مانو ٿئي، بي اعتبار.
شمس تبريزيءَ جو پُڌ نُڪتو "قليچ"،
پاڻ کي ڪر عشق تان، دل سان نثار.

(١) صبر (٢) ٻاهه (٣) ڪنڊو.

رهن خوش تــا نادان، مـاٺين مـزا،
۽ دانا ڏُکـن ۾ رُئن زار زار.
چڙهيءَ لاءِ گَڏهن تي پيا سونا سَنَج،
ڦَٽيا تـازي گهوڙا، کـٽي سخت بـار.
مگر سچ چيو تَن، ترَن ڪَڪَ مٿي،
رهن مـوتـي، پاتـار ۾ شاهـوار (۱).
هيريل جي سواريءَ جا، پيادا سي اَج،
هليا جي تي پيادا، آهي آج سَوار.
جـي آبـاد هندَ هئا، سـي ويـران ٿيا،
۽ آبـاد، ويـران هـٿا جـي ديـار (۲).
ٿـيـا بيقدر نيڪ و ايمانـدار،
ٿـيـا قـدر وارا شـرَيـر ۽ مـڪار.
مـثال اَن سَندا ڪيترا ڏئـي "قليچ"؟
نموني جـي مـٽ مـان پروڙيو خـرار.

## ۱۲۴. غـزل ـ صنعت تجنيس ۽ لف و نشر

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

تون آهين بادشاه آهڙو، جو توکان پيو نه ڪو بهتر،
منجهه عِلمُ ۽ حِلمُ، بَزمُ ۽ رَزمُ، عَزمُ ۽ حَزمُ، فَخرُ ۽ فَر.
رهان پاڇي ۾ تنهنجي آءٌ سدائين، جان ۽ دل سان،
ڪريان ڪُرنش (۳)، وچان صدقي، رکان گردن، ٿيان چاڪر.
جَهانُدار ۽ جهانُ بَخشُ آهڙو، جو تنهنجي ڏياري ياد،
تو هِمَتُ، حاتمُ ۽ تَنُ، رُستمُ ۽ دمُ، عيسيٰ ۽ دلُ، حيدر.

(۱) شاهاٺا، صفت موتيءَ جي. (۲) شَهر، مُلڪ. (۳) نياز.

مُنهنجو جئو ۽ دل ڏيا سڄڻ! تُنهنجي هِجْر (١) ۾،
هڪڙو، غني ڏکُن ۾ (٢) ۽ ٻيو صبر ۾ فقير (٣).
عاشق ٻيو تنهنجو، مون کي ڏو ڏيجاري ۽ رقيب،
هِڪَ کي ڏو ڇاڻان مُنڪر ۽ ٻئي کي آءٌ نَڪير.
پاسن ٻنهي کان تُنهجي، مدد لاءِ آئي "قليچ!"
هِڪَ طرف ٻئو شَبَّر (٤) ۽ ٻئي طرف شبير (٥).

## ١٢٦. غزل - هجو، چڱي ۽ ٻچڙي به

فعولن فعولن فعولن فعول

خراب آهي هَجوْ ۽ ڪري ٿيي سا خوار،
ٻڇاءٌ آهي ليڪن ۽ هشيار يارا
وچڙنءَ، نانگَ، ڏينيوءَ جو جيئن آهي ڏنگ،
ڇنبو، ڇُهنب جيئن ٿيو پکيءَ جو شمار (٦).
نه جو هَجوْ ڇاڻي ڏو شاعر، آهو،
ري ڇنبُن، ڏندن، شينهن کر تون شمار.
خدا پاڻ قادر (٧) ٿيو هر طرح،
ڪري مَدْح (٨) پڻ ڏار ۽ هَجْو ڏار.
محمّد جيي ڪيئين مَدحْ، قُرآن ۾،
ڪيئين هَجْو سان بُولَهَب جيي ڇار.
ڏنو حُڪُم حسّان (٩) کي خود رسول،
ٻُڌي "آهْجَهُمْ"، (١٠) هَجْو آن ڪئي تيار.
هِجا (١١) جا الف، بي ۽ تي حرف ٿيا،
تون مڪتب کو خالي آنهن کان ڏيکار.

(١) فراق (٢) گهڻو ڏکايل. (٣) بيصبر (٤) إمام حَسَن. (٥) إمام حسين.
(٦) دستور (٧) قدرت وارو. (٨) تعريف (٩) عرب جو مشهور شاعر.
(١٠) هنن جي هَجْو کر (١١) حروف تهجي.

تَولاّ (١)، تبرّا (٢) ۽ پڻ مدح و ذمّ (٣)،
ٿيا وقت تي ٿئي مناسب آئي يارا
تون جرّاح (٤) ڪنهن وقت نشتر هڻي،
۽ ڪنهن وقت مرهم رکي، ڏيئي پيار.
تون عادت نه ڪر هجُو جي آئي "قليچ!"
ڪرين جي، ته ٿيي ڏيان سان حق گذار.

## ١٢٧. غزل – صنعت لف نشر ۽ سياقةالاَعداد

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن

ٿيا ٿي، تو سندي منهن، آک ۽ زلف جا نوڪر،
گُل آهي هڪڙو ۽ ٻيو نرگس ۽ ٽيو عنبر.
مراد ياب (٥)، چمن ۾ ڪان تُنهنجي ٿيا ٿي ٽول،
حيات (٦) هڪڙو ۽ ٻيو زم زم ۽ ٽيو ڪوثر.
ڏي ٿي چمن مان، تي اِنعام، هڪڙي بوسي (٧) سان،
عقيق هڪڙو ۽ ٻيو پستو ۽ ٽيو شڪّر.
ڏياريو تُنهنجي گُلن ۾ ڪي، ٽن جنّ جلوو،
جمال هڪڙو، ٻيو سينگار ۽ ٽيو زيور.
تون بادشاهه ٿئين حُسن جو ۽ تنهنجو غلام،
ٽيو دارا هڪڙو، سڪندّر ٻيو ۽ ٽيو قيصر.
رهن ٿا اصل ڪان تُنهنجا مُطيع ۽ تابع،
زمانو هڪڙو ۽ ٻيو آسمان، ٽيو اختر (٨).
ٿيا تُنهنجي آڏو آچي زال، رُستم ۽ سهراب (٩)،
غلام هڪڙو ۽ ٻيو خادم ۽ ٽيو چاڪر.

---

(١) محبّت (٢) عداوت، بيزاري. (٣) گلا (٤) ڊاڪٽر، سرجن.
(٥) مطلب حاصل ڪندڙ. (٦) آبحيات (٧) چُمي (٨) تارو (٩)
ايران جي ٽن قديم پهلوانن جا نالا.

ڪاري آشراف ۽ ڪميني آچي،
چونڊي ڪڻ، سوچ سان رَکج اِت پير.
هڪ سچي ۽ ٻي ڪُوڙي، تن کي پرک،
مَٽَ (١) نہ هڪ جي رتي ۽ ٻيءَ جو سير.
نفس ماري، پڇي جو ڪجريءَ کان،
مَرد تنهن کي "قليچ"! ڄاڻج شير.

## ١٣٢. غزل ــ عشق جو ڪافر

فاعلا تن فاعلا تن فاعلا تن فاعلات

ڪافر آهيان عشق جو، مُون کي مسلمانيءَ کان عار،
پيو ڪَٻو ڇا؟ ٿيو جٽيو جڏهن منهنجي رَڳَ رَڳَ، وار وار.
اَٽ تون سيرانديءَ کان منهنجي، وڃ هليو آي چٽ طبيب!
عشق جي بيمار جو، ديدار تي آهي مدار.
باغ جو سير ۽ تماشو، ناهي عاشق کي ضرور،
آهن اَن لاءِ داغ اَن جي سيني جا باغ ۽ بهار.
خوش ٿيءِ اي دل! جو سُياٽي عشق جي بازار ۾،
آهي وعدو قتل جو، ديدار لاءِ ٿيج جانُ نثار.
ناخدا (٢) ٻيڙيءَ آسان جيءَ جو نہ هوندو جي تہ ڇا؟
ناخدا تي ناهه، پنهنجو ٿيو خدا تي اعتبار.
خَلق چئي، خسرو ڪري ٿو بُت پرستي آي "قليچ"!
تو ڪري بيشڪ، پر اَن جو خلق تي ٿيو ڪهڙو بار؟

## ١٣٣. غزل ــ يار جي ڳولا

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

آجايو آءٌ ڳَليُون، ڪُوچا گهُمان ٿو ڪين منجهہ بازار!
آهيان عاشق مزاج آءٌ، ڳوليان محبوبن سندو ديدار.

(١) برابر (٢) ناکُئو.

شراب آهه شوق جو پيي، يارَ کي ڳوليان سدا دَر دَر،
ٿو ڳالهايان چريتَن جانءِ، پر آندر ۾ آهيان آهه هشيار.
آهيان لاهوت جو شهباز، دل جي مُلڪ ۾ آڏران (١)،
نه ڪِجهه وانگي وَتان ڍونڍيندو (٢) نيت آهه ڍوُنڍ ۽ سُردار.
هزارين سون هنيون هن بَحْر بي پايان ۾ ٽُٻيوُن،
تہ مَنَ معنيٰ جو ڪو موتي ڪيان ڳولي، ڪريان نروار.
خدايا! رَحْم ڪر، آهيان پريشان ۽ پشيمان آهه،
خطا ڪار ۽ گنهگار آهيان، آهي حالُ منهنجو زار (٣).
تون روسيءَ تي عنايت ڪر شها! آهي "قليچ" اَن گڏ،
غلام آهن ھئِي شمسيءَ، قِرن تا سي قلندر وار (٤).

## ١٣٤. غزلِ - ساڌو ڪافر آهي

مفتعلن مفتعلن فاعلن

ڏِسُ! سڏيون ڪافر تا پين کي اگر (٥)،
پاڻ آسين ڪافر آهيوُن بتَر.
ڪافر إنسان کي ڪوٺيو خدا (٦)،
شاهد قرآن آنهيءَ جو پڌر.
آشرف مخلوق جي اِنسان ٿيو،
اِنَّ الاِنْسان ڪَفُورُ آهي پر.
خلق خدا جي آهي ڪافر جڏهن،
عشق جا ڪافر ٿيا تن ۾ سَدَر (٧).
چو نہ تون عاشق ۽ بہ ڪافر بہ ٿين؟
ڪُفْر ٿيو ايمان اِهو سربسر.
فَرق ٿيو ڪافر و مومن ۾ ڪونہ،
فِرقا وڙهن چو تا تڏهن باهر؟ (٨).

---

(١) آڏاسان (٢) ڳوليندو (٣) خراب (٤) وانگي (٥) اگرچه
(٦) قرآن ۾. (٧) بهتر (٨) يا - ٿيهتر.

ڪعبو هو بتخانو آهي ڪُفر جو،
ڪُفر ٿيو اِيمان جي رَونق آپَر.
نُور ٿو ظُلمات (١) مان ظاهر ٿئي،
ڏکَ بنا سُک جي نہ پوي ڪا خبر.
دنيا آهي جاءِ ضِدن جي ”قليچ!“
خالي نہ حِڪمت کان هوّ ئي عَيب ۽ هُنر.

## ١٣٥. غزل ـ عشق جو باب

فاعلاتن مفاعلن فعلات

عشق جو حَرُف هوّئي زبان کان دور،
شَرُح اِن باب جي بيان کان دور.
عشق جي دعويٰ مدّعي نہ ڪري،
نانءُ، ناموس هين نشان کان دور.
دل ۾ تُنهنجي رهي ٿو حرص، هَوَس،
رهي عاشق ٿو نِت جهان کان دور.
اوّل آخر ڏِسي، نہ نيڪ، نہ بد،
کانُ زمانُ آهي ۽ مڪان کان دور.
دَمُ هڻين عاشقيءَ جو ڪيئن تو ”قليچ“؟
رکُ يقينُ، رَهُہ سدا گمان کان دُور.

## ١٣٦. غزل ـ خوف ۽ هيبت جي وچ ۾

فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

فرق، ڪَن (٢) تون خون ۽ هيبت جو ڪر،
تا حقيقت جي پوي توکي خبر.
آهي هيبت ۾ لِڪل ڏاڍي ڏَيا،
رُعب (٣) ۽ عظمت (٤) جا ڍَپَ سان گڏ آثر.

(١) اونداهي (٢) ڪَن ڪر، ٻڌ. (٣) دهشت (٤) وڏائي.

نوروز تي ٿيو عالم ۾ آدم پيا (١) ڇوَن،
نوروز تي ڪَيو آوهين مهديءَ جو انتظار.
آي مومنو! خوشي ڪريو ۽ شُڪُر رَبّ جو،
جنهن گڏ ڪيا آوهان ۾ ڪيئي نيڪ، نامدار.
هم مذهب آهيو سڀ، آهيو هم قوم، هم وطن،
هڪ ٻئي جا سڀ، ڪمن ۾ ٿيو يار غمگسار.
تسبيح ۾ ٿيو جيئن رهي داڻن جو اِتّفاق،
رکجو دليون ڳنڍيل، رهو ظاهر اگرچه ڌار.
هڪ ٻئي جي آئين ڪَريو پيّا مدد سڀ ڪمن اندر،
جڳ ۾ سدائين تا رهو با عزّ، با وقار.
ٿيو صلح ڪُل ڪي ويجهو، رهو دُور ڪان فساد،
لاهي تعصّب، آئين رهو سڀني سان سازڪار.
تعليم جو رکو آوهين هر وقت ڪو خيال،
آخلاقي، ديني، دُنيوي، آئين سڀ ڪريو سڌار (٢).
اِصلاح جي ڪريو آوهين ڪوشش جا ٿيئي سگهي،
پوءِ ڪارساز تي رکو آئين پنهنجو ڪاروبار.
ڪهڙي ڪري ”قليچ“، نصيحت آوهان کي وَڌِ؟
شل! ڏئي آوهان کي همّت و توفيق ڪردگار.

## ١٤٢. غزل – دوازده امام

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

صلوات تن تي، جي ٻارنهن ڇوَن امام آطهر(٣)،
علي، حسن ۽ حسَينُ، زين عابدينُ، باقر.
۽ پوءِ صادق(٤)، ڪاظم(٥)، رضا(٦)، تقي(٧)۽ نقي(٨)،
۽ عسڪري (٩) ٻه ۽ مهدي (١٠)، سڀني مان جو آخر.

(١) پيدا (٢) سڌارو (٣) پاڪ (٤) جعفر صادق (٥) موسيٰ ڪاظم
(٦) علي رضا (٧) محمّد تقي (٨) علي نقي (٩) حسَن عسڪري
(١٠) محمّد مهدي.

حَسَنَ بہ تن ۾، محمّد بہ ٽي ۽ چار علي،
۽ هيڪُ حسين ۽ هيڪُ موسيٰ آهي، هيڪُ جعفر.
بَحقّ، چارده معصوم يا الاهي! تون،
گناهہ بخش ۽ مطلب آسان جا پورا ڪر.
"قليچ" تن جي مُحابي گهُري تو توکان دُعا،
قبوُل ڪر سا ۽ ڪ آن تي ميهر جيي تون نظر.

# رديف - ص

## ١٥٢. غزل - عشق جا نشان

فاعلاتن مفاعلن فعلات

عشق چائي تـو سُنهنجو عـام ۽ خـاص،
منهنجـو معلـوم صـدق ۽ اخـلاص.
بَنـدَ آهـڙي ۾ آهـيـان قـاتـل آءٌ،
جو نہ ٿيندس ڪڏهن آنهيءَ مان خلاص (١).
روج، راڙو، اوجاڳو ۽ مُنهن زرد،
عشق جا ٿيا هزارين آهڙا خَواص (٢).
جي خـدا چـاهـي ٿيان پہ پيرا جَوان،
جيئن صـحـابـي وڏو هـو عُمرو عـاص.
سـوتيي مضمون جـا ڪـڍان ڳـولـي،
شيعر جـي بَحر جو آهيان غواص (٣).
ڪري قُربئون جي يار قتل "قليچ"!
نہ ڪڏهن وٺندو ڪو آنهيءَ جو قصاص (٤).

## ١٥٣. غزل - اخلاص جي تعريف

فاعلاتن مفاعلن فعلات

هر ڪنهين ڪَمَ ۾ خوب آهي خلوص (٥)،
دنيا ڪان، دينَ جي ڪَمَن ۾ خصوص (٦).
شاهـد آن لاءِ حـديـثـون ٿـيـون سهسين،
پڻ هزارين آنهيءَ جـي لاءِ نَصُوص (٧).

---

(١) آزاد (٢) خاصيتون، نشانيون. (٣) ٻوڙو (٤) بدلو (٥) اخلاص، سچائي. (٦) خصوصاً، خاص ڪري. (٧) قران جو نصون يا آيتون.

مران ٿو سِڪَ ۾ سندس، وَصل جوُن آهِ ڳوليان ڳليون،
وجهايان فالون ۽ پيرن تي آءُ ٿو چاڙهيان پڙ.
سندس مُنگت ۾ وِيئم خواب و خور ۽ سُک، آرام،
ڪسي ويو هوتُ، حياتيءَ جي پڻ هينئين مان هڙ.
رهان ٿــو غرق محبّت جي بحُر ۾ هر وقت،
هٿان ٿو ٻانهوُن، ميلي متن! وصال جي ڪا ڪڙ (۱).
وَجي ٿِي عمُر وَهِي نٿي جانُ، تَرسي ڪين ڪڏهن،
نہ ٻَندُ اُن کي جهليڪو، نہ ڏَنِي مگهي ڪو آڙ (۲).
ٽِڪو ٿيو وَهڪرو اُن جو، ڇڏي نہ خشڪ، نہ تَر،
ڪنڪ ٿو کيهلي نيئي ۽ پٽي ٿو پاڙوُن بڙ (۳).
وَڏيڪ سِپ ڪان اِنهيءَ ڪشمڪش ۾ آهي ”قليچ“،
خراب حالُ سندس ٿيو، ڪجئين ڪي والي! وڙ.

---

(۱) ڪنارو (۲) روڪ (۳) وڻ جو قسم.

## رديف - ز

### ١٤٥. غزل - عشق جو ڪارخانو

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات

حسن تنهنجي ڪان رهان دوست! آءٌ منجهه سوز ۽ ساز،
عشق سيکاريو مونکي تنهنجي، پٺيءَ ناز و نياز.
درد ۽ نياز آهي عاشق صادق جو وڪر،
نه ڪينهن عشق جي بازار ۾ ڪو زهد و نماز.
وات تنهنجو ڏسي، ڪڏهن عيش سندم آهي تنگ،
قد تنهنجو ڏسي، ڪڏهن عمر سنديم آهي دراز.
ٻن جهانن کان سڀي پنهنجون اکيون جڏهن چڏين،
تڏهن ويهين شاهه جي هٿ تي، تو ويهي جيئن شهباز.
پاڻ پنهنجو آهين پردو، ڪرين جڏهن پاڻ کي ترڪ،
خاص خلوت ۾ تڏهن تيئن تون وڃين محرم راز.
ڪارخانو آهي نيت عشق جو الٽو ۽ عجيب،
اتِ آياز آهي تيئو محمود ۽ محمود آياز.
نور، جهر جهنگ ۾ موسيٰ جان ڏسين جڏهن "قليچ"!
فرش تان عرش تي، عيسيٰ جان ڪرين تڏهن پرواز.

### ١٤٦. قصيدو - نماز جو تاڪيد

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

اي عزيزو! تي اوهان تي فرض سيڪنهن پر (١) نماز،
آهي واجب تا پڙهو مسجد اندر آئين هر نماز.
مرد، عورت، پٽ ۽ ڌيءَ، نوڪر ۽ ٻانهو، ٻانهي پڻ،
سڀ رهن پڙهندا، ننڍا توڙي وڏا، گهر گهر نماز.

---

(١) طرح.

# رديف - ڏ

## ٨٧. غزل - عقل ۽ جهل جو فرق

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ماڻهو دنيا جا نرالا، خواه دانا، خواه ڏڏ (١)،
هي ٿيپو دريا وڃن ٿا، هو ٻيهن ٿا آڏو آڏ.
فرق جهل ۽ عقل جو ڏس! خوف ۽ جرأت جو پڻ،
هي پٿون پاڻي ۾ ڪاهي، ڪن، هو ڪپ (٢) تي ٻيهي سڏ.
هو پڇن گهيڙ ۽ پتڻ، سيٽاهه يا تنبو ڪڍن،
۽ هي بسم الله چئي صيد ڦون، لنگهائي نين لنڌ (٣).
هو ڪري هن لا ۽ سک، سلامت (٤)، ۽ آڏن ماڙيون، محل،
هي توڪل تي رکي، پاڻي ۾ مٿان جوڙين مڏ (٥).
دين ۽ ايمان جو رستو نيئي پار آي "قايچ!"
عقل جو رستو ونين جي، تون پچائين پنهنجا هڏ.

## ٨٨. غزل - دنيا ۾ خير ۽ شر ٻئي گڏ

فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

پنهنجي قسمت جي عمارت جا سڀئي آهين اوڏ (٦)،
خير ۽ شر سڀ جي هٿ ۾ هوئي، جي هوئي تن کي نه هوڏ (٧).
جنگ جبر ۽ قدر جي، تقدير ۽ تدبير جي،
ڏر (٨) ڪان ٿي، پر گڏئي، جيئن مغز ۽ کل، کپ ۽ چوڏ (٩).

---

(١) نادان (٢) ڪناري (٣) مڏي (٤) سلامتي (٥) گهر (٦) آڏ ٻند ۽
(٧) ضد (٨) آصل (٩) چوڏا، کل.

ڀـر نہ بي ترڪيب آهڙي پـڙهُہ، خدا جي واسطي!
جـو قـيـامـت ۾ وري تـوکـي هٿن بَرسَر نماز.
جي پڙهن ٿا ڪينَ، تن جي حالَ تي افسوس آهہ!
ٿيي پلا ڪنهن ڪان گهڙي ڪڏهين ڪو مالُ ۽ زر نماز؟
جو ٿيي مومن، ڪينڪيي پُورو ڪري ٿو فرض ايءُ،
پڙهجي ڪيئن، آن جي جنازي تي، سندن خاطر(١) نماز؟
هڪڙي رڪعت مان رسي ٿو، هڪڙي رڪعت جو ثواب،
پوءِ پڙهي دُڪان ۾ ڪو، يا پڙهي ڪو گهرَ نماز.
ويجهڙي مسجد ۾ ٿئي هڪ لاءِ (٢) ستاويهن جو آجُر،
پنجَ سؤ جو (٣) مسجد جامع ۾ پڙهجي گـر نماز.
هڪڙي رڪعت جي بجا، پهچيس آڌ لـک جو ثواب،
مسجد نبويءَ ۾ ڪـو مـومـن پـڙهي جيڪر نماز.
جنهن جي پڙهندي، هو نہ حاضر قلب(٤) تنهنجو آي "قليچ"!
سا ٿيي باطل، وَٿيي قضا ٿيي، پڙهہ وري پيهر نماز.

---

(١) واسطي، لاءِ. (٢) هڪ رڪعت لاءِ. (٣) آجر (٤) دل.

# رديف – س

## ١٤٧. غزل– دنيا ۾ چڱي هلت

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

دشمن وڏهي جي، سُون سان ته پڻ دوست آهه مجانس (١)،
ڏٺي جي هزار گاريُون ته اُف ڪين آهه چوانس.
دَڙڪا ڏئي ترار جا، مَر ويجهو آئي سا،
تا پنهنجي چيلهه سان آهه، ڪمربند جيئن ٻڌانس.
دنيا تي چشم بندي ۽ جادوگري ڪري،
تسبيح ۽ مصلّي سان آهه پيروي ڪريانس.
ڳهاٽي جي اَڪَ جانُ پيو ڦران، واتَ ۽ آڪيون ٻڌل،
تِرَ يا سِرنهن هُوئي، تيل يا ڪَڙُ، ڪينڪي ڏسانس.
آهيان توڪّلي آهه، وَڃان ڪنهن جي دَرَ تي ڪين،
مون وٽ لنگهي آچي ڪو، ته سَوُ مانَ آهه ڏيانس.
موسيٰ جانُ، وَٽ مان سُون ڪي ميلي باهه تي جڏهن،
آئيان آهه چڻنگ، وادي آيمن ۾ پاريانس (٢)
آهه جان، دل ۽ عقل ڪي نيان خُلد (٣) ۾ "قليچ"!
هيڪ لاءِ، تِن ڪي نيانُ آهه آتَن ڏي (٤) ۽ خوش رکانس.

## ١٤٨ قصيدو– آڳي بہ هوس، آڳتي بہ هوندس

فاعلاتن مفاعلن فعلن

حُڪم حق جي تي باوفا هُوندس،
صاف صوفين جانُ آهه صفا هُوندس.
ٻُڌ ته توکي ٻڌايان تِن جا قَول،
ڪين مرندس آهه، دائما هوندس.

---

(١) آهه آن کي وِسهان. (٢) حضرت موسيٰ وانگي. (٣) بهشت
(٤) آٿ بهشت.

چئي تو خاقاني، "آهيان چَنڊ نہ آءٌ،
چمڪندڙ سج جانءِ رهنما هوندس.
هوس سَئو سال هين کان آڳ آءٌ،
پوءِ بہ سَؤ سال آگتي پيا هوندس."
اِن طرح چئي تو مولوي روميءِ،
"مِثل سبزي جي بارها هوندس.
نَؤ سَؤ قالب(١) ڏٺا مون ۽ پنجاهہ،
جيئن اڳي هوس تيئن آڃا هوندس."
شمس تبريزي تو چوي هڪ هنڌ،
"اِبتدا هوس، اِنتها هوندس.
هڪ دفعو ڄائو گاهہ(٢) ۽ اِنسان،
ڄائو آءٌ هيت گهڻا دفعا هوندس."
چئي تو پڻ ڙنده پيل آحمد جام،
"قطرو، قلزم کان ڏار تا هوندس.
هوس جيسمن ۾ سؤ، هزار وَرهہ،
وَرهہ پيا پيي آڃا گهڻا هوندس."
قول منصوُر جو بہ آهي هيئن،
"ڪيئن فنا ٿيان؟ جو آءٌ بقا هوندس.
بَحر وَحدت جو آءٌ قُرو آهيان،
آڳ بَجا هوس، پوءِ(٣) بجا هوندس."
۽ سَنائي حڪيم پڻ تو چئي،
"سڀ کان آڳ هؤس، چؤ تہ ڇا هوندس؟
آءٌ آزل کان اڳي هئس جيئرو،
تا آبد چو نہ آءٌ پيا(٤) هوندس؟"
بولي بهلول جي بہ، بُڌ آبتي،
"پَہ وَرهہ اڳ خدا ڪنا هوندس.

(١) جسم (٢) نباتات (٣) پوءِ بہ، اڳتي. (٤) قائم، جيئرو.

نہ هو آرض و سما (١) خدا بہ نہ هو،
تہ ذهن منجھ نشو ۽ نما هوندس."
چيٿو نبيءَ (٢) پڻ، "محمّدي آءٌ نور،
اصل کان هوس ۽ سدا هوندس.
حاضر، آدم کان اڳ هئس حق وٽ،
واصل آخر بہ باخدا هوندس."
پيروي تِن جي تي چوي ٿو "قليچ"،
چو نہ نيت جيئرو آءٌ يلا هوندس؟
تي بشر، ڪين ٿيان خدا ليڪن،
نہ خدا کان ڪڏهن جدا هوندس.

## ١٤٩. غزل ـ صانع جي صنعت

مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن.

گل، هٿ ڪئي مُنهن تُنهنجي کان نازڪبدني ڏِس!
بلبل سِکِي جِيپ تُنهنجي کان شيرين سخني ڏِس!
لب لعل ڏنا تنهنجا جنهين، دل بہ چيو تنهن،
دِلي هِي رڪي (٣) واه! عقيق، يمني ڏِس!
قد تُنهنجي تي قادر سِبِي، قدرت سان قبا هيءَ،
حيران مٿس ٿيو گهڻو سرو، چمني ڏِس!
قربان ٿيان صنعت، صانع جي تان هر بار،
تو جهڙو ملائڪ ڪيئين هيڪ قطرو مني ڏِس!
جامي ٿو وڃي، تو ڪي "قليچ!" آو ڪري همراه،
تي خوش، وڃي درگاه رسول، مدني ڏِس!

(١) زمين ۽ آسمان. (٢) حضرت محمد صلعم. (٣) پنهنجي آندر بہ.

# رديف- ش

## ١٥٠. غزل- روح ۽ جسم

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

رُوح ماڻهو آهي اَصلي، جسم ان جو آهہ پوش،
جسم ۾ طاقت رهي ٿي، تہ رهي منجهہ رُوح هوش.
جسم جا عضوا ڏسين جي، روح جا آهن هٿيار (١)،
رُوح اندر ٿيا حواس، ۽ جسم تي ٿيا چشم و گوش (٢).
حُڪم آچي ٿو روح کان، گهر جنهن جو ٿيو دل ۽ دماغ،
ڪم ٿا ڪن هٿ، پير، عضوا، ۽ آچي ٿو دل ۾ جوش.
ڏک ۽ سُک منجهہ روح هوئي، اَن جو اثر ٿئي جسم تي،
سُنهن مان ٿئي معلوم، نيش (٣) آهي اهو يا آهہ نوش(٤).
فهم ۾ ڪنهن جي آچي، ڪيئن ڪو ڪري اَن جو بيان؟
ٿيو عجب اِسرار اِيءُ! بهتر "قليچا"! رَهہ خموش (٥).

## ١٥١. غزل- عاشق جو حال

فاعلاتن مفاعلن فعلات

سُون جڏهانڪر چکي چمن جي چاش (٦)،
رهان هر حال ۾ تہ خوش ۽ بشاش (٧).
گرچہ ٿيو دل ۾ دوست جو ديرو،
تہ ڪريان اَن جي نيتُ طلب ۽ تلاش.
مَي (٨) محبت جي ڪيو مُنکي مدهوش،
مَرُ ڪيلن مون تي پيا آنڌا اوباش (٩).

---

(١) اوزار (٢) اکيون، ڪن، ظاهري حواس. (٣) ڏنگ، ڏک.
(٤) ماکي، سُک. (٥) چُپ (٦) ماکي، مٺائي. (٧) سرهو (٨) شراب
(٩) ڪميٺا ماڻهو.

پيو ڀلي لوڪ مون کي ڪالهائي (١)،
مون کي گهرجي ٿيي دوست جي شاباش.
عشق ۽ مشڪ ڪين ڪذهين لڪي،
نينهن منهنجي جا راز ٿيي ويا فاش (٢).
عشق منهنجو حقيقي آصل کان آهه،
ٿيا مجازيءَ ۾ مخشو سي عيّاش (٣).
عشق جا آهه پڌايان توکي نشان،
جسم ۽ جان جي تراش، خراش.
اچ ۽ ٻڪ، ڏک ۽ سک نه عاشق کي،
نه ڊڄي آو معاد (٤) کان نه معاش (٥).
سو سڀاڳو، سچو تون عاشق ڄاڻ،
دوست جي در تي دفن جنهن جو لاش.
عشق جو هيءُ ڏنو "قليچ" بيان،
ڪئي آنهيءَ کي هئي دوست اِيءَ فرماش (٦).

---

(١) اجايو سجايو. (٢) ظاهر (٣) عيش پسند ماڻهو. (٤) آخرت (٥) دنيا جي گذران کان. (٦) فرمائش، حڪم.

# رديف - ڙ

## ١٤٣ . غزل - دشمن تي ڪاوڙ

فاعلاتن مفاعلن فعلات

تو ڪئي آهي مون سان جاني! جاڙ،
جو ڪرين ٿو ڪڏهن ٻين ڏي لاڙ (١).
ڪِلين، ڳالهائين تو ٻين سان جڏهن،
ريس ڪان ٿا آچن سڄڻ! مُنکي ساڙ.
منهنجي نسبت چوئي ٿو جيڪي رقيب،
نه مڃيج، ڪوڙي هو هٽي ٿو ڏاڙ (٢).
منهنجا دشمن، جي ڪوڙ ڪن مون تي،
تنجي خاوند شل! پٽيندو ٻساڙ.
نانگ ڪائين شال! ڪو آهڙو،
جو نه ڪنهنجي لڳي انهن کي جهاڙ.
جيڪڏهن تن سان ڪو آڪيلو سليم،
ته هٽي هوند لٽ، پڇانس آ چاڙ.
ڪريان ماري انهيءَ کي زار و زبون،
پٽي ٻنهنجن ڪنن سان آن جي راڙ (٣).
مار ڪاوڙ "قليچ"! ڪر تون صبر،
مولي، پائهئي ڪندو متان تو ماڙ.

## ١٤٤ . غزل - عاشقن جو حال

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن

لڳي آتم جگر ۾ جان ۾ سڄڻ جي جڙ،
پڄائيندو وتان آ ٻحڻ، ٻر ۾ تڪيا تڙ.

---

(١) لاڙو، ميل. (٢) ٻناڪ (٣) رڙيون، دانهون.

آهي آخلاص دارا سي ڪمُ ڪُوڙ،
تا تين آمر عظيم ۾ منقوص (١).
چون عُلما ۽ مُجتهد آنکي،
پڙهو مشڪوات آئين وچڙ ۽ فصوص (٢).
آعتقاد آن تي عالمن جو آهه،
پر "قليچ" آهي معتقد مخصوص.

---

(١) ناقص (٢) ڪتاب جو نالو.

# رديف – ض

## ١٥٤. غزل– يار کي عتاب

مفتعلن فاعلن مفتعلن فاعلن

چو نہ ٻُڌين يارا! تو، مِهر منجهان منهنجو عرض؟
عرض گدا جو ٻُڌڻ، شاه مٿي آهي فرض.
پيو آهيان بيمار هيت، دَرَ تي سندُئِي اي طبيب!
ڪڏهين نہ مون کان پڇُئِي، ڪهڙو رکين ٿو تون مرضُ؟
عشق ۾ تُنهنجي مران، وقت ٿيو نزع، (١) جو،
عرض ٻُڌي مُنهنجو تون، ڪڏّهن ڪندين معلوم غرض(٢)؟
روبرو تُنهنجي سڄڻ! آءٌ سِڪهو تا دم ڏيان،
روح سَما (٣) ڏي وڃي، جسم ڍَڪي مُنهنجو آرض (٤).
ساهہُ ڏيڻ دوست تي، فرض مٿَهين ٿيو "قليچ"،
قرب مان قربان ٿيي، مَرُ تہ آدا (٥) ٿئي هي قرض!

## ١٥٥. غزل– عشق جو مرض

مفعول مفاعلن مفاعيل

ٿيو عشق جو مرض، جُملہ آمراض (٦)،
آن کي نہ پروڙي ڪوبہ نباض (٧).
ٿيون آن جون عَلامتون هزارين،
هِڪَ کان بہ نہ ڪَن حڪيم آغماض (٨).
هرڪو (٩) نہ علاج آن جو ڄاڻي،
ڄاڻي سو، سدا رهي جو فيّاض (١٠).

---

(١) سڪرات (٢) مطلب (٣) آسمان (٤) ڌرتي (٥) پورو ٿئي.
(٦) مرضن جو مجموعو. (٧) نبض جاچيندڙ طبيب. (٨) چشم پوشي.
(٩) طبيب (١٠) فيض پهچائيندڙ.

تشخيص (١) جو روح جيي ڪري پڻ،
تحقيق (٢) ۾ پڻ هجي جو مُرتاض (٣)
نشتر نه، رکي، رکبي جو مرهم،
مِفتاح (٤) رکي جو نه مِقراض (٥).
آهڙو جي ”قليچ“! هٿ ڪرين ڪو (٦)،
دوزخ ڏسين پڻ بهشت جا رياض (٧).

## ١٥٦. غزل- خدا کي سوال

فاعلاتن مفاعلن فعلات

سوال پنهنجو ڪَيَم وٽَهين (٨) معروض (٩)،
جو تون آهين ڪريم (١٠)، آيِ فَيُوض (١١).
دَر ڏٽِي! (١٢) تُنهنجي تو ڪريان آزي،
اِلتجا آهي بندي تي مَفرُوض (١٣).
تُنهنجا احسان، ساري عالم تي،
تو سندي، ساري خلق تِي مقرُوض (١٤).
بخشش ۽ رزق جا خزانا سڀ،
تُنهنجي هٿ ۾ اِلاهي! تِيا مَقبُوض (١٥).
قافيو تنگ ٿيو (١٦) ”قليچ“ جو آهه،
ڪَرُ آچي آن کي اِتِ نه عِلم عروُض (١٧).

---

(١) مرض سڃاڻڻ. (٢) حقيقت، طريقت. (٣) رياضت ڪندڙ، استعمال وارو. (٤) ڪنجي (٥) قينچي (٦) طبيب (٧) گهڻا باغ. (٨) تو وٽ. (٩) عرض (١٠) آي ڪريم! (١١) فيض جو درياه. (١٢) آي ڏٽي! (١٣) فرض ڪيل. (١٤) قرض هيٺ. (١٥) اختيار يا قبضي ۾. (١٦) عاجز ٿيو آهي، پيو قافيو آن کي نٿو لڀي. (١٧) شيعر سازيءَ جو عِلم.

# رديف ـ ط

## ١٥٧. غزل ـ ڇا ڇا غلط آهي؟

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن

جي چوان، دوست آکين کان ٿيو نهان (١)، آهي غلط،
جي چوان، سڀ جي آکين ۾ ٿيو عيان (٢)، آهي غلط.
روح محض (٣) آهي سڄڻ، جڳ جي آهي جان جيءَ جان،
جي چوان، آهي منجهس حق (٤) جو گمان، آهي غلط.
ظلم سان ساري مون کي، مون کان ٿيو کونہ قصور،
پر چوان جي تہ آهي دشمن، جان، آهي غلط.
گهائي نيڻن سان، پرون (٥)، پنبڻين (٦) کٽي مون تي پريان (٧)،
جي چوان، آهي وٽس تير و کمان، آهي غلط.
ساري مون کي تو جيئاري وري، هڪ گار ڏئي،
جي سڏيان آن کي مسيحائي زمان، آهي غلط.
چنڊ چوڏهين جو فلڪ تي ڏسي آءٌ چمڪندو،
جي چوان، يار جو هي آهي نشان، آهي غلط.
عمر سڄي ۾ ڪري ڪم تو پارن جا "قليچ"،
جي چوي ڪو تہ، هي ڏسجي ٿو جوان، آهي غلط.

## ١٥٨. غزل ـ يار جي خط جي پهچ

فعولن فعولن فعولن فعل

مليو مون کي آج، تنهنجو دلدار! خط،
محبت جو تنهنجي ٿيو ظاهر نمط (٨).

---

(١) لڪل (٢) ظاهر (٣) خالص، مڄ. (٤) خدا (٥) ڪمانون، تلوارون. (٦) تير (٧) پري کان. (٨) رستو، دستور.

پيارو (١) ليکي، خَطُ (٢) اُنهيءَ تي کڍيئي،
کيئي بخش (٣) کي نحس (٤) ڏاهي نُقط (٥).
ليکيئي، ڇو تو ڏرڏر رکين دوستي؟
گمان آهي اِيءَ تنهنجو دلبر! غلط.
جنهين توکي ڪوڙي خبر اِيءَ ڏني،
ڪُسي شل! قلم کي لڳي جيئن تو قط (٦).
نه وسهج، ٻُڌين جيکي حاسد چون،
سدا دشمن جُون تيون ڳالهيون سقط (٧).
سُنو (٨) هاڻ عاشق ويچارو "قليچ"،
پُڇي بازَ سان کيئن تيتر يا ڪِ بَط (٩).

## ١٥٩. غزل ـ عشق جي وصف

فاعلاتن مفاعلن فعلات

عشق مان پيدا جان ٿئي تي نشاط (١٠)،
اُن ۾ تفريط (١١) ناهي يا افراط (١٢).
عشق ۾ آرض (١٣) ۽ سما (١٤) ماہي،
آهڙي اُن جي کشادي آهي بساط (١٥).
ڏوبهو (١٦) واٽ اُن جي سا آهي،
جا تيکي ۽ سنهي تي سڌجي صراط (١٧).
ناهي آسان هٿ آها (١٨) اٿس،
سخت مشکل اُنهيءَ جا تيا اشراط (١٩).
اُن جي حڪمت، حڪيم نا سمجهن،
ڳڌ تين ستو آرسطو ۽ سقراط.

(١) لفظ (٢) ليک، رد کرڻ لاءِ. (٣) ۽ (٤) لفظ (٥) نقطا
(٦) وڍ (٧) اجايون عبث. (٨) ڦاٿو (٩) بَدک (١٠) خوشي
(١١) گهٽتائي (١٢) زيادتي (١٣) زمين (١٤) آسمان (١٥) فرش
(١٦) بالکل ساڳي. (١٧) پُل صراط. (١٨) واٽ (١٩) گهڻا شرط.

علمُ آن جو عميق (١)، حرف هزار،
ٿيا نُڪات (٢) آن جا سهسين، سهسين نقاط (٣).
لڪين آن جا (٤) خزانا، جن آڏو،
گنج قارُون گهٽ ٿيو ڪان قيراط (٥).
لامڪانُ آن جي ٿي جڏهن منزل،
دنيا، عقبيٰ ٿيون مثل رُباط (٦).
هفت آقليم تي گليم (٧) سندس،
ملاءِ الاعليٰ (٨) ٿيا آنهيءَ جا خياط (٩).
مت (١٠) نه ٿيندين ”رشيد“ (١١) ساڻ ”قليچ“!
مت ٿئي جيهو (١٢) ڪين ساڻ وطواط (١٣).

---

(١) اونهو (٢) نڪتا معني جا، حڪمتون. (٣) نُڪا، نقطا اکرن جا. (٤) عشق جا. (٥) ننڍڙو وزن. (٦) مسافرخانو (٧) گودڙي (٨) وڏا ملائڪ. (٩) درزي (١٠) برابر (١١) مشهور فارسي شاعر. (١٢) پکي (١٣) ننڍڙو پکي، لقب رشيد شاعر جو.

## رديف — ظ

### ١٦٠. غزل— دوست لاءِ دعا!

مفعول مفاعلن فعولن

سَلَ! تُنهنجو سدا خدا هُوئي حافظ (١)،
هر حال ۾، هر جڳهه تي حافظ.
محفوظ رکئيي، سَفر، حَضر (٢) ۾،
جاڳي ۽ سُتي سَندُئي ٿئي حافظ.
دُشمن گهڻا تُنهنجا ٿيا آءِ دلبرا
توکي ۽ مُنکي بچائي حافظ (٣).
دل سان آءِ پڙهان اهو وظيفو،
مُصحف پَڙهي جيئن سنڀالي حافظ (٤).
ليکُ تون کو وڌو غَزَل "قليچا"!
ڏِئي کيئي رديف توکي حافظ (٥).

### ١٦١. غزل— خوشدليءَ جي تعريف

مفعول مفاعلن فعولن

سدائين دنيا ۾ گهار محظُوظ (٦)،
هر حال ۾ تون گذار محظُوظ.
کَم جيکو کرين، وَتُ آنهيءَ مان تون حَظُ (٧)،
نِت پنهنجي تون طَبع ڏار محظُوظ.
جنهن کم ۾ هوئي شوق دل جو ۽ ذَوق،
سيکا کري آهڙي ڪار محظُوظ.

---

(١) نگهبان (٢) وطن ۾. (٣) خدا (٤) قرآن ياد پڙهندڙ. (٥) شاعر شيرازي. (٦) خوش (٧) خوشي، لذت.

آعمال (١) ٻـيـہ ۽ خيالَ ۽ قولَ،
ٿيا خوب جي، ڪر شمار محفُوظ.
گرچه آهي ”قليچ“، مُنهن ۾ غمگين،
دل ۾ مگر آهي يار! محظوظ.

## ١٦٢. غزل - لحاظ جي تعريف

فعولن فعولن فعولن فعول

آيا! رَکُ تون پاڻئون وَڏن جو لحاظُ،
رکن تُنهنجو تا پڻ ننڍا ڪو لحاظُ.
پَراون يا پنهنجن ۾، گهر يا ٻَهر،
جيتي تون هُجين، ڪَرُ آچي تو لحاظُ.
پَوي جيڪو ڪيٿ ڪڏهين منجهہ مُشڪلات،
اُنهيءَ لاءِ سڀ کان ڀلو ٿيو لحاظُ.
ٿا پڙهجن ۽ ٻُڌجن جي آخلاق نيڪ،
اُنهن ميڙنيي مان آهي خاصو لحاظُ.
لحاظُ آهي جنهن کي نہ ماڻهوءَ سندو،
اُنهيءَ کي خدا جو نہ هوندو لحاظُ.
نہ ماڻهو چوَڻ گهرجي اُن کي ”قليچ“!
نہ ماڻهن ۾ جو رکي جو لحاظ.

(١) ڪَمُ.

# رديف — ع

## ١٦٣. غزل — ارادو ۽ قضا يا قدر

فاعلاتن مفاعلن فعلن

آهي مَعلوم (١)، عِلم تي رافع (٢)،
۽ ارادو مُريد (٣) جو تابع.
حَق جي تَقدير ۽ ارادو آهي،
هر ڪنهين شَي ۽ حال تي جامع.
تا اَبد ٿئي مُراد (٤) ۽ معلوم،
اَصلئون عِلم ۽ ارادو ٿيو شايع (٥).
گرچه، هڪڙي حَديث ۾ آهي،
تہ قَضا جي دُعا ٿئي مانع (٦).
پَر ٿِئي معني اِها تہ اَصل ۾ پڻ،
هو قَضا ۽ قَدَر اِئين واقع (٧).
جيئن ڪِ جنّت ملي ٿِئي عَمَلن سان،
پَر جي رَحمت خدا جي ٿئي راجع (٨).
رِزق بيشڪ ڏِئي ٿو رازق پاڻ،
پَر ٿِجي اَن جو طالب (٩) ۽ طامع (١٠).
اَجل آهي اَڳئي مُقدّر (١١)، پَر،
فَرض ٿيو اَن جو نِت ٿيڻ دافع (١٢).
خوش ٿِيي "يَغفر لِمَن يَشَا" (١٣) تي "قليچ"!
"يَفعَل ما يُريد" (١٤) تي قانع (١٥).

---

(١) ڄاتَل شَي يا ڳالهہ. (٢) مٿان، غالب. (٣) اراد و ڪندڙ. (٤) ارادي ڪيل شَي. (٥) ظاهر (٦) روڪيندڙ. حديث — لايَرُدُّ القَضا اِلاّ الدُّعاء. (٧) مقرر (٨) موٽندڙ، ايندڙ. (٩) ڳولائو (١٠) خواهش يا طمع رکندڙ. (١١) ٺهرايل (١٢) ٽاريندڙ (١٣) قرآن — خدا جنهن کي وڻيس تنهن کي بخشي. (١٤) خدا جيڪي وڻيس سو ڪري. (١٥) قناعت ڪندڙ.

# ١٦٤. غزل - دنيا جي دولت

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

وَٺي آگرچه تو دنيا جو سَڀ کي مال و متاع،
پَوي تو آن کان عزيزن ۾ نيت فساد نيزاع (١).
تَونگر آهي سو، دولت کي جو هٽي تو لَت،
جو نفس مٺاري تو پنهنجو، آهو تو سڏجي شجاع (٢).
"بزرگي عقل سان آهي، تونگري دل سان،
نہ مالَ، مال سان" - ڏاهن تي اِن جو ٿيو اِجماع (٣).
چگن مان نيکري چگائي، جيئن گُل مان نيکري بوءِ،
ڪَکَرمان نيکري تو مينهن جيئن ٿو سج مان نيکري شُعاع (٤).
ٿا ڪن زماني جا ڏُکَ، سُکَ، سَڀِن جي دل کي ملوُل،
علاج آن جو شراب آهي شوق جو، ۽ سماع (٥).
"قليچ"! گذري سَڀئي ڏُکَ ۽ سُک وڃن آخر،
تيار رهہ تون هلڻ لاءِ، ڪر تون سَڀ کي وداع (٦).

---

(١) جهيڙو (٢) بهادر (٣) اتفاق (٤) روشنائي (٥) راڳ
(٦) موڪلائي.

# رديف - غ

## ١٦٥. غزل - بهار جي آمد

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

آج بَهار آيو، ڏِسو! ڦُولاريو آهي هرڪو باغ،
سبز صَحرا ٿيا سَيئي، خوش آهي بُلبل توڙي زاغ.
جاءِ آهڙي ناهي ڪا، ڏِسجن نہ جيت مُڪڙيُون ۽ گُل،
باغ آهي، باغ آڳُ، پر باغ ٿيو چوگرد راغ (١).
گُل ٿيڙيا هَر قِسم جا، موجُود رنگ ۽ بُوءِ ٿي،
آهي خوشبُو هَر طرف، سَڀ جو مُعطّر ٿيو دماغ.
جاءِ، ٽانگڙُ، موتيو، مُگرو ٿيّو ٻارن ۾ وِچيل،
تو ٻَري وچ ۾ گُلاب اِئين، جيئن ڪي مجلس ۾ چراغ.
ڪَن مٺيون ٻوليُون پکيي، حيوان پڻ ڏسجن ٿا مست،
غَم غَلط (٢) ٿئي ۽ مِلي جيت ڪيت خوشيءَ جو تو سُراغ (٣).
عاشقن کي ڏئي ٿو دعوت ۽ بشارت (٤) آج "قليچ"،
وَس نہ آن جي ٻيو ڪِيي، قاصد تي فقط آهي بُلاغ (٥).

## ١٦٦. غزل - خدائي فراغت

مفعول مفاعلن فعولن

سَڀ فِڪر کان آهيان يار! فارِغ (٦)،
ڪان دُنيوي اِنتظار فارِغ.
ٿئي خوف فقط سندو قيامت،
دنيا کان ڪيّو ڪردگار (٧) فارِغ.

---

(١) بَرپَٽ، صحرا. (٢) گُم (٣) ڏَسُ، پتو، نشان. (٤) خوشخبري (٥) پيغام پهچائڻ (جو ڪم). (٦) آزاد (٧) خدا تعالي.

لاتقنطوا (١) جي تي دل ۾ همت،
قهار (٢) کان ڪيو غفار (٣) فارغ.
روزيءَ جي ڏني تہ گهٽي رازق،
عيبن کان ڪيو ستار (٤) فارغ.
فضل ۽ ڪرم آن جو پيو بچائي،
دشمن کان ڪيو دوستدار فارغ.
محبوب (٥) شفيع (٦) ٿئي تہ آهن،
ڏوهن کان گناهگار فارغ.
جي مهر ڪري تہ نيڪ آءٌ ٿيان،
کان ظلم، بديءَ جي بار فارغ.
ڏس!، وصل "قليچ" کي ٿيو موجود،
غم، درد کان ڪيو نيگار (٧) فارغ.

---

(١) قرآن ـ خدا جي رحمت مان آميد نہ لاهيو. (٢) سزا ڏيندڙ.
(٣) بخشيندڙ (٤) عيب ڍڪيندڙ (٥) منهنجو يا خدا جو.
(٦) شفاعت ڪندڙ. (٧) محبوب.

# رديف — ف

## ١٦٧. غزل — عشق جو اِسرار

فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

سينو مُنهنجو آي سجڻ! نيتُ آهي صافُ،
ڪونہ تون اِن ڳالهہ ۾ ڄاڻيج خلاف (١).
دل ڪي بيت اللّٰه جيئو صوفين آکيي،
تيو مُحبّت جو چڙهيل آن تي غِلاف (٢).
تُنهنجو بُت (٣) آءٌ تو رکيل آن ۾ ڏسان،
رات ڏينهن توتي ڪريان اِن لاءِ طوَاف (٤).
جي ٿا سمجهن ڪين رازُ ۽ رمز ايءَ،
تن جي آڏو آهي اِيءَ لاف ۽ گزاف (٥).
مُنهنجي اندر مان آڇيي آب، باهہ جيي،
مُنهنجي دل ڪي ڪا ڏري هوئي يا شگاف (٦).
خلق ڇا ڄاڻي حقيقت؟ جو وطن،
عشق جي سيمرغ جو تيو ڪوهہُ قاف.
موتي ۽ ڪوڏيءَ جي تيندي پرک تڏهن،
حشر (٧) ۾ دُڪان جڏهن ڪولي صراف.
عشق جو نُڪتو آ ڳيي ڳُوڙهو (٨) تيو،
اِن مسئلي تي ٿئي نيت اِختلاف.
ڪُفر بيهودو، بڪي ڪو جي "قليچ"،
يا اِلاهي! ڪج ڪرم سان آن کي معاف.

---

(١) ڦير، ڪُوڙ. (٢) پوش (٣) مُورت (٤) چوگرد ڦرڻ.
(٥) ٻٽاڪ، ڪُوڙ. (٦) چير (٧) قيامت (٨) مشڪل.

ٿرَ ۽ ٻرَ ڪاڇي ۽ ڪوهستان، جيسلمير ۾،
سَير ڪيئين، هر هنڌ ڦريو چوڌار، شاهه عبداللطيف.
زاهد ۽ عابد هو، عارف، عالِم ۽ عامِل ٻه هو،
دُرس هر رنگ ۾ ڏِنو سنسار، شاهه عبداللطيف.
راڳيي هو، ٻيراڳيي هو، سيڪُجهه هو، سڀڪنهن جو شريڪ،
هندُو ۽ مُسلِم سان هو هموار، شاهه عبداللطيف.
مَرد جو نيت درد، مقبول ۽ موثّر ڪيو ڪلام،
هُو مُريدن جو سَچو مهندار، شاهه عبداللطيف.
بَيت ناهن منجهه رسالي اَن جي، آهن آيتون،
جيئن ڪِ آهي پاڻ ڪيو اِقرار، شاهه عبداللطيف.
سنڌ جو سو فَخُر، شِعُر ۽ ٻوليي اَن جيءَ جو جيارُ،
غافلن سُتلن کي ڪيو بيدار، شاهه عبداللطيف.
مَحو مَستيءَ ۾ اَنهيءَ ڪيو راڳَ ٻُڌندي اِنتقال،
حَق جو حاصل نيٺ ڪيو ديدار، شاهه عبداللطيف.
معتقد مداح اَن جو آصل کان آهي "قليچ"،
جنهن کي عالَم جو سَليو اِسرار، شاهه عبداللطيف.

# رديف – ق

## ١٧٠. غزل – سڀ همآواز، همرمعنيٰ ذاهن

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

نہ هَمدل (١) آهي هم‌آواز نيتُ، عجب هيءَ مذاق! (٢)
تو مُتّفِق (٣) ٿئي دشمن، رکي آندر ۾ نفاق (٤).
گهڻا آکَرَ (٥) ٿيا هم‌آواز، پَر ٿيي معنيٰ ضِدُ،
جي هيڪ جيي معنيٰ 'وِصال' آهي، ٻئي جيي معنيٰ 'فِراق'.
نِهار ڏيان سان باطن ڏي، لڳُ نہ ظاهر تي،
سُڃاڻ، دوست ۽ دشمن کي، تا سکين آخلاق.
مثالَ توکي ٻُڌايان گهڻائيي آهڙا آءٌ،
چڱيي ٿيي 'تي' سان 'تلاق' (٦) ۽ خراب 'طِئي' سان 'طلاق' (٧).
مُحبّتين جيي ملاقات هيءَ (٨)، جُدائي هوُ (٩)،
هيي وَصل (١٠) آهي، هوُ فَصل (١١) ۽ هيي شاڪ (١٢) آهي،
هوُ شاق (١٣).
هيي شير (١٤)، شير (١٥) جو ٿيو فرق مثنويءَ وارو،
تو هڪڙو (١٦) چاڪ (١٧) ڪري تن کي، ٻيو (١٨) ڪري
تو چاق (١٩).

---

(١) همرمعنيٰ (٢) چرچي جي ڳالهہ. (٣) اتفاق وارو. (٤) مخالفت
(٥) لفظ (٦) ملاقات (٧) زال ڇڏڻ. (٨) تلاق (٩) طلاق (١٠)
ڳنڍڻ (١١) وڍڻ (١٢) نازڪ ٽاري، وٽندڙ. (١٣) سخت مشڪل.
(١٤) کير (١٥) شينهن (١٦) شينهن (١٧) ڦاڙي (١٨) کير
(١٩) غذا سان تندرست.

لَتارَڙي آهـو آپ ۾ سيّار (١)، ثابت (٢)،
نظر ۾ سندس هڪ ٿيّو مغرب (٣) ۽ مشرق (٤)۔
ڪَڏِي سِج يا چنڊ جڏهين عالَم ۾ تڏهين،
وِڇيل ڏسجي ڌرتيءَ تي چانديءِ يا آبرق۔
ڪَڏِي مُلڪ وَيران، ڏِٺي باغ ڪي باهہ،
ڪَڏِي پوءِ ڪَڏَر مان ٿو زنگيءَ ۽ زنبق (٥)۔
فلڪ ۽ زماني مان، عالَم ۾ هردم،
ٿين آفتون ۽ بلائون ٿيون مشتق (٦)۔
نہ حڪمت انهيءَ جي آچي فهم ۾ ٿي،
نہ سمجهي سگهي ٿو انهيءَ جو ڪو منطق۔
فلڪ بيوفا ۽ زمانو دورنگو،
بزرگن چيو جيڪي، آهي سو بَر حق (٧)۔
زماني تي آهڙو ڪنديون ڀروسو جي،
تہ چئبين "قليچا"! وڏو تون ڪو احمق (٨)۔

---

(١) گهمندڙ تارا. (٢) بيٺل تارا. (٣) الهندو (٤) اڀرندو (٥) گلڪاريون (٦) پيدا (٧) سچ (٨) بيوقوف۔

# رديف ـ ڪ

## ١٧٢. غزل ـ مشرڪ ڪير آهي؟

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن

نہ مشرڪ آهي، جو پوڄي تو بت، نہ الله هڪ،
هوا ۽ حرص جو تابع آهي وڏو مشرڪ.
هوا ۽ حرص آلاهہ آهي اَن جو، چئي قرآن،
سو ڪافر آهي نجس، پڄ پري ۽ اَن کان ليڪ.
سوا خدا جي ٿيا دنيا ۽ آخرت، ٻئي غير،
گهري جو غير کي، مشرڪ سو ٿيو، نہ ٿيو مالڪ.
مخنث (١) آهي هو پهريون، مونث آهي هو ٻيو،
گهري جو مولا، مذڪر سو، تن کان سو تارڪ.
هجين آدا! تون جنهين حال ۾، رهج نيت خوش،
جي گهٽ، تہ ٿين تو ڪمينو، جي وڌ، تہ ٿين شارڪ (٢).
ٿيو وڌ جو شوق هوا، حرص، گهٽ جو حيواني،
"قليچ" آهي قناعت ۾ عزت، اَن ۾ ٽڪ.

## ١٧٣. غزل ـ عشق جي بازي

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

عشق آفت، عاشقن لاءِ پر سا بازي آهي هڪ،
موت، ماٺهن لاءِ، تن لاءِ سيج، سوري آهي هڪ.
رڪ جبل جان پير دامن ۾ تہ واچن کان بچين،
عمر، طوفان آهي، ماٺهو، مٺ مٺيءَ جي آهي هڪ.
ڳودڙيءَ ۾ مرد ويٺل، ملڪ جو ٿيو بادشاھ،
تيغ جان ڪيپ ۾ مستل لشڪر جو واهي آهي هڪ.

---

(١) نامرد (٢) شيرڪندڙ مشرڪ.

جا سڻون رستو هلي، تنهن زال کي پڻ خِضر ڄاڻ،
خِضر جيءِ، ظلمات ۾ رهبر ٻه گهوڙي آهي هڪ.
جو فلڪ تائين اڏامي، آهي سو جعفر طيار،
ناهي سو جنهن کي پرن جي هت تياري آهي هڪ.
رسم تقليدي وٺڻ، تيو پاڻ تي خندو ڪرڻ،
منجهه تيمم مسح، لائڻ سر تي ڇائي آهي هڪ.
جيڪي ڪرتو تنهي هتي ڪر، شورُ، شر محشر ۾ آهه،
ڪٽڻ هتان پاڻي، سمنڊ جي ٻاري، ڪاري آهي هڪ.
ڪسُ ۽ ناڪسُ حرص وارو آهي بيشڪ دوزخي،
باهه ۾ پئي عُود ۽ ڇيڻو ٻه، ڪيري آهي هڪ.
ڊونڊَ دنيا لاءِ ڪر زاري ٻه ۽ زور اي "قليچ"!
رَهُ سيرَڻ جانُ، جنهن جي حق ۾ نرُ ۽ مادي آهي هڪ.

## ١٧٤. غزل ـ نعت حضرت صلعم جن جي

فاعلاتن فعل فاعلاتن فعل

آي رسول خدا، السلام عليڪ!
آي نبي الورا، السلام عليڪ!
آي شه دوسرا، السلام عليڪ!
خاتم الانبيا، السلام عليڪ!

هو ازل کان ئي هت جلوه گر تنهنجو نُور،
آڇا آرض و سما تيا هئا پيدا نه مؤر،
ساري مخلوق تو کان ڪيو پوءِ ظهور ـ
سڀ جو تون مبتدا، السلام عليڪ!

تون ٻيلا ميمي احمد، محمد يقين،
پڻ تون خيرالبشر، سيدالمرسلين،
هاشمي ۽ قُريشي ۽ آسي آمين ـ
مصطفيٰ، مجتبيٰ، السلام عليڪ!

عالمن جي سدائين تون رحمت ٿئين،
عاصين جي سدا تون شفاعت ٿئين،
آدمي ذات جي تون شرافت ٿئين ـ
اشرف الانبيا، السلام عليڪ!

آهين شاهہ زمين ۽ بہ شاهہ زمان،
توتي صدقي فلڪ ۽ ملڪ، انس و جان،
صاحب آهين تون لولاڪ جو بي گمان ـ
جڳ جو تون مقتدا، السلام عليڪ!

تهدل آهي "قليچ" سندو تو غلام،
پڙهي توتي سدائين صلوات ۽ سلام،
هادي دنيا ۾، حامي سندس منجهہ قيام ـ
چئي دل و جان سدا، السلام عليڪ!

# رديف – ڪ

## ١٧٥. غزل – عاشقن جو احوال

مفعول مفاعلن فعولن

الزام نہ عاشقن تي تون رکُ،
جي پاڻ کي ٿا سڏين هڪ ڪکُ (١).
اسرار وتيز ٿيو ليڪُ غيبي،
ڪک هيٺان، ڇيو آئن، ليي لکُ.
ذرتي تي ٿا خلق سان گذارين،
آپ ڏي سي وڃن، هٽن جي هو پڪُ (٢).
هر وقت مرن، جيئن بہ هر وقت،
ٿا موت کي د رست جانُ هٽن پڪُ (٣).
ققنس (٤) جانُ سي ٻاري عشق جو مچُ،
ڪن تنهن ۾ تپي، سي پاڻ کي ٻکُ (٥).
رمزن (٦) سان سدائين، ڳالهيون سي ڪن،
ڏني شرع جو تين کي ڏيکُ ۽ مکُ.
ڇا مولوي ڄاڻي سي (٦)، رنڱي جو،
ڏاڙهي ڊگهي گرچه، ٻٽ ۾ سود ڪُ؟ (٧)
ڇو آن کي "قنبج" سچُ جي سمجهين،
آهه، عشق جو ساءُ (٨) ڀهرين تون چکُ!"

---

(١) حقير، خسيس. (٢) ڪنيڙاڻي، پترُ. (٣) ياڪرُ (٤) پکي (٥) قربان
(٦) اشارن، ڳجهن. (٦) ڳالهيون (٧) ڊگهو، وڏي قد جو.
(٨) سواد، مزو.

## ١٧٦. غزل ـ لکيو لوڙڻ

فعولن فعولن فعولن فعول

نصيبن ۾ جن کي لکيل هوندا سُکَ،
سي هرگز حياتيءَ ۾ ڏسندا نه ڏُکَ.
ڏنو جن کي ڏو هوندو هر شي جو ربّ،
ڪڏهن ڪين دنيا ۾ سي مرندا بُکَ.
بهشت آهي قسمت ۾ جن جي لکيل،
تني کي نه ساڙيندي دوزخ جي لُکَ (١).
جني تي ٿئي دوست (٢) تو مهربان،
سهن ڪين سي دشمنن جي ڪا چُکَ (٣)
سدا سچَ سندو آهي ڪوڏيو ”قليچ“،
ڪڍي قول ڪوڙو نه مان پنهنجي مُکَ (٤).

## ١٧٧. غزل ـ ڪن انسانن ۽ حيوانن جي پيٽ

فعولن فعولن فعولن فعول

ٿا بولين پکيي، تي ڦٽي جڏهين باکَ (٥)،
۽ پڻ جانور، جي ٿيا پيلن جا راکَ (٦).
ڏٺي ياد ڪن، پنهنجي بوليءَ ۾ سي،
سُمهن هاءِ! غافل ۾ ڪي ماڻهو داکَ (٧)
ٿا ڳولين روزي هَمو (٨) سي جهنگ مان،
هي (٩) شهرن مان ڪن هٿ سان ڪوڙ ۽ ڪساکَ.
پري پيٽ، قانع (١٠) تي هَمو (١١) ٿا وڃن،
سچو ڏينهن تي طامع (١٢)، تين هي (١٣) هلاکَ (١٤).

(١) لُکَ جهولو، باهه. (٢) خدا (٣) تڪليف، هنج، ايذاءُ. (٤) وات (٥) پرهه ڦٽي. (٦) راکا، رکندڙ. (٧) دک، دڳها، وڏا، معتبر. (٨) حيوان (٩) ماڻهو (١٠) قناعت وارا. (١١) حيوان (١٢) طمع وا ـ (١٣) ماڻهو (١٤) هلاک، ڪک، بيزار.

مرڻ بعد تن (١) تان پڇاڻو معاف،
هنن (٢) جي لهي حشر (٣) ۾ نيٺ لاکَ (٤).
آدا (٥) ڪن هو حقَ، هي چئون ٽوُ ڪنا (٦)،
گيدڙ وانگي جڏهين پڇن ڪين ڏاکَ (٧).
"قليچ" آهڙا ماڻهو، مرُن کان بتر،
اها آهي ڏاهن، بزرگن جي ساکَ (٨).

---

(١) حيوانن (٢) ماڻهن (٣) قيامت (٤) لاک لهڻ يا سزا ملڻ.
(٥) پورا، بجا. (٦) ٽو ڪنا چوڻ، يا ڪوڙا عذر ۽ بهانا ڪرڻ.
(٧) ڏاک ڪي. (٨) شاهدي، راءِ.

## رديف ـ گ

### ۱۷۸. غزل ـ دل جو جوش

فعولن فعولن فعولن فعل

رهي تو عجب منهنجي دل ۾ آمنگ (۱)،
تہ ظاهر ڪريان نينهن پنهنجو نسنگ (۲).

لڪايان آندر ۾ آهو ڪيترو؟
جڏهن عشق مون کي اِئين چاڙهيو چنگ (۳).

ڪريان ڏيک ماڻهن آڳيان مُلڪ ۾،
ضميري (۴) آندر ۾ لڳي مون کي ڏنگ.

رهان صاف دل آءٌ، نہ چاٺان نفاق،
ريا ۽ ٺڳيءَ جو نہ چاٺان تو ڍنگ.

آڇي دل ۾ مون کي تہ لاهي لباس،
ڍڪيان فقر جي ڪفني، ساڙي پلنگ (۵).

مَلي خاڪ بُت کي، ٿيان آءٌ پيوٽ،
چڙي شهر پٽ تي، وسايان آءٌ جهنگ.

نہ ڄاڻي ڪو، هيءُ آهي عالِم وڏو،
چوَن مڙُ، قلندر هيءُ آهي ملنگ.

محبّت جو مَچ آءٌ مَچائي ڪٺي،
پوان ڪاهي، جيئن شمع ۾ پئي پتنگ (۶).

يا ڪاهي وڃي آءٌ سمنڊ ۾ پوان،
ڪٽري جيئن مڱر مڇ، يا واڳو، نهنگ.

اڪيلو وڃي يا جبل ۾ رهان،
ڪٺان پاڻ سان ڪين، ڪو ساٿي سنگ.

---

(۱) شوق، سڪ. (۲) بي ڊپو ٿي. (۳) چنگ چاڙهڻ يا مشهور ڪرڻ. (۴) صفت ڏنگ جي. (۵) بسترو (۶) پروانو.

چڱي ۽ مٺي ۾ ڏسان ڪونه فرق،
وساري ڇڏيان سڀ آءٌ ناموس، ننگ.
”قليچ“ آهي حيران هن حال تي،
عجب عشق آن ڪي ڏيکاري ٿو رنگ!

## ١٧٩. غزل - خالق ۽ مخلوق

فاعلاتن مفاعلن فعلات

اٿ، اي ڀوڙا! تون ننڊ ڪڪڙ جي ٻانگ،
ياد ڪر تون ڌڻيءَ کي، ڇڏ پيا سانگ.
بندگي ڪر انهيءَ جي، خلقيي جنهن،
گهر جي ڪر انهيءَ کان سڀڪا مانگ (١).
سڀ ڪجهه آهي انهيءَ جي هٿ ۾، گهٽ وڌ،
ڏئي سو، جيئن چاهي، ڪنهن (٢) درم، ڪنهن (٣) دانگ (٤).
ساري جڳ کي ٿو روزي پهچائي،
ڪيولين، ماڻهو ۽ مرون ۽ ڪانگ.
ڪي ٿيا موذي (٥) انهن (٦) مان ۽ ظالم،
جيئن ڪي شينهن ۽ بگهڙ ۽ باز يا نانگ.
ان جي هٿ ۾ حياتي ۽ موت آهي،
تن ٻنهي جي ٿي وچ ۾ هڪڙي ٻرهانگ.
وڃي جهٽ هن جهان مان، هن ۾،
بس، هرڻ واري ماري هڪڙي ڇانگ (٧).
بيٺو آهي اجل جو گهوڙو ”قليچ“،
سڀ کي آهي فقط وراڻي لانگ!

---

(١) سوال، دعا. (٢) ڪنهن کي. (٣) ڪنهن کي. (٤) درم جو چوٿون حصو. (٥) ايذا ڏيندڙ. (٦) حيوانن مان. (٧) ٽپو.

# رديف - ڳ

## ١٨٠. غزل - رات جو جاڳ

فاعلا تن فاعلا تن فاعلا تن فاعلات

پاڪ جي پائين تہ هين دنيا ۾ حاصل ٿئي تہ جاڳ،
رات جاڳي، جن رياضت ڪئي، لڳو نيتُ تن کي پاڳ.

شُغل ذِڪر ۽ فِڪرُ جو تن کي ۽ تَهَجد سي پَڙهن،
ڪڏّهن پڙهن تسبيح (١) تهليل(٢)۽ ڪڏهن ڳائين وِهاڳُ (٣).

ننڊ عبادت تن جي، بيداري سندن معراج ٿيو،
مَن مٽيو، تسبيح تَن، تين جون رڳون ڳائين راڳُ.

نيت نماٺا سي رهن، هرڪنهن سان گُفتو ڪن ڪيلي،
سادو ڪائين ۽ دِڪين، تِي سَتَ رَچِي تين لاءِ ساڳُ.

روح ۾ تين جي رچي رَبُ تو آئي، ويئي سدا،
عشق ڪان دلبرجي، عَڪسُ آن جواڪين ۾، دل ۾ داڳُ(٤).

پيٺون دنيا، آخرت، ٻئي آيُون تين جي منجهہ نيڪاح،
پَر ڪَٽي تين هيءَ (٥) سُهاڳڻ، ۽ ڏنئون هُن (٦) کيڏُهاڳ.

ڪيتي دنيا، آخرت جي، پهرين ڪر آباد سا،
پوکي هيت، لُٽندين هُتي، هُو پُونُج (٧) ۽ هي ٿيو سُهاڳُ.

پيروي ڪر تين جي، ۽ ڪر ترڪ دنيا کي "قليچ"!
ٻنگلو ۽ ماڙي ڇڏي، ٿاهيج ميٺيءَ جو تون ڪو ماڳُ (٨).

---

(١) سبحان الله. (٢) لا الـه الا الله. (٣) فجر جي راڳڻي. (٤) داغ
(٥) آخرت (٦) دنيا (٧) ٻُجائي (٨) مڪان.

## ١٨١. غزل- سنپالي هلجي

فاعلاتن مفاعلن فعلن

ڪر نه تڪرار ڪنهن سان تون منجهه ڏڳ (١)،
نه ته تون لهرائين مُفت پنهنجي پڳ.
ڪر تحمّل، جڏي اڀرائيءِ،
صبُر وارن جي ساک ڪَن ٿا جڳ.
خلق ۾ خاص و عام ٿئي ٿيا گڏ،
جيئن چڱا، بڇڙا اٿَ رهن منجهه وڳ.
مرّس يا زال، بيحيا ٿئي جڏهن،
هُن جي ڏاڙهي پٽيو ۽ هِن جي چڳ.
چور ڪائين موچڙا تڏهين،
ڪڙجن ٿا جڏهن سي سُوڏو سڳ.
جسم تڏهين ڪري فساد، حڪيم،
سير چوڙين ٿا، ڪري هٿ رڳ.
سمجهي تُنهنجا اشارا ڪو سمجهو،
سمجهندا ڪيئن ”قليچ“! سوڳا، مڳ.

## ١٨٢. غزل- ڪوڙا جوڳي

فعولن فعولن فعولن فعول

سڏائين جي جوڳي، پڇائين جي جوڳ،
ٿيا ماري (٢)، پکين لاءِ وجهن ٿا جي چوڳ (٣).
ليڪي سي هٿن لقما، مائين مزا،
پيئن ڀنگ کائين، چڏن ڪين ڦوڳ (٤).
سي فاقي ۾ ظاهر ۽ ڏاول آندر،
پيئن ڪير ليڪ چيپ ۾، کائين ٿا دوڳ (٥).

---

(١) رستي (٢) شڪاري (٣) چوگو، داڻو. (٤) ڀنگ جو. (٥) دوغ يا ڏونرو يا گوشت جو دڳ.

سڏائن تا سامي، رکن زالون سامَ (١)،
آڪيلا وَليِ وَجهہ، تا ڪن تن سان پوڪ (٢)
"قليچا" اسي ڪوڙا آتشي ڪاپڙي،
چتائين نہ قسَ تا، وڏائينَ تا روڪ.

(١) پنهنجي پناھ ۾. (٢) مذاق.

## رديف - گهہ

### ١٨٣. غزل - دنيائي ساٿهو

فاعلاتن مفاعلن فعلن

چا ٿيو، جي وڏي آوهين ٽيئو ڏگهہ؟
نفس مارڻ جي نا رکو تا سگهہ.

علم ۽ عقل تي هئو تا ٻناڪ،
ڏيک جي لاءِ ويهو تا ٻنجي ٻگهہ (١).

ويلا ناهي سدا لڳيءَ جا ناهہ،
۽ ڦريو تا آبوجهہ، چاڙهيو آگهہ (٢).

ڪم نہ ايندءِ هي دولت ۽ دنيا،
اها ڪيري رکي هزارين چگهہ (٣).

ڪجهہ نہ ڳالهاءِ، ڏس ۽ ٻڌ تون "قليچ"!
خلق ۾ گهارڻ، جيئن گذارن گگهہ (۴).

### ١٨۴. غزل - دنيا جا دلبا

فاعلاتن مفاعلن فعلن

ڦاٽي دنيا ۾ (٥) هرڪنهين جي چنگهہ،
ڦاٽا ماڪيءَ ۾ جيئن مکين جا ڦنگهہ (٦).

وڏ سي ڦاسن، جي وڏ آهي ڦٽڪن،
ڦري مانڌاڻي، جيئن ڦري ٽي سنگهہ (٧).

---

(١) ڍنڍ جو هڪي جو غمگين و هندو آهي. (٢) نرخ، بهاءَ.
(٣) سينڊا، يار. (۴) گهگهي آواز وارا (مراد - گونگا). (٥) دنيا جي
ڪاٽ ۾. (٦) ڪنپ، ٻڙ. (٧) مانڌاڻيءَ جي ڪاٺي.

هـر قـدم تـي آجـل لـگـــن پـويـان،
ماري (١) وينو لِڪيي متي هر لنگهہ (٢).
تو ڪري هيت (٣) شڪار عزرائيل (٤)،
ڏنل تي جيئن شِڪاري ماري مـنگهہ (٥).
ڪهي، پوڙي ۽ ماري، ساڙي "قليچ"! (٦)
چاڙ مـارڻ جـا آو هزارين ڏنگهہ (٧).

---

(١) شڪاري (٢) چارو (٣) دنيا ۾. (٤) ملڪ الموت (٥) ٻڪي
(٦) اي قليچ (٧) ڏنگ، نمونا، رستا.

# رديف - گ

## ١٨٥. غزل - صوفين جا ڪم

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل

چيـنا صُوفين سيڻي منسارَ جا سَگَ (١)،
لِـکيا هٿا ايڻن آزل ۾ آن سندا آگَ (٢).
وَسيڻ مـان نِـڪري، جهنگل ۾ گـُذارين،
چـَڏي مائٽ ۽ مِـٽ، پيءُ، ماءُ ۽ سگ (٣).
پـُلاه، ۽ پوڙَ وسريا تِـين (٤) ۽ گهـَرَ گهاٽَ،
تا ڪائين ڏُٺَ آهي، ڏونرا، پـُسيون، ڪَگَ (٥).
وسارِن پـاڻ ڪـي مـُورنـون، ڏسـن سي،
پين جـُون نيڪيون، پنهنجا ڏِسن لگَ (٦).
"قليچا"! صاف رک دل، تِـين جي صوفِـي،
رگِـين چو ڪـپڙا منجهه گيڙو ۽ سندي رَگَ؟

## ١٨٦. غزل - ڪامل انسان

فعولن فعولن فعولن فعل

رهن پـاڪ دنيا ۾ ڪـي مـُڙسَ ڊِگَ (٧)،
جي سـُورن، ڏُکن ۾، نہ ڪن ڪـِنجهہ (٨)، رِگَ (٩).
رَهـائـيـن سَـيـن ساڻ رَسُ، شاه (١٠) چئي،
هـيـنيون ڏي حـَبين ڪي، ۽ لـوڪَ لِـگَ.
نہ لـُقـمن تـي سـَـئين آهـي تـيا هـيـريـل،
گـُـذارِن مـتـي مـيـرچَ ۽ هـَيـڊ، هـِگَ.

---

(١) واسطا (٢) آنگ (٣) زال (٤) تن ڪي. (٥) جهنگلي ڪاڏو. (٦) عيب ، بـُرايون. (٧) وڏا، ڪامل. (٨) ڪـُرڪڻ (٩) رينگڻ، دانهون ڪرڻ. (١٠) ٻنائي ها ڪري.

نہ تين جانُ هيڄَ، طمع، لالچ رکن،
وَڏائين کَنُ، جي وڃن ڪاڻ سيڳَ.
ڪَنڌا ڪائي، چُونڊي تا ڳَڏ ڪن سي ڳُل،
هَڏا ڪائي، تين مان ڪَڍن تا سي ميڳَ (١).
جو ڪائي مَڃي (٢)، سيله (٣) ڪائي "قليچ"! (٤)،
ڳَنا (٥) جيڪي ڪائين، لڳي تين کي چيڳَ (٦).

---

(١) ميڪ، مغز. (٢) پٽلو (٣) ڪنڊا (٤) اي قليچ! (٥) ڪمند
(٦) چيٽ.

# رديف - ل

## ١٨٧. غزل - بهار جي آمد

فاعلاتن مفاعلن فعلن

هر طرف ٿيو بهار جو هُل هُل،
باغ ۽ راغ (١) تي پيا گُل گُل.
رنگ ۽ بُوء گُل جي، گُلشن ۾،
ڳائي تعريف تن جي تي بُلبل.
ساوا ٿيا، جي سُڪل درخت هئا،
تنکي ساراهي سرو تي صُلصُل (٢).
سرها ماڻهو، مروُن، پکي ۽ وڻ،
چوطرف پئي خوشيءَ جو ٿو غُلغُل.
خوش رهون ڇو نه، پاڻ پڻ دلبرا؟
گڏ و يهي، شوق مان پيون مُلمُل (٣).
تون غزل ڳاءِ، آءٌ چوان وه واه!
حمد تون چؤ، صراحي چئي قُل قُل (٤).
ناز سان نچ، ته پوءِ ''قليچ'' چوي،
پيرُ ترتي شاه (٥) جي نچي دُلدل (٦).

---

(١) دشت، صحرا. (٢) قُمري (٣) شراب (٤) قُل هو الله، صراحيءَ مان شراب نڪرڻ جو آواز. (٥) حضرت علي. (٦) حضرت عليءَ جيي سواري، گهوڙو.

## ١٨٨. غزل ـ مڪاشفه، مشاهده ۽ معائنه

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

شريعتان ”هلي معلوم ٿئي طريقت حال،
۽ معرفت سان، حقيقت جو سمجهي سگهجي مثال.

سلوڪ ۾ ٿيو“ ولايت جو مرتبو پهرين،
۽ پوءِ بدليت (١) ۽ قطبيت جو ٿيو اِجلال.

مٿي انهيءَ کان ٿيي غوثيت“ ۽ صديقيت،
انهيءَ کان پوءِ نبوت ٿيي، جا ٿيي سڀ جو ڪمال.

ٿئي انهن کي حقيقت ٿيي جال جي معلوم،
ٿيا چڙهيي وڃيي سالڪ جيي اوليا، آبدال.

مڪاشفه ٿئي پهرين انهن کي پردي مان،
صفاتِ حق جي جو، پيئي ڪنهن کي ٿئي ذات جو خيال.

انهيءَ کان پوءِ چڙهيي، سي مشاهده مائين،
ڏسن سيئي سي حقائق (٢) ۽ حق جا سڀ آفعال.

مٿي انهيءَ کان پوءِ ذات جيي ٿيي تن کي خبر،
معائنه ٿا چون جنهن کي ۽ اِهو ٿيو“ ڪمال.

ٿئي“ حال“ تن کي ٿو معلوم پهرين خاص طرح،
انهيءَ کان پوءِ جلال آهي، آن کان پوءِ جمال.

اول انهن کي ٿو علم اليقين ٿئي حاصل،
مٿي انهيءَ کان ٿيو“ عين اليقين جو احوال.

مٿي انهيءَ کان ٻه حق اليقين تن کي ملي،
اِلاهيي نعمتون ڏيئي ڪري ٿو مالا مال (٣).

”قليچ“! ٿئون ٻه انهيءَ راهه تي هلڻ جي گهرين،
ته سمجهه سڀ اِهي صوفين جا ڏيان ڏيئي مقال.

---

(١) آبداليي (٢) حقيقتون (٣) پرپور.

## ١٨٩ غزل- حق جو وڻ

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

لِلّٰه مثل الاعليٰ (١) جو توکي ڏيان مثال،
وڻ چاڻ ذات حق جي مُقدّس (٢)، تون سمجھ حال.
شاخُون آنهيءَ جُون تيرن صِفتون بيشمار سي،
ليڪن وڏا پر ڏار جمال آهي ۽ ڪمال.
هر هڪ جو مُختلف ٿيو اثر خلق تي سدا،
هڪ جو هدايت آهي ۽ ٻئي جو ٿيو ضلال (٣).
اِن وڻ جو ميوو دوستو! صفتون رکي ٿو پڻ،
هڪ خير ۽ پيو شر، هُو مِٺو، هي ڪڙو ڪمال.
بادامي، جيئن مِٺي ۽ ڪڙي هڪڙي وڻ جي ٿئي،
لذّت ٿئي مختلف، جيئن فراق آهي ۽ وِصال.
تقدير ايزديءَ (٤) جو مثال آهي وڻ اهو،
پاسا پڻ اُن جا، قُرب (٥) ۽ بُعد (٦)، اُن جو رکُ خيال.
هڪ ٿيو فنا، قضا ۽ قدر ۾ ۽ عجز ۾،
پيو فخر، عِلم و عقل تي، جو نفس جو وبال.
هڪُ ويجهو نِئي حضور ۾ ۽ پيو ڏڪي پري،
رکُ هوش تُون "قليچ" ۽ ڇڏ سڀ پيي قيل و قال.

## ١٩٠ غزل- سوال ڪرڻ، حلال پڻ ۽ حرام پڻ

فاعلاتن مفاعلن فعلات

ذِڪر جي شُغل ۾ رکي جو ڪمال،
نہ گھُري ڪا دُعا، ڪري نہ سوال.
تنهن کي سائل (٧) کان رَبُ وڌيڪ ڏِئي،
آئي قُدسي حديث جو هِي مقال (٨).

(١) قران- خدا وٽ وڏا مثال آهن. (٢) پاڪ (٣) گمراهي (٤) خدائي
(٥) ويجھڙائي (٦) دُوري (٧) سوال ڪندڙ. (٨) قول.

نه گهڙي حق کان ڪي، نه خلق کان پڻ،
مَرُ تہ لاچار بُڪ ۾ هوئي بدحال.
نہ آدارو گهڙي سو ڪي ڪنهن کان،
ڪسب، پورهيو ڪري، رهي سو نهال(١).
ٿئي نہ حاصل آنهيءَ مان جي هُن کي،
صبر ۾ نيتُ رهي، نہ چائي وبال (٢).
پوءِ آنهيءَ کي تو حق کان ٿئي الهام،
"نہ وجهي خلق کان تون پڻ ڪجهہ مال.
تہ پلي نفس خوار ٿيئي ۽ نيمئي،
اِيءَ رياضت آئيي، ڪر آن جي سنڀال".
شرع آن لاءِ اِت قري بي ٿئي،
سوال اڳ هو حرام، هاڻ حلال.
نيٺ آڪتي ڪري سوال بہ بند،
جيڪي گهرجيس، حقُ ڏئيس سو جال(٣).
منزل آهي اِها ڪرامت جي،
تيي فنا، جيتِ رهن تا سڀُ آبدال.
جي رستو تون بہ آت گهُرين تہ "قليچ"!
تہ سيئي آهڙا پنهنجا ڪر آعمال.

## ١٩١ قصيدو ــ صوفيءَ جي صفت

فاعلاتن مفاعلن فعلات

صُوفيي جو هُوندو، ڪين ٿيندو بخيل،
مطلبي ڪين ٿئي، ٿئي نہ ذليل (٤).
مال ۽ مُلڪ تسي ٿئي تہ بُخل،
صُوفي، تارڪ ٿيو، ڪنيئين زنبيل(٥).

(١) خوش (٢) مصيبت، تڪليف. (٣) ججهو، گهڻو. (٤) خوار
(٥) پنڻ جو ڪاسو.

مال ۽ مُلڪ ناهي ڪو آن وٽِ،
فَقْر(١)، فَخْرُ آن جو، تَرڪ(٢) هُنَ جي سَبِيل(٣).
جيڪي آن کي ميلي، پين جو آهه،
پاڻ آجو ٿيو سڀن کان آصيل.
نہ سندس دوست ڪو، نَڪو دشمن،
پُڏي مَدْح(٤)، ۽ گِلا جو قال نہ قيل(٥).
خوشْ جيئڻ تي، نہ موت تي غمگين،
تندرست آهي نِتُ، اگرچه عَلِيل (٦).
مَري هُو، جي غَضَب خدا جو ڏسي،
جيئي، راضي جي آهي رَبّ جَليل (٧).
خَلْق پَڃَندڙ جَل کان، ۽ هن جُو،
موت سائيت، عزيز عيزرائيل.
تو قيامت ڏسي ڏِهاڙي هُو،
تو پُڏي صُور (٨)، ڪئي جا اِسرافيل.
خَلْق کان آهي آن کي نِتُ وحشت (٩)،
آهي خِلوت ۾ خيال آن جو خليل (١٠).
باطني عِلْم جو ٿيو ڪامِل،
ظاهري ڪيئين نہ عِلْم جي تحصيل.
نہ ڪري بحث ڪنهن سان، پَرَ جي ڪري،
ڏيئي تمثيل آٿي، پنهنجو دليل.
حجّت آن جي، حديث ۽ قرآن،
نَصّ، توريت ۽ سَنَد، اِنجيل.
گرچه تفسير ڪِٿ پڙهيائين ڪونہ،
ڪري تنزيل (١١) جي چڱي تاويل (١٢).

(١) مفلسي (٢) دنيا کان ترڪ ڏيڻ، تياڳ. (٣) رستو، عادت.
(٤) تعريف (٥) گفتگو (٦) بيمار، ضعيف. (٧) وڏو (٨) ڪوڪ، ڏنڊ.
(٩) نفرت (١٠) دوست، صحبتي. (١١) نازل ٿيل ڪتاب. (١٢) بيانِ، تفسير.

ڪَنَ تي تَڪبير(١)، اکين ۾ تَس توحيد(٢)،
چَپ تي تسبيح (٣)، دل ۾ تَس تَهليل(٤).
حق ڏي هوءَ ني هڪ مُنهون(٥)، تي ابراهيم،
نَفس ڪُش نِتُ رهي، تي اِسماعيل(٦).
مات ۾ نِتُ رهي، ڪُڇي ڪِي ڪين،
نہ ڪري ڪو ڪلام طول طويل (٧).
رهي آرامي نِتُ ۽ آهستو،
ڪَم ڪَنهين ۾ ڪري نہ آو تعجيل (٨).
رِزق روحاني، اَن کي رب کان ملي،
منجهہ توڪّل، خدا اَنهيءَ جو وَڪيل.
گهُرجَ اَن کي ڪنهين نہ شَي جي آهه،
رهي محتاج خود خدا جو قليل (٩).
جنهن جا آهن "قليچ" هي اوصاف،
اَن جي اِرشاد جي تون ڪر تعميل (١٠).

## ١٩٢. غزل - عشق جي مشڪلات

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن

دل لڳي توسان سجڻ! تنهن کي ڇڏائڻ مشڪل،
جان تي تو تان فدا، تنهن کي وَرائڻ مشڪل.
وڇڙيلن کي ٻہ مَهين (١١) آهي ميلو مولي،
ٻيرهہ جي ٻاهہ کي هاڻ آهي اُجهائڻ مشڪل.
رات فرقت جي لنگهي، آبو ٻلي وصل جو ڏينهن،
گُل کي بلبل کان ڇني ڌار ڪرائڻ مشڪل.

---

(١) الله اڪبر. (٢) وحدت في الڪثرت. (٣) سبحان الله. (٤) الله الله.
(٥) حنيف (٦) ذبيح الله. (٧) ڊگهو (٨) تڪڙ، اُبهرائپي. (٩) ٿورو، ورلي - الفقير لا يحتاج الي الله. (١٠) يعني، اَن جو مُريد ٿيءُ.
(١١) مَس مَس.

## ١٩٦. غزل - آجل، آئل آهي!

فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

شُغل دنيا جو رکين ٿو هر محل،
تون ڏکيي اميد تي نکجي نہ هل.
عُمر غفلت ۾ وڃائي ٿو سڄي،
هاڻي توکي آيو ڏس! ويجهو اجل.
موت ايندو اوچتو ۽ تنهنجو پٺي،
قبر جي صندوق ۾ سيکو عمل.
هيبتن تي ان جي هاڻي صبر کر،
جو اجل آهي مقرر ۽ آئل (١).
ڏڄ اجل کان کين هرگز اي "قليچ"،
هوئي اجل آهڙو اجهل (٢) جهڙو ازل.

## ١٩٧. غزل - ڪالهہ کان اَڄ چڱو

فاعلاتن مفاعلن فعلات

مائهو پٽ اَڄ جو آهي اَڄ ۾ نهال،
پوءِ ڪهڙو بہ هوئي اَڄ جو حال.
ڪالهہ جو پٽ نہ آهي ڪنهن ڪم جو،
گرچه ان وٽ هو ڪالهہ ملڪ ۽ مال.
ڪنهڙي هٽبي پتاڪ مٿلن تي،
جن مٿي ڪالهہ آيو ڪاهي ڪال؟ (٣)
فخر ڪر پاڻ تي نہ ڏاڏي تي،
ماضي ڇڏ، حال وٺ ۽ استقبال (٤).
ٿي ابوالوقت (٥) پڻ ۽ ابن الوقت (٦)،
تہ "قليچ" ٿين صاحب، اقبال.

---

(١) آئڻ نر. (٢) نہ جلهڻ جوگو. (٣) مري ويا. (٤) مستقبل (٥) وقت جو پيءُ. (٦) وقت جو پٽ.

## ١٩٨ . قصيدو ــ زماني جا عقلي سوال ۽ جواب

فاعلاتن مفاعلن فعلات

رات مون عقل کان پڇيا هيي سوال،
تنهن ڏنا پڻ جواب سان هيي مثال.
مون پڇيس، بحث عالمن جو ڪيئن؟
چيائين، آهي آجايو قيل ۽ قال.
مون پڇيس، نفس ڪيئن تني تابع؟
چيئين، جڏهن ڪائي موچڙن جي ڏمال (١).
مون پڇيس، آهي ڪيئن حياتي هيءَ؟
چيائين، آهي نهورو خواب و خيال.
مون پڇيس، ڏي مثال دنيا جو؟
چيائين، سينگار سان ڪراڙي زال.
مون پڇيس، ڪيئن آنهيءَ جا مڪر و فريب؟
چيائين، ڪيڙيءَ جا جيئن ڪي تال پتخال.
مون پڇيس، آن مان خوش رهن تا ڪير؟
چيئين، ڪميٽا، لچا، دلا ۽ دلال.
مون پڇيس، آهي ڪيئن عيال، اطفال؟
چيائين، باري وبال ۽ جنجال.
مون پڇيس، ماڻهو ڪيئن رهن مشغول؟
چيائين، اِن فڪر ۾ ته، ميڙيون مال.
مون پڇيس، خلق ڪيئن خدا جي آهه؟
چيائين، حق جي آنهن ڪي ڪانهي سنڀال.
مون پڇيس، ڪهڙي تيي سزا تن جيي؟
چيئين، پليگ ۽ ڏڪار، جنگ و جدال (٢).
مون پڇيس، ڪيئن هيي ماڻهو دنيائيي؟
چيائين، باندر، ڪتا ۽ گرگ، شغال.
مون پڇيس، ڪيئن گذاري جڳ ۾ "قليچ"؟
چيائين، خوش خلق، خوشدل ۽ خوشحال.

---

(١) مار (٢) جهيڙو.

## ٢٠٠. غزل – تقدير ۽ تدبير، يا قدر ۽ جبر

مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن

تقدير تـي ويساهه اِنهيءَ لاءِ چگو هـردم،
تا سُک ۾ نہ ٿئي فخُر، ۽ ڏُک ۾ نہ ٿئي غم.

’لاتاسوا‘ (١) ۽ ’لاتفرحوا‘ (٢) قرآن ۾ آيو،
ري صبُر ۽ ري شُڪر، بنهي ۾ نہ هٿو دم.

تـدبيـر تـي ويساهه اِنهيءَ لاءِ چگو آهه،
ٿيءِ سُست نہ ويهي رهو، محنت نہ ڪريو ڪم (٣).

اِت ’اِنّ الانسان‘ (٤) تي پڻ ’ماسعيٰ‘ آيو،
گوڏو ٻڌي اٿ جو پوءِ توڪّل تي رکو ڪم (٥).

آهن اِهي گـڏرا ٻہ ”قليچ“! آئون منجهه مُٺ ۾،
مُشڪل آهي، پر ڪن ٿا، جي ٿيا راز جا مُحرم (٦).

## ٢٠١. غزل – باهه سان خطاب

مفعول مفاعلن مفاعيل

تون رهبر رات جي ٻُجهين (٧) عام،
نت صُبح تو نکري تو مان ۽ شام.

خوش تو کان رهي سدائين هر شمع،
پُختو ۽ پڪل ٿئي تو مان، هر خام (٨).

هر خُشڪ ۽ تر (٩)، پڇي ٿئي پاسي،
جيت تنهنجي آڇ جو هوئي انجام (١٠).

(١) نا اُميد نہ ٿيو. (٢) گهڻي خوشي نہ ڪريو. (٣) گهٽ (٤) قرآن - اِنسان کي ڪوشش ڪرڻ ضروري آهي. (٥) مثنوي - باتوڪل زانوي اُشتر ببند. (٦) واقف (٧) ٻُڌجين (٨) ڪچو طعام. (٩) آلو (١٠) اِقرار، وعدو.

## ٢٠٤. غزل - دوستن جي مجلس برخاست

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

مجلس هيءَ پنهنجي هاڻ تِي آءِ دوستو! تمام،
سو ڪيوسين، جو سگهياسين ڪري اُن جو اِنتظام.
پُوري مُراد تِي ۽ ملي خوش ٿياسين سڀ،
آهي ڏٺيءَ جو شُڪُر ڪرڻ گهُرجي صبح و شام.
آئنـدي جي اُميد رکون پڻ خدا ۾ تا،
فرصت جي وقت گڏ باسين پيا پاڻ ۾ مدام.
هيءُ وقت خوش گُذاريوسين هڪ ٻئي جي سنگ(١) ۾،
ڪاڏ وسين پڻ ۽ پيتوسين سَڀَ جي صحت جو جام.
تا آسَ اِيءَ رکون، ته وري جيسين گڏ ٿيون،
تيسين گذاريون نيڪ نيت تي ۽ نيڪنام.
نالو ڪڍون سُپَت ۽ سچائيءَ جو خلق ۾،
آهڙي هلت ڪريون جو رهي راضي خاص و عام.
جت ڪٿ رهون، آتي رهون هر ڪنهن جا خيرخواه،
خوش طبع تي گذاريون ۽ خوش خُلق، خوش ڪلام.
تو موڪلائي هاڻ "قليچ" آنَ ڪان (٢) دوستو!
هندوءَ کي رام رام، مسلمانَ کي سلام.

## ٢٠٥. قصيدو - منظوم خط جو منظوم جواب

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

عبداللطيف خان (٣) جيو شل! جهانَ ۾،
شل! ٻئي رهُون، آوهين آسين، رَب جي آمانَ ۾.
خط خوش ڪيو آسان کي، ڪيو لُطف نت لَطيف،
لُطف آصُل پڻ آوهان جي قلم ۽ زبانَ ۾.

---

(١) سنگت، صحبت. (٢) آوهان ڪان. (٣) هڪڙو پڙو دوست.

تو ميخاني ۾ نيتُ پڙهان آءٌ نماز،
نہ سجدو، رڪوع جنهن ۾ ۽ نہ قيام (١).
مُنکي آهي تسبيح و زنّار هيڪَ،
رهان ڪڏهن خواجه (٢) ۽ ڪڏهين غلام.
جڏهن بُت (٣) بہ مظهر ٿيو عشق جو،
تڏهن بُت پرستي ٿي توحيد، تام (٤).
مُنکي ڪُفر آهي حقيقي پسند،
مجازي پَجانُ دينَ ڪان آءٌ مدام.
مُنکي مست و زنديق (٥) سمجهي ٿي خلق،
اچي مُون ٿي تڏهين نہ، پٿوءِ ڪو ملام (٦).
ڪريان برق (٧) وحدت جي پنهنجو بُراق، (٨)
خدائيءَ جو چاڙ هيان انهيءَ کي لغام.
رهي منهنجو مشرق ۽ مغرب ۾ سيرُ،
ڪڏهن آرض (٩) ۽ ڪڏهن سما (١٠) تي قيام.
قلندر چيو بُوعلي ائين، "قليچ"!
ڪريان ڪهڙو واڌو انهيءَ کان ڪلام؟

## ٢٠٨. غزل – چا چا بغل ۾؟

مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن

محشر ۾ آچن سڀ ڪٿي تحرير (١١) بغل ۾،
آئيان آءٌ ڪٿي دوست جي تصوير بغل ۾.
بازار خدا جي ۾ ڪندس ڪهڙو آءٌ سؤدو؟
هٿ هُن جي ۾ بخشش، مُنکي تقصير (١٢) بغل ۾.
دنيا ۾ جزا توڙي سزا آهي عمل سان،
هر غير شرع ڪم کي ٿي تعذير بغل ۾.

(١) بيهڻ (٢) رئيس (٣) محبوب (٤) پوري، ڪامل. (٥) رند، ڪافر. (٦) الزام، تهمت. (٧) وِجُ (٨) گهوڙو (٩) زمين (١٠) آسمان (١١) عملنامو (١٢) گناهہ.

ديوانو ڏسي سُون کي سچن عشق ۾ پنهنجي،
ڏيکاري پري کان مُنکي زنجير بغل ۾.
چِرِ ترڙپي نہ سيني ۾ هي دل منهنجي پڪيءَ جانَ،
هَٿ ۾ تِي ڪمان اَن جي ۽ ٿيا تير بغل ۾.
مستيءَ ۾ آهي ناز جي، ياربَ! تون ڪجئين خير،
نڪتو آهي گهر مان ڪٽي شمشير بغل ۾.
سنگت ۾ نہ رَهہ اَن جي، رقيب آهي جو رهزن،
صحبت کي سدائين آهي تاثير بغل ۾.
مُنهن تُنهنجي ۾ ٿا نيڻ ڏين حُسن جي معنيٰ،
مُصحف رکي ڏسُ! تنهنجو ٿو تفسير بغل ۾.
پاڪُر تون وجهين سُون کي جڏهن، خلق کيلي چئي،
ڏيي جوان تہ ڏس! ڪيئن ٿو جهلي پير بغل ۾؟
ٿي ريس آچي شمع ۽ پرواني تي سُون کي،
چڙ شوق مان رانجهي کي جهلي هير بغل ۾.
رَهہ راضي رضا تي، نہ قضا کڏهن قضا ٿئي (١)،
تقدير هميشہ رکي تدبير بغل ۾.
زاهد تون "قليچ"! آهين، رهين نفس جي تابع،
تڪبيرون (٢) آٿئي واتَ ۾، خنزير (٣) بغل ۾.

## ٢٠٩. غزل ـ قافيه بندي

مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن

جنهن کي آهي جهڙو بہ لکيو آنڪُ، آزل ۾،
پاري سو آوس (٤)، روڪ نہ پئي ڪنهن جي آجل ۾.
تارن جو آثر مُلڪ تي سڀ آهي خيالي،
ڪُجهہ سَعْد، نہ زهره ۾، نہ ڪجهہ نَحْس زُحل ۾.

(١) تري (٢) الله اڪبر. (٣) سؤر (٤) ضرور.

يار جي اِختيار آهيان آءٌ،
آهيان آزاد، ڪان جَحيم (١) ۽ نعيم (٢).
عالم آهي اگرچه سڀ حادِث (٣)،
عاشق آهيان ٻـ يار جو آءٌ قديم (٤).
عشق جنهن باهه مان اُٿيو، تنهنجو،
ڪڏهن خليل (٥) آهيان آءٌ ۽ ڪڏهن ڪليم (٦).
آهيان نائب سندس، اگرچه غريب،
آهيان عالي نَسَبُ، اگرچه يتيم.
شُغل منهنجو ٿيو عِلم ۽ حِڪمت،
منهنجو اُستاد ٿيو عَليم ۽ حَڪيم.
ٿي وڏي منهنجي طاقت ۽ صِحّت،
گرچه ڏسجان ٿو آءٌ ضعيف ۽ سَقيم.
نَفس شيطان کان ڊڄان ٿو آءٌ،
گرچه آهي خدا رَحيم ۽ ڪَريم.
ڇو نہ ٿيان آءٌ اُنهن مٿي غالب؟
قادر آهي جو، سو سَليم ۽ حَليم.
فَضُل اُن جو عَميم (٧) آهي اگرچه،
تو رهان ٿاٿي منجهہ اُميد ۽ بيم (٨).
سڀ تون اخلاق وَٺ ”قليچ!“ احسن،
ڏي ڇڏي سڀ، جي ليکجن ٿا ذميم (٩).

## ٢١١. غزل ـ اندر جو اِسرار

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

پنهنجي اندر ۾ رات عجب هڪ لقا ڏٺم!
جهاتيي وجهي جمالُ سندو ڪبريا (١٠) ڏٺم.

(١) دوزخ (٢) جنت (٣) نئون پيدا ٿيل. (٤) اڳي کان. (٥) اِبراهيم (٦) موسيٰ (٧) عام (٨) ڊپ (٩) بڇڙا (١٠) خدا.

ٿيا وَڏيَنِ پيٽئوُن سَچا، ۽ ٿيا سَچن پيٽئوُن وَڏيا،
نُوح جو پٽ ۽ ڪُتو ڪَهْفيءَ (١)، مثال آهن عَميم (٢).
ٿيي طبيعت آندر، ۽ ٻاهر ٿيي صُحْبَتَ آي "قليچ"!
ٿا وَڃن تن جي آثر ڪان ڪي نعيم (٣) ۽ ڪي جَحيم (٤).

## ٢١٤. غزل- عشق جي تعليم

فاعلاتن مفاعلن فعلات

عِشقَ سون ڪي ڏِني چڱي تعليم،
حُسُن ڪي آهِ ڏِيان وَڏي تعظيم.
پڙهان دلبر جي مُنهن جو آهِ مُصحف،
اُن ۾ سڀ آيتون ڪريان تسليم (٥).
جاڪي اُن جي جَمال مان اُميد،
تئيم اُن جي جَلال ڪان تو بيم (٦).
اُن جي چيڙ (٧)، ڪُلّ مَن عليها فان (٨)،
رَحم، يُحيي العظام وَهِي رَميم (٩).
سَبزَ خَطَ اُن جي هيٺ ميم (١٠) لِکيل،
زلف ڪاري جي هيٺ ٿيا سوُ جيم (١١).
جيم اِن هيٺ طوبيٰ ۽ جنت (١٢)،
ميم اِن هيٺ ڪَوثر ۽ تَسنيم (١٣).
جيم ڪان، جيمَ وانگي ٿيان آهِ ڪُبو،
ميم ڪان، مَحو جڳ ٿئي، جيئن ميم.
هِجر ۾ اُن جي ٿئيم آهڙو حال،
دوزخيءَ لاءِ جيئن عذاب اَليم (١٤).

(١) اصحاب ڪهف جو. (٢) عام (٣) بهشت ۾. (٤) دوزخ ۾.
(٥) قبول (٦) ڊپ (٧) غضب (٨) قرآن- جيڪي زمين تي آهي سو سڀ فاني ٿيندو. (٩) ڳريل هڏن کي جيئاري ٿو. (١٠) يعني وات.
(١١) ڳوڇيون، وَڪڙ، پيچ. (١٢) بهشت (١٣) بهشت جا حوض.
(١٤) سخت عذاب.

وَجُ نِڪري، چڏي هي چوُد يواري (١)،
بـا غم تـون (٢)، تِي لامڪاني بي غم.
پيدا ٿئين هِت تون تِي ملائڪ (٣)،
تِي ديو (٤)، وڃين ڇـو ابن، آدم؟!
ڏِسُ! جان، جِگر ۾ زَخم ڪيا نَفَس،
رَکُ تن تي اي روح قُدِسي! مَرهَم.
فـانِي تِي ”قليچ“! آ ڪُيرو پاڻ (٥)،
دَرهَم تِئِي هِي جهانُ بَرهَم (٦).

## ٢١٨. غزل - ڪوڙي دوست کي عتاب *

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

غَيرت نـہ آئِي تـوکـي ذرو، يـار بيشرم!
ڪنهن جي ڪِلي جو تون وڃِي ٿئين هار، بيشرم!؟
مَستيءَ ۾ وَعدو پنهنجو ڪَيَل، ياد ڪين پِيُئِي،
پاسي ۾ ڪنهن جي ويٺين تون خونخوار، بيشرم!؟
جاڳِيُس آءٌ رات ساري هِتي تُنهنجي فِڪر ۾،
مونِ جِي ڪانہ تـو ڪئي ڪنهن وار، بيشرم.
تـو بيوَفـا! دغـا ڪـئي مُون سان، تِي بيحيا،
تو تي ڪريان نہ رَحم آءٌ زِنهار (٧)، بيشرم!
چئي تو ”قليچ“، شل! وِجهي توکي ڪو بَندَ ۾،
مَرُ قَيدَ ۾ رهـيـن تِي گـرفـتـار، بيشرم!

---

(١) چئن طرفن وارو عالم. (٢) هِتي آهين. (٣) معصوم (٤) شيطان
(٥) پاڻهئي (٦) فنا (٧) هرگز.

(*) نانڪ جي هڪ ڪتاب ۾ ڪم آيل غزل.

# ۲۱۹. غزل- منکي کهڙو کم؟

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن

آهه فنا، خير ۽ شر ساڻ، منکي کهڙو کم؟
آهه فدا، دل ۽ جگر ساڻ، منکي کهڙو کم؟
رات بيدار رهان، ڏينهن کريان يار کي ياد،
روز و شب، شام و سحر (۱) ساڻ، منکي کهڙو کم؟
منهنجو ٿيو دشت و بيابان ۾ مجنون سان مقام،
آهه رهان مست، شهر ساڻ، منکي کهڙو کم؟
حسن جي نور کيو ديدهٔ دل (۲) کي روشن،
دوستو! شمس و قمر (۳) ساڻ، منکي کهڙو کم؟
عشق جو علم، ازل کان ٿيو مون کي حاصل،
الف - بي، زير و زبر ساڻ، منکي کهڙو کم؟
مون کي محبوب بنا مور نه گهرجي پيو کجي،
حور، خواه جن ۽ بشر (۴) ساڻ، منکي کهڙو کم؟
مون کي قدرت جو نمونو کيو قادر بيچون،
پوءِ قضا، خواه قدر ساڻ، منکي کهڙو کم؟
عرش اعليٰ مان آهه آيس، ۽ وڃان آت موٽي،
هيت (۵) جي قبي ۽ قبر ساڻ، منکي کهڙو کم؟
مونکي موليٰ جي طلب، عشق جي دولت موجود،
آهه غني، سيم (۶) ۽ زر (۷) ساڻ، منکي کهڙو کم؟
نظم تنهنجو آهي گنجينهٔ اسرار "قليچ"!
مخزن در و گهر ساڻ، منکي کهڙو کم؟

---

(۱) صبح (۲) دل جي اک. (۳) سج ۽ چنڊ. (۴) انسان (۵) هن دنيا جي. (۶) چاندي (۷) سون.

# رديف - ن

## ٢٢٠. غزل - سور ن تي صبر

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات

سؤر سنسار جا آءٌ ياد كريان يا نہ كريان؟
عمر آزار ۾ برباد كريان يا نہ كريان؟
تيا جڏهن غم ۽ خوشي آهل زماني ۾ گڏيل،
سُک سدا ساري آءٌ دل شاد(١) كريان يا نہ كريان؟
آهي گردش كان فلڪ جي نہ ڇٽل شاه و گدا،
حالَ پنهنجي تي آءٌ فرياد كريان يا نہ كريان؟
روح ربّاني آهي اصل، بدن ۾ هيتي بند،
پڪي پڃري منجهان آزاد كريان يا نہ كريان؟
داد داور(٢) كندو بندن جو قيامت ۾ "قليچ"!
آءٌ تڏهن شكوهٔ بيداد(٣) كريان يا نہ كريان؟

## ٢٢١. غزل - كريان يا نہ كريان؟

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات

يارَ پنهنجي كي سدا ياد كريان يا نہ كريان؟
عمر آزار ۾ برباد كريان يا نہ كريان؟
مَن ۾ مُحبّتَن كان پَري منهنجي آهي مونجهارو،
سي سڄڻ ساري آءٌ دل شاد كريان يا نہ كريان؟
سور سانڍي تہ كيم هاءِ! جگر پنهنجو كباب،
نيڪري هاڻ ناله(٣) و فرياد كريان يا نہ كريان؟

---

(١) خوش (٢) خدا (٣) ظلم جيي شكايت. (٣) دانهن، فرياد.

دامَ ڏُهرا وڇهيِ دل کي، ڪيو قابُو دلبر،
ساهُہ آ ۽ صدقۂ صيّاد (١) ڪريان يا نہ ڪريان؟

جان جانيءَ جي جُدائيءَ کان جُٺي ۾، منجھہ جوش،
پکيي پڃري منجهان آزاد ڪريان يا نہ ڪريان؟

ظُلم، تعديءَ ۾ ڏُکيا ڏينهن گذاريام ”قليچ“!
هنّاڻ پلا شڪوهٔ بيداد ڪريان يا نہ ڪريان.

## ٣٢٣. ڪوشش ۽ ڪشالو ضروري

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل

هَوَس سان هوشيارن کي نہ رسند ين،
سوا ياريءَ جي، يارن کي نہ رسند ين.

نہ جيسين سور سَهند ين، ڪائيند ين غم،
تون هرگز غمگُسارن کي نہ رسند ين.

ڏسين جيسين جُدائيءَ جا نہ تون درد،
ڪڏهن تون دوستدارن کي نہ رسند ين.

ڦٽيءَ جان جيسين ڪارائيي نہ چيرَئيي،
تون محبوبَن جي وارَن کي نہ رسند ين.

مٽيءَ تنهنجيءَ مان جيسين ٺَئي نہ ڪُوزو،
چپَن تائين نيگارن (٢) کي نہ رسند ين.

گَسيي جيسين نہ صَندل وانگي تين چُور،
چُميي پيشانيي، پيارن کي نہ رسند ين.

نہ پيسيي تين آنو مينديءَ جان جيسين،
پير يَن جي تون پيزارن (٣) کي نہ رسندين.

ڪُسيي جيسين تون پيڙ ۾ تين نہ پُرزا،
”قليچا“! قُرب وارن (٤) کي نہ رسند ين.

(١) ماري، شڪار ڪندڙ. (٢) محبوبن (٣) جُتيءَ (٤) قَريبن، محبوبن.

## ٢٢٣. غزل ـ خدا جي ذات ۽ صفات

فاعلاتن مفاعلن فعلات

تون عيان (١) ۾ نهان (٢)، نهان ۾ عيان،
بي مثل، بي نشان، تون سڀ جو نشان.

جڏهن نهاريان نهان، عيان آهين،
جڏهن ڳوليان عيان، تون آهين نهان.

تون سڀن ۾ ۽ سڀ آهن تو ۾،
تو کان خالي نڪي زمين، نه زمان (٣).

آهين هرجا تون حاضر ۽ ناظر،
هوئين اڳي، آهين هاڻ، هوندين آڃان.

مالڪ الملڪ، حيّ (٤) ۽ قيّوم (٥)،
عالم الغيب، قادر ۽ رحمان.

ذڪر مشڪل "قليچ"! ڪر تون فڪر،
ڪيترو تون ڪندين عيان؟ ڪي بيان.

## ٢٢٤. غزل ـ مطلب حاصل ڪرڻ جو رستو

فاعلاتن مفاعلن فعلن

ري طلب، رهنما ڪو ملندو ڪڏهن؟
عشق ري، آشنا ڪو ملندو ڪڏهن؟

جو تڪبّر ڪرين تو اي عابد!
ڪبر (٦) مان، ڪبريا (٧) ڪو ملندو ڪڏهن؟

پاڻ جهڙو نه سمجهين تو ٻئي ڪي،
ڏس! خوديءَ مان خدا ڪو ملندو ڪڏهن؟

---

(١) ظاهر (٢) لڪل (٣) زمانو، وقت. (٤) هميشه جيئرو. (٥) هميشه قائم. (٦) هٺ (٧) خدا.

جيسين ڪوڙي چڏين نہ دعويٰ تون،
مدّعي! (١) مُدعا ڪو ملندو ڪڏهن؟
جيسين پائئون چڏين نہ ڪُجهہ باقي،
تيسين توکي بقا ڪو ملندو ڪڏهن؟
جيسيتائين دل فدا ڪرين نہ "قليچ"!
تيسيتائين دلربا ڪو ملندو ڪڏهن؟

## ۲۲۵. غزل – سچا صوفي ۽ سالڪ

فاعلاتن مفاعلن فعلن

صوفي جي، خيرُ، شرُ گدايو تين،
جڻ تہ شير (٢) ۽ شڪر (٣) گڏايو تين.
جيڪي عاشق ٿيا سچا سالڪ،
سيرُ ۾ بحرُ و بر (٤) گڏايو تين.
رات ۽ ڏينهن جو ڪيو پائون فرق،
آئي شمس ۽ قمر گڏايو تين.
ڪيائون همرنگ عاشق ۽ معشوق،
جڻ تہ سڀ سيم (٥) و زر (٦) گڏايو تين.
سڀ پڙهيئون علم، ظاهر ۽ باطن،
ليڪنديء، زير ۽ زبر گڏايو تين.
خارجي، رافضي ٿيا حيران،
جو علي (٧) ۽ عُمرُ (٨) گڏايو تين.
ڳالهيون تن جون پڇين تو ڪهڙيون "قليچ"!
بيشي، ناري (٩) ۽ نر گڏايو تين.

---

(١) آي ڪوڙي دعوي ڪندڙ! (٢) کير (٣) کنڊ (٤) بيابان
(٥) رُپو (٦) سونُ (٧) مراد – شيعا (٨) مراد – سُني (٩) زال،
مادي، مونث.

خطا (١) آهي، اَن جو ڏينهن ڪو مثال،
نہ جهڙس لڳي منجهہ خطا (٢) يا ختن.
جيئڻ ٿيو مرڻ اَن تي، جو آهڙو يارُ،
ٿو جيئرن کي ماري، جيئاري مُئن (٣).
جو جان بخش ۽ پاڪتن، تنهن مٿان،
"قليچ"! آهي صدقو روا جان و تن.

## ٢٢٩. غزل ـ يار جا نوان نوان رنگ

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات

هَر گهڙيءَ ويسُ ٿو بدلائي، ڏِکي يار نئون،
نئين عاشِق سان رکي نينهن ٿو دلدار نئون.
ناز و انداز نئين سان، اچي بازار ۾ يار،
تا سندُس حُسن جو هَر هنڌ ٿئي خريدار نئون.
رنگ بدلائي نئون، جلوو نئون ڏيکاري،
اَن جو ظاهِر آهي مَظهر نئون، اِظهار نئون.
ٿيُون وِجهن مَستُ آکيون اَن جون، نئون فِتنو، فَساد،
ڪِٿ ٿِئي مَستُ نئون، ڪِٿ ٿِئي هُشيار نئون.
گُفتگوءَ ڪان نہ ڪري بَس ٿو سَچن هِڪڙو دَم،
نئين ٻوليءَ ۾ ڪَري بَحث ۽ تڪرار نئون.
عِشق‌بازي ٿو ڪَري خَلق سان ۽ پاڻ سان پِي،
نيتُ نئون طَرز، نئون حالُ ۽ ڪَمُ ڪارُ نئون.
ذرّو ذرّو رکي عالَم جو سَندُس شوق "قليچ"!
عشق ۾ اَن جي ڪري قرب سان، اِقرار نئون.

---

(١) جرم، ڏوهہ. (٢) ختا (مُلڪ). (٣) مئلن کي.

## ٢٣٠. غزل ـ سرڻ تي هرڻ گهرجي

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

نينڊ لاءِ آي عزيز! تون هر رات تو مرين،
هر روز صبح جو تون نئين سر وري ٿو جيين.
جڏهن ٿو مرين ۽ جيين تون ڏهاڙي اِنهي طرح،
چو ٿو تڏهن تون موت جي نالي کنان ڏهين؟
هوئين ماءُ جي تون پيٽ ۾، آئين جمي هتي،
جڏهن هن(١)جهان ۾ تون مرين، هُن(٢)۾ تڏهن جمين.
تون ڪولُ آڪيون، جو پيٽ ۾ پڻ ڪولي بارُ ٿو،
پوريل آڪين سان تا نه جمين، جڏهن هتان وڃين.
دُنيا ۾ جانور سڀئي پوريل آڪئين جمن،
اِنسانُ آهين، پٽ آڪيون هيت، تا هتي پنين.
آنڊو هتي، سو آنڊو آنڊو آخرت ۾ پڻ،
فرمايو آهي حق اِئين، قرآنُ جي پڙهين.
مرُ تون مرڻ کان اڳ ته جيئين پوءِ گهڻو ”قليچ“!
تا اِئين مري ۽ جيي، تون مرڻ تي سدا هرين.

## ٢٣١. غزل ـ عجيبن جون عجب چالون

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

عجب چالون عجيبن جون،
ڪڏهن ڪهڙيون، ڪڏهن ڪهڙيون!
وڃهن حيرت ۾ جڳ کي تيون،
ڪڏهن ڪهڙيون، ڪڏهن ڪهڙيون!

---

(١) هن دنيا ۾. (٢) آخرت ۾، ٻئي جهان ۾.

آ کيون تيغ ۽ پيرُون خنجر،
ڪرّا پنبٽيُن جا ٿيا لشڪر،
ڪيون سُون سان آنهن ڪارُون،
ڪڏهن کهڙيون، ڪڏهن کهڙيون!
ڪيلي ڳالهائي ڪڏهن سُون سان،
ڪڏهن بيزار ٿئي سُون ڪان،
عجب سُون سان هلي رمزُون،
ڪڏهن کهڙيون، ڪڏهن کهڙيون!
نرالو عاشقن جو حالُ،
اُميد ۽ ڏپ ۾ ٿيا پامال،
رهن تين کي سدا ڳنتيون،
ڪڏهن کهڙيون، ڪڏهن کهڙيون!
تين ڪڏهن ڏپ وچوڙي جا،
ملن ڪڏهن وصل جا وعدا،
ٻڌن(١) هر روز ٿا ٻوليُون،
ڪڏهن کهڙيون، ڪڏهن کهڙيون!
ڪريان کهڙا "قليچ" اِظهار؟
زماني جا عجب اِسرار!
عجب ٻُڌجن ٿيون خبرُون،
ڪڏهن کهڙيون، ڪڏهن کهڙيون!

## ٢٣٣. غزل- زماني جو حال

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

پيو قحط(٢) آج وفا جو، آهي آخر الزّمان،
هٿ ڪر ڪو گوشو، پاڻ کي پردي ۾ ڪر نهان(٣).
ويا صُحبتي عدم(٤) ڏي، "ليي هنج نه هيڪڙو،
ويا مور سي مري"، آهي جيئن شاه(٥) کيو بيان.

(١) عاشق (٢) ڏڪار (٣) لڪل (٤) مري (٥) ڀٽائي.

وَصل جي واٽَ، واٽَ خَوف پَري،
عِشق جو درد، درد بي دَرمان.
پانهو آءٌ، جان و دِل هَٿَن تي آتم،
ڪَن َ، آڪيونُ مُنتظر، تہ ڇا فرمان؟
جي گهُرين صُلح، دِل اِجها حاضِر!
جي ڪرين جنگ، تا اِجها هيءَ جان.
جانِ ۽ دِل بہ تيون خسيس شيُون،
لَڪين تُنهنجا "قليچ" تي آحسان.

## ٢٣٧. غزل – اُميد ۽ ڊپ

مفاعيلن، مفاعيلن، مفاعيل

اُميد ۽ ڊَپُ ٻئا ڪَنيزَاتين پکيءَ جانُ،
اُڏامي ۽ چَڙهي اَپ ڏي جِنِي سان.
آهي سالڪَ جي لاءِ آهن ضَروري،
رَهي نہ تہ هڪڙي حالت ۾ هُو يَڪسانُ (١).
حياتيءَ ۾ رَهي مَرُ خَوف غالِبُ،
قَريِبُ المَرگ لاءِ اُمّيد شايان (٢).
رهن اُمّيد ۾ تا عامُ ماڻهو،
رَهن خاصا (٣) سدا ڊَپَ ۾ هِراسان (٤).
جو عامَن (٥) وَٽِ ٿيو توحيد آخلاص،
سو خاصن (٦) وَٽِ آٿي شِرڪ ۽ رِيا سان.
نہ ٿي مغرُور، ڊَپَ ۾ ٿيا مقرّب (٧)،
نہ ٿي محروم (٨)، رحمت حَقَ جي آسان.
"قليچ"! آهي بُڌو تو ڪين هيءُ قول (٩)،
رِجا (١٠) ۽ خَوف جي وِچ ۾ ٿيو ايمانُ.

(١) هڪ جهڙو. (٢) لائق (٣) خدا جا خاص بندا. (٤) ڊڄندڙ (٥) عام ماڻهن. (٦) خاص ماڻهن. (٧) خدا کي ويجها. (٨) نا اُميد. (٩) حديث (١٠) اُميد.

## ٢٣٩. غزل ـ عشق جو مذهب

فاعلاتن مفاعلن فعلات

عِشْقَ جو مَظهر آهي جڳ هي عيان (١)،
سڀڪو آهي ڪمال ۾ يڪسان (٢).

جيڪي مَذْهَبَ چوَن تا پاهَرَ،
حَقُ تا ڳولين سَڀُ، پَرَسْتَشْ سان.

فَرْقُ سالڪَ نہ مَذهبن ۾ ڏِسن،
ڪُفْر، اِسلام وَرِ نہ هڪ ٻئي ڪان.

آهي ايمان ۾ لِڪَل نِتُ ڪُفر،
آهي اِيمانُ، ڪُفْر ۾ پنهان (٣).

ڪافَر آهي، ڏِڪاري ڪُفْر ڪي جو،
مُشرڪ (٤) آهي، رکي جو نيچُ ايمان.

چَڙهيو چوٽيءَ تي سيجُ بہ صحرا ۾،
پاڇو گم ٿيو، رهيو نہ اَن جو نشان.

ميڙنيي بُود (٥) ۽ نمُود (٦) آهي هيتي،
بُود حَقُ آهي، ۽ نمُود جهان.

هِڪڙو وَحْدت ٿيو ۽ ٻيو ڪَثْرت،
شوقُ هِڪَ مان ۽ ذَوْق آچي ٻئي مان.

آخر اَوّل ۾، اَوّل آخر ۾،
ٿيو عيانُ ۾ نهانُ، نهان ۾ عيان.

عَقْل، فِڪْر ۽ قياس، چئي ٿو "قليچ"،
نہ سُڃاپي خُدا، خُدا ڏاران.

(١) ظاهر (٢) هڪ جهڙو. (٣) لِڪل (٤) ڪافر (٥) هستي (٦) نُمائش ۽ ڏيک.

## ٢٤٣. غزل ـ خدا سيڪجهہ انسان ڪي ڪين

فاعلاتن مفاعلن فعلات

تو آکيان وَصف آسان جي تي ڪي ڪينَ،
تئين تُون سيڪجهہ! آسين سيئي ڪي ڪينَ.

بي نشان آهين تون بنا ڪثرت،
تي نشاني آسان سندي ڪي ڪينَ.

فَهمُ(١) آسان جو، نہ آنتُ(٢) تنهنجو ڀسي،
تيو يقين ۽ گمانُ ڀي ڪي ڪينَ.

خيال آسان جو ڏسي سَمُورو غلَط،
ٻولي ڀڻ تي زبان جي ڪي ڪينَ.

حَقُ، "قليچ" آهي ظاهر ۽ باطن،
تُنهنجو آندر، ٻَهَر ٻئي ڪي ڪينَ.

## ٢٤٤. غزل ـ خدا جي صفت

مفعول مفاعلن مفاعيل

جَڳُ تو سان ڀَريل، تُون پاڪ سُبحان،
عاجز تيو توکان سڀني جو ڏيان.

ويچار ۽ خيال چاهي، چا قَول؟
خود ڳالهہ تي پنهنجي آهيان حيران!

اِسرار، آزَل جي سُڌ جڏهن ناهہ،
عالِم(٣)، مَعلُوم(٤)، عِلْم(٥)، ويران(٦).

پاڪ آهي صِفَت کان ذات تُنهنجي،
اَحبَبْتُ آن اَعْرَف(٧) آن جو نيشان.

---

(١) سمجهہ، عقل. (٢) اِسرار، راز. (٣) ڄڻ هيل، ڄاڻندڙ. (٤) ڄاتل شَي. (٥) ڄاڻ (٦) اجايو يا برباد يا ڪجهہ بہ نہ آهي. (٧) ڪُنت ڪنزاً محفيّا فاحببت آن اَعْرف مخلقت الخلق (حديث قدسي).

جي تون نہ چئين ها، "فاذڪُروني"،
هو ياد (١) جو تُنهنجو ڪونہ اِمڪان.
تُون اِسْم ۽ رَسْمِ کان مبرّا (٢)،
جَوْهر کان ۽ جِسْمِ کان گُريزان (٣).
آ گرين ۾ سَندُئِي، "قليچ" جي دِل (٤)،
ڦيرائِين سا تون، جو آهين رحمان.

## ٢٤٥. غزل - عشق جو درياهہ

مفعول مفاعلن مفاعيل

جي عِشْق رکين، يَگانو تِين تُون،
دردن کان دنيا سندي ڇُٽِين تُون.
اِيندا ٻہ طَرف ڏِسڻ ۾ توکي،
هَستيءَ ۽ خوديءَ وِچان لنگهِين تُون.
منجهہ بَحْر مُحيط (٥) تون ٽُٻي هَڻُ،
ڪيسين پيو ڪِناري تي رُلِين تُون؟
پَوُ وِچ ۾ ٽِپي ۽ پوءِ ڪَنڌي ڳول،
نہ تہ تيسين ڪِنارو ڪيئن لَهِين تُون؟
ڪيئن وَصْل گهُرِين "قليچ" جيسين،
فانِي ٿِيي، نہ هيءُ ۽ هوُ (٦) ڇڏِين تُون؟

## ٢٤٦. غزل - آدمي، هستيءَ وارو نہ آهي

مفعول مفاعلن مفاعيل

جيڪي نہ رَهن ٿا تُنهنجا خواهان (٧)،
جاندار نہ ٿيا سي، ٿيا سي بيجان.

(١) يادگيري (٢) بيزار، آزاد. (٣) ڀڄندڙ (٤) قلب المومن بين الاَصبعين الرحمٰن يقلبها كيف يشاء. (٥) يا - عميق. (٦) سڀڪجهہ، دنيا ۽ آخرت. (٧) چاهيندڙ، گهرندڙ.

جڏهن هستي نہ طبع جي چڏيائون،
تيا مرده دل او مثال حيوان.

صورت ۾ برابر آدمي تيا،
آندر ۾ مگر نہ تيا سي اِنسان.

هيءُ رازُ سگهي نہ ڄاڻي هرڪو،
جي(١) نُور جو آن ۾ هوئي نہ نيشان.

ماڻهوُ تي "قليچ" پهَر، آندر،
جو رُوح سندي صفت تي سُبحان(٢).

## ٢٤٧. غزل ـ غفلت ڇڏي هشيار ٿيءِ

مفعول مفاعلن مفاعيل

جيسين آهين گرم و سرد پويان،
تين ڪين ملاقي معرفت سان.

غافل! تون خبر نہ آج رکين ٿو،
واقف تين سڀاڻي، آج ۽ ڪلهه ڪان.

آونداهي وڪوڙي توکي ڏِسُ! وَئي،
پيدا ٿيو حجاب تنهنجو تو سان.

رک هوش، آئي هي شاهي درگاهہ،
وَڃ سنئون سِڌو، تير يا تڪي جان.

دُنيا جي رَنگن تي جي لڳين تون،
ڪيئن لنگهندين تون ڪندَ ٻکي(٣) تڪرتان؟

چؤ ڪجهہ نہ "قليچ"! ڪر عمل ڪو،
قالانَ(٤) نہ ميلي، ميلي جو حالان(٥).

(١) جيسين (٢) خدا واري. (٣) تمام آيو، اوچو. (٤) قال ڪان.
(٥) حال ڪان.

## ٢٤٨. غزل ـ نازنين کان بيپرواهي*

مفتعلن فاعلات مفتعلن فاعلات

چو ٿيي ستائين مون کي؟ عشق جو وٺ نامُ ڪين،
پيتو نہ مون ايءُ شراب، اڄ مون کي جام ڪين.
خوبروُ آهين يقين، نڪتيي آهين لاءِ شڪار،
منهنجي قاسائڻ جي لاءِ، ظالم! وڇهہ دامُ ڪين.
دل ۾ محبّت رکان، منهنجو نہ ڪمُ عشق سان،
پيارُ تون ڪر مون کي پر، آءُ ڪريان انجام ڪين.
آهين تون بيشڪ پري، ناز و آدا سان پري،
سخت ٿيي پر منهنجيي دل، ايءُ ٻڌان پيغام ڪين.
مون تي نہ هلنديي "قليچ"! تو سنديي جادوگري،
آهيان نندو، پختو پر، سمجهہ منکي خامُ (١) ڪين.

## ٢٤٩ غزل مستزاد ـ دوست جي سڪ *

مفعول مفاعيل مفاعيل مفاعيل ـ مفعول مفاعيل

دل منهنجيي کسي ويو هلبي دلدار چمن ۾،
ڪيئن ناز و آدا سان؟!
ڪوليي نہ سگهيس پنهنجو آءُ اسرار چمن ۾،
انَ هوشرُبا (٢) سان!
جيسين هو بغل منهنجي ۾ هوُ منهنجو گُل آندام،
سرهو ٿيي رهيس آءُ،
هاڻ ڪونہ ڏسان پنهنجو سو غمخوار چمن ۾،
ڪيئن عمُر گذاريان؟

---

* هڪ ناٽڪ جي ڪتاب ۾ ڪم آيل.
(١) ڪچو، اڻ آزمودگار. (٢) هوش کسيندڙ.

مُشڪل تيو دلدار بنا جڳ ۾ رَهڻ هاڻ،
تيو مَوتُ تہ بهتر،
هيءَ ڏينهَن وڇوڙي جا لَڳَن وَرهہ تا مون کي،
آءُ ڪيئن يلا ڪاٽيان؟
هاڻ کولي وڃي اَن کي تون لَهڻ، ڪرڪا پلاٽي،
اَن کي ويٺو ساريان،
تيسين آءُ هيٺي ويٺو رُئان زار چمَن ۾،
ڪيئن اَن ري آءُ گهاريان؟
آسائو "قليچ" آهي تہ خاوند ڪندو خَيرُ،
دلبر سان ميلائي،
حاصل ٿئي اَن جو مُنکي ديدار چمَن ۾ ـ
اِيءَ آس تو داريان.

## ٢٥٠. غزل ـ جدائيءَ جي جفا *

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

دلبرا آءُ جان و دل سان تو تان قربان آهيان،
دشمنن جي ظُلم کان لاچار آئي جان! آهيان.
تيس جُدا جنهن ڏينهن تو کان، حالُ تيو منهنجو تباھ،
چشم گريان، سر بہ عُريان (١)، سينہ بريان آهيان.
ڪيئن ڪريان، ڪيڏي وڃان، ڪنهن کي چوان؟ ڪونا هي وَسُ،
روز و شب تولاءِ پرين! منجھ فِڪُر و آرمان آهيان.
ڊَپَ رقيبن جي کان آءُ پاسو ڪندو توکان وَتان،
پر رکيج هيءُ ياد نيتُ تولاءِ حيران آهيان.
جڏهن پَري توکان ٿيو مُشڪل جيئڻ، چئي تڏهن "قليچ"،
دَم حياتيءَ تائين، تُنهنجي دَرَ جو دربان آهيان.

* نانڪ جي هڪ ڪتاب ۾ ڪم آيل. (١) اگهاڙو، ننگو.

## ٢٥٩. غزل ـ آکين سان زنا

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل

پِوَن سڀ لذّتون نفساني شل! ٻن،
نه ڏي حرص ۽ هوس کي جاءِ تون من.

ڏکيو پنهنجن آکين کي مومنو! آئين (١)،
خدا جو حڪم قرآني ڪريو ڪن.

تغضّوا آهي مِنْ اَبْصَارِهِمْ اَت،
چِٽا سي، ڪنڌُ جهڪايو واٽ ۾ جن.

زِنا ڪن ٿا گهڻو، ماڻهو آکين سان،
نه عضوي خاص سان ٿا ايترو ڪن.

زِناجي ڪن آکيون، ٿا شاه(٢) جيئن چيو،
"ڪِڏي ڪانگن کي ڏيو تارا منجهان تن."

"قليچا"! دل ۽ عضوا جي سنڀاليِن،
قيامت ۾ سي حورن ساڻ وِهسن(٣).

## ٢٦٠. غزل ـ شيعن جي حجت، خلافت بابت

مفعول مفاعيل مفاعيل مفاعيل

سُنّي ٿا چون جڏهن لڏيو(٤) حضرت، ذيشان(٥)،
وارث ڪيئين فلاڻي کي، ڏِنئين اُن کي وڏو مان.

پيغمبري، ملڪيّت هڪ آهي خدائي،
ملڪيّت آهرِي رکي قيصر، نڪا خاقان.

ڪو قياس ڪريو يارو! ٻڌو ڪو ته ڪنهين شاهه،
وارث ڪيو ڌارئين کي؟ ڪري اِئن نه ڪو نادان.

ڌيءُ، سوٽ ۽ نانيءُ پنهنجي ۽ ڏهٽن هوندي،
بيگاني کي ميراث ڏِني ڪونه مسلمان.

لائق هُئا سي يا نه؟ رکيئون پيار ٿي تن سان،
تڏهن رد چو ٿين سي ٿا؟ "قليچ" آهي هي آرمان!

(١) اوهين (٢) ڀٽائي (٣) خوش گذارين. (٤) وفات ڪئي.
(٥) محمّد صلعم.

هوءَ شام تائين باهه ۾ مشرق جلڻ لڳي،
مغرب به صبح تائين ڏِڪي ڪارا، ٿئي نيهان (١).
قدرت خدا جي سڀ اِها واڪاڻ تون "قليچ"!
عبرت اُنهيءَ مان وٺُ، اها جت ڪيٿ آهي عيان (٢).

## ٢٦٣. غزل ـ تنهنجو ۽ منهنجو عشق

فاعلاتن مفاعلن فعلن

[١] چوليون ٽڪرن جيون چوطرف چمڪن،
نهرون پاڻيءَ جون چوطرف ٿيون وهن.
پر وٺي مون ڪي جهڙو تُنهنجو عشق،
تهڙيون هرگز سچو! آهي نه وٽن.
[٢] بيشڪ برفي جبل صفا مضبوط،
واچون ۽ ميڻهن تن ڪي ڪين چون.
پر نه مضبوط عشق مُنهنجي جيئن،
۽ نه صاف آن جانَ سي ڪڏهن به رهن.
[٣] عِشق تُنهنجو ۽ مُنهنجو، چئي تو "قليچ"،
ٻئي وڏو فرق پاڻ ۾ تا رکن.

## ٢٦٤. غزل ـ دق ۽ پيري

فاعلاتن مفاعلن فعلات

دِقُ (٣) ڪري پيري سڀ ڪي، ني نه گمان،
پير(٤) ڪي، دِق (٥) يا سِلهه ڪري نه زيان.
پيرُ، پرواهه دِق جي ڪانه ڪري،
نه بچي دِق ڪان پر ڪڏهن ڪو جوان.
مرض پيريءَ جو دِق ڪان آهي وڏو،
نه وڏي ڪي ننڍو ڪري نقصان.

(١) ليڪل (٢) ظاهر (٣) بيزار (٤) ٻوڙهي (٥) تپ.

عِشقَ ۾ جيئَن، فِراق ڏِسندڙ رُوح،
رَکي دوزخ جو کين ڪَڏهن آرمان.
يا لنگهائيِ "قليچ"! جنهن مائيِ(١)،
سيتلا کان ميلي آنهيءَ کي آمان.

## ٢٦٥. غزل - جنهن خدا سڃاتو سو گنگو ٿيو

فاعلاتن مفاعلن فعلات

"مَن عَرَفَ رَبّ"(٢) جون مون ٻوليون ٻڌيون،
ثابتيون آن جون ڪيتريون نٿي ٿيُون.
يار جي زُلف جيِ آهي مَحرم،
تنڌهن زِبانوُن ڦٽيءَ جوُن ٿيُون گُنگيون.
حَقُ سُڃاتائيِن باغَ ۾ بِيٺي،
بَند سوسَن زِبانوُن تڏهن ڪيون.
رَبَ کي عَيْن اليقين سان نرگس،
ڏِسي حَيْرت ۾، چپ ٿِي ڪوليُون اکيُون.
ٿِي گُلن جي زبان گُنگِي "قليچ"!
سُکِي آن کان ويون ڪنڌَن جوُن جيُون.

## ٢٦٦. غزل - شعر جو قبض ۽ بسط

فاعلاتن مفاعلن فعلات

نِڪري اِئَن ڪڏهين شِعْر دل مان عيان،
جيئَن نٿي نِڪتو تنوُر مان طوفان.
ڪڏهن نِڪري نه هڪڙي مصرع ٻي،
رَهي شاعر آنهيءَ جي لئہ حيران.
نہ آچي ڪَڏهين مِنّت آزيءَ سان،
ٿئي آچي آنَ سَڏيو ڪڏهن مهمان.

(١) بيماري (٢) من عرف ربّہ ڪلّ لسانہ.

تو وَسي مينهن وَڏ ڦُرِڙو ڪڌ هين،
تني ڪڌهن بُوند لاءِ دل بِريان.
شعر جو قبض (١) ۽ بسط (٢) آهِڙو آهي،
جهڙو صوفين جو ڪشف اصل نهان.
اوليائن جو جيئن عُروج ۽ نُزُول،
شاعرن جو به تيئن "قليچ"! بيان.

## ٢٦٧. قصيدو ـ حق جي محبت خالص

فاعلاتن مفاعلن فعلات

ٻُڌي حَقَ جي محبّت آهي اوهان،
گهُرجي خالص سا، ڪنهن ٻه غَيْر بنان.
حُڪم ٿيو، "فاذڪروني اذڪرڪم"،
ياد مون کي ڪَريو ته آن کي (٣) ڪريان.
پڻ، "يُحِبُّونَهُمْ يُحِبُّهُمْ" آهي،
هُو گهُرن حق کي، تِن کي حَقُ توڙان.
پڻ چيل ٿيو، "ڪما تدين تُدان"،
سو ملي توکي، جو آڇي تو مان.
حَقُ مُراد (٤)، ۽ اوهين مُرِيدُ (٥) اوّل،
پوءِ مُراد آئين مُريد حَقُ تني عيان.
بارُ تني، ماڻ جو اول طالب،
پوءِ تني ماڻ آن جي، شَوقَ منجهان.
رکُ محبّت تُون حَقَ سان اصل سچي،
حَقُ محبّت رکي سَچِي تو سان.
پر محبّت تو حَقُ (٦) گهُري خالص،
هُو غَيُور (٧)، آهي، تو رُسي غَيْران (٨).

(١) بَسُط (٢) ڪُشاد (٣) اوهان کي. (٤) مطلب، مدّعا. (٥) اِرادي وارا، طالب. (٦) خدا تعاليٰ (٧) سخت غيرت وارو. (٨) غَيْر کان.

وَٺيو آدمَ کي هو بهشت جو باغ،
حَقَ کيَو بُس، هڪ ٻَهاني سان، آن مان.
رکي حوا سان جڏهن محبّت هئن،
وَرهه تي سَو، ٿيا ڏار هڪ ٻئي کان.
حُبّ، يعقوب کي ٿيي يوسف جي،
ٿيو جُدا آن کان ۽ رَهيو گريان (١).
پُٽ آسان جي نبيءَ جو اِبراهيم،
رهيو حضرت ٿي جنهن تي عاشق جان (٢).
ماريو غَيرت کان نيٺ حَقَ آن کي،
تا نہ آن کي ڏِسي وَري مُوران.
ڏُهٽا پيارا هُئس حَسَن ۽ حُسَين،
ٿيي سي مظلومَ ماريا قوم هٿان.
پڻ ٿيس پياري عائشه بيبي،
ڪُوڙي تُهمت بہ آئي آن جي مٿان.
رهيو آن کان جُدا نبي کي ڏينهن،
جيسين ٿيي پوءِ صفائي حَقَ طرفان.
حُبَ خالص رَکِج تُون رَبَ سان "قليچ"!
تہ لهين مانُ تون ڏٺيءَ جي دران.

## ٢٦٨. غزل ـ دل ۽ زبان سوافق گهرجن

فاعلاتن مفاعلن فعلات

حالُ دل جو ٻُڌائي قالُ (٣) عيان،
ترجمان آن جي جيب ٿيي، رک نہ گمان.
دل جي صاف ۽ صحيح، تہ قول صحيح،
۽ جي ناهي، تہ باطل آهي بيان.

(١) رُئند و (٢) وانگي (٣) گفتو.

دل صحيح سا، رهي تو جنهن ۾ يقين،
۽ توڪل ۽ علم ۽ اِيمان.
هوئي جي باطل، غلط ۽ ڪوڙو ڪلام،
سمجهه، آن دل ۾ شرڪ ۽ شيطان.
سڀ مدار آهي دل تي، جاڻ ”قليچ“!
رک تون دل ۽ زبان تڏهن يڪسان.

## ٢٦٩. غزل ـ راڳ ڪڏهن ٻڌجي

فاعلاتن مفاعلن فعلات

ٻُڌ تڏهن راڳ يا سماعُ ميان!
چار ڳالهيون ڏسين جڏهن تون عيان.
مُستَمِع ۽ مُستمّع ۽ مَسمُوع،
پوءِ مسماع، ٻُڌ آهي سون ڪان.
راڳُ ٻُڌندڙ ۽ راڳُ ڳائيندڙ،
ڳائجي جيڪي، ڳائجي جنهن سان.
هجي ٻڌندڙ، خدا جو بندو نيڪ،
حق ٻُڌي ۽ هلي جو حق جي پنهان.
ڳائيندڙ مرُس هوئي، نہ زال ۽ بار،
ٿئي متان نفس جو فساد آن مان.
هَزَل (١) يا فحش (٢) ڳائجي نہ ”قليچ“،
سازُ ڳائڻ جو هوئي نہ چنگ چغان (٣).

## ٢٧٠. غزل ـ چئن عناصرن جي جنگ

فاعلاتن مفاعلن فعلات

چار عنصر ڏسين تون وڙهندا جڏهن،
حالُ معلوم ٿيئي آنهن جو تڏهن.

---

(١) بيهودو (٢) ڪارگند (٣) سارنگيي.

باھہ جو واءُ دوست ۽ دشمن،
ڪڏھن ماري، ڪڏھن آجھائي تنھن.
ڦوڪ ڏئي چٽنگ مان ڪجي تو سچُ،
ڦوڪ سان تو ڏيو آجھامي ٻنيھن.
باھ کي پاڻي نيت آجھائي تو،
دُشمني تين جي تا ٻُڌي ھر ڪنھن.
واءُ، پاڻيءَ تي پڻ وجي ڪاھي،
ڪڏھن چيڙائي، ۽ پچائي ڪڏھن.
جيئن دريا ۽ سمنڊ تي لھريون،
غرق ٻيڙا آتي تين تا ھڏھن (١).
واءُ، پاڻي، مٽيءَ جا ويري "قليچ"!
باھ ساڙي، پچائي آن کي مڏھن (٢).

## ٢٧١. غزل – سنھنجو آحوال

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

مُون کي ميليو سبق نہ حقيقت جو ڪيٿ عيان.
فِطرت (٣) جو گرچه مدرسو ٿيو سارو ھيءُ جھان.
اُستاد، عشق جي نہ ڏني تم آجا سند،
مقتل (٤) ۾ پاس ڪرڻو پيو آھي اِمتحان.
آرام مُون کي ناھي، رھان نت آءُ دربدر،
ڦيرائي تو زمانو، رُلائي تو آسمان.
ڪھرَ ۾ خُدا جي (٥) ڪين ھلي تو سندُم قدمُ،
بُتخاني ڏي تئي تو، ۽ ميخاني ڏي روان.
مسجد سان ڪو غرض نہ، نہ ڏير (٦) ۽ حرم (٧) سان آھ،
دَرُ دوست جو ٿيو لاءِ سندم ڪافي آستان (٨).

---

(١) ضرور (٢) ضرور (٣) پيدائش، قدرت. (٤) قتلگاھ (٥) بيت الله، مسجد، ڪعبو. (٦) مٺ ھيي (٧) ڪعبو (٨) مڪان.

ظاهر خيانت آهي، امانت ويٺي لِڪي،
آجُ مُعتبر، امينَ، ٺڳ ۽ چور تو ڏِسان.
ٽيا گوشه گير، جن کي هيون عيش جون آکيون،
سونهانُ ۽ هادي خَلق جا آج ڪور(١) تو ڏِسان.
اِنسانَ مُلڪ ۾ تو ڏِسان آج کي مُختصر،
ماڻهو گهٽا ٻي پيرا، ۽ ٻيا ڍور تو ڏِسان.
بيعقل خوش رَهن سدا، ڪائين پِٽن چڱو،
آجَ بُڪَ ڪان عقل وارا آءٌ منجهه جهور (٢) تو ڏِسان.
وِيا مورَ سڀ مَري، نه رهيو هَنجُ ڪو "قليچ"!
سَرَ ۾ آءٌ ڪُهنگ، ڪانئرا، شهزور تو ڏسان.

---

(١) انڌا (٢) جهوري، گهٽي، فڪر.

خاصَن جو مَوت خاص ٿيو، آبدي حياتي سو،
ڪان خَلق ۽ اِرادي ۽ اِختيارَ ٿيو مَرڻ.
آرامِ ڪُلّي، معرفت ۽ حَقَ جي قُرب تي،
جيڻري مَرڻ اِهو ٿيو يا جاڳندي سُمهڻ.
ڪونهي جڏهن جِمڻ ۽ مرڻ ۾ ”قليچ“ فَرق،
تڏهن ٿيو جيئڻ مَرڻ ۾ عَبَث (١) فَرق ڪو رکڻ.

## ٢٧٥. غزل ــ جان پاڪ رکڻ

فعولن فعولن فعولن فعول

رکين تو آدا! پاڪُ جي جانِ ساڻ،
تہ سامانُ پڻ جوڳو هَٿِ پَنهنجي آڻ.
اِها جانِ، جنهن ۾ رَهي عِشق تو،
پَري بيهي دل، جيئَن ڪ ڏاڙهونءَ ۾ داڻ.
آجايو وَتين چو تُڪيندو تَڪَرَ؟
گهُرين سونُ جي تو، تہ ڳول آن جي کاڻ.
يا ٿِي ڏُوڙ ڏويو، ڪَشالو ڪري،
وَرهہ ڪي، سَمُنڊ جي وچِي واري ڇاڻ.
مُنڊي بادشاهيءَ جي ٿيڻي ديو وَٽِ،
سا هَٿِ ڪَر وَڃي، پوءِ سليماني ماڻ.
ملئي تُرت جي ڪينڪي آهڙو هَنڌُ،
سَدائين پيو تون اُنهيءَ پاسي تاڻ.
لَڀئي سو اُنهيءَ جاءِ، جِت جاءِ ناهِہ (٢)،
تڏهن پڻ فنا پاڻُ ڪَر آنَ جي ڪاڻ.
”قليچ“ آهي توڪي طلب جي سَچِي،
ڏِنئي ڏَسُ هي ڏاهَن، هليو وَڃُ تون هاڻ.

(١) آجايو، بيسود. (٢) لامڪان.

## ٢٧٦. غزل ـ پاڻ لڪاء

فاعلاتن مفاعلن فعلات

چو ٿو پڌرو ڪرين تون پنهنجو پاڻ؟
چو ڇڏين پنهنجا ٿو پراڻا پاڻ؟ (١)
زخم پنهنجا لڪاء چادر هيٺ،
عشق جا جي لڳن ٿا توکي ڀاڻ.
توکي گهر ويٺي جي مليو محبوب،
چو پڇين تون وڃي ولهن جا وٿاڻ؟ (٢)
جي گهرين، دوست جو ڏسين تون لقا،
ذڪر ۽ فڪر جا نظر رک ٿاڻ (٣).
سي(٤) سندي مت منجهان محبت جي،
ڏي ڀري سڀ ڪي تون "قليچا" ماڻ(٥).

---

(١) مڪان (٢) مڪان (٣) ٿاٿا، وقت. (٤) شراب (٥) جام.

# رديف - و

## ٢٧٧. غزل - هٺ ڇا آيو؟

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

سَمَي سي زُلف سُهڻي جا، هَوا کي هَٿِ ڇا آيو؟
بَدَنُ نازڪ ڪَري قابُو، قَبا کي هَٿِ ڇا آيو؟
محبّت ۾ ميڻي محبوبَ جي ناهي مَرڻ مُشڪل،
ڪُڏي مُون ساهُ ڪيو صدقي، قضا (١) کي هَٿِ ڇا آيو؟
شهيدنِ کي مليو منجهه ڪربلا درجو شهادت جو،
سِوا لَعنت جي پيو آهل، جفا (٢) کي هٿِ ڇا آيو؟
ڏِٺين تي حُسن حيرت جهڙو هُي هُي! جڏهن حسينن کي،
ڪري تڏهن سنگدل تن کي، خدا کي هٿِ ڇا آيو؟
گدائيءَ مان ڏَٺي شاهي، ڪري بدبخت بختاور،
هَڏا کائي، رهي تنها، هُما کي هَٿِ ڇا آيو؟
ڏِجي جيڪي، ملي حقَ کي ۽ ڏيندڙ کي ثواب اُن جو،
سَخا مان پوءِ سخيءَ جي هيت گدا کي هَٿِ ڇا آيو؟
تِين خُونخوار وَڏِ دلبر، ڪُسَن خونين جگر عاشق،
رَڱي هَٿَ حُسن وارن جا، حِنا (٣) کي هَٿِ ڇا آيو؟
رُسي ماٺا ڪري محبوب، مُنهن موڙي ۽ ميهڻا ڏِئي،
منجهان اِن آشنائيءَ، آشنا کي هَٿِ ڇا آيو؟
"قليچ"! آيو سڄڻ آخر، گهڻو روڪيو رقيب اُن کي،
عَداوت ڪيئين تہ ڇا ٿيو؟ بي حيا کي هَٿِ ڇا آيو؟

---

(١) آجل، موت. (٢) ڪُوفي، ظالم. (٣) ميندي.

## ٢٨٠. غزل – چا ٿيڻ چڱو آهي

فاعلاتن مفاعلن فعلات

گهمندو درويش نِتُ رهي ته چڱو!
پاڻي درياهه جو وَهي ته چڱو!
ڪاوڙ ۽ ڪينو، ڪُوڙ، ڪُفر جي ڪَسُ،
قَلبَ (١) ماڻهوءَ جي نان لَهي ته چڱو!
مَغزَ ۾ هَٽَ ۽ وَهم جي ماڙي،
جا هُو جوڙي ٿو، سا ڊهي ته چڱو!
گهُرجي تا آو طَلَب ۾ موليٰ جي،
قاف تا قاف (٢) پيو ڪَهي (٣) ته چڱو!
سِڪَ ۾ تُنهنجي، سدائين صَبر ڪري،
سُور سَڀ طرح جا سَهي ته چڱو!
حُسن ۽ ناز جنهن ڪي هوني حاصِل،
سو پِتلي خلق ڪان ٿَهي (٤) ته چڱو!
ٺَڳَ صفت آهي جو رقيب پليد،
يو ڪُتي جانُ پِتلي بَهي ته چڱو!
دوست، آن جي چئي رُسي ويو "قليچ"!
سُون سان تَهه پَهه (٥) آچي لَهي (٦) ته چڱو!

## ٢٨١. غزل – سيڪو ڀاڻ پنهنجو جوابدار

فاعلاتن مفاعلن فعلات

پنهنجو سَڀ ڪَمُ آوهين مَهَل تي رَکو،
هي پاهي نه سَڀ آزَل (٧) تي رَکو.
بيشڪ آهي قَوي (٨) قَضا ۽ قَدَر،
ٽيڪَ (٩) آئين عِلم ۽ عَمَل تي رَکو.

---

(١) دل (٢) ساري جهان ۾. (٣) هلي (٤) پاسو ڪري. (٥) جلدي
(٦) هَرچي (٧) قسمت (٨) طاقت يا قوّت وارو. (٩) ڀروسو.

تيـو نـامَن، سَحَر (١) ۾ 'سامـري'،
۽ 'هــاروت'، 'مــاروت' قرآن جـو.

نـقـاشـي ۾ مـشـهـور 'مـانـي' تـيـو،
۽ منجهه حُسن، 'يوسف' تيو ڪنعان جو.

عَربَ جو تيـو گهوڙو ۽ تازي (٢) ڪُتو،
۽ 'عيسيٰ' جو خَر، پڻ 'خراسان' (٣) جو.

اَصل 'آفـريـقـا' جـو تيو مشهور شينهن،
۽ هاٿي بـہ سڏجي 'هـنـدسـتـان' جـو.

جَوَن قـنـد 'مصري'، 'شيرازي' شـراب،
مِٺي (٤) 'چِيَن' جي، زِيرو 'ڪِرمان' جو.

'عَدن' جو تيو موتي، 'بَدَخشاني' لعل،
"قليچ" آهي 'سنڌي'، 'گُرجستان' (٥) جو.

## ٢٨٦. غزل ـ ٻاهر جي ڳولا آجائي

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

جي مَحو عِشق ۾ ٿين، رَهنُما تو ڳولين ڇو؟
جي بَحر ۾ تو ٿُبين، ناخُدا (٦) تـو ڳولين ڇو؟

ڪَيئي جي عِشق جو سَودو، تہ سُود ڳولين ڪيئن؟
جي زَهر، درد جو ڪاڏُ نـي، دوا تو ڳولين ڇو؟

گُداز (٧) دِل جو ۽ همّت، عَجَب آٿيي آڪسير!
سي ڳولي آڻ تون هَٿ، ڪيميا تـو ڳولين ڇـو؟

بَغَل ۾ تُنهنجي تيو ڪعبو، طواف ڪـر اُن جـو،
مڪو، مدينو ۽ مَروَه، صَفا (٨) تو ڳولين ڇو؟

---

(١) جادو (٢) عربي (٣) خراساني گڏهہ. (٤) چيني (٥) گرجستان
(٦) ناکُئو، خلاصي. (٧) سوز (٨) حجَ وارا ٻہ جَبَل.

ڪوماريو گل، سيارو جڏهن آيو ۽ خزان،
هر لحظي جهونو واءُ جو ميدان مان لڳو.
پنَ اَن جا ٿيا ڦڪا (١)، جي نزاڪت مان هئا پريل،
ڇڻندا ويا، ڳرن مندو جڻ مينهن تي وٺو.
حق ڏارا، دَرد اَن جي جي سُڌ ڪنهن کي ڪانه پئي،
ويچارو گل گلاب جو اَن راتِ نيسٽ مُئو.
سنڌي لکيو ”قليچ“ هي فرمائشي غزل،
انگريزي اصل ڊاڪٽر ماٿيوز (٢) هو لکيو.

## ٢٩٣. غزل ـ رنگيءَ جا رنگ

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات

مُنهنجي گل کي وٺي هر لحظي تو گلزار پيو،
پڻ پيو بازار، نه (٣) هوئي اَن جو خريدار پيو.

پيو وڳو تو ڏکي هر دم ۾ ڪري پيو جلوو،
وٺي مظهر (٤) پيو تو، تا ڪري اظهار پيو.

قهر جا ناز ٿيون ڪن مست آکيون اَن جون، تا،
مست آک اَن جي تي، هر لحظي هوئي هشيار (٥) پيو.

هڪ گهڙي چپ نه رهي مُنهنجو سڄڻ بولڻ کان،
بولي هر دم پيو سنديس، ذڪر ۾ اَذڪار پيو.

عشقبازيءَ جو رکي شوق، ڪري (٦) پاڻ سان، پر،
نه اُتس حسن ڏسڻ پنهنجي ري ڪم ڪار پيو.

مغربيءَ وانگي ٿيو حيران سندس لاءِ ”قليچ“،
ڪري هر دم آکيان عالم جي تو اِقرار پيو.

---

(١) زرد (٢) ڪنهن وقت ۾ سنڌ مدرسي جو پرنسپال. (٣) نه جيئن هجي ... (٤) صورت (٥) فاعل، هوئي جو. (٦) عشقبازي ڪري.

## ٢٩٤. غزل ـ زماني جي اُلٽي چالي

مفاعلين مفاعلين مفاعيل

ٻُڌايان ڇا آءٌ ڪنهن کي قِصّو پنهنجو؟
ته ڏِسجي زهر تو ترياق منهنجو.
مُحبّت سان، ڪنهان جنهن جو مٺو، پير،
آهو چيڙ مان، ٿني مُون کي وجهي ٿو.
ڀُڇان خير عافيت جنهن جي وڃي آءٌ،
چوي ڇو آئين هيت؟ وٺ پنهنجو رستو!
ڪري نيت جڳ کي نيڪي جي نصيحت،
سُکي ويو وات، ۽ ويهي ڳلو ويو.
زماني جي جڏهن ٿي چال اُلٽي،
وٺن جڳ ۾ تڏهن رستو ٿا اُلٽو.
ڀلائي بدران جڏهن آهي بُرائي،
تڏهن ڳهرجي رهڻ ڳنگو ۽ ٻوڙو.
ٿيم سڀ شعر، موتي ۽ جواهر،
خداوندا! خريدارن کي ڇا ٿيو؟
قلم منهنجي مان نڪري ٿو سخن سچ،
نه دُنيا ۾ وٽان سڀ کي تڏهن ٿو.
سِوا تسليم ۽ صبر ۽ رضا جي،
"قليچا" ٻيو نه هيت چارو رهيو ڪو.

## ٢٩٥. غزل ـ عاشق جي جدائي

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

ڇا ٻُڌايان حال پنهنجو؟ آهي سو ابتر گهڻو،
منهنجي قسمت ۾ اڪيل شايد هو شور ۽ شر گهڻو.
جابجا دُنيا ۾ ڀٽڪيس، پر نه آئي بر مُراد(١)،
گرچه واهر لاءِ آءٌ گهر گهر گُهميس، در در گهڻو.

---

(١) پوري ٿي.

چا گَبْر (١)، يَهوُد، چا مُسلمان!
ڪُل سان رَکي قُرب جو قَرينو (٢).

مِهْتَر (٣) هُجي گَرچه صاحب، تَخْت،
ڪِهْتَر (٤) چوي پاڻ کي ڪمينو.

فَرحَت آچي فاقي (٥) ۾ تنهن کي،
تازو هوئي طعام يا شَبينو (٦).

مَنزَل (٧) ڪَري پاڻَ پيرين پيادو،
دُشمن کي ڏئي مَمندُ، چينو (٨).

مَسْنَد تي ڪري نہ سُور آرام،
پورهئي ۾ وَهائي نيت پَسينو (٩).

درويشَ کي وَقت جو نہ ويچارُ،
گُذري وَڃي سالُ خواه مهينو.

جنهن کي ٿا سڏين "ڪيشتي،(١٠)نوح"،
صُوفيءَ جي سو سيني جو سفينو (١١).

جو مَرْد خُدا جو آهڙو آهي،
سو خاتِم،(١٢)عِشْق جو نگينو (١٣).

ٻُولين جي "قليچ" اِسْم، آعْظَم،
دَرويش جي دل ۾ ٿئي دَفينو(١٤).

## ٣٠٥. غزل - سيڪجهہ ٿيو تہ چا ٿيو؟

مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

دُنيا ۾ دِل جو مَطلب پُورو ٿيو تہ چا ٿيو،
آخِر مِليو نہ جي رَبُ، ٻيو سَڀ مِليو تہ چا ٿيو؟

---

(١) آتش پرست. (٢) واسطو، ويجهڙائي. (٣) شريف (٤) مسڪين، نيچ.
(٥) بُک (٦) راتوکو، ٻاروٽو. (٧) پَنڌ (٨) گهوڙو (٩) پگهر
(١٠) ٻيڙي (١١) ٻيڙي (١٢) مُنڊي (١٣) ٽِڪ (١٤) پُوريل، ليڪَل.

سوهنا ڏينڊي عجب سوهڻ ۽ مُحبت جو مثال،
پر وڙي پيءُ سان سندس پوءِ پيارو ٿيندو.
واهه! بَهرام جي اُلفت ۽ وفاداري واهه!
عاقبت، قُرب، قرابت ۾ ڪرارو (١) ٿيندو.
جيڪو دِلدارَ جانِ، مُحبت ۾ رَهي نِتُ مُحڪم،
گرچه مُفلس هوئي، سندس سَرس سِتارو ٿيندو.
عَقل، اِنصاف، عَدالت ۽ آمانت جي ڪري،
نيڪ نوّاب سندو نياءُ، نيارو ٿيندو.
مارواڙيءَ جيهو بيرَحم، ڪُسا ڪي، ڪَنجوس،
جو ٿئي، قلب (١) ۽ منهن تنهن جو به ڪارو ٿيندو.
چرچي بازيءَ ۾ ته ظاهر ٿيندا هَرگُن سندا گُن،
پڻ پين ڪين جو شَرح وار وَڌارو ٿيندو.
آهي هيندن جي حقيقت ته سَڀِن کي معلوم،
پر مُسلماني به احوال سوچارو ٿيندو.
جيڪڏهن ڏيان سان هي پُڙبو سمورو احوال،
آهي اُميد ته پوءِ سَڀ جو سُڌارو ٿيندو.
تو سلام آن کي (٣) ڪَري صاحبو! هاڻ دل سان "قليچ"،
پاڻهي مَعلوم قِصو سڀني کي سارو ٿيندو.

## ٣٠٧. غزل ـ ناٽڪ جو خاتمو يا پڇاڙي

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

ناٽڪ آسان جو دوستو! آخر تَمام ٿيو،
صَد شُڪر، جي پَسند سڄو اِنتظام ٿيو.
جيڪي پُنو، آوهان کي پُڌايوسين نَظم و نَثر،
مَنظُور ٿيو ته خوب، هي عمدو ڪلام ٿيو.

(١) غالب، بَرک. (٢) دل (٣) اوهان کي.

هيءِ خوشدليءَ جو کيل آصل آنگريزي هو،
مَٽ سَٽ منجهس ٿِيءِ، هاڻ نئون اَن جو نام ٿيو.
وَرتو آٿون بہ شيڪسپيئر جي ڪتاب مان،
جنهن جهڙو ڪونہ شاعر، عالي مقام ٿيو.
صُورت ولايتيءَ کي مِليو ويس سِنڌ جو،
مَئي(١) ٿِي پُراڻِي، تِنهن سان بہ پُر پنهنجو جام ٿيو.
قِصّو آهي عجيب، مُصنّف ڪچو اگرچ،
پُختو آهي تہ آصل، فقط نَقُل خام ٿيو.
ٿيو خيرُ ۽ خوشيءَ سان بہ پُورو آسان جو ڪمُ.
هَرڪو ڏِسي، ٻُڌي هِتي خوش خاص و عام ٿيو.
ٿِي مُدّعا آسان جي، آوهان جي رَضا، خوشي،
وِهسڻ، کِلڻ آوهان جو، اسان جو اِنعام ٿيو.
لُطف ۽ ڪَرم اوهان جي ۾ پڻ آس اٿون اچا،
جڳ جو نفعو، آسان جو تہ مَطلب مُدام ٿيو.
شَل! خوش رکي آوهان کي خُدا نيتُ، "قليچ" چئي،
رُخصت وَٺون ٿا هاڻ، سڀن کي سَلام ٿيو.

## ٣٠٨. غزل ــ يار جو وصال

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات

اَجُ آڱڻ مُنهنجي لنگهي مُحِبُ بہ آيو منهنجو،
شُڪرُ صد شُڪرُ، ٿيو بَخُتُ سَوايو مُنهنجو.
جنهن جي مُحبت ۾ لُٽايُم دل و دين، دولت سڀ،
سو مِليو نيٺ، ٿيو خرچ سَجايو مُنهنجو.
وَصُلِ ۾ دوست جي ٿيو مُون کي مُيسّر مِعراج،
ويو لنگهي عَرُش کان پڻ آوج ۾ پايو مُنهنجو.
هيسين تائين هِجُر ۾ هُس بوم(٢) کان آءٌ شوم(٣) وڌيڪ،
هاڻ هُما کان بہ هُمايون(٤) ٿيو سايو(٥) مُنهنجو.

(١) شراب (٢) چِبڙ (٣) نَحُس (٤) سَعُد (٥) پاچو.

ڪيو غلاميءَ ۾ جڏهانڪر مون کي دلبر مقبول،
دارا دربان، سڪندر ٿيو دايو مُنهنجو.

آن جي صحبت ۾ ٿيس صاحب، اِقبال ”قليچ“!
گرچه ڪمتر هو گهٽو آصل ۾ مايو مُنهنجو.

## ٣٠٩. غزل ـ تنهنجي روبرو

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

آرزوُ اِيءَ ئي ته نڪري دم تُنهنجي روبرو،
مَر ته ٿئي فيصل سچو هيءَ ڪم تُنهنجي روبرو.

تو مٿان صدقي ٿين جنّ ۽ مَلڪ، حور ۽ پري،
ڪهڙي شي آهي ڀلا آدم تُنهنجي روبرو!

چا ٿيو جي مون نمائيءَ پاڻ ڪيو توتي فِدا؟
تو نمي سُهڻا! سڄو عالم تُنهنجي روبرو.

ورهه ٿيا دانهون ڪندي، هڪ وارَ موڪل ڏي پرين!
تا آچي اوريان اندر جو غم تُنهنجي روبرو.

چاڪ دل جا تا چِڪن، ٿيا زخم آلا منجهه فراق،
چڏ ته آج تن جو ڪريان مرهم تُنهنجي روبرو.

دردَ تُنهنجي ۾ روئي، سِرُ، مُنهن پيٽي پَرپُٽ ”قليچ“،
ڪَهڙو هوند بيحد ڪري ماتم تُنهنجي روبرو؟!

## ٣١٠. غزل ـ زماني جو ظلم

مفعول مفاعيل مفاعيل مفاعيل

مُون کي آهي نيتُ دَور زماني جي ستايو،
دردن ٻه آچي دِل ۾ آهي دُونهون دُکايو.

هَر وقت ۽ هَرجا آهيان حيران و پريشان،
ڪنهن کي نه غريبن تي ڪڏهن رَحم ڪو آيو.

هئي هئي! آهيان بيوس، نه چلي چارو ڪو مُنهنجو،
آفسوس! حياتيءَ جو وڃي وقت آجايو.
بهتر آهي هاڻ خاڪ وسايان وڃي پرديس،
ويرين تہ ڪري ويرُ، وطن آهي ڇڏايو.
قسمت ۾ لکيو جيڪي پڙي، سو نہ ٽري مور،
رهہ راضي "قليچ" اِن تي، جو تيو ربّ جو رايو.

## ٣١١. غزل - سرگرداني

مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

سهتجن، سڪتن کي ساري، در در ڦران ديوانو،
هنجون آکين مان هاري، در در ڦران ديوانو.
راتيان، ڏينهان رُنان تو، فريادون آءٌ ڪريان تو،
نيت واترُيون نهاري، در در ڦران ديوانو.
مُنهن کي ميٺي تو لايان، واري مٽي وسايان،
سڀ واسطا وساري، در در ڦران ديوانو.
وڇڙيو آهيان وطن کان، تيس ڏار دوستن کان،
ڪٿي اِها تي ڳاري، در در ڦران ديوانو.
ويئي "قليچ" آميري، ورتيسين هاڻ فقيري،
سيڪو ڏيکيو ڏيکاري، در در ڦران ديوانو.

## ٣١٢. غزل-دل جو درد ۽ غم

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات

قلبَ(١) مُنهنجي کي ڪڏهن فڪر ۽ آرمان نہ ٿيو،
کهڙو سو ڏينهن، جڏهن چاڪ گريبان نہ ٿيو؟
مُنهنجي سيني ۾ آزل کان تو رهي غم ۽ آلم،
دل جي کوٺيءَ ۾ ڪڏهن عيش جو سامان نہ ٿيو.

(١) دل.

## ٣٢٠. غزل - مومن بخيل ۽ فاسق سخيءَ جو مقابلو

مفعول مفاعيل مفاعيل مفاعيل

شيطان، ٻچڙ تي جهلي دَمُ، عيسيٰ کي هيڻن چيو،
مون کي وڻي مومن سو، بخيل آهي گهٽو جو.
پر منهنجي پوي مُور ڪڏهن ڪين آنهيءَ سان،
فاسق (١) جو هجي، پر جو طبيعت ۾ سخي سو.
چا لاءِ جو، مومن ٿئي گُنهگار ڪتنان بُخل،
فاسقَ کي بچاءُ آهي گناهن کان، سخا جو.
آءُ تو ڏچان هين پوئين کان، جنّت ملي جنهن کي،
اُلفت رکان هُن پهرئين سان، دوزخ ۾ جو ٿئي تو.
ڇڏ بُخل، سخاوت تون "قليچ"! آهي حديث اِيءَ،
حُبَ حقَ جي سخا، بُخل عداوت، جي رکيو.

## ٣٢١. غزل - دنيا ۾ ڪيئن رهو؟ سڪائوٽن لاءِ حڪم

مفعول مفاعلن مفاعيل

"اِسڪائوٽ" ٿيي جڳ ۾ آئين(٢) گذاريو،
اُستاد جي امُر ڏي نهاريو.
جيت ڀي هُجو، جيڪو ڪم ڪريو آئين،
اِتِ اَن جو سدائين ڏيان ڏاريو.
مَرُ گوڙُ هُجي، يا هُل هنگامو،
نيتُ اَن جا اِشارا، آڏين سنڀاريو.
هردم رهو آئين، تيار هرجا،
واهِر ڏيو، جيڪو سَتُ آئين ساريو.
شيوڪ(٣) ٿيي ڪريو، سڀن جي شيوا(٤)،
خدمت ڪري خَلقَ کي سُڌاريو.

---

(١) مڪار (٢) آوهين (٣) خادم (٤) خدمت.

هيٺ ۽ پُڊا ۽ زالون ۽ ٻارَ،
تن تي آوهين سِرُ ۽ ساهہ واريو.

سُوڙهل ۽ آنڌا، ڏسو جي گمراهہ،
آئين راهہ تي آڻي تين (١) ٻيهاريو.

پاهڻ ۽ ڪنڊا، هجن جي مَنجهہ واٽَ،
تَرسيي آتي لَحظو، سي ٻُهاريو.

خشڪيءَ تي نَظَر آچيوَ جڏهين،
ڪِريلَن کي وَٺيي آئين هٿ اُڀاريو.

پاڻيءَ تي ميليوَ وَجهہ جڏهن ڪو،
ٻانهون وٺيي، ٻُڏندڙن کي تاريو.

لڳندي ڏسو باهہ جي ڪِٿي ڪا،
پاڻي وجهيي تنهن کي آئين وِهاريو(٢).

ڪاهي وَجو، جيتِ بچاءُ گهرجي،
دُشمن سان وِڙهو، مَرو يا ماريو.

ليڪن رَکو ياد ڳالهہ مُنهنجيي،
پَلُ، پنهنجو ڏَئيي، مَتان وِساريو.

تاڪيد ”قليچ“ جو ٻُڌو آئين،
وَعدا سَيئيي پانهنجا آئين پاريو.

## ٣٢٢. غزل ـ خدا جي اسمن ۾ فرق

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

رحمان ۽ رحيمَ سَندو فَرق آئين ٻُڌو،
ٻَئيي ميهربانَ، پِنهيي ۾ موجود رَحم ثيو.
رَحمان، مُستحق(٣) کي ڏِئي، جو ڪري سوال،
حق ڏي ڏِسيِ رحيمُ نہ، ڏئي سڀ کي آڻ پُڇو.

(١) تن کي. (٢) اُجهايو (٣) حقدار.

تيئن آهي رب رَؤف، شَفيق ۽ لطيف پڻ،
نَرمي ۽ مهربانيي، جزو تيو تنهي سَندو.
ليڪن رَؤف، عام تيو ٻانهن تي مهربانُ،
ٿئي لُطف دوزخين تي ٻ، پر رحم ٿئي نه ڪو.
ڪڏ ٿئي غضب سان لطف، مگر رحم ڪين ٿئي،
ڏئي تو سزا گناه جي، پر گهٽ ڪري آهو.
بيمار کي وَڏي ۽ چُٽائي تو جيئن طبيب،
خاوند تيئن لَطيف ۽ شَفيق آهي خَلق جو.
جيئن ماءُ، پيءُ طبيعي رهن ٻار تي شفيق(١)،
حق تين کان وڌ شفيق ٿيو، ٻانهن جو پرجهلو.
سوئيي طبيب سوئي حبيب آهي آي "قليچ"!
سوئيي قريب خاق جو ۽ پڻ مُجيب(٢) سو.

## ٣٢٣. غزل - قضا يا قدر جو سبب

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

قَضا جي حڪم کانْ ويچارو ڪو بَلا کان پڳو،
چيو مُلَن تہ فلاڻو آهي قَضا کان پڳو.
قضا کان ڪير پڄي تو سگهي، ڪريو ڪو قياس؟
ٿيي واڳ هٿ ۾ قضا جي، ڪو ڪنهن ٻہ جا(٣) کان پڳو.
جي ناه هڪڙي سبب کان گذر، سبب ٻئي ڏي،
نبي، مَڪي کان مديني ڏي چئو تہ، ڇاکان پڳو؟
سبب گهڻا ٿيا، حَق ٿيو مُسَبِّبُ الاسباب،
پڳو جو ئيي، سو خدا ڏي پڳو، خدا کان پڳو.
ٽري نہ موت، مگر مرض ڪنهن نہ ڪنهن سان اچي،
"قليچ"! جيڪو پڳو آن کان، سو سزا کان پڳو.

(١) شفقت ڪندڙ. (٢) دعا قبول ڪندڙ. (٣) جاءِ.

## ٣٢٤. غزل ـ موت کي ياد ڪر

فاعلاتن مفاعلن فعلات

مَوت جو ذڪر، نور قَلب جو ٿيو(١)،
مَوت کي ياد نيتُ ڪريو آئين گهڻو.
حڪم آهي حَديث جو پڻ ائين،
جيڪي بيمار ٿيا، انهن کي پڇو.
جي مَرن، تن سَندي جنازي سان،
آو هين اڪثر مُقام تائين وَڃو.
ٻي طرح پڻ وَڃو جي قبرستان،
تہ اُتي مَوت کي آئين ياد ڪريو.
مَوت جي ياد پيُوَ تہ پوءِ آلبت،
ياد پئي آخرت، ۽ ٿئيو ڀلو.
آخرت ياد پئي تہ پوءِ "قليچ"!
وِسري دنيا، ۽ ان جو چاهہ ڇڏيو.

## ٣٢٥. غزل ـ ماڻهوءَ منجهہ چار عناصر

فاعلاتن مفاعلن فعلات

هَرڪو عَنصر سُڄاڻان جي پَنهنجو،
حڪم جَڳ تي هَلايان هوند وِڌو.
مُون ۾ آهي هَوا (٢)، هَوس ۽ حِرص،
باهہ، شهوت ٿِي ۽ حَسَد ۽ غُصو.
پاڻي (٣)، عِزّت ۽ آبرو مُنهنجي،
خاڪ (٤)، آهي نياز، فَخر وَڏو.
پاڻ مان جي ڪَڍي ڇڏيان آءٌ هَوا (٥)،
تہ هَوا (٦) ۾ سَکهان آڏاميءِ تو.

---

(١) حديث ـ ذڪر الموت جِلاء القلب. (٢) واءُ (٣) آب (٤) مٽي
(٥) حرص (٦) واءُ.

هَلِي پائيءَ تـي آءٌ سگهان جيڪر،
جـي وِڃايان نـہ آبُ پـاڻ سَنـدو.

جي مِٽي(١) ٿيان، مِٽي ٿيڻ ڪان اڳي(٢)،
تـہ هُجان پَل ۾ عَرْش تـي پُهتو.

جي اُجهايان آند رجي آڳ(٣) "قليچ"!
باهِ، مون لاءِ باغ ٿئي عُمدو(٤).

## ٣٢٦. غزل ـ نسل تي شرافت ناهي

فاعلاتن مفاعلن فعلات

پاءُ سُرڪو، شراب جـو جي (٥) هـو،
تہ بہ حلال آهي، عيب اُن ۾ نہ ڪو.

گَرچه آنگور(٦)، ٿِيي شراب(٧) جي ماءُ،
تـہ بـہ شراب، آصل ڪـان حرام بَنيو.

نارَ (٨) مان نُور(٩) ٿئي، ۽ نُور مان نار،
هِڪُ(١٠)بهشتي، ۽ دوزخي ٿيو پيو(١١).

ڏِسو! پـيءُ هو خَليل (١٢) جو آزر،
۽ بہ ڪنعانُ پُٽ هـو نُوح سَنـدو.

پٿِي پيَمبَر وَڏا، خُدا جـا هُئا،
پيءُ ۽ پُٽ، هِن ۽ هُن جو ڪافر ٿيو.

رَهـي آفعالَ تـي نَظَر ٿِيي "قليچ"!
آصل ۽ نَسْل ڪِين ڪنهن ڪَمَ جو.

---

(١) نماڻو، خاڪسار. (٢) خاڪ شو پيش آزانکه خاڪ شَوي. (٣) باهہ (٤) حضرت إبراهيم وانگي. (٥) جيڪڏهن (٦) ڊاک (٧) دُخترِ رز (٨) باهہ (٩) روشني (١٠) نور (١١) نار (١٢) إبراهيم.

## ٣٢٧. غزل ـ رزق جا قسم

فاعلاتن مفاعلن فعلات

رِزْق، اصُل آهي چئن قِسمن جو،
وَصف، هرهڪ جي تو ڏِيان، سا ٻُڌو.
رِزْق 'مَقسُوم'، آهي سو، جو خُدا،
لوح محفُوظ ۾ ازل کان لِکيو.
رِزْق 'مَضمُون' آهي، وَجه، ڪِفاف (١)،
جنهن جو ضامِن، سَيِّن جي لاءِ حَق ٿيو.
رِزْق 'مَملُوڪ' ٿيو، ذخيرو(٢) رکيل،
مالُ، اسباب، پيسو ۽ ڪپڙو.
رِزْق 'مَوعُود' سڏجي سو تون "قليچ"،
جنهن جو حَق صالحن سان وَعدو ڪيو.

## ٣٢٨. مخمس ـ پردي جي تعريف

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

زماني جا جي ماڻهو، تن جي لاءِ آزار ٿيو پَردو،
نہ جن کي ننگ ۽ ناموس، تن لاءِ عار(٣) ٿيو پَردو،
تماشائي جي ميڙن جا، تني تي بارُ ٿيو پَردو،
جتي شرم ۽ حيا ڪونهي، اتي بيڪار ٿيو پَردو ـ
اڪين ۾ تن اندن جي جڻ، چُڀڻ لاءِ خار(٤) ٿيو پَردو!

اُنکين خوبيون ۽ نيڪيون، پاڻ ۾ پَردو لِڪائي ٿو،
هزارين فائدا دِيني ۽ دُنيائي رَسائي ٿو،
گُناهن کان گهٽن قِسمن جي، مَردن کي هٽائي ٿو؛
بد انديشن ۽ بدڪارن کان زالُن کي بچائي ٿو ـ
شرارت، شيطنت نارن جو، ذِمّهدار ٿيو پَردو!

(١) قوت گذران. (٢) خزانو، وغيره. (٣) عيب (٤) ڪنڊو.

محمدؐ جو تابع، خدا جو تيو تابع،
محمدؐ جو پيارو، خدا جو تيو پيارو.
محمدؐ، پنجي بت کيا پرزا پرزا،
لڳو بت پرستن جي دل ۾ ڪنارو.
محمدؐ، ضعيفن جي آهي حمايت،
محمدؐ، آهي ظالمن تي ڪرارو (١).
نبوت سندس جي ڏني جڳ گواهي،
ميرون، مرغ، ماهي هٿن تينهن جو نارو.
محمدؐ جا آصحاب هئا سڀ بهادر،
وڏو ڪافرن ۾ تني سوٽ مارو.
نه ڪئي پيروي جنهن، محمدؐ جي گهر جي،
ولي دربدر پڻ مري سو هچارو.
جهان ني مان تي ختم پيغمبري و نبي،
زماني مان ڪيو جڏهن محمدؐ گذارو (٢).
محمدؐ جو رستو نه ڇڏجو عزيزو!
سدا رهنما ٿئي آنهيءَ جو اِشارو.
”قليچ“! آن جي تي ذات درياي رحمت،
ٻڏو سو، ڪيو جنهن آنهيءَ کان ڪنارو (٣).

## ٣٣. مخمس ـ منقبت مولا علي

مفعول مفاعيل مفاعيل مفاعيل

آي شاه، نجف! توکي آءٌ سرور نه چوان چو؟
آي شير، خدا! توکي غضنفر (٤) نه چوان چو؟
آي راهنما! توکي آءٌ رهبر نه چوان چو؟
آي سيف (٥) دني! توکي آءٌ صفدر نه چوان چو؟
آي قاتل، آعدا! توکي حيدر نه چوان چو؟

(١) غالب (٢) گذر (٣) پاسو (٤) شير، بهادر. (٥) تلوار.

مُلڪن ۾ آصل، عَدل و سخا کان آهين مشهور،
تارڪ تِي ڪَيئِي، فقر ۾ فانو سدا منظور،
تِي مَحو عبادت ۾، مُدامي رَهئين مَسرور(١)،
هارون ۾ موسيٰ جان، نبيءَ سان تئين مامُور(٢)-
پوءِ دين جو سردار ۾ آفسر(٣) نہ چوان چو؟

تيو آصل کان اِن دَر جو "قليچ" آهي سَلامي،
سو آل، عَبا جو آهي مَداح مُدامي،
جاني تو سدا توکي سو هر حال ۾ حامِي(٤)،
کئي آهي قبول آنجي غُلامن جي غُلامي-
آءٌ تنهن کي تڏهن خادم، قَنبَر نہ چوان چو؟

## ١٣٣. غزل- آءٌ سپ کان اگي هوس

فعولن فعولن فعولن فعول

هُئس آءٌ تڏهن، جڏهين آسما(٥) نہ هو،
۽ هستيءَ آندر پڻ مُسمّيٰ(٦) نہ هو.
هُئو يار جو جيڪو ظاهر نيشان،
ري مَظهر سندي حق تعاليٰ نہ هو.
مُسمّي ۾ آسما، پڌَر مون مان ٿيا،
آنهيءَ وقت "مَن" (٧) هون، ۽ "ما" (٨) نہ هو.
تڏهن جُستجُوءَ ۾ آءٌ حق جي پيليس،
جو جيت تي وِيس، آتِ آهو تا نہ هو.
مَرهيءَ ۾ ۽ بُتخاني ۾ آءٌ وِيس،
آنهن ۾ ڪوئِي رنگ پيدا نہ هو.
تِنهان پوءِ ڪعبي ڏي مون منهن رکيو،
آتي مومنن جو کو غوغا نہ هو.

(١) خوش (٢) آمر يا حڪم ڪيل. (٣) جنت (٤) حمايت ڪندڙ، مددگار، ساٿي. (٥) آسمان (٦) اِسم رکيل شي. (٧) آءٌ (٨) آسين.

ويُس پوءِ هيرات ۽ ويُس قندهار،
مون ڳوليو گهڻو، زير و بالا نہ هو.
چڙهيي تڏهن ويُس آءٌ مٿي ڪوهہ ڪاف،
ڪيم جُستجو، اُتِ تہ عنقا نہ هو.
گهمِيس سَتَ زمينون ۽ سَتَ آسمان،
سندس تَخْت شاهي سراپا نہ هو.
وڃي تڏهين لوح و قلم کان پڇيم،
ٻنهي مان مگر ڪوبہ گويا (١) نہ هو.
نظر پوءِ مون پنهنجي دل ۾ ڪئي،
ڏٺم اُن کي اُت، ٻي ڪنهين جا نہ هو.
ڏسي، آهرو حيران ۽ مست ٿيس،
جو هستيءَ (٢) ذرو ٻڻ هُوَيدا (٣) نہ هو.
چوي 'شمس تبريز' جيئن ٻڻ "قليچ"،
تہ جهڙُس ڪو مدهوش، شيدا (٤) نہ هو.

## ٣٣٢. غزل ـ خدا جي تعريف

مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

ڪهڙو آءٌ شانُ ڳايان، اي ذُوالجلال! تُنهنجو؟
ڏِسجي جمال هرجا، ايزد تعال! تُنهنجو.
عالم کان اڳ هوئين تُون، هاڻ آهين، اڳتي هوندين،
آهي وُجود مُطلق، نيتُ ري زوال تُنهنجو.
آهين رحيم و رحمان، هرڪنهن تي تُنهنجو احسان،
رَحْم ۽ ڪرم سدائين، ٿيو جڳ تي جالُ (٥) تنهنجو.
تُون آهين عالِمِ الغيب، ستار ٻڻ تون سڏجين،
عيبن تي سڀ جي پردو، اي ننگ پال! تنهنجو.

(١) ڳالهائيندڙ (٢) منهنجيي هستيي. (٣) پيدا، ظاهر. (٤) عاشق، مستانو. (٥) جهنجهو، گهڻو.

# رديف ـ ھ

## ٣٣٤. غزل ـ عشق جو علم يا دين

فاعلاتن مفاعلن فعلات

ٻُڌ آدا! عِشق جي ڪا غايَت (١) ناهِ،
اِبتَدا تَس، مَگر نهايت (٢) ناهِ.
عِشق جي سُور (٣) تي، عَجب سُورت،
چار مُصحَفُ، سندس هڪ آيت ناهِ.
بُوحنيفه، نه دَرسُ آن جو ڏِنو (٤)،
شافعِي وَٽِ، سنديس حڪايت (٥) ناهِ.
عِشق جو ڳُجهه نه ڄاتي پڻ حَنبَل،
مالڪ آڏو، سنديَس روايت ناهِ.
تيو نِرالو "قليچ!" عِشقَ جو دِينُ،
ڪنهن به مَذهب جي هُتِ شڪايت ناهِ.

## ٣٣٥. غزل ـ وڏائي نه ڪر

فاعلاتن مفاعلن فعلات

پنهنجو ڪَمُ چٽين تو تون، ڪرامات آهِ،
۽ صِفَت پَنهنجِي چَٽين، مَناجات آهِ.
نَفسُ جي ڳالهه ڪي مَڏَين، حالات (٦)،
جِسمُ جي ڳٽِي چٽين، مَقامات (٧) آهِ.
خَلق ڪي رنج ڪين ڪر، جو خُدا،
عالِمِ السِّرُّ و النّخفيّات (٨) آهِ.

---

(١) پڇاڙي، انتها. (٢) پڇاڙي، پڇاڙي. (٣) آيت قرآن جي. (٤) ڏيئي سکيو. (٥) ذڪر اذڪار. (٦) صوفين وارا. (٧) صوفين وارا. (٨) ظاهر ۽ باطن جو ڄاڻندڙ.

ڪــر وَڏائي نــہ، آهيــن خــاڪــي تــُون،
گَرچــہ رُوحانــي تــو ســنــدي ذات آهــِ.
"مَنْ عَرَفَ نَفْسَہ"(١) ٻُڌو تو "قليچ"،
اَن مــان حــاصــِل ســَيئــي مُرادات آهــِ.

## ٣٣٦. غزل ـ ننڊ جا قسم

فاعلاتن مفاعلن فعلن

صُبْح جي ننڊ آهــي 'عيلُوله'،
۽ ٻِپَهَرَن جــي آهــي 'قيلُوله'.
آهي 'حيلُوله'، شامَ ڪان اَڳِ جي،
شامَ جــي وقت آهــي "غيلُوله".
چــارئي آهــن خَراب حِڪْمت ۾،
ماڻهوُ ٿئي تو مريض، مَرْغُوله(٢).
رات جي ننڊ مُعْتَدِل(٣) ٿئي مُفيد،
ڇَهہ گهَڙيون هُج سُتو پيو دُوله(٤)!
رات جاڳين، تہ ڏينهن جو ٻہ گهڙيون،
سُمهہ تُون ڪائي غِذاء ماڪُولہ(٥).
اِيءُ تَهجُّد جي سُنّت آهي "قليچ"!
شاهد اَن جي حديث، مَرْسُوله(٦).

## ٣٣٧. غزل ـ زماني جو ڍول

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

ويو اَخــلاص عــالَم مــان، عَجَب هــيءُ دَور آيو آهِ!
ڍِڄي سَڀْ خَلْقَ، ظالِمَ ڪان، عَجَب هيءُ دَور آيو آهِ!

(١) جنهن پاڻ کي سُڃاتو، تنهن رب کي سُڃاتو. (٢) ذليل، بيمار.
(٣) درمياني (٤) اي گهوٽ يا مرد! (٥) ڏينهن جو رواجي کاڌو.
(٦) موڪليل.

مُنهنجي ڪان پوءِ جڏهن پڙندا تُنهنجي عُمر جو حالُ،
تہ چوندا سڀُ، ڪنهين ناقِص جي هيءَ نِشاني آھ.
فساد، فِتني مان ناهي ”قليچ“! ڪُجھہ حاصِل،
پسند سڀ ڪي مُحبّت ۽ مِهربانِي آھ.

## ٣٤٥. غزل ـ اِنسان فاني

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

بشر جي قالب، خاڪيءَ کي ڪُجھہ قرار نہ آهي،
هوائي آهي هي ماڙي، سا پائيدار نہ آهي.
دَمُ آيو، آيو نہ آيو، رهيو، رهيو نہ رهيو،
ذرو بہ پاڻيءَ ڦوٽي تي اعتبار نہ آهي.
سو شهسوار زماني ۾ ڪير ٿيو آهڙو،
اَجل جو گهوڙو، مٿي جنهن جي سِرَ سوار نہ آهي؟
وڃي ٿو هيڪڙو هيتان، ۽ اچي ٿو ٻيو اُن جاءِ،
سراءِ ٿِي هي مسافر جِي، روزگار(١) نہ آهي.
جو آهي ٿيو هتي پيدا، سو ٿيندو نيٺ فنا،
بقا ڪنهين کي، بجُز ذات، ڪِردگار(٢) نہ آهي.
تون ڪر ”قليچ“! بہ هرحالَ ۾ خدا کي ياد،
نہ ايئن ڪري ٿو جو عاقِل، سو هوشيار نہ آهي.

## ٣٤٦. غزل ـ عشق آسان ناهي

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

اي پرين! تو ڪان پري، مُنهجين اکين ۾ نُور ناهي،
سَر گران آهي، بدن بيحال، مَنُ مسرُور ناهي.
ٿِئين تون جاني! جانِ مُنهنجِي، توسان ٿيو منهنجو جيئڻ،
تو بنا، آخر بدن بيجان ٿِئي، تا دُور ناهي.

---

(١) زمانو (٢) خُدا.

## ٣٤٨. قصيدو ـ محبوب جي ساراه

فاعلاتن مفاعلن فعلات

مُنهنجو مَحبوب ماهپارو آهه،
سِجُ اکيانِ جنهن جي شَرَمُ وارو آهه.

عِشق جي آسمان تي بيشڪ،
چَمڪندڙ سُونهن جو ستارو آهه.

جِسم نازڪ سَجَو جو سَرتاپا،
حُور جانُ، نُور جو نظارو آهه.

هڪڙي لحظي ۾ منهنجي مارڻ لاءِ،
بَس، اکين جو سَندس اِشارو آهه.

دِل ڦٽڻ لاءِ مُون مسافر جي،
نَڪُ سندس، قَهر جو ڪنارو آهه.

۾ سندس چَپ تا نيتُ چِتائين ڦٽ،
مون بيچاري جو عُمدو چارو آهه.

لعلَ لبَ جو مِناڻُ چا چئجي،
قند، مِصري ۾ آتِ ڪسارو آهه!

گُلَ گُلابي ڏِسِي، ڳري ٿو گُلاب،
ڏاڍي حيرت ۾ پڻ هزارو آهه.

نازَ سان گرچه موت ٿو ماري،
نازَ سان سوئي جيءُ جيارو آهه.

آهڙي محبوبَ تان سَدا صدقي،
جانِ ۽ جِسم مُنهنجو سارو آهه.

ساهه مُنهنجو تہ آهي ميلڪ سند يَس،
ميليو مون ڪي فقط اُڌارو آهه.

عِشق ۾ جيڪو يارَ! ڪُوڙُ ڪري،
مُنهن تنهين جو سدائين ڪارو آهه.

واھ! عَجيب آھي عِشق جو مَذھب،
نَوۡع (١) سَڀ کَم جو آتِ نيارو آھہ.

عِشۡق ۾ تو ڏِني رُنس راحَت،
آن ۾ جاني! کِلڻ، کَپارو (٢) آھہ.

مولوي ٿا سَڏين جنھن کي بھشت،
عِشۡق جي باغ جو، سو پارو آھہ.

ٿا چَوَن جو دَرَخۡت طُوبيٰ جو،
عِشۡق جي دَرَ جو سو ٻُھارو آھہ.

۽ چَوَن جنھن کي ٿا مُلا دوزخ،
عِشۡق جي باھِ جو ٻُخارو آھہ.

ڪُفر، اِسلام، دينُ ۽ دنيا،
ڪونہ آھڙو آتي خَسارو آھہ.

سِرُ، تيريءَ تي رکي ھَلڻ چاھي،
عاشقن جو ٻَري ٻَسارو آھہ.

موتَ جي ڀَوَ کان جيت پيچي ٿو لوڪُ،
دَرد وارن جو آت دُتارو آھہ.

خَلقَ جنھن کي چوي ٿي بَحۡرِ عَميق (٣)،
عاشقن جو آھو ڪنارو آھہ.

ٿا وَھَن جيتِ سدائين رَت (٤) درياھَ،
عاشقَن جو آتان گُذارو آھہ.

عابدن، عالِمَن کان منجھہ ميزان،
عاشقن جو ڳَرو تُرارو آھہ.

جيتِ رَھن ھُو، آتي نہ صُبۡح، نہ شام،
نہ اونھارو، نہ آت سيارو آھہ.

لامڪاني، مڪان تيو تن جو،
عرش اعليٰ سندن اوتارو آھہ.

---

(١) طريقو، نمونو. (٢) ڪاپارو (٣) اونھو (٤) رت جا.

تنهن جي ڀر ۾ پيو واجبو، ته جهلجي وار...

تني عِلم وارن کي واڌو تحمّل،
تني جهل وارن (١) کي حُجّت (٢) زياده.
دليري، آچي تي نه اِيمانَ ڊارا،
جو اِيمانَ سان تني تي همّت زياده.
تڪلف، علامت تي بيگانگي جي،
نه ڊاريو تڪلف جي عادت زياده.
فراغت (٣) سان دُنيا ۾ هڪ پل نه ويهو،
گهُرو تا آوهين جي فراغت (٤) زياده.
ملائڪ کان بهتر، تيو اِنسان بنجي،
مگر تي تني آن ۾ محنت زياده.
ڪريو دوستو! ڀرين آئين (٥) پنهنجي حرمت،
جي پانيو، ڪري خلق حرمت (٦) زياده.
اِلاهي! زماني کي آج آهي ڇا تيو؟
محبت آهي ڪم (٧)، عداوت زياده.
عبادت کان منهنجي، گناه آهي واڌوُ،
غضب تنهنجي کان، تنهنجي رحمت زياده.
"قليچ"! آهي هر حال ۾ شڪر واجب،
تني شُڪر سان نت تي برڪت زياده.

## ٣٥٢. غزل ـ عشق جو عجب حال

فاعلاتن مفاعلن فعلات

عِشق ري دولت ۽ هِدايت ناهِ،
ري دلي ڪشف ۽ عنايت ناهِ.
نه ڏٺيو آن جو 'بوحنيفه' سبق،
'شافعيءَ' جي متس روايت ناهِ.

(١) جاهلن، اڻ پڙهين. (٢) بحث مباحثو. (٣) بيڪاري (٤) فرصت، واندڪائي. (٥) اوهين (٦) عزت (٧) گهٽ.

## ٣٥٤. غزل - گهر جي جنگ

فاعلاتن مفاعيلن فعلات

صُلح، آيت پاڪ قرآن جي آهہ،
جنگ، آفت بُري زمانَ (١) جي آهہ.

آدميءَ سان لڳو وتي شيطانُ،
جيڪا حرڪت، سا سڀ گُمانَ جي آهہ.

گهرَ ۾ بيشڪ نڪر ہَہ نهڪن تا،
ہُدَ بيي ہولي اِها جهانَ جي آهہ.

ڪُشت و خُون پڻ ٿئي ٿيي پاتين جي،
اِها عادت اَصل ڪانَ ہانَ جي آهہ.

پڻ ٿَڪَر، هڪُ چمُو پيتيَن ڪي هٿي،
پَرِ اِها (٢)، ڪنهن دِيواني خانَ جي آهہ.

جيئَن ڪ مُلّيِ جي ٿي مَسيت سان جنگ،
وات سان جنگِ نيت زبانَ جي آهہ.

تير ڪانڻ، سپَر ڪري سينو،
اِيءَ نِشاني آدا نشانَ (٣) جي آهہ.

جيڪي آهي عَيان، آنهيءَ ڪي "قليچ"،
چا ضرورت پلا بيانَ جي آهہ؟

## ٣٥٥. غزل - درجي جو فرق

فاعلاتن مفاعلن فعلات

جنس ۾ گرچہ سڀُ رَڪَن تا ٿاهہُ (٤)،
فَرقَ درجي جي سان تون ٿيي آگاهہُ.

تيا گهٽا عام، خاص تيا ٿورا،
مَنجهان ڪثرت، وَهي ٿو وَحدت واهہُ (٥).

---

(١) زماني (٢) عادت (٣) هَدَف (٤) موافقت (٥) وحدت جو واهہُ.

مُور، هيٺ ۽ مٿي تي ناهي شَرَفُ،
نہ گدا هيٺ ۽ مٿي ٿيو شاهہُ.
آهي ذاتي شَرَف، صِفاتي ڪينَ،
نہ پَهَر جو، ٿون رَڪ آندرَ جو چاهہُ.
بارِ (١) ڏي ٿون نهارُ هاريءَ جي،
آن هيٺان، مٿان آنهيءَ جي گاهہُ.
ڪَڪُ ۽ ڪَهَچَر تَري ٿو پاڻيءَ تي،
موتِي آهي تَري ۾، جت آڙاهہُ (٢).
گوڙُ، لهريُن جو آهي سَطُحَ مٿي،
هيٺ پاتارُ آهي فرحت گاهہُ.
سَيِّدُ الـقَوم آهي خادِمُ هُم،
قَوم (٣) ٿِي جِسمُ، شاهہُ، آن جو شاهہُ.
آهي مخلُوق گَرچه خوار و خَسيس،
مَظهَر آهي، لَيي جَنهين ۾ آلاهہُ.
اِيءَ هدايت جي راهہَ آهي "قليچ"،
هَلُ سَنئون آن تي، تا نہ ٿين گمراهہُ.

## ٣٥٦. غزل ـ بد طبع ۽ شوخ نازنين

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل

مُنکي تَفرِيحَ (٤) ۽ دِلبر کي تَڪرِيهہَ (٥)،
دُعا هِڪڙيءَ پُنيان گاريون ڏِئي چاليهہَ!
وَٽي ٿو، گرچه شوخ ۽ بَد مزاج آهہ،
چُپَن هڪ گُل جي پويان ٿا ڪَنڊا وِيهہَ!
مِنو مُنهنجو ڪَڙو ٿئي، تہ بہ مٿس ميڙُ،
رکي ماکي، مکيُن جي ٿئي مٿس پيهہَ (٦)!

(١) بارو يا باري. (٢) پاتال (٣) رعيت (٤) فرحت (٥) ڪراهت
(٦) هجوم، گسوڙ، سوڙ هہ.

## ٣٦١. غزل ــ پاڻ سڃاڻڻ

فاعلاتن مفاعلن فعلات

ڪيرُ توسان سَدا رهي همُراهُ؟
سو سياڻو، جو پاڻَ کان آگاهُ.
پاڻُ ڄاڻڻ ٿيو، هُنَر ۽ صَواب (١)،
۽ ڏِسڻ پاڻ کي (٢)، وڏو ٿيو گُناهُ.
ڀِڻ هِنَ (٣) ۾، جواهِر (٤) آهي لڪل،
کوهه هن (٥) ۾، رهي ٿو يوسف شاهُ (٦).
هن تَڪر (٧) جي پٺيان، ٿي سچ جي ٽِڪي (٨)،
هن ڪَڪَر هيٺ، آهي زُهره ۽ ماهُ.
عمر ساري آهي گذاري خوش،
جيڪو آن سان ويٺو هڪڙو پساهُ.
”وَهُوَ مَعَڪُم“ (٩) ”قليچ“ ڪر تون ياد،
”نَحنُ اَقرب“ (١٠) بہ آهي آن جو گواهُ.

## ٣٦٢. غزل ــ ڪبر ۽ ريا

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل

بُري خَصلَت آدا! ڪِبر (١١) ۽ رِيا (١٢) آهہ،
بُزُرگن آڏو سا، مَڪُر ۽ دغا آهہ.
نہ ٿي تون بَندِ، پنهنجي دامَ ۾ يارَ!
جو پنهنجو پاڻَ قَيدي، خودنُما آهہ.

---

(١) چڱو ڪم. (٢) خود پسندي، خود پرستي. (٣) جسم (٤) روح (٥) دل (٦) نبي، مصر جو عزيز. (٧) انساني وُجود. (٨) حق جو نور. (٩) قرآن ــ خدا اوهان سان آهي. (١٠) قران ــ آسين، اوهان کي گردن جي رڳ کان بہ ويجها آهيون. (١١) هٺ (١٢) ڏيک.

ڪري مَحبُوس (١)، خود بينيي چتونءَ کي،
خوديِ (٢) پڻ مورَ لاءِ بُڇڙي بلا آھ.

نہ ڪَر گردن ڪَشيي تون ۽ تَڪَبُّر،
جو نيتُ لَعنت ۾ شيطانُ مُبتلا (٣) آھ.

ڪَيو ڪاوُسَ کي ھو گيو (٤) قيدي،
ڪَيو جَمشيدَ (٥) خود بينيءَ فَنا آھ.

”قليچ“! آوّل کان ثابِت آھي جڳ ۾،
تَڪَبُّر وارو، مَنجھہ جور ۽ جَفا آھ.

## ٣٦٣. غزل ـ بدر منير ۽ پريءَ جي آمد ۽ تعريف

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

گلشن ۾ آج بھار جي، آمد پريءَ جي آھ،
بازار گَرمُ ناز، ادا، دلبريءَ جي آھ.

بلبل سڏي گلن کي چوي، دل جي سوز مان،
ھيءَ رؤءِ، خُوءِ، بُوءِ ھن نازن پريءَ جي آھ.

آن جي لبن جي لالي ڏسي، لالا کائي غَش،
خواھش عَقيق کي بہ نيمڪ پروريءَ جي آھ.

رُخسار آن جي کان ٿيو منوّر زمين، زَمَن،
شمس ۽ قمر کي دعويٰ سندس ھمسريءَ(٦) جي آھ.

نُوراني ويس آن جو ڏسي، حُورُن ڪن حسد،
شبنم جو آن کي پيرھن، چولي، زريءَ جي آھ.

تعريف آن جي ڪين ڪري ٿو سگھي ”قليچ“،
بدر، منير کي سدا سَدَ (٧)، سروريءَ(٨) جي آھ.

---

(١) قيد، قاتل. (٢) خود بينيي (٣) گرفتار (٤) ايراني پھلوان.
(٥) جمشيد کي. (٦) برابريءَ (٧) خواھش (٨) سرداري.

# ٣٦٤. غزل ـ عاشق جي دربدري

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

جگر منهنجي ۾ هَي هَي! غَمُ، اَلَمُ جو زَخَمُ ڪاري آهه،
رُليو آءٌ ملڪ ملڪ آهيان، اڪين مان جَرُ بہ جاري آهه.
مون جهنگل ڳوليو ۽ صحرا، سماءُ مون ڪي پيو ڪو ڪونہ،
ڏکن ۾ ڏينهن لنگهيو، مون رات سورن ۾ گذاري آهه.
وڃي مشرق ڪان مغرب، ڏسجي هرجا تو سبب غم جو،
هي منهنجيي جان، دهشت ۾ چڙي تَنَ ڪي سِداري آهه.
ڪندا مون ڪي لڳا پيرن ۾، سورن ۾ تو نڪري ساهه،
ڪڏهن، هيءُ ساهه منهنجو ٿيو، اجل اَن جو شڪاري آهه.
سندم ٿيو بسترو ڌرتي، ۽ چت ٿيو هاڻي آپ منهنجيي،
پڄن هيت پاسا پٺن ۾، ۽ هٿ سيج اَج سنواري آهه.
خدا جي راهه ۾ خاوند ڏارا منهنجو رهبر ڪونہ،
"قليچا" ! اصل ڪان ڪافي، سُنڪي مالڪ جي ياري آهه.

# ردیف ـ همزه (ء)

## ٣٦٥. غزل ـ سچي هدايت ۽ نصيحت

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

تُون دردَ دِل جي ڪان دانهوُن ڪَرين آدا! ڇا لاءِ؟
هيرِينُ نہ دَرْدَ تي، ڳوليـن سَدا دَوا ڇا لاءِ؟
مَچين جي دِل سان تون اثبات، نَفِي ڪي ڇڏُ تُون،
الله، نيت آهي اِلّاَ، چوين تون لاَ ڇا لاءِ؟
سَڏائين پاڻَ ڪي حَقُ جي، تہ ڪَر ُحلاج (١) جي هاجَ،
ڊِڄين جي دار(٢) ڪان تون، تُو چَوين 'آنا' (٣) ڇا لاءِ؟
قَضا جي مَعنيٰ، نتيجو ڪَمن آسانجَن جو،
ڪَرين تو شڪوو قَضا جو اي پورڙا! ڇا لاءِ؟
گدائي عشق آسان جي جي آسمانُ ڪَري،
اِنهيءَ گدا جي اڳيان تين وَڃي گدا ڇا لاءِ؟
ميٺيءَ ۾ نيٺ وڃي تون ڪندين قرار جڏهن،
تڏهن وڃهين تو تون مَحلات جي بِنا(٤) ڇا لاءِ؟
"قليچ"! هَٿَ ۾ تَني تسبيح دل ۾ دورَ ڏِيا،
زبانَ سان تو ڪرين تُون خُدا خُدا ڇا لاءِ؟

## ٣٦٦. غزل ـ انسان جي ذات ۽ صفات

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

آهيان آءٌ خاڪي، رَڪان خاڪ جا تو آطوار آءٌ،
مَلڪَ جُون وَصفون رڪان، گَرچه تِيَس گُنهگار آءٌ.

---

(١) منصور، جنهن انالحق جو نعرو هنيو ۽ ڦاسيءَ تي چڙهيو.
(٢) ڦاسيءَ جو تختو. (٣) "آءٌ" (انالحق). (٤) بنياد، پيڙهه.

## ٣٧١. قصيدو - پنهنجو پٽ ٿيءُ، نہ پيءُ جو

فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

پنهنجو پٽُ ٿيءِ، پنهنجي پيءُ جو پٽُ نہ ٿيءِ،
پيءُ ۽ ڏاڏو ڇڏُ، تون پنهنجو پاڻُ جيءِ.
اَصْل تـوڙي نسُل تي تُون ڪَر نہ فَخْر،
ڪَمُ تہ اَصُل ۽ نسُل ايندُءِ ڪينڪيءِ.
ڪوريٽُ ناهين، ڪُتو تون، يا چراخ،
۽ نہ ڪِجهہ، تڏهن ڪَرُ نہ مُردن تي خوشيءِ.
جو پڏائين، مُٽ هڏن جي تي تون پاڻُ؟
ڪي ڪِري ويا ۽ ڪي پڻ ويندا ڪِريءِ.
اَصُل ڪان شاهين آهين، شاهباز،
تون اَڏام آپَ ڏيءِ، نہ پٽَ تي پوُ ڪِريءِ.
پيءُ ۽ ڏاڏو پنهنجو ڪر، پنهن جا عمل،
جَڻُ عمل پڻ، تنهنجو سي اولاد پيءِ.
هلندا پڻ تومان آهي ڏنهن هُن جهانَ،
بيا ڇڏي هلندين هتي سائنت ميڙئيءِ.
نفسي نفسي (١) سڀ قيامت ۾ ڪندا،
وسري آت ويندي سيٺي سائنٽي ميٺيءِ.
آب ۽ جَد (٢) ڪَرُ پنهنجو آبجَد (٣) کي آدا!
وَٺ نہ ڪا، عِلم ۽ عَمَل ري ڪا ڪُريءِ (٤).
جيئن رکيو نادر (٥) ٿي پيءُ، ڏاڏو ترار،
تيئن تون ڪَرُ همت، تہ هِت شاهي ميلئيءِ.
پنهنجو شيجرو، جو ڪرين ناهي ڏکو،
ڪاغذي وَڻُ، ڦَرُ نہ ڏيندو يا ڦَريءِ.

---

(١) هرڪو پنهنجي لاءِ. (٢) پيءُ ۽ ڏاڏو. (٣) علم، تعليم.
(٤) دري (٥) بادشاهہ.

پيءُ فريدونَ، نانو خُسرو ٿيو تہ ڇا؟
ڪر پَدَر، پنهنجو گُهَر ذاتي ڪَڍي.
ٻُڻ نہ پيغمبر جو پڻ ٿو ڪم آچي،
نوح جو پُٽُ، ڏِسُ! تہ آخر ويو هَڃي.
۽ ڪتو، جو ڪَهفَ جي آصحابَ جو،
ويو شَرَفَ ۾ پڻ، سَتي اُن کان وڌي.
ري عمل، حاصل نَسَبَ مان ڪين ٿئي،
آلَ پنهنجي کي چيو اِيئن ٿي نبي.
تڏهن اُمت اُن جي کي کهڙو آهي حق،
جو پڏائي، پنهنجو پيءُ، ڏاڏو وري؟
فَخُر نَسُبي ڇڏُ ۽ ڪَرُ ڪَسُبي "قليچ"!
آدميّت ۽ شرافت ڪَرُ سَهي.

# ٣٧٢. غزل ـ زماني جا رنگ

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

خدا ڪنهين جو نہ شل! ڪنهن ۾ ڪمُّ ڪار وجهي،
وجهي تہ يار جو منجهہ يارَ هيڪوار وجهي.
اگرچہ سور سوين ٿو سهي سگهي اِنسان،
سهڻ جي سگهہ کان نہ شل! ڪنهن تي وڏ ڪو بار وجهي.
قدم قدم تي ٿو شيطان اُن کي ڦاسائي،
مهانُو، ڏنيو ۾ جيئن هر گهڙيءَ ٿو جار وجهي.
جهان ۾ پيو قَحطُ الرّجال (١) آگِٿي آهہ،
حَيا ۽ ميهُر ذريءَ جو نہ شل! ڏڪار وجهي.
زمانو، جنگ تي سنيريو وتي، ڪنيو هٿيار،
اَجل سدائين عزيزن جي وچ ۾ تارُ (٢) وجهي.
رلائي ساري شريفن کي، مفلس ۽ محتاج،
پَٽو، ڪُٽي کي ڳچيءَ ۾، گڏهہ کي هارُ وجهي.

(١) مڙسن جو ڏڪار. (٢) جدائي.

## ٣٧٤. غزل - عاشقن جا خيال

فعولن فعولن فعولن فعولن

آسان جي ته مَتَي نوشي بڻ پارسائي،
گناهه آهي باري، عبادت رِيائي (١).
تِيڻ عِشْق ۾ دل شڪستِي ڀلي آهه،
ڀڄڻ دل جو بڻ آهي هڪ موميائي.
ڪَدِج فِتْنَر ۾، صَبْر سان فاقا آي دل!
گهرڻ موت، ٻک کان پڻ آهي جائي.
ڏئين جيڪي ٻئي کي، نه گهرُ موني آن کان،
گهرڻ حقّ پنهنجو پڻ آهي گدائي.
ويو هٿ مان جيڪي، سو دل منهنجي مان ويو،
نه ٿي هت ۽ دل ۾ (٢)، ڪا سِپ جان جدائي.
عِوض جي طَمَع تي، ڪرڻ ٻئي سان نيڪي،
"قليچ"! آن ڪي هرگز نه چئبي ڀلائي (٣).

## ٣٧٥. غزل - خدا جو فضل

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

سُنکي چا حَشْر جي تابش ڪندي ۽ تِشنه لَبِي؟
جي ڏوهه ٿيا عَجَمِي (٤)، لُطْف (٥) آن جو ٿيو عربي (٦).
ٿيو ڪُفْر، عِشْق جو اِسلام ۾، نه ڪر ڪو خوف،
شراب جي ٿيو فِرنگي، تنه شيشو ٿيو حَلَبِي (٧).
ڪِٿڻ لڻ گوءِ فضيلت جي، هن زماني ۾،
جُڳائي گوهر ذاتي ۽ عِلْم مُڪْتَسبي (٨).
جَناب عِشْق جو آهيان غلام اصل کان آءٌ،
نه مون کي عزّت حَسَبِي، نه فخر ڪو نَسَبِي.

---

(١) ڏيک لاءِ. (٢) وچ ۾. (٣) احسان (٤) ڪافرن وارا. (٥) حق جو. (٦) شفاعت محمدي. (٧) اِسلامي (٨) حاصل ڪيل.

رهي نه ساڻ (١) ٿو فرزند، جڏهن ٿئي بالغ،
ٿئي رت مان مشڪ جڏهن، منجهه ختن رهي نه سگهي.
آجائيي زاري ۽ فرياد ٿي ڪري بلبل،
ترڙيو گلاب جڏهن، منجهه چمن رهي نه سگهي.
عبث (٢)ٿي سيپ ڪري، موتيءَ جي پرورش منجهه بحر،
ٿئي آبدار جڏهن، منجهه عدن رهي نه سگهي.
تون راز (٣) پنهنجو لڪائيندين ڪيترو آي "قليچ"!
وڌيو جي شوق، ته دل ۾ سخن رهي نه سگهي.

## ٣٧٩. غزل - خاص ۽ عام ۾ فرق

فعولن فعولن فعولن فعول

هدايت بنا رهنما ڪو نه ٿئي،
شرافت بنا پيشوا ڪو نه ٿئي.

سوين قوم جا جڳ ۾ سردار ٿيا،
ٿيي خادم به حاجت روا ڪو نه ٿئي.

مرن ڪيترا مُلڪ ۽ مِلڪ لاءِ،
مگر فوت (٤) ڪارڻ خدا ڪو نه ٿئي.

هٿن مرشديءَ جو ٿا دم معتبر،
مريدن تي ليڪن فدا ڪو نه ٿئي.

مُحمّد هزارين ٿيا جڳ آندر،
شرف، شان ۾ مُصطفا ڪو نه ٿئي.

لٺيون پڻ گهڻيون ۽ ٿيا موسيٰ گهڻا،
آنهن مان ڪَليم (٥) ۽ عصا ڪو نه ٿئي.

ٿيا واٽ حق جي ۾ ڪيئي شهيد،
حُسين ۽ شه، ڪربلا ڪو نه ٿئي.

(١) هيءَ ساڻ. (٢) آجائي (٣) عشق (٤) مُئل (٥) ڪليم الله.

تسبيح جي دائن جان، گنڊيل ٽيون دليون جڳ جون،
رشتو (١) آهي وحدت جو، ڪثرت جي وڃان جاري.
آئينو سڪندر جو، دل آهي يا جام، جم،
نڪ ڏسجي "قليچ"! آن ۾، دنيا ٽي سڄي ساري.

## ٣٨٣. غزل - سهڻا صوفي

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

لڪا پٽن (٢) ٽا جي، عالم سندي پناهہ آهي (٣)،
رليَن، پٽليَن ۽ آبوجهَن، وڙهَن جي واهہ آهي.
جي خرقه (٤) پوش، نمانا ٽا ڪولجن درويش،
ڏسڻ ۾ گرچه گدا، ساري جڳ جا شاهہ آهي.
ڪڏهن تہ مست سي عاشق، ڪڏهن مٺا معشوق،
ڪڏهن صواب جا ڪم ڪن، ڪڏهن گناهہ آهي.
• اِلاهي! ڪهڙا ڏنا تين کي تو عجب آطوار!
نيَن نيهوڙي، ڪري دل ٽي قهري ڪاهہ آهي.
ڪُهَن جلال سان ۽ پوءِ جمال سان جيارين،
وٺي ٽو ظلم سندن، ڪَن فقط نگاهہ آهي.
سنئون سڌو ڪيو سرون (٥) سين ڪي تو يا رب!
ڏنگو هلن ٽا، سنئون ڇو نہ ڪجڪلاهہ آهي؟
فلڪ ٽي حسن جي چمڪن ٽا، گرهجن ٽا ڪين،
متي چڙهن پيا، لهن ڪين مهر، ماهہ (٦) آهي.
نہ ڏج مرڻ کان آي دل! ساهہ ڪر متين صدقو،
ڪڍن ٽا جي، تہ وڃهن پڻ ٽا موٽي ساهہ آهي.
"قليچ"، تن جي غلامي قبولي اصل کان آهہ،
سندن سدائين سر آفرازي ڪن ٽا واهہ! آهي.

(١) ڌاڳو (٢) کهُن (٣) يعني صوفي. (٤) گودڙي (٥) محبوبن
(٦) سج چنڊ.

تڪجي پٽوي سو پڻ، تئي پر صبح جو معلوم،
سڀ ڪوهه هنيا تس، ۽ پيو آهي فنا ٿيي.

پر آهي ترقيءَ جو اهو طرز عجائب،
تعليم رياضت جيي چڱي آهي اِهائي.

معراج تي، جبرئيل جيي ٿيي گهرج نبيءَ کي،
سونهي ڪان رکي عار چو، جا خلق آهي بيي؟

سچ، علم لدنيي ملي پاڻهئي تو خدا کان،
وهبيي (١) نه ٿين سڀ، ڪي ٿيا نسبيي ۽
ڪي ڪسبيي.

ٿئي فيض اَويسيءَ کي سوا شيخ جي، ليڪن،
پهچائي ڪنهين کي نه ڪڏهن فيض ذرو ڪيي.

تعميل ”قليچ“ اِن تي ڪجئين تون به هميشه،
تا تنهنجيي، تصوف ۾ ٿيئي عقده ڪشائيي.

## ٣٨٦. غزل - حسن جو باغ

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات

باغ ۾ هلندي، گهڻي يار جيي پٺيي ياد مُنکي،
گل ۽ مُسڪرُيون ڏسيي، پيا ياد کِلڻ ۽ وات آتي.

ڪنڊا پينبئُن جون نشانيون ۽ ٿيا پِنَ پوشاڪ،
گاهه ٿيو فرش زمرد جو، وچيل گهر آن جي.

ياد قدُ آن جو ڏياريو مون کي سرو ۽ شمشاد،
زلفَ ساريُم، ڏسي سُنبل ۽ آکيون، نرگس جي ڏٺي.

جسم نازڪ ۽ سفيد آن جو، سمن ڏياريو ياد،
ياد، لالا ڏسيي، رُخ (٢) هنجو، جگر (٣) پنهنجو پوي.

ياسمن وَٽ ڪِڇي، سوسن اکيان پئي ياد زبان،
ڪنَ، ڪنول ياد ڏياريا مون کي ۽ دُر، تُڪمي.

(١) خداداد (٢) ڳاڙهو (٣) داغدار.

صُوف ڪاڏيءَ جو منپاليم، ڏسي سُهڻا آتي صُوف،
چاتيي پئي ياد، جڏهن پيئي نظر ڏاڙُهن تي.
ياد بادام اکيون ڏياريون ۽ قدُ، موئيي ڪنجيءَ،
واتُ پائيي ڪيو، خُرما (١) ڏسي، چپ ياد ڪري،
هر قدم تي پوي گُلشن ۾ سجڻُ ياد "قليچ"!
سيڪو وڻ، ميوو ۽ گُل، شاخ ۽ پنُ يارُ ڏسي (٢).

## ٣٨٧. غزل ـ پاڻ بابت

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات

ٻهرين هو شعر چيو (٣) عبدالواسع جبيلي،
منجهه هرات آيو ۽ دهقان آصل هو گُرجي.
شاهه بهرام ۽ مسعود ۽ سنجر سلطان،
ڪئي نوازش، ٿيو اُستاد سخن جو بنجي.
مُنهنجو والد ٻه هو گُرجي، آيو اِيران منجهان،
گُرجي اِيئن آءٌ ٻه ٿيس، ٿيُس جئمي هيت سِندي.
شعر سِندي چيو مُون، فارسي ۽ هندي پڻ،
گرچه والِد بِنا، ڪنهن شخص نوازش نه ڪئي.
شاعرن جو مُون کي ماٺهو ميرُ ڏيي آستاد سڏِين،
پاڻ ۾ گرچه لياقت نه ڏسان ٿو آءٌ ڪي.
نثر ۽ نظم ۾ تصنيف ڪيم ڪيئي ڪتاب،
سِنڌ ۾ سيڪو سڃاڻي ٿو، ٻهتر هِندُ ۾ پڻ.
فخر ڪر ڪين "قليچ" اِن تي، رکج شُغل اِهو،
شُڪُر ڪرُ رَبَ جو ۽ ٻيءَ ماءَ جو، جن آهڙو ڪئي!

(١) کجور (٢) يارُ ياد ڏياري ٿو. (٣) فارسيءَ ۾.

## ٣٨٨. غزل - آدم جو شرف

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

مَٽُ آدم ۽ مَلَڪ هٿا شَرَفَ، شانَ ۾ اڳي،
عِلمُ ۽ عَمَل ۾ ليڪ، ويو آدمي مٿي.
جبرئيل، آسمانَ تان آيو زمين ڏانهن،
۽ مصطفا (١)، زمين تان ويو آسمانَ ڏي.
مَسجُود ۽ مُعَلّمِ (٢) مَلَڪَن جو آدم آهه،
عالِمَ، جو عامِل آهي، مَلَڪُ اُن سان ڇا لڳي؟
بيعلمِ، بيعمَل جي وري آدمي ٿيو،
بيقَدُر ٿئي ۽ هيٺ سو حيوانَ کان لٿي.
آهي مِٽِيءَ جي مُٺِ سو ۽ پاڻيءَ جو هِڪُ ڦُڙو،
عالَم ۾ پَر سو ڪهڙو نہ قَدُرُقُوتُ تو وِجهي!
ٿيو روُح ۾ ملائِڪ، شيطانُ جسم ۾،
صُورت تي حَقَ جي گرچه، خَليفو سندس ٿئي.
قوّت ۾ گهٽ مَڇَر کان ۽ هاٿيءَ سان اُن جي جنگ،
ٿيو ڪيوليءَ مثال، سُليماني (٣) پڻ ڪري.
ڇڏُ هَٽُ ۽ رَهُہ نماٹو تون سڀ خَلَق سان "قليچ"!
رکُ شَرمُ ڪو، سَتاءِ ڪڏهن ڪين خلق کي.

## ٣٨٩. غزل - حياتي عذاب آهي

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

حياتي پَئِي آڇي گردن تي، کَنُ ڏِيڻ گهرجي،
نہ وَسُ هلي ٿو ڪو، لاچار ٿيو، جيئڻ گهرجي.
نہ آهيان خِضَر آ، ۽ عُمُر ناهي آب حيات،
هِي زَهر آهي، جو سُقراط ٿِي پيڻ گهرجي.

(١) آدمي ٿيي. (٢) اُستاد (٣) بادشاهي ۽ نبوّت.

تيو ضرور هتي پيئڻو پنهنجي رَتَ جو شرابُ،
ڪبابُ، پنهنجي جگر جو، هتي ڪيئڻ(١) گهرجي.
فلڪ تو راند آسان سان ڪري، ڪٿي چوُگان،
هيءَ گوءِ، مَرۡد تي، ميدان مان نيڻ گهرجي.
حياتي، زال تي توکي ملي نڪاح ۾ ڏي،
تي ڏاهو، خواهه مخواهه اُن کي چاهڻ(٢) گهرجي.
"قليچ"! قيد ۾ رهڻو تيسو پڪيءَ وانگي،
ٻوڙ ڪان پڃري ۾، هٿ جو هر پل تيڻ گهرجي.

## ٣٩٠. غزل - آءٌ ۽ تون

فاعلاتن فعلاتن فعلات

آدمي آءٌ، تون ملڪ آئي جاني!
آهين روحاني تون، آءٌ جسماني.
ثاني يعقوب آهيان عشق ۾ آءٌ،
تون آهين حُسن ۾ يوسف ثاني.
ماهه ڪنعاني(٣) تون ۽ مصري عزيز،
پير ڪنعاني (٤) آءٌ پڻ زِنداني (٥).
ڪرين دلبرا! تون ڪيلي گُل ريزي،
ڪريان روئي آءٌ گلاب آفشاني.
تنهنجي ڪيل جو تيو سبب بيدردي،
روح منهنجي جو(٦) تيو بيدرماني.
منهنجي پيري تي ۽ تنهنجي طفلي،
منهنجي دانش، تنهنجي تي ناداني.
درد و غم تيو ڦيري تو لاءِ خوشي،
تي خرابي (٧)، مُنکي آباداني (٨).

(١) ڪائڻ (٢) چاهڻ (٣) يوسف (٤) يعقوب (٥) قيدي (٦) سبب
(٧) ويراني (٨) وسڻ.

نوري تون (١) آعليٰ، آءٌ ناري آسْفَل،
ڪِيئن ڪري تُنهنجي سگهان مهماني؟

توسان ڪيئن پيت ڪري ڀنهنجي "قليچ"؟
شاهہُ شَهْري تون ۽ هو(٢) دِهْقاني.

## ٣٩١. غزل - آءٌ ڪين مرندس

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات

موتَ ڪي ياد ڪري آهيان پيو آءٌ تَڪجي،
پَنجَهتَر عُمْر ٿي، همت نہ وئي پر گهٽجي.
شڪ پوي هاڻ تہ مون کي تہ نہ مرندس آءٌ ڪڏهن،
مَرُ وڃي ماسُ ڳري منهنجو، وڃي جِسْم مَري.
گرچہ آهيان ٻُڍو ۽ ضُعْف ڪٿي جسمي وڌي،
شوق قائم رهي هر قسم جو، دل آهي قوي.
جي هجان مَرُنو تہ حاصل اهو مطلب ڪيئن ٿئي؟
پيدا جنهن لاءِ ٿيُس ۽ جو آصل ٿيو طبعي.
جي هُجان مَرُنو، ترقّي اِها ڪيئن ٿئي پوري؟
هيت ٿئي يا ٿئي هُت(٣)، جايون اِهي منهنجون ٻئي.
گهرَ ٻئي منهنجا اِهي، هِڪَ مان لنگهي ٻئي ۾ وڃان،
وچ ۾ ٻنهي جي رڪيل مَوتَ سندي آهي دَري.
قَبْر جانُ تنگ آها گرچہ، نہ غم اُن جو آهہ،
روح ڪي اُت آچي راحت، وڃي رَنجش وِسري.
هيءُ ٿيو يَيلاق (٤)، هُو قشلاق (٥)، رَهَن جيئن هيت شاهہ،
سَرد ڪوئٽيا ۾ وڃن، جڏهين لنگهن گرم سِوي(٦).

(١) معصوم (٢) قليچ (٣) عالم آرواح (٤) آرڙهہ جيي جاءِ. (٥) سياري جيي جاءِ. (٦) سيبي.

## ٣٩٥. غزل ـ روح جي ترقي

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

ترقي رُوح جي طبعيي تي آصل حقاني (١)،
رهان آهي باقي، جي هرحال ۾ ٿيان فاني.
اول جمادي هُئس، پوءِ ٿيس نباتي آهي.
نباتيي رُوح ڇڏي، پوءِ ٿيس آهي حيواني.
مُئس جڏهن وري حيوان تي، ٿيس مانهو،
جو رُوح هو آگي حيواني، ٿيو سو اِنساني.
مرڻ کان ڪين ڊڄان، جو ٿيان پيو آهي بهتر،
بشر جڏهن تي مران، ٿيان ملڪ آهي رُوحاني.
آڇا آڏامان متي، ٿيي ملڪ مران جي آهي،
جو "ڪلُ شيءِ هالڪ (٢)" ٿيو آمر رباني.
آچي نه وهم ۾ جيڪي، آهو ٿيان آهي پوءِ،
ملائڪن تي ڪريان پاڻ کي جي قرباني.
آنهيءَ کان پوءِ عدم ۾ وڃان، جيتان آيس،
"اليه راجعُون،" (٣) آن دم ٿيو حڪم قرآناني.
اِنهيءَ طرح آهي فرمايو مولوي رُومي،
"قليچ" کي ٻڌي هيءَ قول آهي حيراني.

## ٣٩٦. غزل ـ سلوڪ ۾ چڱو ڪير؟

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

طالب چڱو سو، حق جي طلب ۾ جو نيتُ رهي،
پنج ئي حواس پنهنجا ۽ دل تيز جو رکي.
عالم چڱو سو، جو ٻنهيي تنگن کان هُئي منڊو،
تا خلق جي دَرن تي وڃي ڪين سو رُلي (٤).

---

(١) حق جي طرفان. (٢) قرآن ـ سڀ شي مرندڙ. (٣) قرآن ـ "سڀ خدا ڏانهن موٽندا". (٤) ٻا ـ ڀني.

## ٣٩٨. غزل - چلم ۽ حقي جي وصف

فاعلاتن مفاعلن فعلات

ڪُڏھن عناصر ٿيا چلم ۾ چارئي،
باھ ۽ واءُ، پاڻي ۽ مٽي.
اصل آھي جُزيل منيءَ مان پاڻ،
ٿئي پيدا باھ مان سندس نوبي.
پيٽ، پاڻيءَ مان ٿئي پيدا آن جو،
۽ ھوا، آن جي نڙ ۽ گوءِ ۾ ٿئي.
منحصر ٿيا مٿين تي ٿئي عالم،
ٿيا مواليد ڪُڏھن منجھس ٽئي.
ٿيو جمادي مٽي ۽ لوھ سندس،
۽ نباتي ٿيو ڪپڙو ۽ آنچي.
تاند و آھي نباتي ھن ۽ تماڪ،
جيڪي ماڻھو، سو آھي حيواني.
گرچه بيجان، جاندار به ٿئي،
ڦوڪ سان جڻ ته آن ۾ جان پوي.
ڪري گُڙ گُڙ جيئي ٻولي، ڳالھائي،
گرچه بيجان آصل ٿي گنگي.
رات اوندھ ۾ سوجھرو ٿي ڪري،
ڪڏي خوشبوءِ ٻڻ ڳُڙاڪوءَ جي.
ڏسجي سُھڻي ۽ واتَ مان پيئجي،
خوش ڪري ٿي آھا حواسَ پنج ئي.
جنسون ٻئي آن جون ٿيون رھن موجود،
ٿيو حقو نڙ، ۽ چلم ٿي مادي.
ماڻھو وينل، پري ڪان جڻ ڏسجي،
ٻانھون ۽ پيٽ آٿس مٿو ۽ ڪڇي.

سنگتي ٻنهي آڪيلي ماڻهوءَ جا،
ويهي ڳالهائي ڪيٿ ٻه، ڪَن وَسندي.

عَيبُ هڪڙو منجهن اِهوئي آهه،
ته چُغل تو ويهي آنهن ۾ ليڪي.

گرچه سِر تي ٻَري آنهيءَ(١) جي باهه،
آهي دوزخ ۾ جڻ چُغل هيٺئين(٢).

نه حُقو تو ڇڪي "قليچ"، نه چِلَم،
مُفت تعريف هُن آنهيءَ جي ڪئي.

## ٣٩٩. غزل- سو حبيب، سو طبيب

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

بيمار ٿيان آءُ ورلي، خدا خير پيو ڪري،
بيمار ٿيان ڪڏهن ته سو پاڻهي شفا ڏئي.

ٿئي تَپ جڏهن مُنکي، تو آچي پاڻهي پَکهَر،
آچنِم ٿا دَسْتَ پاڻهيي، جڏهن قبضيت ٿئي.

"سوئي حبيب، سوئي طبيب"، آهي شاهه (٣) چيو،
سوئي وري چِٽائي تو قَتَ جو ئي تو ڦَٽي.

حيوانَ شهري، جهنگلي پڻ ٿا ٿين آگها،
ڪائن ڪي پاڻهي، جو ڇڏائين ڪان ڇڻي (٤).

ماڻهو رهن جبل ۾، ڏِٺو جن نه شَهْر ڪو،
تَپَ، پيچ، سُورَ، ڪنگهه ۾ ڪائن ٿا ڳاهِ ڪي.

هِڪَ وَڻَ جي هيٺان ڇاوا ۽ ٻِئي هيٺ سي مَرَنِ،
نِتُ ڪيرُ، ڏُڌُ ۽ ڏُٿَ تي سندن عمر ٿي لنگهي.

هرڪو مري ٻُڍو و آتي، سَتَّرَ، آسيءَ جو ٿِي،
شهرن ۾ عُمُر ڇوٽي، سَگهو ڪونه ڪو رهي.

(١) آنهيءَ چُغل جي. (٢) هين دنيا ۾. (٣) ڀٽائي (٤) نقصان ڪان.

ڏُکي تي طبيعت آهنج (١)، طبيعت ڪري علاج،
نالو طبيب جو ۽ دوا جو سبب ٿئي.
"خود ڪارساز ما، شده در فڪر ڪار ما"،
قول آهي ايءُ "قليچ"، سچو، ڏِيان آن تي ڏي.

## ٤٠٠. قصيدو ـ نشي کان پرهيز

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

رَفيق ٿيو آچي پرهيز جا، ڀَلائي ڪَري،
جو حق جي پار ڏي، پرهيز رَهنمائي ڪَري.
رکياڻون وچ ۾، مَلائڪ ۽ جانور جي بَشَر (٢)،
تہ نَفس ساڻ هُو پنهنجي ڀلي لَڙائي ڪَري.
ڪري، تہ هيٺ سَندُس جانور کان ٿئي درجو،
لنگهي مَلَڪ کان وَجي، جي مَٿي چڙهائي ڪَري.
نہ روڪيو نَفس کي جي آدمي ٿِيو، صد آفسوس!
وڃايو چو ٿا شرافت، هَلَت آجائي ڪري؟
پيو ۽ کائو ڀلي جيڪي ڪيو حلال ڏٺيءَ،
حرام آهي نشو، سو حَرامپائي (٣) ڪَري.
نشي خراب ڪيا، خاص و عام جا خانا،
جي مَحنتي هئا اڳي، تن جي ڪُٽ ُ ڪمائي ڪري.
نشي مان گرچه خوشي پهرين ٿئي، آچي لذت،
ڀلائيءَ بدران بِڇاڙيءَ ۾ سو بُرائي ڪَري.
خراب و خوار اوهان کي ڪري زماني ۾،
مَريضُ، مُفلس، مِسڪين، قَرضي جائي ڪَري.
شراب، باهہ جو پاڻي، جو ساڙي يا ٻوڙي،
پيَتَ سان، عَقل ۽ آخلاق جي صفائي (٤) ڪَري.
نشو جڏهن چڙهي ڪنهن کي، حواس، هوش ُ ٿئي گُم،
تڏهن هُو شينهن سان پڻ زور آزمائي ڪَري.

(١) بيماري (٢) انسان (٣) خرابي، بد معاشي، لچائي. (٤) تباهي، برباد ي.

ديس هڪڙو، ويس ٻيا، مسلم ۽ ٻيون قومون گهڻيون،
جي نـہ هِندو هِتا منجهس، ڪيئن نالو هندستان ٿئي.
پيو "قليچ"! آڄ ٻُڌجي هر جا اِتّفاق ۽ اِتّحاد،
يڪدلي جي ناهي، يڪجسمي جو نِتُ آرمان ٿئي.

## ٤٠٣. غزل ـ يار جي رنگيني ۽ بيرنگي

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

تِي لڳي حيرت، ڏسي رنگين مزاجي يارَ جي!
ڪَلَ نہ پئي ڪا آن جي بيرنگيءَ سندي اِسرارَ جي!
حُسن سان پنهنجي تو ماري ۽ جيئاري خلق کي،
ٻاري ۽ نـاري ٿو، جـا پَرِ لـوهَہ ۽ لـوهارَ جي.
حُسن جي سڌِ عشق کي، پَرواني کي جيئن شَمع جي،
جاٺي سوز ۽ ساز سو، سڌِ آن کي نُور(١) ۽ نارَ(٢) جي.
ڪڏهين ڏيکاري جَمالُ آو پَنهنجو ۽ ڪڏهين جَلال،
هُوءَ صفت، غفّار جي ٿي، هيءَ صفت، قهّارَ جي.
ميهُر مان ڪڏهين سڏي پاڻهِي، ڪڏهن لوڏي ڪَڍي،
دردُ ۽ درمانُ، ٻئي ٿِي دلبري دلدارَ جي.
رَحمُ آن جو بي سبب ۽ فَضلُ مَحض آن جو غَضَب،
ناهي پَروا آن کي ڪا اِقرارَ يا اِنڪارَ جي.
بَندَ ۾ تقدير جي، آزاد آن سَڀَ کي ڪيو،
وچ ۾ خَيرُ ۽ شَر جي واڳ آن پيي ڏني اِختيارَ جي.
خَوفَ ۽ اميّد ۾ تـو عاشقن کـي آو رکـي،
پُل صراط آهي اِها، وچ ۾ وِتِي تِي وارَ جي.

---

(١) روشني (٢) باهہ.

جهنگلي هُئي، يا هُئي آهو سُدريل،
پاڻ کان سمجهي اُن کي وَڏِ آصلي.
نيمي اُن آڏو ۽ ڏِجي اُنَ کان،
دُعا اُن کان گهُري ۽ واهر پِيي.
جَهڙو معبُود تَهڙو هُئي عابد،
جهڙو خالق هُئي، خلق پڻ آهڙي.
جو هُو عادِل، تہ هِي تِيئن عادِل،
جي هُو ظالِم، تہ هِي تين ظُلمِي.
قوم هرڪائي جوڙي پنهنجو خُدا،
جا هَلَتَ هُو رکي، رکن (١) سائيي.
تن جا آنعال، خيال ۽ آخلاق،
هُوندا، جَهڙا سندن خدا جا سيُئي.
چؤ مُنکي پنهنجي تون خدا جي صِفتَ،
تہ چوان توکي آءٌ صِفتَ تُنهنجِي.
"جِتَا ديوَ، تِتَا پَڪتَ"، چَيو تَن،
آصل کان چوٽِي تِي اِها هِندِي.
چئي تُو مُصحَف "اِلٰهَہٗ بہ هَواہُ(٢)"،
نَفسُ، حيوانُ، بُتُ، خدا تِي ٿِيي.
بُت پرستي ۽ شِرڪ تِيو اِيءُ سَبُ،
قَلبُ مان ڪَڍُ "قليچ"! سَبُ دُوئِي..

## ٤٠٨. غزل - انسان جو شرف

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

ٿيو شَرَفُ رُوحانِي حاصل آصل آدم ذات کي،
نہ تہ حَواس ۽ عُضوا ٿيا پڻ جسمي حيوانات کي.
سِکُ سَبَق وحدت سندو ۽ چَڏُ وِساري شِرڪ سَبُ،
لا (٣) ۽ اِلاّ (٤) جي پروڙ نفِي ۽ آثبات کي.

(١) قوم جا ماڻهو. (٢) آنهن جو خدا، سندن نفس جِي خواهش آهي. (٣) نفي (٤) آثبات.

جي تُون نُور ۽ آبِ حيوان(١) تو گهُرين، توفيق ڏار،
خِضرُ وانگي ڪَرَ سَفَرَ محنت سان، ڏِسُ ظُلمات کي.

سوجهرو دِل جو گهُرين جي، بَس تُني توکي هِيءَ حديث،
ياد هر لحظي ڪندو رهه، موت ۽ سڪرات کي.

خيال حق جو، حق جا عاشِقَ تا اُني ويٺي رکن،
تن کي دَمُ دَمُ تُني غنيمت، ڇو ڏسن ڏينهن رات کي؟

"ياد ڪرَ حَقَ کي، تہ حَقُ توکي ڪري"، قرآن چئي،
شاهُ(٢) پڻ چئي، "تات تين وَتِ، جي تا گُولن تات کي".

منجهه، طريقت عشق جي، شڪُ، شُبهو سَبُ آهي خطا،
حَقَ جو رَکُ دل ۾ يقين ۽ ڪرَ فنا فڪرات کي.

دل جي مفتيءَ کان سدا ڪرَ خَيْرَ ۽ شَرَ جو سوال،
ڇو "قليچ" اُن لئہ پُڇين تُو قاضيءَ القُضات کي؟

## ٤٠٩. غزل - بازاري حسن

فعولن فعولن فعولن فعولن

جتي حُسْن بي پرده، بازاري آهي،
اُتي عشق ڪيئن چاهہ سان اُن کي چاهي؟

تُني شَمْع، فانُوس ۾ جَلوه آفروز،
اچن اُن تي پروانا هر طرفان ڪاهي.

اصل تو رکي قدُر، جو باغ ۾ گُل،
سو افسوس! بازار ۾ اُن جو ناهي.

سڏائين جي عاشق ۽ معشوق اڄ تا،
جهَلا ئي اُنهن کي ڏِجي هُوند ڦاهي.

ڏِسو جي ڪيتي هلندي ڪا نازَ واري،
مَجنُون موڙي، سِرَ تي رکن پنڪو ناهي.

---

(١) آب حيات. (٢) شاهہ ڀٽائي.

ڪري سينڌ سُرمي سان جا نازَ نخرو،
هٿي آن کي لٺ، لحظي ۾ وجهجي ڏاهي.
"سچو عشق ۽ حسن معدوم (١) آج ٿيا"،
"قليچ" آهي سَچ، جيوسُنکي هڪڙي ڏاهي.

## ٤١٠. غزل ـ عشق جي حقيقت

مفعول مفاعلن مفاعيل

ٿيو عشق جو سازُ بينوائي،
ٿيو وَصْل انهيءَ جو نيتُ جُدائي.
پاڻيءَ ۽ مٽيءَ جو چَنڊُ ڦيهو تون،
اِيءَ آهي ڪَهاڻي سَٽيُ هوائي.
بيگانگي تُنهنجيءَ هردو جڳ کان،
بيشڪ ٿئي نسوري آشنائي.
جي نَفْس جي باهه تون اجهائين،
ٿئي عشق جي گهرَ ۾ روشنائي.
منجهه عشق، نه عقل جي تُون ڪر ڳاله،
بيعقل جي اِيءَ نه عيد جائي.
ري عشق ۽ عاشقي صَد افسوس!
وَئي عُمْر سنديئي "قليچ" اجائي.

## ٤١١. غزل ـ خدا رحيم ۽ ڪريم آهي

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

جي هڪڙو ڪَکَ تَري پَوي، ٻُڏندڙ بَچيا ٿئي (٢)،
رحمت سَندي درياهه مان نقصان ڇا ٿئي؟
منهنجي اميد اصل کان ٿي ويرا وير وَڌ،
وَڌِ گرچه ٿئي بَدي مُنکان، نيڪي قَضا (٣) ٿئي.

(١) ناپيد، عدم موجود. (٢) بچيل هوي. (٣) اصل گهٽ يا نه.

سون ڪي سدائين نَفْس ۽ شيطانَ ڪيو خراب،
نيتْ گُمرهن ڪي تُنهنجو ڪرَم رهنُما ٿئي.
حِرص ۽ هوَس جي گهوڙي تي ڪاهِيندو آءٌ وڃان،
رُخ تُنهنجو، منهنجي دِل سندو قِبله نُما ٿئي!
آءٌ بيد وانگي خالي هٿين آهيان بي ثَمَر،
مَنَ فيض(١) تُنهنجو، درد جي مُنهنجي دوا ٿئي!
گهڻنجن جو ناهي تو سندو رَحم ۽ ڪرَم جڏهن،
بانهي "قليچ" پنهنجي تي بخشش عطا ٿئي.

## ٤١٢. غزل ـ نفس سان خطاب

مفعول مفاعلن مفاعيل

آي نَفْس! رکين گهڻ ۾ چُستي،
پر دِينَ جي ڪارڪم ۾ سُستي.
حِيلَن سان وئين تو تون بلندي،
باطن ۾ مگر آهيئي پَستي (٢).
نت رستي ڏنگي تي سنئون هلين تو،
گرچه آهين ضعيف تون آلستي (٣).
بيدار بَهَر، سُتَل اندر ۾،
ڪان هوش سندئي، پئي تي مستي.
جي حقَ جي نظر عطا ٿئي توکي،
ڪوتاهه ڪرين دراز دستي.
چِڏُ هٿُ ۽ وڏائي، ٿي نمائو،
گهرُ رَبَ سندو آهي دل، شڪستي (٤).
ڪر غير ڪان پاڙ (٥) کي تون ويران،
دنيا جي آڇيئي ڪم نه بستي (٦).

---

(١) با ـ فضل. (٢) نيچائي (٣) قرآن ـ خلق الانسان ضعيفا. (٤) درد واري. (٥) دل (٦) آبادي.

ڪاوڙ ۽ طمع ۽ ڪينو ڇڏ تون،
خاطر(١) ڪنهين جيي تون ڪر نہ خستي (٢).
همت سان "قليچ" نفس تون مار،
ٿين نيست جي تون، تہ مائين هستي.

## ٤١٣. غزل - يار کي عرض

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

ماٺا ڪري نہ مار سڄڻ! تون ذري ذري،
پاٺان نہ ڪر مون کي تون پيارا پري پري.
هيڪر نهارُ نيڻ کڻي ناز سان پرين!
وئي عمر اِنتظار ۾ آزيون ڪري ڪري.
هردم هنجون وهائي، ڪري ياد توکي دل،
ڳالهيون ڪري هزار ڳڻن جون ڳري ڳري.
مون کيو ڪسڻ قبول، مگر تون ڪو قياس ڪر،
خنجر وهاءِ حلق تي قاتل! هري هري.
دلبر! آچي ڪو ڏيج دلاسو "قليچ" کي،
محبت ۾ تُنهنجي مُحب مٺا! پيو مري مري.

## ٤١٤. غزل - عشق جي سچائي

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات

ديد (٣)، ڪيئن ديد سان تو منهنجي ملائي جاني!
وئي آجهامي، سا وري آگ لڳائي جاني!
دوستي توسان سدا منهنجي نباهي الله،
مون گلا گرچه زماني جي اُٺائي (٤) جاني!
تو بنا ڪنهن ڏي ڪڏهن ڪين نهاريان هرگز،
مَرُ هجي منهنجي اکيان سڙي خدائي جاني!

(١) دل (٢) رنج (٣) اک (٤) کڻين.

هفت آقليم جي شاهي نہ مُنکي آهي پسند،
نيت وٺي تُنهنجي ڳليءَ (١) جي ٿي گدائيءَ جانيءَ!
رات ڏينهن هيجر (٢) ۾ تُنهنجي تو هنجُون هاري "قليچ"،
رهہ ميلي تنهن سان مٺا! ڪر ڪا ڀلائيءَ جانيءَ!

## ٤١٥. غزل - حسن جو آثر

مفعول مفاعيل مفاعيل مفاعيل

جو حسن سڄڻ! تو سنديءَ تصوير ۾ آهي،
نا چين ۾ نا هندُ، نہ ڪشمير ۾ آهي.
ٿيا شمس و قمر شرم ۾ آءِ يوسف ثاني!
نت حُور، پري آتش، تشوير (٣) ۾ آهي.
هي زلف ڏسي تُنهنجا مُسلسل (٤) دل و جان سين،
سُنبل بہ سدا حلقهٔ زنجير ۾ آهي.
جو قهر و سيتم تير، نگهہ تُنهنجو ڪري يارا
نا خنجر، قاتل ۾، نہ شمشير ۾ آهي.
ٿيو ياد سبق عشق سندو لحظي ۾ جاني!
ڪيو عينن (٥) تُنهنجي عقل، زبر زير ۾ آهي.
بس تُنهنجي محبت ۾ "قليچ" آهي سدا مست،
تدبير نہ ٿاري، جيڪي تقدير ۾ آهي.

## ٤١٦. غزل - وصل جي خواهش

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

وصل تُنهنجو جانيءَ! شل مُون کي ميسر ٿيي وڃي،
ورنہ اي دلبرا هيءَ عاشق تُنهنجو دَر دَر (٦) ٿيي وڃي.
جي آچيي مون سان ميلين هن وقت اي رشڪ قمر!
رات آونداهيءَ آندر خورشيد، آنور (٧) ٿيي وڃي.

---

(١) گهٽي (٢) فراق (٣) پشيماني (٤) زنجير جهڙا. (٥) اک
(٦) دربدر (٧) روشن.

چا ڪجي زلف سيه، لعل لبن جي تعريف!؟
تو ڏسان ڪان ڪيتي تن جي نشانيي (١) جاني!
رنگ، بيرنگ ڏسي، خلق ڪي وسريو آرژنگ(٢)،
مثل، بي مثل ڏسي، متحو ٿيو مانيي(٣) جاني!
ٿين جڏهن جاني! تون جان بخش ۽ پڻ جان، جهان،
روز و شب، ورد(٤) ڪيو پنهنجو مون جانيي، جاني!
وصل تنهنجي ۾ ميسر نه ٿئي ڪنهن ڪي بقا،
جيمين ٿئي ڪون جلي، فڪر ۾ فانيي جاني!
مت نہ مفتون(٥) ۽ علوي(٦) سان ڪڏهن ٿيندين "قليچ"!
ناهي حاصل ما توکي طبع روانيي جاني!

## ٤٢٠. غزل - عشق ۾ دل جو حال

فاعلاتن مفاعلن فعلات

دل، سڄڻ کي سدائين ساري ٿيي،
ماهه جان، تنهن کي نيت ستياري ٿيي.
انتظاري ۾ دوست، دلبر جي،
وصل جون واتڙيون نهاري ٿيي.
درد ۾ هجر جي ڪري هي هي!
رت هنجون رات ڏينهن هاري ٿيي.
متحو ٿيي سحب جيي محبت ۾،
پيا سيئي واسطا وساري ٿيي.
پنهنجي پياري جا نيت پچائيي خيال،
بيرهه جيي باهه پاڻ ٻاري ٿيي.
ڪڏهين قمري جان ٿيي ڪري ڪوڪو،
ڪڏهين بلبل جان ما پڪاري ٿيي.

(١) تشبيه لاءِ. (٢) ماني نقاش جو ڪتاب. (٣) مشهور نقاش.
(٤) وظيفو (٥) ۽ (٦) شاعر.

مِهر مان هاڻ موٽُ مُنهنجي گهرُ،
تُنهنجي جانِب! جُدائي ساري ٿِي.
دِل ويچاري قريب لاءِ "قليچ"!
عُمُر، گُوندر(١) ۾ ڏِسُ! گذاري ٿِي.

## ٤٢١. غزل – خدا کي سوال ۽ دعا

مفعول فعلن مفعول فعلن

يا رَبّ! ڪجئين ڪا مون تي ڀلائي،
توري ۾ نه آهي ڪي واهه ڪائي.
تو کان سوا ڪونه وارث وِلهن جو،
تو کي وڏائي، تو کي خدائي.
هيڻن جو ٿين تون هر وقت همراهه،
موڙهن (٢) ڪرين تون نت رَهنمائي.
ٿيا راز دل جا سڀ توکي روشن،
سُڌ سڀڪنهين جي توکي سڃاڻي.
راضي رهن سڀ تُنهنجي رضا تي،
جيڪا وڻي تو (٣) وَهواهه سائي.
هٿِ تُنهنجي آهي هر ڪنهن جي قسمت،
قادرا آسان تي ڪر ڪا عطائي (٤).
مولي مُرادون مَنَ جون پڄائج،
هر ڪو ڪري ٿو بخت آزمائي.
سوالي "قليچ" آهي، ٻُڌُ عرض اَن جو،
ڪر مِهرُ مان ڪا مُشڪِلڪشائي.

---

(١) غم (٢) موڙهن کي. (٣) توکي (٤) بخشش.

سُکن سان سيج سنواريَمِ، وِڇائي فَرش فروش،
غريب خانو ٿيو گُلزار، گُلعذارُ (١) آچي.
خوشيءَ سان واتَ وَڻيي، آءٌ فقير ٿيي وڏِس،
تہ مان (٢)! شوڪت شاهيءَ سان شهسوارُ آچي.
آچي ٿو سُونهن جو سُلطان، سُون گدا جي گهر،
اِنهيءَ سُخن تي ڀلا ڪنهن کي آعتبارُ آچي؟
آچي تہ هانوَ جي حُجري ۾، سُرت سان سانڍ يانس،
متان رقيب لنگهيي خَرُ، خراب، خوارُ آچي.
"قليچ"! تُنهنجو ٿيو هر حالَ ۾ خُدا همراه،
نہ ڪَرُ ڪو خَوف، جي(٣) دُشمن بہ سَو، هزارُ آچي.

## ٤٢٦. غزل - عاشقن جو حال

مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

عاشق آهن ويچارا، منجهہ عشق اِشتياقي،
وَڪندا وتَن ويڳاڻا، فُرقت ۾ نيتُ فِراقي.
سِڪَ سان سڄَڻ کي ساريان، هَر هَر هنجون ٿو هاريان،
مُحبَن سان شال! موٽيي، سولي ڪندو مُلاقي.
آهي اُميد آلبت، خلوت ۾ ٿيي خُلاصو،
پياريندو پَنهنجي هَٿَ سان، صحبَّت جو جامُ ساقي.
هيڪر وطن وڃي ٿيان پنهنجي پرينءَ سان واصل،
گَذُ تَنهن سان آءٌ گُذاريان، تَنهن بعد عُمُر باقي.
رَهہ تون "قليچ" قائم، مُحبت ۾ مَنَ موهن جي،
پاڻهئي پيارو تو وٽ، ٿيندو آچي اَطاقي.

---

(١) محبوب (٢) مَنَ (٣) ڀتوڙيڪ.

## ٤٢٩. غزل ـ دنيا ۾ ڪيئن گذارجي

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

فخر دولت تي نہ ڪر آي دل! خدا جي واسطي،
مال، مُلڪ ۽ تاج، تخت آهن فنا جي واسطي.
ڇا ڪندو ڪو اصل تي يا نسل تي پنهنجي غرور؟
اصل، نسل انسان جو آهي نُما جي واسطي.
ڪا ڪمائي ڪر هتي، هت آهي عملن جي پچا،
نيڪ و بد آهي اصل روز جزا جي واسطي.
پاڻ کي تو عيش و عشرت لئہ ڪرين ناحق هلاڪ،
هر طرف حيران ٿين، حرص و هوا جي واسطي.
لطف ۽ احسان هر ڪنهن تي جڳائي تو ڪرڻ،
سر ڪشي گهرجي ڇڏڻ، شرم ۽ حيا جي واسطي.
خود پرستي، خود نمائي، خود خيالي ترڪ ڪر،
نفس سان ڪر جنگ تون صلح و صفا جي واسطي.
صبر سان تون دَوْر هين دنيا دورنگيءَ جو لنگهاءِ،
هرڪو پيدا آهي ٿيو رنج و بلا جي واسطي.
تو گهُري هر وقت جڳ جو خير قادر ڪان "قليچ"،
هٿ کڻي درگاهہ حق جي ۾، دعا جي واسطي.

## ٤٣٠. غزل ـ يار جي رسڻ جو آرسان

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات

رنج مان ويو رُسي دلدار، خُدا خير ڪري،
دَرد ۾ دل ٿي گرفتار، خُدا خير ڪري.
دلبريءَ سان تہ ڏٺين ڪونہ دلاسو دل کي،
ويو غمن ۾ وجهي غمخوار، خُدا خير ڪري.
لڪ ڪيم آزيون نيازيون، نہ منٿين ڪا منٿ،
ڪيئين اصل وصل ڪان انڪار، خُدا خير ڪري.

جنهن کي سمجهم تي سڄڻ، هاءِ! ڦري ٿيو بدخواهه،
دوست ٿيو دشمن، خونخوار، خدا خير ڪري.

ڏوهه ڪنهن کي ڏجي ناحق، آهي قسمت جو قصور،
ٿيو دلارام، دل آزار، خدا خير ڪري.

دور دنيا جو عجب آيو، ٿيي محبت معدوم،
شور، شر نيڪري ٿيو نروار، خدا خير ڪري.

بيڪسيءَ ڪئون آهي حيران، پريشان ”قليچ“،
منهن وٽس چارا، ٿيو لاچار، خدا خير ڪري.

## ٤٣١. غزل ـ يار کي سنت آزي

فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات

عاشقن کي به ته آئي يار! ڪڏهن ياد ڪجي،
دل ناشاد کي ڪو دم تہ سڄڻ شاد ڪجي.

جي ڪريون عرض ته ڪاوڙ مان هٿي تير، تفنگ،
داد خواهن سان ڀلا آهڙو ڪو بيداد ڪجي؟

گهاوَ دل تي جهلي، تو در تي وري پيا گهاريون،
تنهنجي هن ظلم، ستم جي ڪٿي فرياد ڪجي؟

طوق گردن ۾ اسيريءَ جو ۽ پيرين زنجير،
دل گرفتار کي آزار مان آزاد ڪجي.

عمر وئي گذري جدائيءَ جي جفا ۾ جاني!
هاڻ پڇاڙيءَ ۾ ڀلا وصل جي اِمداد ڪجي.

رات غم جي وئي لنگهي، وصل جو هاڻ آيو ڏينهن،
شهر دل جو ٿيو ويرانو، سو آباد ڪجي.

طرز سانگيءَ جي تي، تولاءِ غزل جوڙيو ”قليچ“،
هي ته حاضر آهي، هاڻ ڀيو به ڪو اِرشاد ڪجي.

## ۴۳۲. غزل - يار تان صدقي

فاعلاتن مفاعلن فعلات

دل تہ دلدار يار تان صدقي،
گُلبدن، گُلعذار تان صدقي.

دمبدم، خالؔ خالؔ تان قربان،
زُلف جي تارؔ تارؔ تان صدقي.

چَشمِ مَيگُون(۱) مثال، نرگس مَسْت،
تُنهنجي خوني خمار تان صدقي.

منهنجي گُلرخ جو منهن ٿيو گُل گُل،
لَعل جي لاء زار تان صدقي.

ٿيو سَڄو باغُ باغُ سرتاپا،
تَنهنجي باغ و بهار تان صدقي.

صدقي گُلروءَ جي گُل تان هرڪو ٿئي،
يار جي آءٌ تہ خار تان صدقي.

جان ٿي منهنجي هڪَ ۾ نازَ هزار،
هڪڙي، ڪيئن ٿئي هزارَ تان صدقي؟

رنگ سان جنهن رَچيو سڄو عالَم،
تَنهنجي نَقْش و نگار تان صدقي.

عشق ۾ آن جي، جي شهيد ٿيا،
تن جي مَشهد، مَزار تان صدقي.

دار تي سِرُ ڏنو جنهين سردار،
تنهن سچي جان نثار تان صدقي.

خاڪ ٿيو جو حبيب جي خاطر،
آهڙي آءٌ خاڪسار تان صدقي.

---

(۱) شرابي رنگ جهڙي.

هاڻ جان بلب آهيون سيئي سوت جا مهمان،
سڪرات ۾ شل! سيکھ سان سرور تئي سائي.
تولاءِ "قليچ" آهي زبون، زار، روئي چئي،
هئي هئي! منهنجي بيکس! منهنجي پياري! منهنجي رائي!

## ۴۳۵. غزل - دل جي خواهش

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

آءٌ تو ڏِجان، جدا مون کان گلزار شل نه ٿئي!
منهنجي هي زندگي، مون کي دشوار شل نه ٿئي!
دلبر جي دوستيءَ ۾ مون ڏاڍا ڏٺا عذاب،
مون وانگي عشق ۾ ڪو گرفتار شل نه ٿئي!
بيخواب، بيقرار آهيان رات ڏينهن آءٌ،
هڪ لحظو ڪنهن کان ڌار ڪو دلدار شل نه ٿئي!
مَن تئي سڄڻ طبيب، ڏئي وصل جي دوا!
دنيا منجهان روانو هي بيمار شل نه ٿئي!
جيسين ڏسي نه يار، جنازو "قليچ" جو،
لاشي تي خاڪ قبر جي هموار شل نه ٿئي!

## ۴۳۶. غزل - موت کان پوءِ جو حال

فعلات فاعلاتن فعلات فاعلاتن

ٿئي مرڻ کان پوءِ به هئي هئي! عجب انتظار مون کي!
رهي جيئن فلڪ جي دل ۾، رهي تيئن غبار(١) مون کي.
ٿيو نثار مون تان دلبر، سهي سور مهسين هئي هئي!
تو مٿيس ٿيڻ جڳائي، تڏهن جان نثار مون کي.
جي ميلياسين ڪين جيئري، تہ مئي کان پوءِ آخر،
ڪري لطف ۽ ٻلايون، آچي ميلندو يار مون کي.

(١) غم جو.

خُدا، جنگ ۾ آهي بيشڪ نگهبان،
ڪمر ۾ ٻـ تيغ ۽ تبر تو جُڳائي.
گهڙي، دمُ حياتيءَ تي گرچه "قليچا"،
جيئڻ لاءِ آخر تہ گهڙ تو جُڳائي!

## ۴۴۱. غزل — مناجات

فعولن فعولن فعولن فعولن

الاهي! ڪرم ڪر آمان تي قراري،
آهيون آصل ڪان سڀ ڏکيا ۽ ڏُهاري.
ڏجئين دين، ايمان پنهنجي ڪرم سان،
ڪسون، قلب مان ڪوري ڪڍجئين ڪفاري.
ڏُکن، ڏوجرن جي خزان ڪئي خرابي،
پلا آڻُ ڪا سُک سندي نو بهاري.
نڪو خيرَ جو ڪم ڪيو ٿون خُدايا!
گُناهن ۾ گهاري عُمر سڀ گُذاري.
چڱائيءَ جو رستو بتائج آسان کي،
ڪريون شال! توبھ جي تُرت ٿون تياري.
مدد ڏي آسان کي، پيادا پرون(١) پيا،
سڀاجها! سدائين سڪون لئہ سواري.
آهيون غير واقف، نڪو سونهو، سائي،
اڳيان پيچرا پيا، مٿان رات ڪاري.
عبادت سندو شوق ڏي تون آسان کي،
سنوارج، سيڪارج هُنر سڀ هزاري.
الاهي! آسان (٢) فتح هر بات ۾ ڏي،
ڪر آسان مشڪل، ترڪي بارَ باري.
نيمي تو اڳيان، چئي "قليچ"، آي خداوند!
ڪريون دل سان توبھ ۽ هروقت زاري.

(١) هلون (٢) اسان کي.

## ٤٤٤. غزل - دسترخاني لاء

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

رزق، رازق ٿو رسائي هرڪنهين انسان کي،
سو خوشيءَ سان کاءُ ۽ کاراءِ پڻ مهمان کي.

پنهنجي روزي، آئي تو وٽ کائي ٿو، مهمان هاڻ،
ڏِسُ وڃي تون منجهه حديث ۽ پڙهه وڃي قرآن کي.

ڪر سدا اُن تي عمل تون، ٿي آدا مهمان نواز،
ڪر تون ڪامل دينُ پنهنجو، تازو رک اِيمان کي.

شُڪُر، واجب آهي نعمت جو، عطا جا ڪئِي خدا،
هر گهڙيءَ ڪر ياد اُن جي لُطف ۽ آحسان کي.

جڏهن خدا ٿو ڏئي، تڏهن کاراءِ ۽ کاءُ آءِ "قليچ"،
رب ڏئي روزي ڪڏهن، دانا کان وڌ نادان کي.

## ٤٤٥. غزل - چئن عناصرن جون صفتون

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

چار صفتون، ڪن ٿيون پيدا، چئن صفتن پين کي،
هرڪنهين انسان ۾ تن جو آثر ظاهر ٿئي.

باهه مان هٺ ٿئي تو پيدا، ٿئي ٿي شهوت واءَ مان،
بُخل پيدا ٿئي مٽيءَ مان، حرص پاڻيءَ مان آچي.

چار آهن سي پڪيي جئنُ، جي ڪُهي آچلائي چڏ،
جيئن ڪ اِبراهيم ڪيو، قرآن ۾ حقُ جيئن ليکي.

سي دليل ۽ عقل، شرع، ايمان سان موٽي جيار،
تا حياتي تُنهنجي، هين دنيا ۾ دائم خوش رهي.

عنصري عالم ۾ هي چارئي ضرور آهن "قليچ"،
خيال رکُ تين جو، نه غفلت ۾ چڏي تون تن کي ڏي!

## ٤٤٨. غزل - زماني جو نئون دور

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

ويو ڏورو حڪومت جو، هلي حڪمت ٿيي آڄ ساري،
آهي علم ۽ عمل جي چوطرف جڳ ۾ عملداري.
آهي دنيا ۾ رهڻو جنهن کي، تنهن کي مرُ هجي معلوم،
ته آهي جهل (١)، ناداني، جي معنيٰ ذلت ۽ خواري.
هلي هاڻ علم ري ٿو ڪين ڪم، رازن ۽ واڍن جو،
ٿيي هر فن، هر هنر ۾ علم ۽ ڏاهپ جي لاچاري (٢).
تجارت جي نه هوندو علم مان واقف جي سوداگر،
ته سودي مان ڪڏهن ڪندو، ڪمائيندو نه واپاري.
نه خدمت، چاڪري تن نوڪرن جي ڪا پسند اِيندي،
ڏٺيءَ کي، جي انهن کي ڏسندا ڪنهن پيي علم کان عاري.
مشينن، بورچين، درزين کي ڏيٺا اِمتحان آهن،
ٿير هاڻ مدرسن توڙي هٽن (٣) ۾ فلسفو جاري.
نه ڏندي وارو ڪوئي سمجهجي ٿو معتبر، ري علم،
نه حجام ۽ نه قاصائي، نه عطار ۽ نه پاساري.
خدائيءَ جيءَ مٿي، تعليم جي فرمانروائي هيٺ،
"قليچا!" آڄ هلي علم ۽ هنر جي گرم بازاري.

## ٤٤٩. غزل - جوانيءَ جي حياتي

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل

عجب عشرت، عجب سا زندگاني!
رهي ٿيي جا آسان کي منجهه جواني.
سفر ڪياسين غنيمت (٣) لاءِ ڏاڍا،
غنيمت، عمر هئي، جا وئي ٿيي فاني.

(١) بيعلمي (٢) ضرورت (٣) دڪانن (٣) لٽ جو مال.

ڳيڏوسين درد دل جو، عمر ڏيئي،
عجب سَودو ڪيَئي آي دل ديواني!
هو منهن گل جهڙو ۽ قد تير جهڙو (١)،
هنو(٢) ٿيو نيلوفري ۽ هيي(٣) ڪماني(٤).
وڇوڙي دوستن جي مون سان ايئن ڪيو،
ڪري جيئن باغ ۾ بادِ خزاني.
جڏهن ڪومانجي ڪيرندا سڀئي گُل،
تڏهن ڪهڙي ڪجي هيت باغباني؟
فلڪ کي آزمايو مُون "قليچ" آهه،
وَفا جي ناهي ڪا اُن ۾ نيشاني.

## ٤٥٠. غزل ـ تارن جو اثر سلڪن تي

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل

رَهي عالَم بِدَل تارَن سَتَن تي،
اَصل ڪانآهي هَرهِڪ، هِڪَ جيبليِ.
عَطارد جو آثر ٿئي رُوم تي نيتُ،
آثر نيتُ مُشتريءَ جو چين تي ٿئي.
قَمَر منجهه بَلخ ۽ سِج منجهه خُراسان،
زُحل، حاڪم بـه هندستان ۾ هُئي.
رَهي منجهه ماوراء النّهر زُهره،
۽ تُرڪستان ۾ مَرّيخ مَرڪي.
اِهي سڀ وسوسا ماڻهن جا آهن،
"قليچ" آهي هيتي سڀ هِمَتِ خدا جي.

(١) سنئون (٢) منهن (٣) قد (٤) ڪمان جهڙو وربل.

## ۴۵۱. غزل - پنهنجي وڍيءَ جو ذڪر ويڄ نڪو طبيب

مفعول مفاعيل مفاعيل مفاعيل

هڪَ ڏينهن، هو هڪُ بازُ آڏاٺو مٿي آپ ڏي،
هڪُ تيرُ لڳُس اوچتو، جنهن آتِ وڌو ڪيري(١).

جڏهن لوهَه ۽ ڪانيءَ جو ڏٺئين تير، ٿيو حيران،
تا ڪيئن هيءَ هوا ۾ آڇيي هيتِ، مون کي ٿو ڀڃي؟

ڪَنبيَ، تير ۾ پنهنجا ڏسي آفسوس گهڻو ڪيئين،
چيئين مَرَندي (٢)، تہ آفَت هي آسانجيي ڀَئي اسان تي.

سَچُ، پنهنجي وَڍيءَ جو نہ طبيب آهي، نہ ويڄُ آهہ،
'آز ماست' ۽ 'بر ماست' جو ٿو اِن ڪان مَثل ٿئي.

جو قَول "آقارب ڪالعقارب" (٣) جو "قليچ" آهہ،
سو آهي سَچو پڻ، ڪَرين لاڳُو جي آنهيءَ کي.

## ۴۵۲. غزل - سلوڪ جا مقامات ۽ آحوال

مفعول مفاعيل مفاعيل مفاعيل

سالڪ کي مقامات ۽ آحوال آچن پئي،
مُڪتسب سان حاصل ٿين، هيءَ وَهْب (۴) اِلاهي.

دائم هوُ رهي تن تي ۽ قائم هوُ انهن ۾،
وارد هي ٿين آن تي ڪڏهن، پَڪ نہ آنهن جي.

سالڪ جا مقامات ٿيا ڏَهہ يا زياده،
توبهہ ۽ توڪّل ۽ رَضا، صَبْر ۽ ٻيا پي.

آحوال جي سالڪ تي ٿين وَجْد جانْ وارد،
هَيبَت ۽ مُحبّت ۽ حَيا، شَوق ٿيو آنسي.

---

(١) ڪيرائي (٢) مرڻ وقت. (٣) و يجها مائٽ، وڇن جي مثال آهن.
(۴) عطا، بخشش.

## ٤٥٤. غزل ـ يقين کان شڪ ڀلو

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

شڪ ۾ رهڻ، يقين کان جڳ ۾ چڱو لڳي،
جاهل ۽ ٻلـهه (١)، عالـِم، عاقل کان خوش رهي.
معنيٰ، ’يقين‘ جي آهي قرآن ۾ ٿي ’موت‘،
ڪو اِنَ يقيني موت سان دُنيا ۾ ڪيئن جيئي؟
جاهِل کي ٿيو مُباح (٢)، جو عالِم کي ٿيو حرام،
عـالـِم گناهگار، هِتي نِتُ ڏُکيو هُجي.
ٿئي ٻلهه بيوقوف تي دُنيا ۾ گرچه کِل،
پر آخرت ۾ ٻلهه، تو جنّت آندر گهڙي.
ويساهه رَکُ آندو ڪِي، جي اِيمانُ تو گهُرين،
چِڏُ عقل کي ”قليچ“ نه اَتِ توکي ڪمُ آچي.

## ٤٥٥. غزل ـ عشق لاءِ ڇا ضرور؟

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

عاشقُ ٿيڻ، نشاني ٿي اوّل نُصُوح (٣) جي،
لذّت، بدن جي آهي ۽ راحت ٻه رُوح جي.
پَر مُشڪل آهي پوءِ سهڻ عِشق جا عذاب،
اُميّد ڪنهن کي ڪانه رهي ٿي فتُوح جي.
منجهه عِشق رات ڏينهن رهڻ فَرض عين آهه،
فَرياد شام جي ڪِي، زاري، صُبُوح جي.
عاشق کي وعدي وَصل جي اُميّد ٿي سدا،
آيُّوب جو تو صبر ڪپي عُمر، نُوح جي.
نه ته آي ”قليچ“! جلد ڇٽڻ لاءِ عذاب کان،
يا موت گهرجي تُرت، يا توبهه نُصوح جي.

(١) ٻوڙڙو (٢) روا (٣) استواري (٤) فتح.

## ۴۵۶. غزل - "قريش" لفظ جي معنيٰ

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

صغير 'قرش'، جو آصلي "قُرَيش" كوٺائي،
۽ "قرش" آهي مَكر مڇ، جو ٻين مڇيون كائي.
عرب جي سڀني قبيلن مان هو 'قريش' وڏو،
سنڀال ڪعبي جي، اُن جي ذمي ڇڏيون لائي.
نبي آنهيءَ مان هو، تنهن لاءِ ٿيو وڌيڪ شريف،
۽ جڳ آيا تائين سڀ، ڳڻ آنهيءَ جا پيو ڳائي.
ليڪن آنهيءَ ۾ ٿا ڪمذات هند، سنڌ جا سڀ،
سيّد سڏي ڪو، قريشي ڪو پاڻ کي چائي (١).
ٿا ماڻهو موسيٰ کي ميهتر چون، ينگيءَ کي پڻ،
"قليچ" قول آنهن جو، جگر سندم گهائي.

## ۴۵۷. غزل - پير ۽ مريد جو واسطو

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

طمع، تو پيرَ ۾، عقبيٰ (٢) جي هر مريد رکي،
آنهيءَ سبب پوي پيرين ۽ نذر، نياز ڏئي.
مريد ۾ تو رکي طمع پير، دنيا جي،
سو كائي اُن جي تو دعوت ۽ ڏن آنهيءَ کان وٺي.
پريل مريد جا همتَ ٿيا حرامَ ۾ گويا،
پريل حلال ۾ ٿيا پير جا، خيالَ ڪري.
چمن، چئنين سي هڪ ٻئي جا همتَ، مريد ۽ پير،
حلال پهريون تو كائي، حرامُ ٻيو كائي.
پٺاڻ و پارسي، توکي "قليچ" ناهي ياد؟
"نه پير آڏامي، آڏاني مريد پرَ آن کي" (٣).

(١) چوائي (٢) آخرت (٣) 'پير نمي پرد، مريدانش مي پرانند'.

## ٤٥٨. غزل - قصاص بابت سوال ۽ جواب

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

سوال - جو عالم آهي، ۽ فاضل جو پاڻ ڪوٺائي،
قصاص لاءِ شرع ۾ سو ڇا ٿو فرمائي؟
ڪٿي ويو هڪڙو ٻلو، قمري ۽ ڪبوتر کي،
گهران ڪنهين جي، وڃي رات جو پٽي، کائي.
ته جيڪو مالڪ ٿيو قمري ۽ ڪبوتر جو،
سو ماري يا نه ٻليءَ کي، قصاص وٺرائي؟
جواب - قصاص، ڪوبه ٻليءَ تي نه شرع فرمائي،
ٻلو، ڏسي ٿو پکي جيت، انهيءَ کي آت کائي.
رکي جو قمري، ڪبوتر، انهيءَ کي گهرجي "قليچ"،
ته پڃرو ڏاڍو رکي، متئين سو لڙ کائي.

## ٤٥٩. غزل - انسان، آشرف المخلوقات

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

ٿون ڏس شرف، ته ٿو ماڻهوءَ تي ماڻهو سوار ٿئي،
آچي عدم مان جڏهن ۽ جڏهن وڃي اوڏي.
چڙهي ڪلهن تي ٿو ماڻهوءَ جي، ٿو جمي جڏهين،
مري جڏهن ٿو، تڏهن پڻ چڙهي ڪلهن تي وڃي.
رهي جو عرصو ٿو دنيا ۾، نيت سواري سو،
ٽين عالمن تي به ۽ چئين عنصرن تي ڪري.
مٽي ۽ پاڻي ۽ پڻ باهه ۽ هوا تي سوار،
چڙهي ٿو جانورن (۱) ۽ وڻن (۲) ۽ ڌاتن (۳) تي.
"قليچ"! آدمي آشرف ٿيو مان مخلوقات،
سموري، ڳالهه انهيءَ جي هي ثابتي آهي.

(۱) حيوانات (۲) نباتات (۳) جمادات يا معدنيات.

## ٤٦٠. غزل - سلوڪ جا ڏي سير

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

فنا کان پوءِ آچي ٿو بقا، سڄ تُون سمهي،
بقا جي مُلڪ جو دروازو ٿيو فنا جانبي.

فنا ٿڌهن ٿين، جڏهن پهرين ٿي ڪرين تون سير،
آول جنهي مان ٿيو "في الله" سير تعليمي.

ڏسين تجلّيون آتي تون، صفات حق جي جوُن،
ڪمال ڪي رسين، آن تي وڃين جڏهن تون هيري.

آتان لهي، وري ڏين ناقصن کي تُون تعليم،
اهو ٿيو سير "من الله"، مُرشدي، پيري.

ٿيو ٿيو سير "الي الله"، خلق کان مُنهن موڙ،
رفيق، اعلي ڏي هل، ۽ مٿي آڏام وري.

مُريدي، پيري ۽ ٻيا واسطا ٿيا خلق سان بند،
وڃي بقا کي تُون پهچين، فنا منجهان نڪري.

مگر لهن ٿا آتان پڻ ڪي آوليا ڪامل،
مدد ڏين ٿا سڄي جڳ کي، عرش تان به لهي.

آنهيءَ ڪري ٿا چون تن کي آوليا آبدال،
وڃي جي هيڪڙو، آچي ٻيو آنهيءَ جي، منهجه بدلي.

يا روح جن جو ٿو ٿي هنڌ وچي هدايت لاءِ،
۽ پنهنجي بدلي، وجن جسم جاءِ تي مي رکيي.

ارادي پنهنجي کان محفوظ ٿيا فقط آبدال،
هوا ۽ حرص کان محفوظ آوليا ٻيا پيي.

مگر نبيءَ جان نه معصوم مي ٿيا آي "قليچ"!
خطا کان پاڪ جي(١) ٿيا، حفظ تين (٢) مليو اڳ ئيي.

---

(١) نبيي (٢) تن کي.

## ٤٦١. غزل - گهوڙو يا گاڏي ڪيئن هلائجي

مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات

هلائين شهر جي بازر مان گهوڙو، گاڏي جي،
ته رکُ سنڀال، ڍرو هلُ، ۽ ماڻهو ڪر پاسي.
ٻين سين ڪي تون آندو ۽ ٻوڙو ڄاڻُ آدا!!
تون پاسو پاڻ ڪرُ ۽ پاسي ڪرُ نه ڪنهن ٻئي ڪي.
وچاءِ گهنٽي ٻلي، 'پوشُ پوشُ' پڻ پيو ڪرُ،
لغام ۽ رڳن چڪي جهلُ، ته وڃت ترسي هلي.
ڪشادو رستو هجي جي ۽ خالي هُجي ميدان،
ته مرُ تيڪو تون هڪيل، جو نه خوف آهي آتي.
چگو "قليچ" سين ڪان اهو ته آهڙي هندڙ،
پيادو هلُ تون، نه چڙهه سور گهوڙي گاڏي تي.

## ٤٦٢. قصيدو - ٻارن لاءِ صبح جي دعا

فعولن فعولن فعولن فعولن

ڏڻي! تنهنجي ڏسجي ٿي جيت ڪيت خدائي،
ڪرم سان ڪرُ تون آسان مان ڀلائي.
پڙهڻ ۽ لکڻ جو تون ڏي شوق آسان کي،
آسان ۾ تون وجهه علم جي روشنائي.
ته اسرار قدرت ۽ حڪمت جا تنهنجي،
ڏسي سڀ آسين، ڳايون تنهنجي وڏائي.
پڙهي عمديون ڳالهيون ۽ قصا عجائب،
ڪيون عقل جي وات مان پنهنجي وائي.
۽ ورزش سان قائم رکون تند رستي،
ڪريون پنهنجي عادت صفائي، سنائي.
پڙهون حالُ پنهنجن بزرگن جو دل سان،
سکون پيرويءَ سان آنهن جي چگائي.

ڪريون سيرُ گهرَ ويٺي مُلڪن جو هردم،
جنهي جي هُنيسُون آهي سُڌ نه ڪائي.
جبَل ۽ سمنڊ ۽ نديون، پيٽ، راسُون،
اُنهن جي خبَر پئي آسان کي سَيائي.
ڪٽيون وقت پنهنجو سَدا قيمتي پڻ،
حياتي نه هرگز وڃايون اجائي.
نڍي هوندي عِلم ۽ هُنَر سڀ پرائي،
وڏي هوندي عمدي ڪريون ڪا ڪمائي.
ڪريون دولت ۽ آبرو نيڪ حاصل،
آسان جي ٿئي ساري محنت سَچائي.
ڪري پاسو ڪُوڙ ۽ ڪُپت ڪان آسين پڻ،
سِکون ساڻ سعي سُپت ۽ سچائي.
گُناهن صَوابن جي پئي سَمجهه آسان کي،
پَرورِيُون ۽ پَرکيُون، ڀلائي، بُرائي.
"قليچا"! تين دنيا ۾ اُن پَر سِکيو تون،
۽ پڻ آخرت ۾ ملئي اجُر جائي.

## ٤٦٣. غزل - عمل ڪهڙو چڱو

فعولن فعولن فعولن فعول

نه آهي عمَل سو، جو خلقت(١) ۾ ٿئي،
عمَل سوئي آهي، جو خِلوت (٢) ۾ ٿئي.
تين فرضَ ظاهر ضروري ڀلي،
لِڪل پيو عمَل سڀ عبادت ۾ ٿئي.
عمَل لاءِ اخلاص آهي ضرور،
تو بُنياد جيئن ڪنهن عمارت ۾ ٿئي.
عمل ظاهري، آهي ڇيت جي مثال،
آثر پارَ جو نيتُ بناوت تي ٿئي.

(١) خلق جي اڳيان. (٢) لِڪ ڇپ، گوشي.

پَڪو ٿيو جني بُنياد ۽ چِيتِ ضَعيف،
تَدارڪ اُنهيءَ جو مَرمّت ۾ ٿئي.
ڪَچو جني ٿيو بُنياد ۽ پيتِ پَڪي،
"قليچا"! ڏَهَڻ جي سو حالت ۾ ٿئي.

## ٤٦٤. قصيدو ـــ سچي دوستيءَ جو مثال

فاعلاتن مفاعلن فعلات

پاڻي ۽ کير جي ڏِسو محبت،
دوستي تن هُئي ڀاڻ ۾ لائي.
ذات پاڻي هُئا اڳي ٿي آءِ،
فرق ٿورو ٿي هو منجهن جائي.
دوستيءَ ۾ هُو ٿي ويا يَڪرنگ،
ويا ميلي، هِڪ ٿي، پاڻي ۽ پاڻي.
تن جي اُلفت سَچيءَ جو اُونهو رازُ،
سُور سَمجهي سَکيو نہ حَلوائي.
تنهن ڪَٽاهي پَري رکيي تنهن‌سان،
۽ اُنهيءَ هيٺ باهہ پَرڪائي.
باهہ جا آتِ جڏهن آيا شُعلا،
لڳا تَهڪڻ بہ جوش پَئي ڪائي.
کيرَ جو ڏُکَ پَريو ڏِسي هيءَ حال،
ڪَهِلَ، پاڻيءَ کي اَن گَهڙيءَ آئي.
پاڻ ٿي تَنهن، اُنهيءَ تي ساهہ ڏِنو،
دوستيءَ جي عَجَب سا گَهرائي.
دوست جي جانُ نثاري کير ڏِسي،
دَرد دل جي کان هيءَ ڪَڍي وائي.
"هاءِ اَفسوس! دوست مُنهنجا هاءِ!
ماري مُون کي ٿيي تُنهنجي جُدائي.

تو بنا ڪيئن جڳائي مئون کي جيئڻ؟
مُنهن ۾ آهڙي جيئڻ کان، پئي چائيي.
چا ڪريان، ڪيئن ڏسان وري توکي؟
نئي صورت نظر آچي ڪائي".

جوش کان آن کي پوءِ آچي ويو حال،
نہ سگهيو تنهن کان پاڻ ۾ مائيي (١).
سو اکڙ کي ڪريو ڪناهيءَ مان،
باهہ سان تنهن کئي هٿا پائيي(٢).

باهہ، دانهون ڪري، وٺي ويهي،
مٺان حلوائي، ٻونڊ (٣) چيڪائيي.
ڪير چيو، "آيو مونيي مون وٽ يار"،
دل ۾ آن جي ٿيي، آن کان سرهائيي.

سو ڪري ماٽ تڏهن رهيو ويهي،
ءِ لڙيو ءِ مٺانس ڏرُ (٤) جائيي.
خوش رهن دوست، جي "قليچ"! رکن،
مهر، محبت، سچائيي، پاڪائيي.

هڪ پيئن تان، تا جي ٿيئن قربان،
وصل جي تين(٥) ميلي ٿيي واڌائيي (٦)
جسم هڪ ۾ ٻہ ساهہ، جيئن ڪ ٻہ مغز،
رکي باداميي، تين جيي پڙ ساڻيي (٧).

## ۴٦۵. غزل – حضرت عليءَ جي تعريف

فاعلاتن مفاعلن فعلات

ڪونہ رب ري عليءَ کان آگ جانيي (٨)!
نہ عليءَ ري خدا جو ڪو ثانيي.

(١) مايي (٢) جهيڙو، هٿين پوڻ. (٣) پاڻيءَ جيي. (٤) ملا ئيي (٥) تن کي
(٦) مبارڪ (٧) آهوئيي نمونو، آهاڻيي عادت. (٨) اي جاني!

فاني سو، جنهن لذو انهي ۾ ري بقا،
باقي سو، جو انهي ۾ ٿيو فاني.
آن جي حب سان فقيري ٿي شاهي،
ڪفر، حب سان، ٿئي دس، مسلماني.
بخشش، ابليس لئه حب ٿئي نديس،
بغض، ادريس لئه سندس، ڪاني.
آهي همنام جو خدا جو "تليج"!
ذات ان جي ٿي، آن جي نيشاني.

## ١٤٦٦. قصيدو - ظاهري ۽ باطني حواس

فاعلاتن مفاعلن فعلات

ظاهري پنج حواس هڪڙا ئي،
دل جا، باطن ۾ پنج ٿيا پيائي.
روح يا دل جا ٿيا آهي جاسوس،
سڌ ڏين سڀ ٿا ساڻ چترائي.
روح يا دل آهي سچو ماڻهو،
ماڻهو، ناهي بدن هي بالائي(١).
روح آهي سوار، وهنت بدن،
ٿو هلائيس ساڻ سچيتائي.
دل، حواسن بنا ڏسي ۽ ٻڌي،
سنگهي، کائي، پئي، هلي جائي.
ڏس! ڪنن سان پئي شراب ٿي دل،
مست ٿئي، جڏهن راڳ لئون لائي.
دل، پڙهي ۽ لکي آکين ڏارا،
رکي خيالي حواس آعزائي.
جيئن آکين سان ڪري ٿو سکهجي زنا،
تيئن ڪري دل چڱائي، ٻچڙائي.

(١) مٿيون، ظاهري.

ظاهري پڻ حواس مٿجن تا،
هڪ پيٽن جو ٿا ڪم ڏيٽن پائيي(١).
هڪڙو بيڪار ٿئي جڏهن تو حواسُ،
ڪم وٺي ٿي ڪان سو، ٿيي سؤڪائيي(٢).
تو اکين سان ڏسي جهانُ هميشه،
پر هٿن سان ڏسي تو قاصائيي.
لٽ ۽ پيرن سان ٿا ڏسن آنڌا،
ٿا ڏسن دل سان پنهنجي مولائيي(٣).
تيئن ڪنن سان ٻڌي جهانُ هميشه،
۽ ڏندن سان، رکن جي ٻوڙائيي.
ٿا اکين سان ٻڌي سگهن ٻوڙا،
دل سان پڻ آنبيا خدا جائيي.
تيئن وري جڳُ زبانُ سان ڳالهائي،
آک سان ٿيي عاشقن سندي رائيي.
گنگا هردم هٿن سان ڳالهائين،
سات جهڙي نه ٻولي پي ڪائيي.
جان وارن کي سؤکو ٿيو ٻولڻ،
ناهي بيجان کي به آوکائيي.
سرمو ڏس! ڪيئن نه آک ۾ ڳالهائي،
رنگ منهن جو، اکين جي لالائيي!
پڻ چکي ماڻهو جيب سان سڪو سواد،
چکي سورن جو ساڻ سؤدائيي.
ذائقو موت جو چکي هرڪو،
دل سان چکجي مٺائيي، ڪوڙائيي.
جڳُ هلي تو ٽنگن ۽ پيرن سان،
پر هيئين سان هلڻ ٿيي دانائيي.

(١) پائر (٢) سولائيي، آسانيي. (٣) خدا جا مرد.

روح سان عرش تائين تو هلجي،
آهڙي معراج ۾ هئي سولائي.
نڪ سان سنگهجي جا بوءِ بد يا چڱي،
ياد ورهن کان پوءِ آچي سا ٿئي (١).
پر ڪنهين جي بہ بوءِ اخلاقي،
دل کي رستي ڪنن جي ڪا آئي (٢)؟
دل کي هٿ ۾ ٿيا هزار غلام (٣)،
ٻاهر اندر، آچن وڃن پيائي.
پاڻ ويٺي ليکي بدن ۾ "قليچ"!
ٿي وٺي ان کي اِيءَ آڪيلائي.

## ٤٦٧. غزل ـ زر، خوشيءَ جو سبب

فاعلاتن مفاعلن فعلات

گل کي لالا جي مون چيو، "اي آدمي!
تنهنجي صورت چڱي ۽ سيرت پڻ.
داغ جو تنهنجي دل تي آهي ٿيو؟
متان زحمت ڪنهين کان توکي رسي؟"
چيائين، "نہ، زر نہ آهي مون وٽ زر،
جنهن مان حاصل ٿئي ٿي جڳ کي خوشي،
ڏس! تہ ڪڙي رکي ٿي زر جو ذرو (٤)،
تہ خوشيءَ کان نہ ڪل ۾ ماپي ٿي (٥)".
هٿ وڃي جڳ ۾ ڪر تون زر آئي "قليچ"!
تہ ٿيئن دنيا ۽ آخرت ۾ سکي.

## ٤٦٨. غزل ـ پين سان ٻلائي

فاعلاتن مفاعلن فعلات

ذاتي جوهر آپاءَ اندر پنهنجي،
پنهنجو تون فائدو پين کي ڏي.

---

(١) آهائي (٢) يعني ـ ڪانہ آئي. (٣) حواس، قاصد. (٤) پيلو پورو.
(٥) ٻيڙي ٿيي.

پَهِنْ روهيءَ جو ٽيي، ٽِيڪو ڪر ڪاتُ،
مَنَ، پيو ماسَ ۽ هَڏيءَ تي وهي!
ڪَرُ تون ٻَڇڙن ڪي پاڻ جهڙو چگو،
فَيْض پُهچائي ۽ پَلايُون ڪَري.
ڏِسُ، تہ سيجُ ڪيئن نہ چنڊ ڪاري ڪي،
نُور پنهنجو ڏيئي ٿو چمڪائي!
ٻَر پيو ڪَسُ "قليچ"! ٿيي نہ ٽِيڪو،
تا ڪَنهين شَي ڪي تون ڇڏين نہ وَڍي.

## ۴۶۹. غزل ـ صبر جي تعريف

فاعلاتن مفاعلن فعلات

ٻُڌُ صِفت صَبُر جي تون ڪَنُ لائي،
جا ڪِ مؤلا عَلي ٿو فرمائي.
صَبُر وِهنٽ آهي، جو نہ ٿاپو کائي،
نہ ڪِري ۽ نہ ٿوڪي ڪيرائي.
يا قَرار آهي، جا ٿئي نہ مُڏي،
جيئن وَهي ٽيئن ٽِڪيي ۽ وَڌِ گهائي(١).
يا خوشيءَ جي ڪُنجي تون اُن کي ڄاڻُ،
يا سَجڻُ، جو مدد ٿو پُهچائي.
ياد رَکُ اِيءَ مشابهت تون "قليچ"!
صَبُر ڪَرُ صَبُر، سُور سَهسائي.

## ۴۷۰. غزل ـ دل ۽ جسم جو مقابلو

فاعلاتن مفاعلن فعلات

آهي قالب(٢) ۾ قلب(٣) اِيئن قيدي،
جيئن ڪِ پيجري ۾ بَند آهي پَکيي.
يا خزاني جي ڪوٺيءَ آندر مالُ،
يا تہ دِبليءَ ۾ جيئن رکيل موتيي.

(١) وڍي (٢) جسم (٣) دل.

ڪنهن ۾ ڪي سان ٿيو، نه پيڄري سان،
قيمتي موتي ٿيو، نه ٿيي ڏيلي.
ڪهڙي سڀ ڪي خزانو تو ۾ مال،
ڪنهن آڇي ڪين آهڙي ٿيي ڪولي (١).
دل ٿيي سالم، ته جسم پڻ ٿيو (٢) "قليچ"!
آهي فرمايو آهڙي ريت نبي (٣).

## ٤٧١. غزل- هادي يا مرشد ضرور آهي

فاعلاتن مفاعلن فعلات

واٽ لئه سونهو پنهنجو ڪر واهي (٤)،
سونهي ري جهنگ ڏي نه ٿيي راهي (٥).
هادي، درڪار ٿيو هدايت لاءِ،
عقل پنهنجو فقط، ٿيي اونداهي.
قول آهي حديث جو پڻ ايئن،
آهي خود رائي، اصل گمراهي.
دين جي لئه نبي تڏهن آيا،
جو خدا، پنهنجي سنت اي چاهي (٦).
ڪي پڌو ٿيي "قليچ"! ڪڏهين ته ويچ،
ڪنهن دوا ڪڏهين پنهنجي لئه ناهي؟

## ٤٧٢. غزل- دعا گهرڻ جي سنت

فاعلاتن مفاعلن فعلات

نيت دعا، سان نماز، سنت ٿيي،
دل سان، جيڀ سان، هٿن سان، سيک ٿيئي.
صدق دل ۾، خدا جو جيڀ تي نانءُ،
وٽ هٿن سان، مراد جهول ته ميلي.

(١) خزاني جيي. (٢) سالم (٣) حديث (٤) هدايت يا سنڀال ڪندڙ.
(٥) روانو (٦) گهري، پسند ڪئي.

سَمجهہ! رَحمت تنهي ٿي آت نازل،
سينهن جانْ، آپ مان، آڻ هٿ سا وٺي.
پُڪ وَڏو جهَل دُعا ڪُهہ-رڻ جي وقت،
هَٿ مٿي ڪَنُ، ميلائي آگريون پي.
جيئن تُون بَرڪت گهٽي "قليچ"! جهٽين،
نہ وِٽين مان وَجي هٿَن جي وهي.

## ٤٧٣. غزل - ڏيڻ ۽ ڏکوڻ

فاعلاتن مفاعلن فعلات

قِسم ماڻهن جا چار ڏسندؤ هيتي (١)،
خَلق ڪي تا ڏِيَن، ڏُکوئين جي.
ڪي ڏِيَن تا، مگر ڏُکوئين تا،
نہ ڏِين ڪي، نَڪي ڏُکوئين سي.
ڪي ڏين تا، مگر ڏُکوئين ڪين،
ڪي ڏُکوئين، ڏِين نہ ڪُجهہ ڪنهن کي.
ٿِي سکهي جي اوهان ڪان يارو! ڏيو،
پر ڏُکويو نہ ڪنهن کي، جي نہ ٿئي.
نيت آنهيءَ تي ڪَري "قليچ" عمَل،
آئين ڪَريو پڻ، تہ فيض اوهان کي رَسي.

## ٤٧٤. غزل - مطلوب ذيت طالب ٿئي

فاعلاتن مفاعلن فعلات

تازو چاوَل پَچو بدڪ جو هجي،
تہ بہ نَدي اَن کي تي آرهہ تي آچي.
جنهن کي چاهيان تُو آءٌ، آهو آءٌ ٿيان،
جو مون کي چاهي تو، آهو 'آءٌ' ٿئي.

(١) دنيا ۾.

تارَ ٻاٽيءَ ۾ سو ڏُکي ڏوڙي،
ٻاٽي لوڙهي نہ اُن کي يا ٻُوڙي.
آرسيءَ ۾ هُجي نہ شَي ڪا ٻي،
يا هُجان آءٌ، يا دوست منهنجو هجي.
نيڪ طالبُ "قليچ"! تنسي مطلُوب،
ماڻهُو تني سو، خيالُ جنهن جو رکي.

## ٤٧٥. قصيدو - نشي کان پرهيز لاءِ ترغيب

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

شراب آهي نشو، اُن جي شڪايت ٻُڌجي ڇوڏاري،
ڪَريو پرهيز اُن کان دوستو! ڏيکاريو بيزاري.
اِنهيءَ نيڪيءَ(١) جي پابنديءَ ۾ سڀ مذهب ٿيا شامل،
مڙئي هندو، مسلمان ۽ ڪِرسچن ڪَن مددگاري.
ڪرڻ پرهيز پهرين خاص نشّي کان ٿيو واجب،
اچي جنهن کان ٿي آدم ذات تي ذاتي نِگُونساري.
قسَم کائو نشي کان ۽ ڪريو دل ۾ پَڪو ٺهراءُ،
نہ هَٿُ لايو اُنهيءَ کي ۽ رهو اُن کان سدا عاري(٢).
بدي هر قسم جي نشّي پٺيان گهمندي وتي هر هنڌ،
لڳي جيئَن پيٽ پارڻ لاءِ، پويان شينهن ڦيڪاري.
آوهان کي ڇا ٻڌايان اُن جي نقصانن جو آءٌ تفصيل؟
ضعيفي، مفلسي، ديوانگي، خواري ۽ بيماري.
بُراين جو آهو بُنياد، عادت اُن جي موروثي،
پٺيان اُن جي اچي چوري، جُوئا بازي، زناڪاري.
ٿئي گُم تندرستي، نيڪ خُوئي، عزّت ۽ دولت،
اچي بيڪاري ۽ بدڪاري ۽ ٻيو مَردُم آزاري.

(١) پرهيز (٢) عار رکندڙ.

إنڪار اِن تي ٻُڌبو نہ ڪنهن رُوسياهہ جو،
مُهر، نبوّت آهي نمونو گواهہ جو،
ڪيو عرش ڪان چڙهڻ ۾ گُذر مُرتضيٰ علي!
همّت، بهادريءَ ۾ تہ حيدر تيو بيمثال،
بَدر ۽ حُنين ۾ تيو ظاهر اُنهيءَ جو حال،
مَرحَبَ جهڙا ڳهڻي ڪُٺا اُن صاحب، جلال،
ڪيا ذُوالفقار، جنگ جا ميدانَ ڪيئي لال (١)،
خيبر جو پڻ ٻُٽي چَڏيو دَرُ مُرتضيٰ علي!
اُنَ ڪَئي ٻلائي عِلم جي رُوح الاَمين (٢) سان،
پيدا ٿيڻ سان واهہ! پَرِيئين جنگ ڪي دين سان،
اُستاد عقل ڪُل، جي ڏسو آئين يقين سان،
بيشڪ شرَفَ مَڪانَ جو آهي مَڪين (٣) سان،
ڪعبو ٿيو صَدَف (٤) ۽ گَهَر (٥) مُرتضيٰ علي!
هُئا عِلمَ لہ عليءَ جي، نبيءَ لفظ هي چيا،
”پيدا جهانَ ۾ تيا ڏهہ ڀاڱا عِلم جا،
نَوَ تين منجهان خُلاصا، عليءَ کي ٿيا عطا،
هِڪُ ڀاڱو ساري خَلق کي باقي ڏِنو خُدا“،
دَرُ چا؟ عُلوم سَڀ جو ٿيو گهَر مُرتضيٰ علي!
مشهور جڳ ۾ مُعتزلہ، عقل ۾ هُئا،
حِڪمت ۾ ليڪجن تا سي سڀ اهلَ عِلم جا،
ٻُوهاشم اوستاد آهي تين جو مُقتدا (٦)،
تنهن جو محمّد حنفيّہ ٿيو رهنما،
جو ٿيو پسر ۽ اُن جو پدر مُرتضيٰ علي!
پوءِ آشعريّہ عِلم ۽ حِڪمت ۾ فَرد ٿيا،
شاگرد سي آبوالحسن اشعريءَ جا هُئا،
تنهن پيروي تي مُعتزلن جي ڪئي سدا،
شاگرد سي ئي مُعتزلہ هُئا عليءَ سندا،
سڀ فرقا عِلم جا ڪيا پَدر مُرتضيٰ علي.

(١) ڳاڙها (٢) جبرئيل (٣) رهندڙ (٤) سيپَ (٥) موتي (٦) پيشوا.

جي حنبلي ۽ مالڪي آهن ۽ شافعي،
شاگرد بُو حنيفه جا آهن آهي ٽيئي،
شاگردي، بُو حنيفه هئي جعفر(١) سندي ڪئي،
جنهن کي چهون امام ۽ صادق چوَن سڀئي،
صادق جو ڏاڏو ڪير؟ مگر مُرتضيٰ علي!

فرمايو ڪيت(٢) امير علي شاه مومنان،
"تفسير 'بسم الله' جو، جي آءٌ ڪريان بيان،
دفتر ٽين سي ايترا سي جُلد بيگمان(٣)،
ستر اٺن جي مٿس کٽيي جن کي ٿئي روان"،
آهڙي رکيي ٿي حق جيي خبر مُرتضيٰ علي!

همنام حق جو آهي سو مولي فلڪ جناب،
والي 'وَلي' ۽ 'عالي' عَلي آيا منجهه ڪتاب(٤)،
نالا سوين آنهيءَ جا ڪري ڪير انتخاب(٥)؟
سو ايليا، سو بُوالحسن آهي، سو بُو تراب،
مُشڪلڪُشا، سڀين ۾ سڌر مُرتضيٰ علي!

اسد الله آهي، شير خُدا، مُرتضيٰ آهي،
صفدر پڻ آهي، حيدر، ڪرّار آهي سو،
يعسُوب ڪو سڏي ٿو ۽ يلسُوم تنهن کي ڪو،
قاسم(٦) به سو ئي نار(٧) ۽ جنت جو سڏجي ٿو،
محشر ۾ مومنن جيي سپر مُرتضيٰ علي!

نالو آنهيءَ جو 'اوريا' پڻ آهي منجهه زبور،
۽ 'هُوشعه' فلسفه ۾ سو سڏجي ٿو حق جو نُور،
رومي زبان ۾ ٿيو 'بطريسا' سو حضور،
۽ آرمنيءَ ۾ 'فرتق' ٿيو نام يا سرُور،
هَر اِسم ۾ رکيي ٿو آثر مُرتضيٰ علي.

(١) امام جعفر صادق. (٢) ڪنهن هنڌ. (٣) بيشڪ (٤) قرآن (٥) چونڊ
(٦) وراهيندڙ (٧) دوزخ، باهه.

"بلقاطلس" سڏين ٿا عبراني اُن جو نام،
شامي سڏين تنهن کي ٿا "سرخيل"، پڻ مدام،
"برير" ٿا ترڪ نانءُ ولتن تنهن جو صبح شام،
"فيروز"، فارسي ٿا چون تنهن کي هر مقام،
هر هند جهان ۾ ڪيو سفر مرتضيٰ علي!
ساقي ڪوثر آهي سو، زوج بتول سو،
دلدل جو سو ڌڻي آهي ۽ ذوالفقار جو،
مخزن، اصل علوم لدني جو پڻ آهو،
سو مومنن جو هردو جهان ۾ تيو پر جهلو،
ڏيکاريو جنگ کي فضل، هنر مرتضيٰ علي!
يا رب! گناه بخش، پيغمبر جي واسطي،
مولا علي ۽ فاطمه اطهر جي واسطي،
حسنين، علي ۽ باقر، جعفر جي واسطي،
موسيٰ، رضا، تقي، نقي، عسڪر جي واسطي،
۽ مهدي، جن کي چيو ٿي جگر مرتضيٰ علي!
آهي "قليچ"، تن جي غلامن سندو غلام،
من ۾ انهن سڀن جي محبت رکي مدام،
مدح و ثنا انهن جي ڪري دل سان صبح، شام،
هردم چوي ٿو تن تي هو صلوات ۽ سلام،
ٿيو ورد تنهن جو شام سحر "مرتضيٰ علي".

## ٤٨٠. غزل – ڏک ۾ سک نه وسارجي

فعولن فعولن فعولن فعول

آلا! جو چنڊي ويا هي چوري چيني؟
پٽي جين (١) پناري، وساريو تيني.
وساريو نه مارن کي مارئيءَ ڪڏهن،
انهن آندي موني، وڻان وني جيني.

(١) جن جي.

ٻڌي پرواني جي تقرير، ڏنس شمع جواب،
”حرف ڪو مون تي نہ رک، ڪر نہ شڪايت منهنجي.
حال منهنجي جي خبر ناهي ڪا توکي پيارا!
جڳ کي معلوم آهي ساري حڪايت منهنجي.
شام کان رات لڳان تنهنجي جلڻ تي جاني!
صبح تائين آهي ثابت اِها صورت منهنجي.
جي سڙي خاڪ ٿو تين ٿون، ته ڳَران آءٌ پڻ ٿيي،
ناهي گهٽ تنهنجي مصيبت کان مصيبت منهنجي.
دل جلي منهنجي سڄي رات ۽ دونهون نڪري،
ڏس! اِهي دلسوزي ۽ ڪمبختي ۽ غربت منهنجي.
روج ۾، صبح کان اڳ، عمر ٿئي منهنجي تمام،
درد ۾ تنهنجي سڄو آهڙي ٿيي قسمت منهنجي.
تون ٿي منصف ٿيي مِٺا! هاڻ، خدا ڪارڻ چئو،
سچي الفت آهي تنهنجي ڪي محبّت منهنجي؟“
عشق ۽ حسن جي تون وصف ڪندين ڪهڙي ”قليچ“!
عشق دولت ٿيو، ۽ حسن ٿيو نعمت منهنجي.

# قطعات تاريخ طبع "ديوان قليچ"

## (سنه ١٣٧٦هه، مطابق سنه ١٩٥٧ع)

### ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل'

طبيعتون ڪجهه تين شگفته پڙهن جي احباب ڪولي آن ڪي،
قليچ جو هي ڪلام ڪاغذ تي آهه تصوير چڻ چمن جي،
نظر ۾ هر بيت ٿو اچي، چڻ قطار ڪا موتئي جي بيٺل،
لڳن ٿا نقطا به چڻ ته شبنم، عجيب حالت گمان وطن جي،
زبان شسته و فڪر اعليٰ ڏسو جي مصرعه ته تازه و تر،
'خليل' تاريخ ڇا لکي تو، مفيد گلدسته سخن جي.

١٣٧٦ هه

### دين محمد 'اديب' فيروزشاهي

رشڪ، خورشيد ٿيو خانه عرفان، قليچ،
رشڪ، قنديل فلڪ آهه شبستان، قليچ.
علم، حڪمت ۾ سندس تيز نظر آهه وسيع،
زهد، تقويٰ ۾ وڏي چاڻن داماں، قليچ.
ان اذان حق جي ڏني ڊپ نه ٿيس باطل جو،
دين جو علم هئو رونق، ايوان، قليچ.
ان عدالت ۾ ڪئي حق جو طرفدار رهي،
حق بدڻ لاءِ هئا منتظر آذان، قليچ.
جاه دولت جو ڏنو ان ڪي خدا خوب متاع،
خلق هو سي ڪان سنو واه جو سامان، قليچ.
مس هئي علم ادب لاءِ سندس آب، حيات،
جهل جي ظلمت ۾ خضر قلمدان، قليچ.
حسن جي حور، پري دين نه ان جو لئيو،
بت، ڪافر ڪان ڇڏايو حق ايمان، قليچ.

عقل جو باغ جڏهن آهه ته پوچونه چوان؛
"وه گلستان خرد" آهه هي ديوان، قليچ.

١٣٧٦ ھ

زنده جاويد رهي شال سندس سڀ تصنيف،
حق جو پيغام رسائي شل فيضان، قليچ.
لئي ڇپائڻ جي ڏنا مفت انهي سڀ ڪي ڪتاب،
ديناري جو اهو روشن برهان، قليچ.
ان جو گلزار، سخن رشڪ ارم آهه 'اديب'،
آهه ديوان انهي مان گل، خندان، قليچ.

احمد خان مصرائي "آصف"

لطف تيو الله جو، تيو طبع ديوان، قليچ،
تيو زبان سنڌيءَ تي تازو هيءُ به احسان، قليچ.
"فيض جو چشمو" بلاشڪ آهه مرزا جو ڪلام،
فيضور ان مان ٿيو هر مرد، عورت، خاص، عام.
آهه شيرينيءَ ڪان ٿيو شيرين تر سارو سخن،
جيئن تو پڙهجي شعر ڪي تيئن تو ٿئي شيرين دهن.
آهه "افضل" جي رتا افضل ڪيو ديوان کي،
اڳ ۾ ڪامل هو، ته هن اڪمل ڪيو ديوان کي.
جي هجن پٽ اهڙائي لائق ۽ "فائق" پٽ هجن،
جي ڪري ڪوشش پدرجي نام کي روشن رکن.
آهه "افضل بيگ" توکي احسنت، صد آفرين،
تون به والد وانگيان خدمت ادب جي تو ڪرين.
جيئن ڪيم ديوان جي ڇپجڻ جي ماده جو خيال،
تيئن اچي مون کي پڌايو خوش ٿي "هاتف" خوش خصال.
حسن جي سرسان تون لک 'آصف' ميان سال، تمام،
"دلپذير و دلڪشا مرحوم مرزا جو ڪلام".

١٩٤٩ع + ٨ = ١٩٥٧

حافظ محمد احسن صاحب 'احسن'

حمد لله تي ويو شايع هي ديوان قليچ،
برزبان، شاعران، سنڌ تي صد مرحبا.
شعر سڀ علم و آدب جا دُرّ، يڪتا، بي نظير،
چڻڪ ڪان، علم جا آهن جواهر بي بها.
گلشن، علم و ادب جي مثل آهي هيءُ ڪتاب،
هر طرح، هر رنگ جا هن ۾ تيا گل خوشنما.
هيءُ ڪتاب آهي ٿيو سنڌي زبان ۾ لاجواب،
هر بشر جي لاءِ بهتر آرمغان، علم، فزا.
شمس العلماء، فخر، شعراء، فخر، ادباء، فخر، سنڌ،
شاعران، وقت جو اُستاد ڪامل رهنما.
فڪر دل ۾ مون ڪيو سال، اشاعت جو اچي،
تا چيو هاتف ته تون لک، "گُلعذار، دلڪشا".

١٣٧٦ ھ

۴ وري پيهر چيئين، "وه، دلڪشا باغ، آدب"،

١٣٧٦ ھ

شاعرانه صنعتون هن ۾ ٿيون بي انتها،
با سر، اُمداد الله- "واه پُر تاثير گل"،

١٣٧٥+١=١٣٧٦

هيءُ به هجري سن پڌايو آهي هاتف برملا.
عيسوي سن پي چيئين، "باغ، سخن آ دل بهار"،

١٩٥٧ع

قدر هن جو سو ڪندو جو هوندو منصف بي ريا.
با سر، باغ، سخن چؤ "زيب نظم، دلپذير"،

١٩٥٥+٢=١٩٥٧ ٢

طبع جا هاتف پڌايا سال، 'احسن' واه وا.

## رشيد احمد "رشيد" لاشاري

علم المعاني جو چوان گلزار ديوان، قليچ،
سنڌي ادب جي واسطي سينگار ديوان، قليچ.
اوراق آن جي ۾ ئي ختم آهي ٿيو علم العروض،
بندش ۾ آهي گوهر، شهوار ديوان، قليچ.

دريا فصاحت جو بجا، قلزم بلاغت جو درست،
عرش، بيان جو مطلع، انوار ديوان، قليچ.
منظوم آهن بيعدد آخلاق جا نڪتا منجهس،
آهي سراسر مخزن، اسرار ديوان، قليچ.

بيشڪ غزل جي جان ۽ فڪر و تخيّل جو به روح،
نازڪ خياليءَ ۾ ٿيو نروار ديوان، قليچ.
تنهنجو سلاست ۽ رواني‌ءَ ۾ سدا سهڻو سخن،
قربان تنهنجي نام تان صد بار ديوان، قليچ.
جڏهن مون اِشاعت لاءِ سو چيو سال، هجري اي "رشيد"
هاتف چيو "اي جلوه، اِظهار ديوان، قليچ"

١٣٧٦ هـ

نيڪتو سر "يڪتا" سان گڏهن ريت سال، عيسوي،

١٠

"هر وار ديوان، قليچ، اِظهار ديوان، قليچ"

١٩٤٧ + ١٠ = ١٩٥٧

## حاجي حقير ابن مگڻ

اڄ عندليب سڀ ڪي، ڳائي ٿي بار بار،
شعر و سخن جي باغ ۾، آئون ٿي ڏسان بهار.
آهي ڇپيو قليچ جو، ديوان دلپذير،
گل ڦل ڏسي انهيءَ ۾، لٿو آهي انتظار.

هر هڪ غزل قليچ جو منهنجي خيال ۾،
آهي سچي گلاب سندو بي نظير هار.
راحت رسي ٿي روح کي، هر هڪ غزل منجهان،
تن مان ولي ٿو فيض، گنهگار و ديندار.
هر ڪنهن سخن شناس کي آهي هيئنر خوشي،
الله جا مڃين ٿا احسان بي شمار.
هڪدم ڪندو قليچ جو ديوان سو خريد،
علم و ادب سان جيڪو رکي ٿو گهڻو پيار.
سنڌي ادب جو شان وڌائيندو هي ڪتاب،
مون کي سڻائي ٿو اچي اڄ ڪالهه هڪ سچار.
اوٺيهه سؤ ڇڏي ستونجاهين سال ۾،
ديوان سارو ڇاپجي آهي ٿيو تيار.
"حاجي حقير" تنهنجو تہ استاد هو "قليچ"،
ليڪ تون سندس ثنا ۾ آڻي شعر شاندار.

سيد منظور نقوي

باغ، ادب ۾ آهي هي ديوان چراغ نئون،
تابنده آهي تاب کان گلشن جي هر ڪلي،
جو ڪين روشني ڪان ادب تي جلا اچي،
روشن ٿيو هڪ آهي - "چراغ، سخن جلي".

١٩٥٧ع

همايون قليچ بيگ ميرزا "وائق"

منهنجو آقا، منهنجو رهبر، والد، عاليمقام،
سڪ سندم سيني ۾ زيارت جي رهي ٿي صبح و شام.
شمس هو علماءَ جو، چمڪيو اُفق تي سنڌ جي،
هو "قليچ" آن جو تخلص ۽ "قليچ" ان جو هو نام.

هٿ ۾ پڙهيو مضمون ٻيو هوندو هو آڏو سندس*
شاهه ٿو سڏجي قلم، پر هُن جي هٿ ۾ ڄڻ غلام.
خيال جو شهباز هو، پرواز ڪيئين افلاڪ تي،
عرش مان آندائين ٽوڙي فرش تي تارا تمام.
سي سهيڙي ۽ سَميٽي صورت، ديوانَ ڪيئين،
سنڌي ادبي بورڊ ڪيو شايع ڪرڻ جو اهتمام.
پُر شراب، صالحين: سان سارو ديوان، قليچ،
ڇُلڪندو، جمشيد جو مَي سان ڄڻ هيءُ آهي جام.
جنهن جي پڙهندي غم زدن تي ٿيو وڃي طاري سُرور،
۽ پَروڙڻ سان جنهين جي ٿي اچي مستي مدام.
ڪيو جڏهن تاريخ جو ويچار ’فائق‘ ويهي آڄ،
غيب مان آئي صدا هي، ”نسخهء شيرين ڪلام“.

١٣٧٦ هه

---

* ميرزا صاحب مرحوم جي هڪڙي فخريه غزل جي هڪڙيءَ سٽ جو مفهوم - (ديوان جو غزل نمبر ٣٤٩، سٽ ٢٠، صفحو ٢٤٨).

بازاري حسن ۴۰۹
باه سان خطاب ۲۰۱
بد طبع ۽ شوخ نازنين ۳۵۶
برف وسڻ جو نظارو ۲۳
بني اميه خليفا ۱۰۰
بهار جي آمد
۱۱۳، ۱۶۵، ۱۸۷، ۴۱۸
بهار جي لذت بابت ڀ خيال ۳۱۹
ٻي جي بدران ٻي ۴۲

## ڀ

ڀارن لاءِ صبح جي دعا ۴۶۲
ڀارن لاءِ شام جي دعا ۳۳
ڀارهن امام ۱۴۲
ڀاهر جي گولا آجائي ۲۸۶
ڀاهر نفاق، اندر اتفاق ۳۷۷
ڀن جي وچ ۾ فرق ۲۸۴
ڀين سان ڀلائي ۴۶۸

## ت

تارڪ سالڪ ۱۰۷
تارن جو اثر ملڪ تي ۴۵۰
ترڪ ڪرڻ دنيا ۽ خلق ۹۹
تقدير ۽ تدبير ۲۰۰
تماشي جي تمهيد ۳۴۲، ۳۰۶
تماشي جو خاتمو ۳۰۷
تنهنجو ۽ منهنجو عشق ۲۶۳
تنهنجي روبرو ۳۰۹

## ٿ

ٿي خراب ڪم ۱۰۱

## پ

پاڇي ۽ آهه جي سنگت ۲۵۷
پاڻ اڪاءِ ۲۷۶
پاڻ پنهنجو جوابدار ۲۸۱
پاڻ سڃاڻ ۳۶۱
پاڻ بابت ۳۸۷
پاڻ ۾ خدائي آخلاق
پيدا ڪريو ۴۰۵
پردي جي تعريف ۳۲۸، ۳۴
پرستش گهڻن قسمن جي ۴۶
پرنجڻ ۽ جڙهي رهڻ
جو مقابلو ۲۷
پروانو ۽ شمع ۴۸۵
پرٿي جي خوشي ۴۳۸
پريءَ جي تعريف ۲۵۲، ۳۶۳
پنهنجي بيقدريءَ جي شڪايت ۷
پنهنجي وڏيءَ جو نه وڃڻ،
نه طبيب ۴۰۱
پنهنجو پٽ ٿي، نه ٻيءَ جو ۳۷۱
پوک جي حقيقت ۱۱۱
پير ۽ مريد جو واسطو ۴۵۷
پيريءَ ۾ جواني ۱۱، ۷۸
پيري ۽ دق تپ ۲۶۴

دنيا ۽ آخرت جو مقابلو ۲۴
دنيا ۾ خير ۽ شر ٻئي گڏ ۸۸
دنيا ۽ دولت چڱي بہ بڇڙي بہ ۵۰
دنيا جي دولت ۱۶۴
دنيا ۽ عقبيٰ جي محبّت ۷۷، ۱۳۱
دُنيا جا دَلبا ۱۸۴
دنيا ۾ سنڀالي هَلُ ۸۹
دنيا ۽ خلق ترڪ ڪرڻ ۹۹
دنيا هَٿ ۽ دِل مان ڪَڍُ ۱۰۶
دنيا ضدن جي جاءِ ۱۰۸
دنيا ۾ ڪيئن رهو؟ ۳۲۱
دنيا بهشت بہ ۽ دوزخ بہ ۱۳۰
دنيا ۾ چڱي هَلت ۱۵۷
دنيا جا ماڻهو ۱۸۳
دنيا جو سُک ۱۹۴
دنيا جو حال ۳۰۷
دنيا ۾ ڪيئن گذارجي؟ ۴۲۹
دنيا جي بيوفائي ۴۳۴
دوست جي محبّت ۱۱۵
دوست جي سِڪَ ۲۵۹
دوست جي وفات ۴۳۳
دوست جي نيازمندي ۵۷

ذ

ذرّي ۾ لِڪَل اِسرار ۶۱

ڏ

ڏيءَ جو شَرف ۹۵
ڏُک ۾ سُک نہ وسارجي ۳۸۰
ڏک سکن لاءِ ضروري ۲۵۶
ڏُکن جي چڱائي ۱۶
ڏِيڻ ۽ ڏُکوئڻ ۴۷۳

ر

رات جو جاڳڻ ۱۸۰
رات جا مزا ۴۲۲
راڳ ۽ شعر جي وچ ۾ فرق ۱۳۹
راڳ ڪڏهن ٻُڌجي؟ ۲۶۹
رب جي رحمت جي اُميد ۴۴۷
رزق جا قِسم ۳۲۷
رزق، رازق تي ۸۰
رقيب جي شڪايت ۷۹
رمضان جو جاڳو ۳۸۴
رُوح ۽ جِسمُ ۱۵۰
روح جي ترقّي ۳۹۵
رنگيءَ جا رنگ ۲۹۳
روشندليءَ جو آهاءَ ۱۱۸
ريا جي نماز ۳۲
رياڪاريءَ جي شڪايت ۸۳
ريل جي سواري ۳۴۹

ز

زال جي گولا ۳۳۸
زبان ۽ دل موافق گهرجن ۲۶۸
زبان جون خرابيون ۴۵
زر يا سونَ جي مداح ۴

شيعُر چوڻ رَوا آهي ١٢٢
شيعُر جو قبض ۽ بسط ٢٦٦
شمع جي ٻرولي ٣٥٨
شمع ۽ پروانو ۴٨١
شيعن جي حُجّت خلافت بابت ٢٦٠
شيعن جي حُجّت چئن يارن بابت ١٠٢

ص

صانع جي صنعت ١۴٩
صبا کان يار جي پُڇا ٢٥٣
صبا جي هٿان پيغام ٢٩٨
صَبُر جي تعريف ۴٦٩
صدقي يا خيرات جا شرط ٣٦٩
صنعت سوال ۽ جواب ۽ لف نَشُر ١٢۴، ١٢٥، ١٢٧، ٢٧٣
صوفين جي صفت ٣٠۴، ٣٩۴، ١٨٥
صورت ۽ سيرت جو مقابلو ۴١

ض

ضربن کائڻ مان فائدو ٦۴

ط

طبع ۽ سخن جي تعريف ٩٨

ظ

ظاهري ۽ باطني حواس ۴٦٦

ع

عاشق جي مصيبت ٣٠
عاشق جي حيراني ٣٦
عاشق جو احوال ١٧٥، ٢٢٦، ۴٢٦
عاشق جي منزل ٢٠٧
عاشق جا ڏُک ٢٥١
عاشق جي جدائي ٢٩٥
عاشق جي نااميدي ٣٣٩
عاشق جو تحمّل ٩٢
عاشق جي دربدري ٣٦۴
عاشق جو حال ١۴۴، ١٥١
عاشق جا خيال ٣٧٣
عالِم جو اِسرار ٥٣
عام ۽ خاص جو فرق ٣٧٩
عبث ڳالهيون ٥٨
عتاب يار کي ١٥۴، ٢١٨
عجب زمانو ٨١
عجيبن جون عجب چالون ٢٣١
عشق جا عجائب ٥٨
عشق جو مرض ١٥٥
عشق جي ميراث ٥٩
عشق جي آڄ ٧١
عشق جي وصف ١٠٣، ١٠٩
عشق جا رنگ ١١٩
عشق جو شرف ١٢٠
عشق جو کافر ١٣٢
عشق جو کارخانو ١۴٥
عشق جا نشان ١٥٢
عشق جو اِسرار ١٦٧
عشق جي بازي ١٧٣

عشق جو مذهب ۲۳۹
عشق جو درياهه ۲۴۵
عشق تنهنجو ۽ منهنجو ۲۶۳
عشق جا عذاب ۲۸۷
عشق جو اثر ۳۱۴
عشق جو علم يا دين ۳۳۴
عشق آسان ناهي ۳۴۶
عشق جو عجب حال ۳۵۲
عشق جي حقيقت ۴۱۰
عشق جي سچائي ۴۱۴
عشق جو تير ۴۱۵
عشق ۾ دل جو حال ۴۲۰
عشق لاءِ ڇا ضرور آهي؟ ۴۵۵
عشق جي مشڪلات ۱۹۲
عشقيه غزل ۱۰، ۲۱۵
عقرب ۾ چنڊ ماهوار ۴۴۲
عقل ۽ جهل جو فرق ۸۷
علم حيوانن کان سِکو ۱۲۹
علم جي ترغيب مسلمانن کي ۳۱۶
علم لاءِ سفر ضروري ۳۷۸
عليؑ جي تعريف ۴۶۵، ۴۷۹، ۳۳۰
عمل ڪهڙو چڱو؟ ۴۶۳

غ

غلط ڇا ڇا آهي؟ ۱۵۷
غفلت ڇڏي هشيار ٿيءُ ۲۴۷

ف

فخريه غزل ۲۷۹
فراق جا عذاب ۳۴۷

ق

قافيه بندي ۲۰۹
قبرستان ۲۴۱
قبض ۽ بسط شعر جو ۲۶۶
قريش لفظ جي معني ۴۵۶
قصاص بابت سوال جواب ۴۵۸
قضا يا قدر ۽ ارادو ۶۳، ۳۲۳

ڪ

ڪالهه کان اَڄ چڱو ۱۹۷
ڪامل انسان ۱۸۶
ڪِبر ۽ ريا ۳۶۲
ڪبوترن جا قسم ۲۸
ڪُتا، ۾ مُنهنجا ۸
ڪثرت ۽ وحدت ۱۱۷
ڪريان يا نه ڪريان؟ ۲۲۱
ڪمينن جو ٿورو ڪٺ ۹۶
ڪنهن ڪيو؟ دلدار ڪيو ۲۹۷
ڪوڙا عاشق ۶۳
ڪوڙا جوڳي ۱۸۲
ڪوشش ۽ ڪشالو ضروري ۲۲۲
ڪهڙو هنڌ گهرجي؟ ۲۸۸
ڪي مشڪل يا ناممڪن ڪم ۲۸۹
ڪن انسانن ۽ حيوانن جي پيت ۱۷۷

و

وڇوڙي جا ڏک ۲۰۲
وحدت ۽ ڪثرت ۱۱۷
وڏائي نہ ڪر ۳۳۵
وسارڻ سان مطلب ملي تہ ۴۵۳
وصال يار جو ۳۰۸
وصال جي شڪرگذاري ۳۴۱
وصال جي خواهش ۳۰۸
وصال جي اميد ۸۲
وقت يا وجهہ نہ وڃاءِ ۶۹
ويچاري دِل ۱۹۳
واجب شيون ۸۴
وحدت جي وادي ۷۵
وصال ۽ فراق ۸۶

ن

نازڪ بدن جي وصف ۲۲۸
نازنينن ڪان بيپرواهي ۲۴۸
نسل تي شرافت ناهي ۳۲۶
نشي ڪان پرهيز ۴۰۰، ۴۷۵
نشي ۾ عاشق جو راڳ ۳۰۳
نصيحتون ۵۴
نفس سان جنگ ۷۲، ۸۵
نفس کي فهمائش ۹۱
نفس ڪان نانگ بهتر ۹۷
نفس سان خطاب ۴۱۲
نُقطي جي تعريف ۲۹
نماز جو تاڪيد ۱۴۶
نماشائي ۽ جي تعريف ۷۴
نينڊ جا قِسم ۳۳۶
نوان نوان رنگ يار جا ۲۲۹
نيٺ ڇا ٿيندو؟ ۵۵

ھ

هاديءَ يا مرشد جي ضرورت ۴۷۱
هيتِ ۽ هُتِ ۳۷۰
هَتِ ڇا آيو؟ ۲۷۷
هَجو چڱي بہ بڇڙي بہ ۱۲۶
هم آواز، هم معنيٰ ناهي ۱۷۰

ي

يار لاءِ دُعا ۴۷
يار جي گولا ۱۳۳
يار کي عتاب ۱۵۴
يار کي عرض ۴۱۳
يار جي خط جي پهچ ۱۵۸
يار جي عجيب هلت ۲۳۴
يار جو وصال ۳۰۸
يار جي رنگيني ۽ بيرنگي ۴۰۳
يار جي سِڪ ۴۲۵
يار جي رُسڻ جو ارمان ۴۳۰
يار کي منت، آزي ۴۳۱
يار تان صدقي ۴۳۲
يتيمن جي دانهن ۱۳۷
يقين ڪان شڪ ڀلو ۳۵۴
يوسف جا ٽي پهراڻ ۱۷

# منهنجو شعر

کهڙو ڏيان پنهنجي شاعريءَ جو ثبوت؟
ٿيو جو شاعر، سو صاحب الدرجات.
شعر جي ڪنهن مون کي نہ ڪئي تلقين (۱).
آئي دل مان، ڪڏي ٿو آن کي وات.
نيڪري ائين، جيئن ڪ نوح جي طوفان،
جڳ کي، نيڪري تنور مان، ڪيو گهات (۲).
جي پڙهين سو، تہ چئن تہ کائين قند،
جا ڪڏي نت ڪمند مان ٿو ڪات.
جي نيپوڙين تون منهنجو هيءَ ديوان،
ٿيمي آن مان يقين آب حيات.
دل ٿيي چاهي تہ سنڌ ۾ ٿيان "قليچ"،
شاعرن جو آءٌ قاضي القضات!

ايضاً

---

ڪرين ٿو باغ ۾ گهٽي بهشت جي ڪيهي؟
وسار ڪوثر، ڪڻ شعر منهنجو، پڙهہ ويهي.

ايضاً

---

ڏسين، پڙهين جي مون کيءَ پڙهہ سندم سخن منظوم،
صواب، عيب ۽ پيو حال ٿيئي سندم معلوم.

ايضاً

---

مضمون تيو مهاڙي، ۽ بندوق ٿيو خيال (۳)،
گوڏن جو ڪنڌ ٿو ڦاهي ڪريان شعر جوشڪار.

ايضاً

---

چڱيي جي طبع ميلي، پار (۴) گهرجنم نہ پيا،
چڱا پہ بيت، هزارن پٽن کان بهتر ٿيا.

---

(۱) تعليم (۲) ناس (۳) ويچار، فڪر (۴) اولاد.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.